# سنڌ

## حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام

(سياسي مضمون)

## ڊاڪٽر محبت ٻرڙو




ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ)

ڦنبر - 2006ع

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي(ر) ڦنبر جو ڪتاب نمبر (24)

حق ۽ واسطا © ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي(ر) ڦنبر 2006ع

(نوٽ: هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جِي نائين ورسيءَ جي موقعي تي، سندس ياد ۾، ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.)

قيمت: 90 رپيا

عباس ڪوريجو ويب
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
www.abbaskorejo.com

# ترتيب

ٻه اکر ........................................................................ رياضت ٻرڙو
پيش لفظ ........................................................................ جامي چانڊيو

مضمون

1. ڇا سنڌي ماڻهوءَ جي سوچ به غلام آهي؟
2. سنڌين جو نئون سياسي اڳواڻ؟
3. ڇا سنڌين کي هٿيار کڻڻا ئي پوندا؟
4. پاڪستان کي ڌوهارين جو ڪيت نه ناهيو
5. ڌاڙيل، دهشتگرد ۽ سنڌي عوام
6. سنڌ جي بندرگاهه خلاف سازشن جو تاجي پيٽو
7. سنڌ ۾ سياسي گهوٽالو ۽ وطن دوست ڌر جي ضرورت
8. ايندڙ چونڊون: سنڌ دشمن سازشن جا پيرا کڻڻ جي ضرورت
9. سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌ جا مفاد
10. سنڌ ۾ موجود ڌارين جون لوڏون ۽ ٻوڙي سرڪار جي خاموشي
11. ڪراچيءَ تان قبضو هٽائڻ لاءِ
12. ڪُڦاتل پاڪستاني!
13. قاتل ٻهاري سنڌ مٿان ڪاهيندا پيا اچن
14. سنڌ جون گهڻ گهُريون ڌريون دهشتگردن کي ڪيئن مُنهن ڏين؟
15. سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڏانهن سنجيده رويي جي گهرج

16. سنڌ دوستيءَ جي نالي ۾ ڏڙڪي واري سياست
17. ’مهاجر‘، ’اُردڪ‘ ۽ دهشتگرد ۾ فرق ڪرڻ کپي!
18. سنڌ جي نئين چونڊيل حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم جو ڪردار
19. سنڌ جي سالميت ۽ ايم ڪيو ايم
20. ڇا ايم ڪيو ايم سنڌ دشمن ۽ دهشتگرد فطرت مَٽائي سگهندي؟
21. دهشتگردن پاران نئين حڪومت لاءِ پهريون تحفو

## پڌ اکر

سنڌي ادب جي محنتي ۽ جاکوڙي اديب، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ ضميرِ پڇاڙين جي حوالي سان پنهنجيءَ تخليقي سوچ کي منطقي نتيجن ڏانهن وٺي ويندڙ سجاڻ محقق، سائنسي ادب جي چاهڪ ۽ ان جي واڌاري لاءِ پاڻ پَتوڙيندڙ، سنڌيءَ ۾ سياسي-تنقيدي ادب جي منفرد تنقيد نگار، مترجم، سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن، سماجي رهنما ۽ استاد، (منهنجي ياءُ) ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي هڪ نئين مرتب ڪيل ڪتابي مواد سان سهٽيءَ سنڌ جي سباجهي عوام جي خدمتن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر حاضر آهيون.

هِن ڪتابَ ’سنڌ: حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام‘ ۾ پيش ڪيل سياسي-تجزيائي مضمونَ، ڇئي سگهجي ٿو، ته ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ان مقصد سان لکيا ۽ وقت سِر سنڌ جي نمائنده اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپايا، ته جيئن نه رڳو سنڌي ماڻهن کي ساڻن ڪيون ويندڙ سازشن ۽ غدارين کان باخبر رکي سگهجي، پر سنڌ جي سياسي ۽ سياستي وهڪري کي سمجهندي، سنڌ جي سياست ۾ ڪردار ادا ڪندڙ ڌُرين/تنظيمن/شخصن/ايجنسين/حڪمرانن جي سوچن ۽ عملن کي به ڄاڻي سگهجي، ته جيئن انهن لاءِ ڪجهه مناسب ۽ ٽڪڙا قدم سوچي سمجهي کڻي سگهجن. هنن مضمونن جو هڪ مقصد سنڌي ماڻهن کي اتساهه ڏيارڻ، سجاڳ ڪرڻ ۽ عملي اُپاءَ ڪڻڻ لاءِ آماده ڪرڻ به آهي، ته دنيا سان ڪلهو ڪلهي سان گڏائي هلڻ لاءِ تيار ڪرڻ به آهي. هي مضمون جيتوڻيڪ 1990ع کان 1997ع جي سياسي منظرنامي جي عڪاسي ڪن ٿا، پر اسان ڏِسي سگهون ٿا ته ان دَور جا سياسي ۽ غير سياسي توڙي مخفي ۽ ظاهر ڪردار توري گهٽي مَٽ سٽ سان هاڻي به ساڳيائي آهن ۽ انهن جا ڪَرتوت پڻ ساڳين ئي پيچرن تي اڳتي وڌندڙ آهن. ان حوالي سان، هن ڪتاب جو مواد اسان جي اڄا به رهنمائي ڪري سگهي ٿو، ۽ هن ڪتاب جو هڪ ڪارج اڄا قائم

آهي. هن ڪتاب ۾ اسان کي ڇاٽايل دَور جو تاريخي رڪارڊ به ملي ٿو، جيڪو پڻ ڪتاب جي اهميت کي مستقل حيثيت ڏانهن نِيندڙ آهي ۽ بئي دائمي ڪارج بابت سُڌ ڏئي ٿو.

ڪتاب جي مضمونن کي، قطع نظر سندن لکجڻ ۽ ڇپجڻ جي، هڪ خاص ترتيب سان پيش ڪيو ويو آهي، ته جيئن موضوعي طور هڪ سلسلو نهي سگهي، پوءِ به هر مضمون جي آخر ۾، ان جي ڇپجڻ جي تاريخ ۽ جنهن اخبار، رسالي ۾ اهو ڇپيو، تنهن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي.

اسان ڏٺو، ته ڊاڪٽر محبت جيڪو ڪجهه به ۽ جنهن به طريقي سان سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڀَلي لاءِ بهتر سمجهيو، اهو مرڻ گهڙيءَ تائين مڪمل سچائيءَ ۽ بي ڊپائيءَ سان ڪيو، ۽ ان معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي سُستيءَ، لاچاريءَ ۽ لالچ کي پنهنجي ٽورو به ويجهي اچڻ نه ڏنو. منجهس پيار ۽ محبت جا انيڪ جذبا مَوجزن هئا، جن ۾ همٿ به هئي ته حوصلو به، ۽ ڏاڍ سان مُنهن مقابل ٿيڻ جي سگهه به... اسان کي پاڻ منجهه اهڙي ئي جذبي، همٿ، حوصلي ۽ سگهه کي پيدا ڪرڻ جي گهرج آهي، جيڪڏهن اسان جي پنهنجي ڌيهَه، ڌيهُن سميت سڄي انسانذات ۽ ماڻهپي سان اڻ مَئي محبت آهي.

ساٿ سلامت.

3- اپريل 3006ع، قنبر - رياضت پرڙو

## ڇا سنڌي ماڻهوءَ جي سوچ به غلام آهي؟

چون ٿا ته ٽورائيءَ جو غلام ٿي وڃڻ خراب آهي، پر اهو تهائين خراب آهي جو گهٽائيءَ جو غلام ٿي وڃجي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسين سنڌي ماڻهو هڪ قوم جي حيثيت ۾ سياسي ۽ معاشي طور غلام ٿي ويا آهيون، ۽ ڪڙو سچ اهو آهي ته ذهني طرح به غلام ٿي پيا آهيون، نه رڳو ٽورائيءَ جا، پر گهٽائيءَ جا به. ٽورائي سنڌ ۾ رهي ٿي ۽ دهشتگرديءَ وسيلي اسان کي غلام ناهي ويني آهي ۽ گهٽائي پاڪستان ۾ رهي ٿي ۽ فوجي قوت وسيلي اسان کي غلام بنائي رکيو اٿس. دهشتگردن کي فوجي قوت سان گڏ بين به ڪيترن ئي ظاهري توڙي ڳجهن هٿن جي مدد مليل آهي. اهي هٿ غدار سنڌي وڏيرا شاهيءَ، مُلا شاهيءَ ۽ ڪامورا شاهيءَ جا به آهن، ته ڪجهه سياسي اڳواڻن سان گڏ بين انهن قوتن جا به، جن کي اسان جي نوجوان نسلن ڏٺو ئي ناهي. اهي قوتون سنڌ توڙي پاڪستان جي سرحد اندر ڇڙڪ موجود ئي ناهن (۽ موجود نه هوندي به موجود آهن). اهي يورپ ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ آهن ۽ انهن سڀني جي سربراهي آمريڪي سامراج ڪري رهيو آهي، ۽ اسان کي غلام بنائيندڙ قوتون ان جون غلام آهن.

انهيءَ ۾ به ڪو شڪ ناهي ته سنڌي قوم جو چڱو وڏو حصو ان غلاميءَ کي محسوس ڪندي ان مان آجپو ماڻڻ گهري ٿو. ان ڪري هر سياسي پارٽيءَ جي امن، انصاف، آزاديءَ، برابريءَ، ياٻپيءَ، جمهوريت ۽ سماجي، سياسي ۽ معاشي آچار ۽ خودمختياري جي پروگرام جي آجيان ڪندي ۽ ان جو ساٿ ڏيندي پنهنجي سِر گهر ۽ ٻار جي به پرواهه نه ڪئي آهي. سنڌي ماڻهوءَ سنڌ سان غداريءَ ۽ سنڌ مٿان آمريت جي هر قدم خلاف ڪنهن نه ڪنهن نموني ڪو نه ڪو عمل ڪيو ضرور آهي، پر اڪثر ٿيو ائين آهي ته سياسي پارٽين جي سربراهن پنهنجي ظاهر ڪيل مول متن ۽ مقصدن تان ڦري، ڳجهه ڳوهه ۾ جوڙ توڙ ۽ سازش ڪري سنڌي عوام کي لاڳيتي ڌوڪي ۾ پئي رکيو آهي. سنڌي ماڻهو ايوبي، يحياوي ۽ ضيائي آمريت خلاف وڙهيا ئي نه آهن، پر ڀُٽي صاحب جي جي دور ۾ ڪيل ڪجهه آمر قدمن جي خلاف عمل ڪيو آهي، سنڌي ماڻهو ون يونٽ خلاف وڙهيا آهن، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي ميارن جي سازش خلاف وڙهيا آهن، جمهوريت ۽ آزاديءَ جي حق ۾ وڙهيا آهن. سنڌ جي پاڻيءَ ۽ ناڻي تي ڌاڙي خلاف وڙهيا آهن، وغيره، پر افسوس جو سياسي اڳواڻن سنڌي عوام جي زور تي سچائي ڏيکارڻ بدران سازش، غداري ۽ هيرا ڦيري ڪري سنڌي عوام کي اجا به وڌيڪ لتڙ جو شڪار پئي ڪيو آهي ۽ سنڌي ماڻهن جو ڀروسو پئي وڃايو آهي. مجبوري اها آهي ته سياسي پارٽيءَ کان سواءِ سياسي تبديلي نه ٿي آڻي سگهجي، جڏهن ته هر سياسي پارٽي پاڻ کي سچي، مخلص ۽ وفادار سڏائيندي به پنهنجي قول ۽ فعل ۾ سچي، مخلص ۽ وفادار ثابت نه ٿي آهي. اهڙين ڦڙتين گهڙتين ۽ غدارين جي گورک ڌنڌي ۾ سنڌي عوام اڙيو پيو آهي. ان ڪري اجا به وڌيڪ بيوسيءَ، مايوسيءَ ۽ محروميءَ جو شڪار ٿي رهيو آهي. انهيءَ ۾ به ڪو شڪ ناهي ته سنڌي عوام ڏاڍو سجاڳ، برجستو، هوشيار، اڪابر ۽ چالاڪ نه ٿي سگهيو آهي. جمهوريت ۽ آجپو ماڻڻ، دستوري ۽ انساني حق حاصل ڪرڻ، پاڻ تي ڀاڙڻ ۽ پاڻ وهيٽو ٿيڻ لاءِ جن ڏاهپن، لياقتن ۽ ڳڻن جي گهرج آهي، سنڌي ماڻهو ان معيار ۽ ماپ کي پهچي نه سگهيا آهن. ان ۾ غاصب ۽ بدمعاش (ڌيهي توڙي پرڏيهي) قوتن جو هٿ ضرور رهيو آهي پر جمهوريت ۽ آزاديءَ جي سنڀال لاءِ هر وقت چوڪس ۽ اهو به گهربل حد تائين، ڪڏهن به نه رهيا آهن ۽ اهو ئي خاص سبب آهي جو هُو مذهبي، شخصي، قومي وغيره نعرن يا پروپيگنڊا (ڪوڙي پچار) جي اثر ۾ اچي جذباتي ٿي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن ته حق حساب ڪرڻ کان سواءِ ئي غدارين کي به ڇٽڪ معاف ڪريو ڇڏي.

اهو ڏسي، ٻڌي ۽ پڙهي ڏاڍي حيرت ٿي ته آمريڪي صدر بش (سينئر) کي ايندڙ چونڊن ۾ کٽڻ لاءِ پنهنجي عوام آڏو اهڙي پرڏيهي پاليسيءَ جو اعلان ڪرڻو پوي ٿو جيڪا نه رڳو سندس مخالف اميدوار تي برتري رکندڙ هجي پر عوام کي به پسند هجي. (اها ٻي ڳالهه آهي ته اها حقيقت ۾ عوام جي مفاد وٽان آهي يا آمريڪي سامراجي قوتن جي مفاد وٽان، جيڪي خود آمريڪي عوام کي بيوقوف ۽ ڀڳهلو بنائي رهيون آهن جيئن ته آمريڪي خوشحالي دنيا جي ڦرلٽ تي ٻيڙهه رکي ٿي ان ڪري ڪجهه نه ڪجهه ڏوهاري اتي جو عوام به آهي جيڪو پنهنجن حاڪمن کي ڦرلٽ کان جهلي نه ٿو). بهرحال، سوچڻ جي ڳالهه اها آهي، ته اتي جو عوام پنهنجن سياسي اڳواڻن جي ڏيهي ئي نه، پرڏيهي پاليسيءَ کي به ڌيان سان ٻڌي ۽ جاچي ٿو ۽ پوءِ سوچي سمجهي ووٽ ڪري ٿو. جيڪڏهن اهڙو ڪو اتفاق ٿي پوي ٿو جو ڪٿي آيل اميدوار پنهنجي ڪيل مقصد ماڻڻ ۾ ناڪام

وڃي يا ان کان ڦري وڃي، ته پوءِ سندس اقتدار کي خطرو ٿي پوندو. مارگريٽ ٿيچر، برطانيا جي وزيراعظم، بظاهر جنهن مسئلي جي ڪري پنهنجو اقتدار وڃائي ويٺي اهو هو عوام جي مرضيءَ خلاف پول ٽيڪس مڙهڻ جو مسئلو ۽ ان تي عوام جو زبرو وڳوڙ.

جن ڏيهن جا عوام ايڏا سجاڳ هجن، پنهنجن چونڊيل نمائندن جو هر گهڙيءَ حساب ڪتاب ڪري سگهندا هجن، جي منجهن ڪو غدار پيدا ٿي پوي ته ان جي کل اديڙي رکن (ايتري قدر جو مُئي کان پوءِ به ”ڪيس“ سزا ڏين)، ان سان اها جُٽ ڪن جو هو ياحياتيءَ ڪنڌ کٽي نه سگهي، اتي منشور، مقصد ۽ پروگرام هڪڙو ظاهر ڪري اقتدار ۾ ايندي ئي يا اقتدار جي حصول لاءِ پنهنجن مول متن تان ڦري وڃڻ ڪو سولو ڪم ناهي. اتي جو عوام پنهنجن حاڪمن جي پيٽ ۾ پوئتي هجڻ باوجود پنهنجا حق ۽ اهي حق ماڻڻ جا رستا ڄاڻي ٿو. عوام جي سجاڳيءَ، سمجهه ۽ سوچ جا سوين مثال بيان ڪري سگهجن ٿا، پر هتي رڳو هڪڙو ننڍڙو مثال تنوير عباسيءَ جي سفرنامي مان پيش ڪجي ٿو: ...روڊ ۾ ٿوري لاهي آهي. ان کان ميل ڪن اڳيان ان لاهيءَ کان خبردار ڪرڻ جا بورڊ لڳل آهن. ايڏيءَ خبرداريءَ جو ڪارڻ اهو آهي ته جيڪڏهن ان لاهيءَ سبب ڪنهن جي ڪار کي ڪنهن به طرح نقصان پهتو ته هو حڪومت تي ڪيس وجهندو ته توهين اسان کان ٽيڪس وٺو ٿا پر توهان جي نهرايل روڊ اسان کي فلاڻو هاڃو پهچايو آهي، ان ڪري ڏنڊ ۽ مرمت جو خرچ ڀري ڏنو وڃي ۽ ڪورٽون اڪثر انهن جي حق ۾ فيصلو ڏينديون آهن جنهنڪري حڪومت کي چَٽي ڀرڻي پوندي آهي! ان چٽيءَ کان بچڻ لاءِ اهڙا بورڊ هٽايا وڃن ٿا.

اسين به سالن کان وٺي سوين قسمن جون ٽيڪسون، رائر ۽ ڍلون ڀريندا رهيا آهيون پر ڇا ڪڏهن اهو جائزو ورتو آهي ته جنهن ڪم لاءِ ٽيڪس ورتي وڃي ٿي، اهو پورو ٿيو يا نه؟ جيڪا به سياسي پارٽي، جيڪو به منشور ظاهر ڪري ٿي، ڇا ان جو جائزو وٺون ٿا؟ ۽ جيڪڏهن اها پنهنجي ظاهر ڪيل منشور تان ڦري وڃي، ته ڇا سندس ڪَن مهٽ ڪريون ٿا؟ جڏهن عوام باشعور نه هوندو، پنهنجا حق ڳِٽي ڳوتي نه وٺندو، ته پوءِ حڪومت ۽ سياسي پارٽين جا اڳواڻ به اهوئي ڪندا رهندا جيڪو سنڌ ۾ چالو آهي... نمائندا ناهن ”گهوڙا“ پيا وڪامن. ويهه سيڪڙو سيٽون ڪٽنڌڙن کي پنجاهه سيڪڙو وزارتون، وزارت وٺڻ کان پوءِ سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ سان غداريون ۽ ارهه زورايون.....!

ڇا سياسي پارٽيون پاڻ کي عوام ڏانهن جوابدار سمجهن ٿيون؟ ڇا ”آزاد اميدوار“ عوام کي ليکين ٿا؟ جيڪڏهن اهي عوام ڏانهن جوابدار ناهن ته پوءِ عوام انهن جو ساٿ ڇو ڏي، انهن جو بائڪاٽ ڇو نه ڪري؟

ڇا پاڪستان جي نهراءَ ۾ ڪنهن به قسم جي لَڏپلاڻ جو ذڪر هو؟ ڇا سياسي پارٽيون اهو ڪَٿي سگهيون هيون، ته مذهب جي آڙ ۾ جهيڙا ٿيندا ۽ لکين ماڻهن جون حياتيون ڇِڪي ويندا؟ انهن قتلن جو ذميوار ڪير؟ ڇا ذميوارن کي جوڳيون سزائون مليون؟ ڪراچي سنڌ کان کسڻ لاءِ ڇا عوام کان راءِ ورتي وئي هئي؟ جي نه، ته ڪراچي ڇو کسي وئي؟ ڇا ذميوار فردن جو ڳاٽو پڪڙيو ويو؟ سنڌ اسيمبليءَ جي نهراءَ باوجود ڪوڙن ڪليمن ۾ لکين ايڪڙ آباد ٻنيون ڇو ڏنيون ويون (جڏهن ته ساڳي قسم جي نهراءَ کي پنجاب ۾ مانُ ڏنو ويو)؟ جيڪي ان ڏوهه ۾ شامل هئا، انهن کي ڪا سزا ملي؟ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي ميسارڻ جي سازش ٿي. سنڌي ٻوليءَ کي

پنهنجي ئي وطن ۾ اوپرو ڪيو ويو ۽ ان جي سرڪاري حيثيت ختم ٿي. ڇا ذميوار فردن سان ليکو ٿيو؟ پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان تي پارٽي ٻولي مڙهي وئي، ان کي قومي حيثيت ڏئي زوريءَ رائج ڪري عالمي انساني اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي. ڇا ڏوهارين کي ڪجهه ٿيو؟ ون يونٽ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان لاءِ هڪ عذاب هو، خاص طرح سنڌ خلاف وڏا ڏوهه ٿيا، سنڌ جو مال ملڪيت ۽ پيداوار ٻنهي هٿن سان ڦريا ويا، انهن جو ڪو حق حساب ٿيو؟ دستور موجب جمهوري ملڪ ۾ مارشل لا مڙهڻ انتهائي غداري آهي، پر پاڪستان جي 45 سالہ ڄمار ۾ 30 سال مارشل لا رهيو آهي. ڇا ذميوار جنرلن ۽ سندن ساٿين کي ڪورٽ ۾ آندو ويو؟ جمهوري ملڪ خلاف ان انتهائي غداريءَ جو ڇا ٿيو؟ پنهنجي ئي ڏيهه جي مختلف حصن (جيئن بنگال، سنڌ ۽ بلوچستان) تي فوجون چاڙهي وڃڻ ۽ اتي جي رهاڪن جو قتل ڪرڻ ڇا ڏوهه ناهي؟ ڏوهارين کي ڪجهه ٿيو؟ هتي جي حقيقي قومن کي نہ مڃڻ، انهن جي تاريخي حقن جو احترام نہ ڪرڻ، عوام جي انساني حقن کي ڪا بہ اوليت نہ ڏيڻ، ماڻهن کي اڻ پُڇيو ۽ بيڏوهو سالن جا سال ڪاٽ ۾ رکڻ، ڪڇڻ، پڇڻ ۽ راءِ جي اظهار تي پهرا وغيره ڇا ڏوهه ناهن؟ ماڻهن کي سياسي گمراهيءَ ۾ ڦاسائڻ، سياسي ويساهه گهاتي ڪرڻ، ”گهوڙن“ کي خريد ڪرڻ ۽ ”گهوڙن“ جو وڪامڻ.... آهي ڪو، جيڪو عوام ڏانهن ذميوار هجي؟ ڇا حڪمران ۽ سياسي اڳواڻ عوام کان وڌيڪ ٻلوان آهن؟ 1983ع ۾ عوام جي مزسيءَ جنرلن کي جهڪڻ تي مجبور ڪيو. بنگالي عوام مزسي ڪئي تہ سندن ٻولي قومي ٻوليءَ طور برقرار رهي ۽ چاهيائون تہ آزاد بہ ٿي ويا. ووٽر لسٽون ۽ قومي سڃاڻپ ڪارڊ سنڌيءَ ۾ بہ نهن ٿا، مزسي ڪئي اٿئون تہ ڪجهه ادارن ۾ سنڌي ٻولي بچي بہ وئي آهي. جيڪڏهن ليکو چوکو هجي تہ ڇا حڪمران عوام کي دسي سگهن ٿا؟ حڪمران ڪيڏا بہ ظالم هجن، عارضي شڪستون تہ تي سگهن ٿيون پر عوام سڄاڳ هجي ۽ دائمي طرح مار کائي وڃي، اهو ممڪن ناهي.

سنڌ هزارين هِڇائن جي ور چڙهي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ کي قومي حيثيت ناهي (انگريزن جي دَور جيترو بہ حق نہ ڏنو ويو آهي)، سنڌي قوم اقليت ٿي وڃڻ جي ويجهو آهي، زمينون ۽ ڪارخانا ڌارين جي حوالي ٿي ويا، سنڌ جو پاڻي ۽ ناٽو کسجي ويو، ڪالاباغ ڊيم ناهڻ لاءِ سنڌ کي (جنهن جي سُڪڻ ۽ ڪلرائجڻ جو خطرو آهي) ڪا ڏر ئي نہ ٿو سمجهيو وڃي. ٻهاري ۽ ٻيا لکين ڌاريا سنڌ ۾ اچي ويا آهن ۽ اڃا بہ اچن پيا، سنڌ ۾ سنڌ کي ئي ورهائڻ جي تعليم ڏيندڙ ڪتاب، پمفليٽ ۽ نقشا کلئي عام ڇپجي رهيا آهن، دهشتگرد محفوظ آهن ۽ محب وطن سڏيا پيا وڃن (۽ سنڌ جي ”پلائيءَ“ ۾ انهن سان ناهہ پيا ٿين)، ڏاڙيل رڳو سنڌي پيا ڪٽن ۽ جاوا پيا ڪن، سنڌ جي وڏي پارٽي حقيقي سنڌي قوم کي قوم طور مڃي ئي نہ ٿي ۽ ڪوڙي قوم جي پرچارڪ رهندي وري اڃا بہ ٻي ڪوڙي قوم جي دعويدارن سان ناهہ پئي ڪري، هڪڙيون پارٽيون کي وڏا ۽ ڪوڪلا نعرا هٽي متي ٿيون چڙهن تہ ٻيون وري انهن کان بہ گوءِ کڻڻ جي ڊوڙ ۾ پوريون، ۽ عمل يا تہ ليي ڪو نہ ۽ يا وري ابتڙ، تعليم تباهہ ڪئي وئي، نوڪريون ڌارين جي حوالي، صحت سنڌين لاءِ اٽلي، تر ۾ ڏکر، ڪاڇو ۽ ڪوهستان سُڪل، ٻک، بيروزگاري، ڏمر ۽ ڏکر جو راڄ، سنڌ ۽ سنڌي تباهيءَ ۽ فنا جي ڪناري اچي پهتا آهن ۽ اسين رڳو هڪڙن جي ڏٽن پويان ڊوڙيو ڊوڙيو

وري ٻين جي ڏٿن پنيان ڊوڙي رهيا آهيون، نہ ڪنهن کي ڪنڌ کان ٿا پڪڙيون ۽ نہ ئي وري ليکو ٿا ڪريون... سنڌ ۽ سنڌي قوم جو ڇا ٿيندو؟

هيٺيون وچون طبقو --- واپاري، وڪيل، ڊاڪٽر، انجنيئر، استاد، ڪامورا، دوڪاندار، ننڍڙا ڪارخانيدار، ڪاتيدار وغيره ---- ڏسو تہ پنهنجيءَ ۾ پُورو، سچو ڏينهن ان سوچ ۾ گذريو وڃيس تہ ڪو اچي تہ ڪهانس ۽ جيترو گهڻو ممڪن هجي اوترو رت پيئانس. هر طبقو قومي مسئلن تي گهڻي قدر مجرماڻي ماٺ ۾ رهيو آهي. جڏهن تہ ڪي ٿورا آهن جيڪي سچ پچ اوَرچ تي قومي سجاڳيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. هي طبقو اڪثر ڪري پڙهيل ڪڙهيل آهي ۽ زبردستي رابطي ۽ سجاڳيءَ جو ڪم ڪري سگهي ٿو. هي جيڪڏهن پنهنجي تعليم، تجربي، ڏيٺ ويٺ، سجاڳپ، سنگت، اثر ۽ هلنديءَ کي ڪم ۾ آڻي ۽ ٿورو وڌيڪ مخلص تي ڪم ڪري تہ جيڪر اسين صدين جو سفر سالن ۾ نبيري وٺون.

ٻئي پاسي، ٻين کان ٻين جي اميد تہ ڪري سگهجي ٿي پر وڪاٽل "وڏن" کان قومي خيرخواهيءَ جي خواهش رکڻ ممڪن ناهي، ۽ اهو سڀ ڪجهہ چٽو ڏيکارجي پيو. سنڌ سان راڳا، جيڪي رڳو گذريل ڏيڍ سال ۾ ٿيا آهن. ڇا اسان جا چونڊيل گهوڙا ۽ سياسي اڳواڻ ايندڙ پنجويهن سالن ۾ پري سگهندا؟

سنڌ جي اڳوڻي گورنر تازو ئي اسلام آباد ۾ تقرير ڪندي چيو تہ "اسان (پياري پاڪستان جي حقيقي حڪمرانن) کي سنڌ بابت پريشان ٿيڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي ڇو تہ سنڌ جي قومپرست سياسي اڳواڻن جي گهڻائي سندن پنهنجي گولي (ٻانهي) آهي ۽ اهي پاڻ ۾ وڙهيل آهن. سنڌ جا مير، پير، وڏيرا وغيره سندن گولا غلام آهن ۽ سندن چوڻ تي ڪنهن مهل بہ ويڙهائي سگهجن ٿا، بنگلاديش جيان سنڌ هزار ميل پري ناهي ۽ اتي جيئن، جتان جنهن مهل چاهجي وڃي (حملو ڪري) سگهجي ٿو." سنڌي عوام جي ڪين پرواهہ ئي ناهي، ان کي هر نموني لتاڙڻ جو ڪين اڻ پُڇيو حق آهي ۽ اهو بہ مڃيائين تہ ايم ڪيو ايم سندن ناهيل آهي يعني سنڌ ۾ دهشتگردن کي پالڻ ٺاهڻ، وڌائڻ ۽ سنڀالڻ جو ڪم هنن ئي ڪيو آهي. باقي رهجي وئي هڪ شيءِ يعني ڌاڙيل، سنڌي ماڻهو 1983ع کان وٺي پڪ ٿا رکن تہ سنڌ ۾ ڌاڙيل بہ انهن جا ئي پاليل آهن. ان لاءِ وٽن ڪوڙ دليل آهن جن مان ڪجهہ هي آهن: (1) جنرل ضياء جي مارشل لا کان پوءِ دهشتگردن جيان ڌاڙيلن جو وڌڻ ۽ ٻنهي جو 1983ع ۽ 1984ع ۾ تڏهن طاقتور ٿيڻ جڏهن سنڌي عوام آمريت خلاف وڙهندي گولين جو ٻک ٿي رهيو هو پر ماٺ نہ پئي ٿيو، (2) ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جو تيستائين آزاد رهڻ جيستائين اهي سنڌي ماڻهن کي قتل ڪندا رهن، ٿورڙو بہ ٻيو ڪجهہ ڪيائون تہ قاسي ويندا، ۽ (3) ڌاڙيلن پاران جيئن ئي ڪو بہ اهڙو اعلان يا ڪم ٿيندو جنهن سان سرڪاري ملڪيت يا مشينري کي نقصان پهچندو هجي تڏهن ڏينهن ٻن ۾ واسطيدار ڌاڙيل (يا ڌاڙيلن) جو مارجي وڃڻ ٻڌائي ٿو تہ ڌاڙيل اڃا بہ سرڪار جي ئي مرضيءَ سان جيئن ۽ مرن ٿا. لائق چانڊيو، نانگ مارفاڻي ۽ محب شيديءَ جا مثال ان سلسلي ۾ شاهدي آهن. دانگيءَ مٿان ليپو وري اهو، تہ فوج، رينجرس ۽ پوليس هزارين نمونن سان انهن ڌاڙيلن جي بهاني سنڌي ماڻهن کي ستائي رهيا آهن ۽ سنڌين تي ئي پاڪستان- دشمنيءَ جا الزام آندا وڃن ٿا.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ سنڌيءَ کي ڇَوڪنيو بڻدي شڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ شڪار ڪندو رهڻ جي نيت رکي وڃي ٿي. سنڌي ماڻهوءَ کي هر پاسي کان مايوس ۽ موڳو ڪري ذهني غلاميءَ ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش جاري آهي پر سنڌي ماڻهن جو عمل ڇا ٿو ٻڌائي، ڇا سنڌي ماڻهوءَ جي سوچ غلام ٿي وئي آهي؟

سنڌ ۾ ٻه لاڙا چٽيءَ طرح نظر اچن ٿا: هڪ انهن وڏيرن، پيرن، سيدن "قومي اڳواڻن"، "جمهوري سرواڻن"، ڪامورن، ڏاڙيلن ۽ پاٽاريدارن جو، جيڪي نه رڳو پاڻ غلام ٿي ويا آهن پر سنڌي ماڻهن کي به غلام ڪرڻ ۽ منجهن مايوسي پکيڙڻ گهرن ٿا ۽ ٻيو سجاڳ هيٺئين وچئين طبقي ۽ هيٺئين طبقي جو عوام دوست ۽ سنڌ-سڄڻ، جمهوريت پسند ۽ آجپي جي واٽ تي وڌندڙ ڪردار، ۽ اِهو ئي اهو ڪردار آهي جنهن ڪان اڳوڻو گورنر اندر ۾ ڊڄندي پاڻ کي ۽ پاڻ جهڙن کي دلداري ڏيندي چوي ٿو ته اهي سنڌي ماڻهن کي جڏهن، جيئن ۽ جتي چاهين، ماري سگهن ٿا. مئل کي ماربو آهي ڇا؟ جيڪو اڳ ئي غلام هجي ان کي غلام بنائڻ جي ڳالهه ڪا معنيٰ نه ٿي رکي. دشمن جنهن کي مارڻ ۽ غلام بنائڻ جي ڳالهه ڪري، اهو لازمي طرح نه مئو آهي ۽ نه ئي وري غلام ٿيو آهي. تنهنڪري اسين اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهيون، ته سنڌي عوام ذهني طرح غلام نه ٿيو آهي ۽ هن جي سوچ غلام ناهي، ۽ جي غلام ٿيو آهي ته اهو سنڌي عوام نه، پر سنڌي وڏيرو، مير، پير، سيد ۽ سياسي اڳواڻ ٿيو آهي.

اهڙي وقت ۾ سجاڳ سنڌي ماڻهن تي ڪيترين ئي ذميوارين وڌن ٿيون. هن کي هر طرفو سوچڻو ۽ عمل ڪرڻو آهي. جيترين به وٽس ڏاهپون، ڏاتون ۽ ڏانءَ آهن انهن کي اجاگر ڪرڻو ۽ ماڻهن تائين پهچائڻو آهي. اسان کي سنڌ ۽ پاڪستان جي هر مسئلي، هر ڳالهه، هر سياسي، معاشي ۽ عملي مامري تي سوچڻو، ان کي پرکڻو ۽ حقيقي صورت ۾ پڌرو ڪرڻو آهي. ڇا اسين اهو سوچي سگهون ٿا ته سنڌ توڙي پاڪستان جون پارٽيون پنهنجي هر جز سميت ڪيئن هئڻ گهرجن، اتي جو سياسي، معاشي تعليمي، ذهني، اخلاقي ۽ ٻيو هر قسم جو رويو ڪيئن هئڻ گهرجي، اندريون توڙي ٻاهريون، ڏيهي توڙي پرڏيهي پاليسيون ڪيئن هجن. سچ اهو آهي ته بظاهر سنڌ ۽ پاڪستان سان ڪو به وسطو نه رکندڙ مسئلن تي به سوچڻ گهرجي. ڇا ڀارت ۾ "هندو- مسلم جهيڙن" عراق- آمريڪي جنگ، اوڀر يورپ جي ڏيهن جي بدلجڻ ۽ سوويت-يونين جي ٽٽڻ، آمريڪا جي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ ۾ پناهگير دهشتگردن جي اچ وڃ، افغان "مجاهدن" جي "جهاد"، بنگلاديش ۾ ٻوڏن ۽ غربت، برما ۾ گهريلو ويڙهه، ايران جي انقلاب، ڪئبيڪ ۽ اسڪاٽليند جي ريفرينڊم، لبيا خلاف تازي آمريڪي دهشتگرديءَ وغيره جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي؟ ڇا فضا ۾ ڦڪڙجندڙ ايٽمي ترورن، ماحولي گدلاڻ، ڪويت ۾ پکڙيل ڪارن ڪڪرن، روس ۾ لڳندڙ برفاني هوائن، آمريڪا توڙي يورپ جي ايشيائي پاليسين، سيٽلائيٽ ٽي وي سرشتي، بي بي سي، واشنگٽن، ماسڪو، جرمني ۽ انڊيا ريڊيو، پولار ۾ ڀٽڪندڙ ڪنهن فلڪي جسم، سج سرشتي ۽ چنڊ جي چانڊوڪيءَ جو سنڌ ۽ سنڌي قوم سان ڪو به وسطو ناهي؟ ڇا اهو ممڪن ناهي ته اسين فلڪي، سائنسي، سماجي ۽ هنري شعبن ۾ ٿيل ۽ ٿيندڙ علمي ڪارنامن تي هڪ نظر رکي مناسب تبصرو ڪري سگهون؟ ڇا اهو ممڪن آهي ته ڌرتيءَ جو گولو سنڌي ماڻهوءَ آڏو رکيو هجي ۽ هو

ان ئي هڪ ديو واري نظر رکندي ان کي ڦيرو ڏئي ڪنهن هنڌ آڱر رکي چئي سگهي ته هت هيئن پيو ٿئي هيئن ٿيڻ گهرجي؟

ڌرتي هڪ ڳوٺ ۾ بدلبي پئي وڃي. هر ڪنڊ هڪ پاڙو ۽ هر ڏيهه هڪ گهر ٿي پيو آهي، ڪنهن به گهر توڙي پاڙي ۾ جهيڙو، گهاٽي واڌي يا امن انصاف ٻي تي اثرانداز ٿئي پيو ۽ سڄو ڳوٺ ان کي محسوس ڪري ۽ ان کان متاثر ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪو به پاتي يا گهر انهن حقيقتن کان اکيون پوري وينو ته اهو دنيا سان وک ملائي وڌي نه سگهندو.

سنڌي ماڻهو سنڌ ڌرتيءَ جا تاريخي وارث ۽ دنيا جي آباديءَ جي ڳٽپ جوڳي پتي آهن. ڪيترائي ڏيهه سنڌ کان به گهٽ آبادي ۽ ايراضي رکن ٿا ۽ معاشي طرح پوئتي پيل آهن پر اهي آزاد آهن، پاڻ تي پاڙيندڙ ۽ پاڻ وهيٽا آهن ۽ برابريءَ جي بنياد تي ٻين سان سنگت رکيو وينا آهن. ڌرتيءَ جي بهترين ايراضين ۾ آباد ڏيهن مان سنڌ هڪ آهي، هتي ڏينهن ۽ رات وچ ۾ وقت ڏسڻ سان ۽ چارئي مندون ڪئلينڊر جي تاريخ سان مقرر ڪو نه ٿيون ٿين، سنڌ کي پنهنجا جبل، وارياسا، ميدا، ٻيلا ۽ معدني ذخيرا ۽ وسيع سامونڊي ڪنارو آهي. سنڌ انهن ڀاڳيرين ايراضين ۾ آباد آهي جتي سج سوجهرو ڪري اس پکيڙي ۽ چنڊ چمڪي چانڊاڻ ڪري ٿو. هتي باغ آهن، گل آهن، ميوا آهن، ٻنيون آهن ۽ دنيا جو وڏو آبپاشي سرشتو آهي. هتي سچ، سونهن، نماڻائي، نياءُ، پنهنجائپ، پيار، سرت، سورهيائي ۽ انسانيت جون ٻيون سموريون فضيلتون ۽ گڻ نمايان نظر اچن ٿا. هتي علم آهي، هنر آهي، ادب آهي، اڪابر آهي، شاعري آهي ۽ ڏاهپ ۽ ڏات جون خصلتون آهن. پر ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته هتي ڏک ۽ ڏکر، غلامي ۽ ڇڙواڳي، بي علمي ۽ بي عملي، نشو ۽ لباڙ، نڳيون ۽ ڪوڙ ۽ دهشتگرديون، داداگيريون ۽ ارهه زوراريون به آهن. فيصلو اسان کي ڪرڻو آهي ته اسين ڪهڙي پهلو کي وڌائڻ گهرون ٿا ۽ ڪهڙي کي گهٽائڻ.

هر ساهوارو هڪ وحشي به آهي ته پيار ڪندڙ به، ماڻهو تڏهن ئي ماڻهو سڏجي ٿو جڏهن هو وحشتن کي گهٽائڻ لاءِ جاکوڙ ڪري ۽ پيار کي وڌائي يا وڌائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي. اسين وحشي ٿيڻ گهرون ٿا يا ماڻهو؟

جي ماڻهو ٿيڻو آهي ۽ ماڻهپو وڌائڻو آهي ته پوءِ پنهنجي علم ۽ ادب، ڏاهپ ۽ ڏات جي هر ذري کي ڪم آڻڻو پوندو ۽ خود غرضين کي، جيڪي جانوراڻيون خصلتون آهن، گهٽائڻو ۽ ڦٽو ڪرڻو پوندو.

ان مان هر ماڻهو جيڪڏهن پنهنجيون سموريون صلاحيتون ۽ لياقتون ڪم آڻي ته اسين گهڻو ڪجهه ڪري سگهون ٿا. مثال طور: رڳو علم ۽ ڄاڻ جي پهلو جو ذڪر ڪجي ته ڳالهه صاف ٿي ويندي. علم ۽ زندگيءَ جو ڪهڙو شعبو آهي جنهن ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڄاڻ رکندڙ سنڌي ماڻهو موجود نه هجن؟ اسان جا پي ايڇ ڊي ۽ سي ايس پي، پوسٽ گريجوئيٽ ۽ پروفيسر، ليڪچرر ۽ استاد، جج ۽ وڪيل، انجنيئر ۽ ايگريڪلچرسٽ، سائنسدان ۽ سياستدان، مفڪر، مدير ۽ محقق، دانشمند ۽ دورانديش، ڏاها ۽ سياڻا، اڪابر ۽ اديب، صنعتڪار ۽ ايڪانامسٽ، بزنيس ۽ مئنيجمينٽ توڙي مختلف ٻولين جا ماهر جيڪڏهن پنهنجي پنهنجي شعبي جي هر ممڪن ڄاڻ کولي کولي ۽ جرئت سان بيان ڪن ته جيڪر سنڌي علم ۽ ادب آسمان سان ڳالهيون ڪندو نظر اچي.

ڪي ماڻهو چون ٿا ته اسين ڪوڙا اڪابر آهيون، اسين رڳو لباڙڻ ۾ پورا اسان وٽ علم آهي ئي ڪو نه، جاهل آهيون ۽ چالاڪين، رشوتن ۽ سفارشن سان مختلف عهدن تي پهتا آهيون

جنهنڪري لکي پڙهي ۽ پرکي ڄاڻون ٿي ڪو نہ، باقي جيڪي بہ چار آهن، جن وٽ علم ۽ سچائي آهي اهي تہ لکن پيا ۽ اٽڪ نموني لکن پيا. ٻيا چون ٿا تہ اسين ڏٽا، گيدي ۽ ٻاڙيا آهيون، اسين ذهني طرح بہ غلام ٿي ويا آهيون ۽ ان غلاميءَ خلاف وڙهڻ جو جذبو ئي مري ويو آهي ان ڪري ڄاڻ هوندي بہ سوچڻ، پڙهڻ لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي همت ئي نہ رهي آهي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسين سنڌي ماڻهو سياسي، معاشي ۽ سماجي طور غلام بڻايا ويا آهيون. اسان جي ٻولي ۽ ثقافت تي پهرا آهن، علم ۽ ادب سان وير رکيا وڃن ٿا، سنڌ خلاف سازشون ۽ غداريون اوج تي آهن، ڪوس، ڪيس، ڌاڙا ۽ دهشتگرديون، ڏاڍ ۽ ڏمر آهن. پلي، دنيا جي هر مصيبت اسان مٿان ڪڙڪائي وڃي پر ياد رکجو تہ ڪنهن بہ قوم جيستائين ذهني طرح آڻ نہ مڃي آهي، هن جون سوچون غلام نہ ٿيون آهن، هن ۾ آزاديءَ جو جوش ۽ جذبو موجود آهي تيستائين ان کي حقيقي نموني ماري مات نہ ٿو ڪري سگهجي.

اسان جي بي همتي، جسماني توڙي ذهني، ويريءَ کي وڌيڪ طاقتور ڪري ٿي. اسان کي جيڪڏهن غلاميءَ مان نجات حاصل ڪرڻي آهي تہ ان جي پهرين وک طور پاڻ کي ذهني غلام ناهي بڻائڻو. اسان جون سوچون غلام ناهن تہ پوءِ ان جو پهريون اظهار ائين ئي ڪري سگهجي ٿو تہ اسين جيڪو ڪجھ نہ ٿا ڄاڻون اهو پڙهڻ ۽ سوچڻ وسيلي ڄاڻڻ جو جتن ڪريون ۽ جيڪو ڪجھ ڄاڻون ٿا اهو لکون ۽ ڳالهايون.

سڄي ڌرتيءَ تي ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان ڪٿي بہ، ڪڏهن بہ ۽ ڪو بہ ڏاڍ ٿيو يا ان کي ڏک پهتو ڄڻڪ منهنجي پاءُ کي، مون کي ايذاءُ رسيو. اڄ تہ هر ڏک جي هر صورت خلاف جاکوڙ ڪريون ۽ سک جي هر صورت هٿ ڪرڻ جو جتن ڪريون. اڄ تہ اسين بہ پاڻ کي سڄي ڌرتيءَ جي وارثن مان هڪ سمجهون ۽ هڪ ٿيون... ۽ اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان جي سوچ غلام نہ هجي.

(هفتيوار ”سنڌو“ حيدرآباد، 24 جون 1992ع)

## سنڌين جو نئون سياسي اڳواڻ؟

هن وقت سنڌ جو سياسي وايو منڊل ڪجھ ان قسم جو ناهيو ويو آهي جو پارٽي لساني ٽولي سان واسطو رکندڙ سنڌين جا ڏنا وائنا قاتل دهشتگرد جيڪڏهن (اتفاقن ئي سهي) سڳ سوڌا پڪڙيا وڃن ٿا تہ جهٽ ڪان پوءِ بنا حساب ڪتاب جي جيئرا جاڳندا ڇُٽيو وڃن، جڏهن تہ بيگناھ سنڌي ماڻهن (جيڪي شهرن ۾ رهن ٿا يا ڳوٺن ۾) ۽ سياسي ڪارڪنن کي بنا ثبوت جي ۽ ڪيس هلائڻ کان سواءِ ئي سرڪاري ايجنسين وسيلي اغوا ڪيو ۽ مقابلو ڪندي مارجندو ڏيکاريو پيو وڃي. جيڪي سچ پچ دهشتگرد ۽ قاتل آهن انهن کي حق پرست، جمهوريت پسند ۽ قانون جو محافظ سڏي ساراهيو، ۽ جيڪي بيگناھ آهن انهن کي انڊيا ۾ سکيا ورتل دهشتگرد ۽ ڌاڙيل سڏي ماريو پيو وڃي. شهود هاشميءَ ۽ سندس ساٿين جي گرفتاري ۽ آزادي ۽ شاهبندر واقعي، ڄامشوري واقعي ۽ يوسف جکراڻي سميت دادو جي جيلن مان هٿ آيل سڙيل لاشن ۽ مختلف ٿاڻن تي رشوت جي آسري ۾ واڙيل سوين بيگناھ سنڌين جي ڏک ڏيندڙ منظرن سان گڏ پاڪستان نهڻ

ڪان پوءِ سنڌ اندر تيل وڏا واقعا منهنجي اکين آڏو آهن ۽ اهي بيان پڻ جيڪي گذريل ڪجھ ڏينهن ۾ خاص طرح سنڌ ۾ لشڪري قوتن جي اچڻ ڪان پوءِ پاڻ کي سنڌ (يا پاڪستان) ۽ سنڌين (يا پاڪستاني عوام) جو خيرخواهه سڏائيندڙ سياسي اڳواڻن جاري ڪيا آهن.

سنڌ ۾ لشڪري قوتن جو اچڻ ڇا ٿو ٻڌائي؟

سرڪاري ٻوليءَ موجب سنڌ ۾ امن امان جون حالتون بيحد خراب ٿي ويون آهن جن کي قابو رکڻ ۽ قانون جي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ لشڪري قوتن کي گهرايو ويو آهي، نه ڪي سياسي مخالفن يا عوام کي دٻائڻ لاءِ. ان جو صاف مطلب هي ٿيو ته جام صادق ۽ مظفر حسين شاهه، سنڌ جي حاڪمن، توڙي پاڪستان جي حاڪمن جون اهي دعوائون ته سنڌ ۾ امان امان جي صورتحال مسلسل سڌري رهي آهي، ڪوڙيون ۽ هٺ نوڪيون هيون، انهن اڍائي سالن کان لاڳيتو ڪوڙ پئي ڳالهايو ۽ عوام کي ڌوکي ۾ پئي رکيو آهي.

مخالف ڌر (پي ڊي اي) ۽ سنڌ جي نام نهاد گهٽگهرن سياستدانن شڪ ڏيکاريو ته اهڙيءَ طرح متان سياسي مخالفن ۽ عوام سان بي واجبي ٿئي، باقي هن کي لشڪري قوتن جي اچڻ ۽ انهن وسيلي امن امان قائم ٿيڻ بابت ڪو به شڪ يا اعتراض ناهي. جي ايم سيد صاحب ته انهن جي آجيان به ڪري ڇڏي ۽ قائم علي شاهه صاحب اها گهر به ڪئي آهي ته سمورا اختيار فوج جي حوالي ڪيا وڃن.

اهڙيءَ طرح لشڪري قوتن جي سنڌ ۾ اچڻ ۾ امان امان قائم ڪرڻ بابت حڪمرانن توڙي بين سياسي اڳواڻن جي اخباري ٻولي سَو سيڪڙو هڪ جهڙي ٿي پئي آهي. ضياءَ پاران ڊڪٽيٽر ۽ جمهوريت مخالف عوام دشمن جنرلن جي جانشين ۽ عوام جي خيرخواهن جي ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙائي پيدا ٿيڻ جا ڪارڻ (خبر ناهي!) ڪهڙا آهن؟

سنڌ ۾ لشڪري قوتن جي اچڻ ۽ ”امن امان قائم“ ڪرڻ جو صاف سڌرو ۽ چٽو مطلب هي ڇئبو ته نگران حڪومت گهوٻيون هٽي جيڪي نمائندا چونڊرايا، اهي ڪنهن به ڪم جا ناهن، اهي لوڀي، نوڳي، ڪوڙا ۽ بدمعاش آهن (۽ ان ڪري سچ پچ عوامي راءِ سان چونڊيل نمائندا به اهڙا ئي آهن)، اسيمبليون بوگس ۽ خچر گلي جو مرڪز آهن، عوام جي ملڪيت سان پالي ويندڙ سول انتظاميا بيهودي ۽ اٽي تي چٽي آهي ۽ ملڪ جي وفادار، نمڪ حلال ۽ عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ لائق رڳو هڪ ئي، لشڪري قوت آهي (جنهن جي حڪومتي نظام کي مارشل لا سڏجي ٿو).

انهيءَ ڪري سنڌ ۾ اڄڪلهه اٿوٽندڙ مايوسي ۽ مونجهه جي فضا ڇانيل آهي. سنڌي ماڻهو بيوسيءَ ۽ شڪ ڀريل نظرن سان عوام ۽ قوم جي گهٽگهرن سياسي اڳواڻن ڏانهن تڪي رهيا آهن. بيوسي ان ڪري جو سياسي اڳواڻ بي عمليءَ جو شڪار ٿي نلهين ڳالهين تائين محدود رهجي ويا آهن ۽ شڪ انهيءَ ڪري جو اقتداري توڙي مخالف يا اڻ چونڊيل سياسي ڌرين جي ٻوليءَ ۾ ڪو خاص فرق نه رهيو آهي. سنڌي ماڻهو سمجهي ٿو ته سياسي مسئلن جو حل ڏيڻ ۽ انهن کي حل ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ سياسي پارٽين جو ڪم آهي پر گذريل پنجن سالن دوران اقتداري توڙي مخالف ۽ اڻ چونڊيل ڌرين پاران سنڌ جي سياسي مسئلن جي حل بابت جيڪي هزارين ڳالهيون، دڙڪا ۽ ايلاز ميدان تي آيا آهن انهن جو اڀياس ٻڌائي ٿو ته هر ڌر اقتدار جي ڊوڙ کي چڪ وجهڻ

جي ٻڪي ۾ سياسي سمجھ کان پالھي آھي ---- انھن وٽ سنڌ جي سياسي مسئلن جو ڪو بہ حل ناھي ۽ نہ ئي وري اھي حل ڪرائڻ گھرن ٿيون يا ان لاءِ مخلص آھن.

سنڌ ۽ سنڌي ماڻھو ھن وقت ھزارين مسئلن جي اونھي سمنڊ اندر ڪڙھندڙ ڪن ۾ ڦاٿل آھن. سنڌ تي سنڌين جي مالڪيءَ جي مسئلي، سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي بچاءَ ۽ واڌاري جي مسئلي، سنڌين جي معاشي ۽ سياسي نجات جي مسئلي، سنڌين جي بيروزگاريءَ ۽ کين بيروزگار رکڻ جي مسئلي، سنڌن تعليمي تباھيءَ جي مسئلي، سنڌ کي سڪائڻ لاءِ سنڌوءَ تي رٿيل ڊيمن ناھڻ جي مسئلي، سنڌين کي پنھنجي ئي تاريخي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ بدلائڻ لاءِ ٻھارين، پارٽي مسلمانن، پنجابين، پناڻن ۽ ٻين ڌارين جي ايندڙ اجھل ٻوڏن جي مسئلي، سنڌين کي سنڌن ئي سنڌ ۾ رياستي ادارن ۽ انھن جي ڳجھين توڙي پڌرين دھشتگرد ايجنسين (ورديءَ ۾ ھجن يا نہ) وسيلي فلسطيني يا ريڊ انڊين بنائڻ جي مسئلي، سنڌ جي ڌرتيءَ ۾ ڦاڙھ وجھي ان کي ٽڪرا ڪرڻ يا سڄيءَ سنڌ تي ڌارين پاران قبضي جي مسئلي وغيره جو ذڪر نہ بہ ڪجي، رڳو سرڪاري ٻوليءَ ۾ امن امان جي مسئلي جو ئي ذڪر ڪجي تہ ڪوڙ ڏنيپندڙ ۽ ڏنگيندڙ زھريليون حقيقتون ڳَر ڪٽي آڏو اچي بيھن ٿيون. سنڌي ماڻھو بي اختيار تي ماضيءَ تي نظر ڊوڙائي اھو جاچڻ جو جتن ڪري ٿو تہ ڇا لشڪري قوتن جي حڪمراني سياسي مسئلي جو حل آھي، ڇا انھن جي ڪري امن امان قائم ٿي سگھيو آھي ۽ ٿي سگھندو؟

تاريخ شاھد آھي تہ پاڪستان جي حقيقي حاڪمن ۽ حڪمرانن کي، جيستائين بنگلاديش نہ نھيو ھو، تيستائين ”اوپر پاڪستان“ ۾، ڪجھ عرصو اڳ تائين ڪڏھن ڪڏھن پختونخواھ ۾ ۽ شروع کان وٺي اڄ تائين بلوچستان، اترادي علائقن، سرائيڪي ۽ خاص طرح سنڌ ۾ امن امان جو مسئلو تڏھن نظر ايندو آھي جڏھن سنڌن ڦرلٽ جي راھ ۾ ڦريَلن پاران رنڊڪ پوندي آھي يا جمھوريت دشمن ۽ عوام دشمن راڄ خلاف مظلوم قوتون وڙھنديون آھن يا وري تڏھن جڏھن مظلوم قومون پڄري پڄري باھ-اوڳاڇيندڙ جبل جيان ڌڪار ڪرڻ واريون ھونديون آھن. پنجابي ۽ پناھگير کان سواءِ باقي سڀني يعني ھتان جي حقيقي ۽ مظلوم قومن ---- پختون، بلوچ، بنگالي ۽ سنڌين کي وقت بوقت علحدگي پسند، ملڪ دشمن، بي دين، ڌاڙيل، دھشتگرد، روس ۽ انڊيا جو ايجنٽ وغيره سڏي، پنھنجي پرتي کيل ماڻھن وسيلي نعرا ھڻائي مناسب ماحول پيدا ڪري بيدرديءَ سان چيپاٽيو پئي ويو آھي. مقصد رڳو اھو ھڪ تہ پنجابي-پناھگير ڦورو طبقن ۽ سنڌن ساٿارين جي راھ ۾ ڪو بہ رنڊڪ نہ بنجي. خوش قسمتيءَ سان مظلوم قومن جو شعور ايترو اسريل آھي جو اھي قانون جي تحفظ ۽ محافظيءَ جي نالي ۾ لاقانونيت پکيڙيندڙ قوتن کي ڏاڍي مناسب ۽ حقيقي نالي سان ياد ڪن ٿيون يعني رياستي دھشتگرد ۽ پاڙيتو ڦاتل.

ڪجھ عرصو اڳ ائين اقتدار قائم رکڻ لاءِ ڦورو حاڪمن ۽ حڪمرانن جي انڌي، ٻوڙي ۽ گونگي پر ھٿياربند ۽ سنڌن حڪم مڃيندڙ طاقت جو نالو ھو لشڪر. ھاڻي ان کي اقتدار جو چشڪو بہ چنبڙي چڪو آھي، تنھنڪري ٽين دنيا جي ملڪن جي وڏي گھٽائي فوجي لٽ ھينان چيپاتجي رھي آھي. چوندن جو، عوام جي راءِ جو، عام ماڻھوءَ جي عزت جو وٺن تصور ئي ڪونھي. ڏنڊي جي زور تي راڄ ڪرڻ، حڪم ھلائڻ ۽ حڪم موجب قانوني فيصلا ڪرڻ ۽ پنھنجي ئي ھم وطن، ھم قوم ۽ ھم مذھب ماڻھن کي ڪھڻ، اڄوڪين لشڪري قوتن جو

جهڙوڪر بنيادي فرض ٿي پيو آهي. چليءَ ڪان وٺي فلپائينس تائين به چو وججي! اڳوٽي اوير پاڪستان جو مثال چو نه ونجي؟ ڪير هئا اهي؟ هم وطن پاڪستاني به هئا ته مسلمان به، مظلوم به هئا ته ماڻهو به، پر ماڻهن جو ڪوس جنهن بيدرديءَ ۽ بي رحميءَ سان ڪيو ويو، ائين وحشي جانورن جا شڪاري ته ڇا، پاڻ وحشي جانور به نه ڪندا آهن. جانورن جي ويڙهه ۾ جانورن جو قتلام ته ٿيندو آهي، پر زوريءَ زنا ته نه ٿيندي آهي، معصوم ٻارڙن جي سينن ۾ سنگينون ته نه ٽنبيون ويندييون آهن، رهائشي، تعليمي ۽ صحتي مرڪزن ڪي نابود، ٻاٽيءَ ڪي زهريلو ۽ ڪاڏي ڪي اٽلپ ۽ گندو ته نه ڪيو ويندو آهي، لاشن ۽ واڍوڙيلن، ڦٽڪنڌڙ ۽ ڪيهون ڪندڙن جي ڍڳ مٿان بيهي ٽوڪ پريا ٿهڪ ته نه ڏبا آهن. "مقعدن ۽ زنانن پرسان سنتوءَ ڪناري مقابلي ۾ 9- ڏاڙيل ماريا ويا آهن ۽ ڏهون ڦتجي مرڻ ڪنڌيءَ پهتل آهي. وٽانئن جديد بمن ۽ نڪور رائيفلن جو وڏو ڳاٽاٽو هٿ آيو ۽ هڪ دهشتگرد مرندي مرندي ٻڌايو ته اهي انديا ۾ دهشتگرديءَ جي سکيا وٺي آيا هئا." (هاءِ! ڪيڏا نه پيارا دهشتگرد!) "قومي" ريڊيو ۽ ٽي وي تي اهم خبرن ۾ قانون نافظ ڪندڙ ادارن جي وڏي ڪارنامي طور اها خبر نشر ڪئي وئي.

ٽي وي تي جيڪي هٿيار ڏيکاريا ويا، انهن تي ليبل لڳل هئا ته چلڪات به چڙيائون پئي. سنڌ جي وڏي وزير ڪي پنهنجي واڳ ڏڙين سان سر ملائٽو ئي هو.

عجيب قسم جا دهشتگرد هئا هي به. سندن هلايل هڪ گولي به سرڪاري ماڻهوءَ توڙي گاڏيءَ کي ڇهي به نه سگهي، بلڪل شاهه بندر وارن دهشتگردن جهڙا! اڄرج ۾ وجهندڙ دهشتگرد پيا نهن سنڌين منجهان!... ميوزم ۾ رکڻ لائق!

جيئن ريڊيو ۽ ٽي وي تي خبر نشر ڪئي وئي تيئن ساڳي خبر، جيئن جو تيئن بنا ڪنهن تبصري سان شايع ڪرڻ جي هدايت ڪندي اخبارن ڪي به جاري ڪئي وئي. خبر ته شايع ٿي پر سنڌي پريس اهو به ظاهر ڪري وڌو ته هن خبر تي تبصرو ڪرڻ ۽ ڪرائڻ منع ڪيل آهي.

نوجوان صحافين رات-پيٽ ۾ خبر جي اصليت ڳولي ورتي. شهيدن جي وارثن به واهه جي مڙسي ڪئي. جس هجي بي بي سي جي نمائندي کي، جيڪو پڻ حقيقت ڳولڻ لاءِ ترت ئي پهچي ويو ۽ رپورٽ ڪيائين. ٻئي ڏينهن سڀ سوڏي سچي خبر سنڌي پريس ۾ اچي وئي ۽ اهڙين مضبوط شاهدين سان جو سرڪار جون وايون ولڙيون ٿي ويون.

"قومي" پريس کي به صحافتي لڄ رکڻ لاءِ خبر صاف صاف ڇپڻي پئي، ۽ شاباس هجي ته انگريزي اخبار کي، جنهن ايڊيٽوريل ۾ گهر ڪئي ته بيڏوهي ماڻهن کي جنهن ميڊيا تان بدنام ڪيو ويو انهيءَ ئي ميڊيا تان ڪانئن معافي ورتي وڃي.

وڏي وزير جي وڪيل ذهن کي وري گهت ۽ گهوٻي هٽڻي پئي ۽ بنا ڪنهن نڪ جي، ٽئين ڏينهن اعلان ڪيائين ته مئل دهشتگرد نه پر معصوم ڳوناٽا هئا. ان بيان جي روشنيءَ ۾ ثابت ٿيو ته ڪالهه تائين پاڻ ڪوڙو، ملڪ جو وزيراعظم ڪوڙو، ايجنسين جا سردار ڪوڙا هئا. صدقي توتان سنڌي ماڻهو! توسان ظلم ۽ دهشتگردن خلاف ويڙهه ۾ انهن جي ستايل سنڌي عوام کي تحفظ ملڻ جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

ان جو مطلب اهو ٿيو ته ايجنسيون انهن ئي دهشتگردن ۽ ڌاڙيلن خلاف عمل ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ لٿيون هيون جيڪي سندن اڳوڻن بيانن موجب انهن ئي ايجنسين جا پيدا ڪيل آهن يعني ايجنسيون سنڌي عوام جون محسن ٿي آيون هيون!

ايجنسيون ۽ انهن جا ٻولڙيا ٻيو ڪهڙي قسم جي بيان بازي ڪري سگهن ٿا؟!

وري به شاباس لائق آهي سنڌي پريس کي (پنهنجن سجاڳ سياسي ليکڪن ۽ سچار رپورٽرن سميت) جنهن معاملي کي اڊيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، ايجنسين جي ماضيءَ ۽ حال کي اجاگر ڪيو، مسئلي کي اڊيڙيو ۽ سلجهايو ۽ فوجي ڏنڊي بدران سنڌ ڏانهن سرت ڀريو رويو رکڻ جي گهر ڪئي.

شاهبندر وارو واقعو رپورٽ ٿيو ته ڪجهه سياستدان ڪنجهي ڪنجهي اهڙا بيان جاري ڪيا جيڪي ساڌن سان سنمڪ ۽ پئنچن سان پورو هجڻ واري چوٽيءَ تي نهڪي ٿي آيا ۽ ڪي ته اهڙا ماٺ رهيا ڄڻڪ محمد شاهه رنگيلي جيان الوٽ هجن، ڄڻ ته قتل ٿيل سنڌ ڌرتيءَ جا ڄاوا ئي نه هئا.

جڏهن ته ايجنسين پاران اگهاڙي دهشتگرديءَ جو جيئرو جاڳندو مثال هو شاهبندر وارو واقعو ---- دهشتگرد انڊيا مان سڪيا ورتل، هٿيارن سان ليس، سوار هئا ڊونڊي ٻيڙيءَ ۾، سامونڊي ڪناري کان ٿيهه ميل اندر پاڻيءَ ۾! مقابلو ٿيو، گوليون هليون، هٿيار پڪڙيا، دهشتگرد مارجي ويا... هڪ کي گولي لڳي ۽ باقي خبر ناهي ته بنا گولين جي ڪيئن مري ويا ۽ سندن نهن ڪيئن پٽجي ويا! دهشتگردن کان هٿ ڪيل هٿيار وري سمنڊ ۾ ٻوڙيا ويا! عجيب قسم جا دهشتگرد هئا. سندن هڪ گولي به ماڻهوءَ کي ته ڇا نيوي جي وڏي ٻيڙيءَ کي به نه لڳي!

ڇا هيءَ ماٺ مجرماڻي نه هئي؟ گهوڙا گهٽي اگهه وڪاڻا؟

پر وڪاڻل گهوڙن لاءِ سڀ کان وڏو لعنتاڻو آهي ڄامشورو واقعو، معصوم سنڌي ماڻهن جي وحشياڻي قتل جو. اڃو ته ڪجهه ذڪر ڪريون.

جنرلن بريف ڪيو ۽ ملڪ جي وزيراعظم اعلان ڪيو ته ڄامشوري گهمايو ويو. اقتدار جي ٻڪين کان قول وٺي اقتدار ڏنو ويو. جنرل جي سينن تي جمهوريت جو تمغو سينگاريو، انهن جي پاليل ڪامورا شاهي کي، مضبوط صدر کي سگهارو، ۽ دهشگردن سان ناهه ڪيو ويو. ٻئي پاسي سنڌ اندر پالتو پاڙاريدارن ۽ ناڪام پر لالچي سياستدانن کي خريد ۽ ڄامڙن کي ڊگهو ڪيو ويو ---- سنڌ جا سنا سنا سياسي اڳواڻ ڳجهي سرڪار جا سلامي ۽ پيرَ پرو تي پيا (۽ ان ڪري ارادي سان سازشون ڪري پنهنجين پارٽين کي ٽوڙي رکيو). ڪي نيون پارٽيون به نهرايون ويون ته آزاد اميدوارن جي به هڪ لوڊ پيدا ڪئي وئي جيڪا اقتدار جو هڏو چوسڻ لاءِ ڊوندڪي به نوسڻ ۽ چڪ وجهڻ لاءِ تيار هئي.

اقتدار جي ٻڪي هڪ ٽولي مان ڪم ڪڍي، ملڪ مسيت ڪري، هٿ ٺوڪيا نگران ويهاري، جنرل جي جانشينن کي چونڊايو ويو. سنڌ ۾ ڄام صادق هو ۽ هاڻي مظفر حسين شاهه آهي، جن جا سهڪاري هئا ۽ آهن اهي ئي اقتدار دوران پ پ جا اتحادي، سنڌي قوم جا قاتل دهشتگرد (جن جا وزير ۽ صلاحڪار سنڌ ۾ سنڌين سان راڳا ڪرڻ ۾ جنبيل آهن) ۽ ڊونڊ چڪينڊڙ آزاد اميدوار، جن مان نهيل وزير ڪنڌ ڌوڻڻ ۽ آڱونو هڻڻ ۾ پورا آهن. انهن جا مثال ته تمام گهڻا پر ظاهر ظهور

آهن. سنڌ جي آدمشماري لڪائڻ تي مجرماڻي ماٺ، پاڻيءَ ۽ ناڻي جي ورهاست وارن سنڌ دشمن ناهن ۽ سنڌ کي نقصان رسائيندڙ ٻجيٽن جي ساراهه ۽ تازو ئي پنهنجيءَ ڌرتيءَ مٿان لشڪر چاڙهي اچڻ وارو غداريءَ جو ڪارنامو، جنهن تي وڪالت، غداريءَ جو گهانگهو پائي وينل سنڌي "وطن دوست" سياسي اڳواڻ ڪو ڪارائتو سنڌ دوست لفظ ڪڇڻ بدران پنهنجا ڳلا گهٽي بيان ڏيڻ کان به بان ڪري ويهي رهيا ۽ ڇهن ڏينهن کان پوءِ ڪن نه عادت موجب آجيان ڪئي ۽ ڪي اهو چوڻ لڳا ته جيڪڏهن لشڪري قوتون ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن خلاف ڪاروائي ڪن ته ڪين ڪو به اعتراض نه هوندو، جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته "قانون نافذ ڪندڙ" ايجنسين ۾ اها اميد ڏيکاري ۽ سنڌي عوام ۾ انهن لاءِ عزت پيدا ڪرڻ جي ٻيهودي ڪوشش ڪئي وئي ته اهي قوتون ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن خلاف ويڙهه ڪري ۽ اهڙي طرح سنڌ ۽ سنڌين کي هڪ وڏي عذاب مان نجات ڏياري سگهن ٿيون. ان جو مطلب اهو به ٿيو ته حقيقي ڌاڙيلن جي جنسي عضون توڙي ڦٽن ۾ اڌ- ڏڌريا شيشا، مرچ ۽ لوڻ ته نه وجهبا آهن، مردن جا مخصوص عضوا نه ڪٽبا ۽ وڍبا نه آهن ۽ هٿ پير ٻڌي نسن کي سير ڏئي ميدان ۾ ڦٿڪڻ لاءِ ڦٽو ته نه ڪيو ويندو آهي...!

ڇا "ڌاڙيل"، "دهشتگرد"، "انڊيا ۽ روس جا ايجنٽ"، "تخريبڪار" ۽ "بي دين" ناس ٿي ويا ۽ ڇا امن امان قائم ٿيو؟ قانون جي بالادستيءَ جو ڇا ٿيو ۽ قانوني ڏوهارين جو ڇا ٿيو؟ ڇا حقيقي قاتلن ۽ زناڪارن کي سزائون مليون؟ اصل ڌاڙيل، دهشتگرد، تخريبڪار ۽ ملڪ جا دشمن ڪير هئا؟

نتيجو ڇا نڪتو، لشڪري مغز جي سوڀ يا ناڪامي؟

سنڌ ۾ پڻ، تازوئي، ٻارهن سال اهو لشڪري مغز ڪم ڪندو رهيو. "ڌاڙيل"، "دهشتگردن"، "انڊيا ۽ روس جي ايجنٽن"، "تخريبڪارن"، "بي دينن"، وغيره کي ناس ڪندو رهيو. ڇا فوجي ڪورٽن ڪم نه ڪيو يا مارشل لا نه هو، پر ڇا امن قائم ٿيو، ڇا حقيقي دهشتگرد، ڌاڙيل ۽ تخريبڪار تباهه ٿي ويا، ڇا غير قانوني هٿيار پڪڙيا ويا، ڇا سرڪاري مغز موجب قانون جي بالادستي قائم ٿي؟

نتيجو ڇا نڪتو، لشڪر مغز جي سوڀ يا ناڪامي؟

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ عام طرح ۽ بنگلاديش ٺهڻ کان پوءِ خاص طرح اقتدار جو چشڪو چکندڙ لشڪري دماغن پنهنجيءَ پسند جا ڪيترائي دهشتگرد، ڌاڙيل، روبوٽ، دماغ ۽ سياسي اڳواڻ ناهي ورتا آهن ته جيئن چڙهائيءَ لاءِ بهاني ۾ ڪجهه سچائيءَ جي جهلڪ نظر اچي سگهي. اهي ڳٺڀ ۾ به ڪي گهٽ نه آهن ۽ وقت سر سنڌن پسند، بلڪ حڪم موجب ڪاروايون ڪندا، نعرا هڻندا ۽ بيان ڏيندا پيا رهن. انهن ڪاروائن، نعرن ۽ بيانن جي آڙ ۾ وقت بوقت سنڌ ۽ سنڌين تي چڙهايون به ٿين ٿيون ۽ سنڌي عوام ريءَ گناهه ڪسيو، ڪٽبو ۽ قابو ٿيندو رهي ٿو. پر ڇا اهي سنڌ ۾ حق جي آواز ۽ مظلوم جي ڳلي کي گهٽي سگهڻ ۾ سوڀارا ٿيا آهن؟

مظلوم جي آواز ۽ احتجاج ڇا حقيقي غدار، سازشي، ڦورو، دهشتگرد ۽ حاڪمن جي ڳچيءَ ۾ ٺوڙهو ٿي نه پئجي ويو آهي؟

جنرل ۽ جنرلن جو ظاهري اقتدار نيٺ ڦٽاڪو ٿي ويو. روپ بدلايو ويو ۽ جمهوريت جو ڍنڍورو ڪندڙ پاڙيتو قاتل سڄي ڌرتيءَ تي قاتل ۽ ڪوڙي جي حيثيت ۾ پڌرا ۽ ثابت ٿي چڪا آهن.

گهاگهه سنڌي سياستدانن جي نڙيءَ ۾ ساڳيو گهوگهو ۽ پيرن ۾ پنهنجي قيمت طور ورتل زر جا زنجير، پنهنجن آقائن ۽ ٻين جي پوئواري ڪندي چوٿين ۽ پنجين ڏينهن رڙهي وڃي تعزيت ڪيائون ۽ ان ڪان ٻه ڏينهن پوءِ اهڙو سوچيل توريل بيان جاري ڪيائون جو ”سڀ جو خير“.

گذريل ڪجهه عرصي ڪان اسان جي ”باعمل“ سياستدانن جي ڪل سياست اخباري بيانن تائين محدود، جڏهن ڪا شيءِ پريس ۾ اچي ته پوءِ ڪندا واويلا، هاڻي ته ان ڪان به ويهجي ويا.

ويجهڙ ماضيءَ ڪان اڻين ئي ٿيندو پيو اچي ته سنڌي پريس جرئت ۽ سچائيءَ سان سنڌي عوام جو نڪتي نظر رکندي ۽ مضبوط دليلن سان پيش ڪندي پئي اچي ۽ اسان جا نام نهاد ليڊر ان ڪان پوءِ ئي سياسي واويلا ڪن ٿا. ٻهارين جي ناجائز اچڻ وارن طريقن تي، ناٽي جي ٻي انصاف ورچ تي، حقيقي آدمشماري لڪائڻ جي سبب تي، پاڻيءَ جي چوريءَ جي مسئلي تي سنڌين خلاف دهشتگرديءَ ۽ ڌاڙ جي مسئلي وغيره تي مضبوط موقف رکڻ واري، خاص طرح گذريل ڪجهه عرصي ڪان جيڪڏهن سنڌي پريس ئي آهي ۽ سياسي اڳواڻ ۽ پارٽيون ان جي ئي پوئواري ڪن ٿيون، ته پوءِ چو نه اها جرئت ڪجي ته سنڌي پريس کي ئي پنهنجو اڳواڻ مڃيو وڃي؟

ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن جي گرفتاري ۽ آزادي، شاهبندر توڙي ڄامشوري پرسان سنڌي ماڻهن جي شهادت بابت تازوئي سنڌي پريس پنهنجو لاجواب ڪردار نڀايو ۽ مضبوط دليل سان پنهنجو ڪيس رکيو. اسين، بهرحال، ڄاڻون ٿا ته پريس ۽ سياسي پارٽيءَ ۾ وڏو فرق آهي، پريس سياسي پارٽيءَ جو ڪردار ادا نه ٿي ڪري سگهي، تنهنڪري وري به سياسي اڳواڻن ۽ پارٽين جو ئي فرض آهي ته هنن صاف ٽيل معاملن تي پنهنجي موقف ۽ حڪمت عمليءَ ڪان سنڌي ماڻهن کي واقف ڪن، سنڌ مٿان چڙهي آيل حقيقي دهشتگرد قوتن ۽ سنڌ جي اقتدار تي ويهاريل دهشتگردن کي پچڻ تي مجبور ڪن. جيڪڏهن هاڻي به سنڌي سياسي پارٽين توڙي عوامي حقن جي دعويدار اڳواڻن پنهنجي پاڙي روئيي کي درست ۽ ٻي عمل ڳالهين کي ڇڏي باعمل مثبت رويو اختيار نه ڪيو ته پوءِ شايد انهن لاءِ اها ئي ڳالهه وڌيڪ درست ٿيندي جيڪا 1938ع ۾ هڪ سنڌي نوجوان (۽ پوءِ ”مجذوب“) محمد امين کوسي پنهنجي هڪ خط ۾ جي ايم سيد صاحب کي چتاءُ ڏيندي چئي هئي...

هڪ پاسي آءٌ سياسي اڳواڻ ۽ سياسي پارٽين کي درخواست ٿو ڪريان، ته اهي سنڌي پريس جي جرئت سبب چيچنڊڙ خبرن ڪان پاڻ کي باخبر رکي باعمل ٿين ۽ ٻئي پاسي سنڌي پريس کي درخواست آهي ته اها جرئت کي هٿان نه ڇڏي ۽ سچ جو عَلم اوچو رکيو اچي ته مظلوم عوام پاران ٻي پناهه عزت جي حقدار رهندي.

(روزاني ”جاڳو“ ڪراچي، 23 جون 1992)
(قلمي نالي ”مهراڻ مگسي“ سان ڇپيل)

## ڇا سنڌين کي هٿيار کڻڻا ئي پوندا؟

ڪجھ ڏينهن اڳ اخبارن ۾ خبر آئي تہ حڪومت، سنڌ توڙي پاڪستان ۾ رهندڙ غيرقانوني پرڏيهي ماڻهن کي ڪڍي ٻاهر ڪرڻ کان لاچار ظاهر ڪيو آهي --- واسطيدار ڏيهہ پنهنجي ڏيهہ واسين کي پاڻ وٽ گهرائڻ جو خرچ نہ ٿا ڀري سگهن ۽ اسان جي حڪومت انهن کي ڪڍي نہ ٿي سگهي! عجيب قسم جي بيوسيءَ جو اظهار آهي. حڪومت، جيڪا پنهنجي ڏيهہ واسين کي تحفظ نہ ٿي ڏئي سگهي، انهن جي روزگار تي لڳندڙ ڌاڙن کي بند نہ ٿي ڪرائي سگهي، پنهنجي ڏيهہ ۾ سمگل ٿي، چوريءَ آيل ۽ غيرقانوني رهاڪن کي ڪڍي نہ ٿي سگهي، ان کي عوام جي حڪومت سڏائڻ ۽ حڪومت ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟

بيوسيءَ جو اهو احساس ڌاڙو ڌڪائيندڙ هو. اهو ڳهاءُ اڃا تازو ئي آهي جو (2- فيبروري واري) اخبارن ۾ دهشتگردن جي حوالي سان خبر آئي آهي تہ اهي سنڌ کي ورهائي ٻہ ٽڪرا ڪري ڇڏيندا، اهي پنهنجي متوازي حڪومت ۽ اسيمبلي قائم ڪندا ۽ ان کي ئي شهري ٽيڪسون ڏيندا، جيڪڏهن ”ڳوٺاڻي“ حڪومت ملير ضلعو ناهڻ تان هٿ نہ کنيو ۽ انهن دهشتگردن جي آڏو گوڏا نہ کوڙيا.

اهي دهشتگرد ۽ انهن جا وڏا 1947ع ۾ هاٺوڪي ڀارت کان مختلف سببن جي ڪري ڀڄي نڪتا ۽ مفلوڪ الحال پناهگير جي صورت ۾ سنڌ آيا ۽ هڪ سازش وسيلي ڪين سنڌ جي وڏن شهرن، خاص ڪري ڪراچي ۾ آباد ڪيو ويو هو.

ٽي صديون اڳ ڪراچي هڪ ننڍو شهر هو جنهن کي ”ايشيا جي ڪنوار“ واري درجي تي پهچائڻ لاءِ سنڌي ماڻهن جي رت ۽ پگهر جي ٽي سَو سال ڪمائي سيڙايل آهي. ڪراچي سنڌ جي ڌرتيءَ جو تاريخي طرح هڪ اهڙو ٽڪرو آهي جنهن کي سنڌ جي دل سڏيو پئي ويو آهي. جذبن ۽ احساسن کي پاسيرو رکي هن ايراضيءَ جو جيڪڏهن ملهہ ڪٿجي تہ اهو ٻہ ڪربين ڪرب رپين ۾ ٿيندو، جنهن تي جوڙيل عمارتون، جنهن ۾ پيدا ڪيل سونهن جو سمورو سامان تاريخي ۽ عملي طرح سنڌي ماڻهن جو آهي، پر ڪالهوڪا پناهگير اڄ انهن ئي سنڌين کي، جن جا وڙ اهي پاڻ-وڪڻي بہ لاهي نہ ٿا سگهن، ڌمڪيون پيا ڏين، نفرت، چڙ، بيزاري ۽ حقارت سان دڙڪا ٿا ڏين تہ پنهنجي ئي تاريخي ڌرتيءَ تي توهان، اي سنڌيو! جيڪڏهن هڪ ٽُڪري جو نالو ”ملير“ رکيو تہ ...

ڪجھ عرصو اڳ هن دهشتگرد ٽولي کي هڪ خاص قسم جي سازش تي عمل ڪرائڻ لاءِ ايجنسين وسيلي مخصوص نموني ”تخليق“ ڪيو ويو هو. ڪين سالن جا سال دهشتگرديءَ جي سکيا ڏني وئي ۽ پوءِ مختلف رجسٽرڊ توڙي اڻ رجسٽرڊ ”اڏن“ جا آتشي هٿيار ۽ بيو بارود ڏئي ڪين ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ عملي تربيت ڏني وئي --- مشاهدو ڪيو ويو تہ اهي ڪيڏيءَ نہ بيدرديءَ، ڪراهت ۽ ”بهادريءَ“ سان جيئرن جاڳندن ماڻهن --- ٻارڙن، جوانن، ٻيڙن ۽ نياڻين جو

ڪوس ڪري، وسندڙ گھرن کي باھيون ڏئي ساڙي رک ڪري، ڪڏڪندڙ ٿھڪڙن ۽ معصوم مرڪن کي موت جي حوالي ڪري، زنده انساني عضون کي ڪوريندي، رڙيون ۽ ڪيھون ڪندڙ ھستين تي بي رحميءَ سان ٺھڪ ڏيندي مھڪندڙ ماحول کي ڏاڍين جو ڏيوارو بنائي سگھن ٿا. سوين خون ٿيا، زوريءَ زنائون ٿيون، انسانيت جي عزت اڇالي وئي، ماڻھپي کي لتاڙيو ۽ گھر اجاڙي ڪروڙ ڦريا ويا پر سندن آڱوٺي کي لوڏو بہ ڪو نہ آيو، الٽو ڪين شاباسون ڏنيون ويون، سندن شاندار ڪارگذاريءَ تي ڏند ٽيڙيا ويا ۽ ڪين ھار پارائي، جلوس ڪڍي اخبارن وسيلي ۽ سندن در تي وڃي شاباسون ڏنيون ويون، جنھن جو نتيجو اھو آھي جو ڪنھن بہ گھڙي ”دمادم مست ڪري سگھن ٿا، رڳو ”اشاري“ ملڻ جي دير آھي.

جيڪڏھن ماڻھپي کي پائمال ٿيندو ڏسي، جمھوريت جو لاش ڪٽائي، حرمتن جون لڄون لٽرائي، ادب، فضيلت، مروت، محبت ۽ خلوص کي لتاڙي خونين، قاتلن، غدارن، مارشلن، دھشتگردن، ڌاڙيلن، سمگلرن، زناڪارن، جاھلن ۽ وحشين جو فصل پوکيو ويندو رھندو ۽ انسانيت سوز حرڪتون ڪندڙ، قانوني، انساني ۽ اخلاقي ڏوھارين کي پاليو ويندو رھبو تہ دھشتگرد ٽولا ”حقيقين“ ۽ ”حق پرستن“ جا پوش پائي جمھوريت ۽ انسانيت جا دعويدار بلڪ نيڪيدار نہ ٿي گھمندا تہ ٻيو ڇا ڪندا؟

سنڌي ماڻھن پاڪستان ٺھڻ کان پوءِ پنھنجي ۽ پنھنجيءَ ڌرتيءَ، قوم، ٻوليءَ، ثقافت، سماج ۽ نفسيات جي خلاف ٿيندڙ سازشن، ارھ زوراين ۽ عملن کان وقت جي حڪمرانن کي جمھوري، قانوني، انساني ۽ اخلاقي طريقي سان انسان ٿيڻ، انسانيت ۽ جمھوريت وڏائڻ ۽ قانون تي عملي طرح قائم رھڻ جو سبق پئي ڏنو آھي. ھنن ھن مھل تائين ڪنھن بہ ثقافتي ۽ نسلي ٽولي ۽ پاڪستان جي ڪنھن بہ ٻيءَ قوم جي نہ تہ ڪا وسندي ويران ڪئي آھي، نہ تہ انھن جي اولاد کي ستايو آھي ۽ انھن جي خلاف نہ وري ڪا انسانيت کان ڪريل ڳالھہ ڪئي آھي. سچ اھو آھي تہ پاڪستان ۾ جمھوريت جا علمبردار ۽ ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ جا مخالف سنڌي ئي رھيا آھن. جمھوريت دوستي، انسان پرستي، اخلاق، مروت، فضيلت ۽ آمريت دشمني سندن سرموڙ وکر رھيا آھن، پر ڪين محبت ۽ ياٽپي جي موٽ گولين، بمن، سازشن ۽ دھشتگردين جي صورت ۾ پئي ملي آھي. سنڌي ھجڻ سبب ستايلن ۽ جمھوريت جي شھيدن جو انگ ۽ سنڌين جي اجاڙيل ۽ ساڙيل وسندين جو دونھون سنڌ ۾ وڌيڪ ھجڻ انھيءَ ڳالھہ جو ثبوت آھي، تہ پاڪستان ۾ جمھوريت ۽ انسانيت ڏوھہ جھڙو ڪم آھن ۽ اھڙا ڪم ڪندڙن کي ھتي سزا ملندي آھي.

ٻئي پاسي، جيڪي ھتي انسانيت سوز ڏوھہ ڪن ٿا، عالمي طرح مڃيل حقن کي اورانگھن ٿا، انفرادي توڙي اجتماعي طرح غداريون ۽ سازشون عمل ۾ آڻن ٿا، قتل، دھشتگرديون، زوري زنائون، ڦرلٽ، ھيراقيري، داداگيري، ڏاڍ، ڌڪاءُ، ظلم ۽ انڌير نگري مچايو وينا آھن، لاقانونيت، ڀڳھڙائپ، وحشت ۽ استبداد پکيڙن ٿا، مارشل لا مڙھن ۽ ڏيھہ واسين جي خونن تي سودي بازي ڪن ٿا، اھي ھتي ھر قسم جي پڇاڻي کان آزاد آھن، معزز شھري آھن، اقتدار جا ڏڻي آھن، ڪين

عزت ملي ٿي ۽ پاڻ فخر سان ڪنڌ ڪٽي گهمن ٿا، حڪم انهن جو هلي ٿو ۽ ڏيهه جا والي وارث اهي ئي آهن.

اهڙيءَ حالت ۾ وطن دوست، جمهوريت پسند ۽ ظلم مخالف قوتن لاءِ ڪهڙي راهه اختيار ڪرڻ جو ڏگ ڪليل آهي؟ انهن ڪي ڪهڙي واٽ اختيار ڪرڻ ۽ ڪهڙو رستو چڱڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي؟ ڇا سنڌي ماڻهن کي اهو سبق نہ پيو ڏنو وڃي تہ توهان جي جمهوريت دوستي ۽ انهيءَ کي قائم رکڻ لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ ڏنل قربانيون محض هڪ فضول ڪم آهن ۽ اسين جيڪي اوهان جي انهن ڪمن سبب توهان جي ڪلهن تي چڙهي اقتدار جي ايوانن تائين پهتا آهيون، اهي پاڻ دهشتگردن ۽ قاتلن جا هٿ ٻڌا ٻانها آهيون ۽ انهن سان سودي بازيون ڪري اوهان جي ئي ڏيهه خلاف ٿيندڙ سازشن ۽ غدارين کي وڌائي انهن جون ڳالهيون مڃينداسون جيڪي جمهوريت جا دشمن آهن؟ ڇا اهي اهو سبق نہ پيا ڏين تہ عزت، قدر ۽ مڃتا لائق اهي آهن جن جي هٿ ۾ هٿيار هجن ۽ جن انسانيت جو ڪوس ۽ دهشتگردي پئي ڪئي آهي؟ ڇا پاڪستان جي 47- ورهي تاريخ اهو هڪ ئي سبق نہ پئي ڏئي تہ ملڪ جا حقيقي والي وارث رڳو اهي هوندا جيڪي سازشي، فتني باز، خوني، غدار، دهشتگرد، سوديبازي ڪندڙ ۽ ڏوهاري هوندا؟ ۽ ڇا اهو سبق نہ ٿو ڏنو وڃي تہ اقتدار ۾ حڪم اوهان جو تڏهن هلندو جڏهن توهان جي هٿن ۾ هٿيار ۽ بارود هوندو؟

ڇا پاڪستان ۽ سنڌ ۾ رهندڙ غيرقانوني پرڏيهي ايڏا معزز ۽ شريف آهن جو جيستائين سندن حڪومت کين جهازن تي چاڙهي، عزت ۽ احترام سان نہ سڏائي يا پاڪستان حڪومت سندن لاءِ آرامده سواريءَ جو بلو نہ ڪري تيستائين کين هٿ بہ نہ لاتو وڃي؟ ڇئبو تہ ملڪ جا حقيقي وارث اهي پرڏيهي غيرقانوني ئي آهن!

ڇا پاڪستان ۽ سنڌ جا دهشتگرد ايڏا معزز ۽ شريف ماڻهو آهن جو جيستائين سندن راضپو حاصل نہ ڪيو ويندو، تيستائين پنهنجي ڏيهه جا حقيقي ۽ تاريخي وارث ايڏا لاچار هوندا جو پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي ئي ڏيهه ۾، پنهنجي ئي ووٽ سان چونڊيل حڪومت ۽ اسيمبليءَ وسيلي رڳو هڪ ننڍو انتظامي يونٽ بہ نہ ناهي سگهندا؟

ڇئبو تہ سنڌ جا حقيقي مالڪ اهي دهشتگرد ۽ قاتل ئي آهن!

جيڪڏهن ووٽ وسيلي چونڊيل حڪومت ۽ جمهوري جدوجهد جي راهه تي هلندڙ ڏيهه واسي قانون جي ڏوهارين ۽ دهشتگردن آڏو ڪجهہ بہ ناهن، تہ پوءِ انهن لاءِ رڳو هڪڙي واٽ ئي بچي ٿي جنهن تي هلي اهي هن ڏيهه ۾ عزت، مانَ، مڃتا، اقتدار، حڪم ۽ مالڪي حاصل ڪري سگهن. دهشتگردي ۽ لاقانونيت کي ختم ڪرڻ جو هڪ ئي عالمي طرح مڃيل اصول آهي تہ اهڙن ڏوهارين کي چيپاٽي ڇڏيو، ۽ جيڪڏهن ووٽ جي قوت، جمهوريت ۽ حڪومت دهشتگردي ۽ لاقانونيت آڏو بيوس آهن تہ پوءِ اهو ڪهڙو عمل آهي، جنهن وسيلي ان دهشت ۽ لاقانونيت کي ختم ڪري سگهجي؟

قانون ۽ عدل ان ئي عمل جو نالو آهي، جنهن وسيلي قانون جي ڏوهارين کي چيپاٽي ختم ڪيو وڃي. قانون ۽ عدل جيڪڏهن ووٽ ۽ حڪومت ۽ عدالت وسيلي نہ ملي تہ ڇا ڪجي؟

پنهنجي ڌيهه تي چڙهي آيل ۽ ان جي بيحرمتي ڪندڙ قوتن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ ۽ چيپاٽي چڏڻ وطن دوستي آهي. خدانخواسته، پاڪستان تي جيڪڏهن ڪي دشمن قوتون چڙهي اچن ته پاڪستان جي والي وارثن کي ڪهڙي راهه اختيار ڪرڻي پوندي؟

ڇا دشمن قوتن کي ايلاز منٿون ڪري پرچايو ويندو؟ جواب جيڪڏهن ”نه“ آهي ته پوءِ سنڌ وطن دوست قوتن ۽ حڪومت لاءِ ڪهڙو اڪيلو ڏڳ بچي ٿو؟

ڇا سنڌين لاءِ پنهنجي وطن جي تحفظ لاءِ هٿيارن کڻڻ ۽ قوت جي استعمال کان سواءِ ڪو ٻيو ڏڳ بچيو آهي؟

(روزاني ”جاڳو“ ڪراچي، 20 فيبروري 1994ع)

## پاڪستان کي ڏوهارين جو ڪيت نه ٿاهيو

ڪنهن به ڏينهن جي ڪا به اخبار کڻو، ان ۾ ڪي نه ڪي، ڪن نه ڪن ڏوهن جون خبرون پڙهڻ لاءِ ملي وينديون. هتي جمع جو صيغو ڪم آندو ويو آهي، يعني ڪن نه ڪن ڏوهن جون ڪي نه ڪي خبرون!

اڄ رمضان المبارڪ جي عيد جو ڏينهن آهي ۽ اخبار به رڳو هڪڙي يعني روزاني ”برسات“ ڪراچي جون هيٺ ڏنل خبرون پنهنجن نظرن مان ڪيو:

- ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ 3- ڄڻا قتل، 7 زخمي.
- خيرپور ۾ مذهبي وڳوڙ، تحريڪ جعفريه پاران 28 ماڻهن خلاف ايف آءِ آر داخل.
- ڪراچي اندر ڇئن ڪارن ۽ ستن موٽر سائيڪلن جي ڦر.
- سپر هاءِ وي تي هٿياربند عورتن پاران ڦر، ٻه ڄڻيون عوامي ڪوچ مان 90- هزار رپيا ڦري رستي ۾ لهي ويون.
- زيارت جي ڊِي سِي جي ”راڪيٽي“ هٿان اغوا ٿيڻ جي تصديق ٿي وئي.
- جام ڪندي ڳوٺ ۾ گهر تي حملو، 8- ياتي زخمي.
- بفر زون ڪراچي جي مدرسي ۾ زوردار ڌماڪو.
- موري شهر لڳ مقابلو، 2- بدنام ڌاڙيل ۽ 2 فوجي مارجي ويا.

اهي سڀ خبرون رڳو هڪ صفحي يعني مهڙ-صفحي (front page) تان ڪنيون ويون آهن ۽ اِهي اُهي خبرون آهن، جن کي ڪلي عام ڏوهه سمجهيو وڃي ٿو. انهن ۾ ڦر، اغوا، ڪاهه، دهشتگردي ۽ ڌاڙن سان گڏ قتل جون خبرون آهن.

ڏوهه (crime) جون ٺلهي ليکي ٽي وضاحتون پيش ڪري سگهجن ٿيون:

1. هڪ اهڙو عمل جنهن لاءِ قانون سزا مقرر ڪري ٿو،
2. بيوقوفيءَ وارو يا غلط عمل، جيڪو ضروري ناهي ته قانون جي پڇڪڙي هجي، ۽
3. (فوج ۾) قاعدن جي پڇڪڙي (ضروري ناهي ته هرويرو سِول قانون جي خلاف هجي).

ڏوهه جي، خاص طرح پهريُن ٻن تشريحن جي روشنيءَ ۾ هيٺ ڏنل خبرن تي هڪ نظر وجهو. اهي خبرون به رڳو هڪ ئي اخبار ”برسات“ 14- مارچ، 1994ع (يعني ”عيد“ جي ڏينهن واري) تان ورتل آهن:

- سنڌ جي حصي جو پاڻي پنجاب ۾ چوري ڪري ٻن وڏين شخصيتن جون زمينون سيراب ڪيون پيون وڃن. سنڌ ۾ لکين ايڪڙ زمين بنجر ٿيڻ جو خطرو. موجوده صورتحال چام صادق دور ۾ ڪيل پنجاب حڪومت سان سنڌ جي پاڻي جي سودي جو نتيجو آهي.
- سپاهي اوڊي جي قتل جي جوابدار جي ڳولا جاري. جوابدار جو پيٽوپو ”ضمير“ چئن ڏينهن کان ڪاٺ ۾. سندس پيڻ 10- ڏينهن کان پنهنجي ئي گهر ۾ يرغمال بڻيل.
- ٺٽي شگر مل جا پورهيت عيد جي پگهارن کان محروم.
- بائجي لڳ مختلف ڳوٺن مان 4- ماڻهو گرفتار، پوليس پاران ”عيد خرچي آپريشن“ ۾ في ماڻهو تي پنج سوَ کان هڪ هزار رپيا مقرر.
- ڏتي بخش خاصخيلي ڳوٺ جا ڳوناٽا عيد تي به آزاد نه ٿيا. ايئرپورٽ پوليس پاران في ماڻهو 50- هزار رپين جي گهُر، ڳوناٽن کي ڌمڪيون.

سنڌ جو پاڻي جيڪڏهن چوري ٿو ٿئي ته ڇا اهو هڪ ڏوهه ناهي؟ اهو هڪ صوبائي حڪومت ٻئي صوبي جي خلاف ڏوهه پئي ڪري. آباد ٻنيون ۽ وسندا ڪيت اجاڙڻ ڇا هڪ ڏوهه ناهي؟ اهو به هڪ صوبائي حڪومت پاران پنهنجي هم وطن ٻئي صوبي جي عوام خلاف هڪ ڏوهه آهي. سنڌ جي اڳوٽي وڏي وزير پنهنجي صوبي خلاف ڪيڏو نه وڏو ڏوهه ڪيو آهي؟ ملزم جي پيڻ گهر ۾، پيٽوپو جيل ۾ قيد آهي، ڇو؟ حڪومتون ۽ انتظاميائون ته قانون جي تحفظ، بيڏوهن جي سنڀال ۽ ستايلن جي سار لاءِ هونديون آهن --- اهي ئي قانون ڪٽي پنهنجي هٿ ۾ ڪن، وسنديون ويران ڪن ۽ گهر اجاڙن، ته قانون جو ڇا ٿيندو؟

پاڪستان ۾، جيڪا به ڇڳائي آهي، جيڪو به ڪم سنو سڌجي ٿو، ان جو مقدار گُهٽندو پيو وڃي ۽ جنهن عمل کي برائي سڏجي ٿو، وَڌي پيو. ڇڳائين جي حوالي سان ڪيل درجيبنديءَ ۾ پاڪستان جو نالو وڃي ٿو هيٺ کان هيٺ ڪِرندو ۽ برائين جي حوالي ڪيل درجيبنديءَ ۾ پاڪستان جو نالو وڃي ٿو چوٽ، اوج تي پهچندو. لڳ ڀڳ به سَو ملڪن جي قطار ۾ پاڪستان اڄ پنجين نمبر تي آهي، برايون هتي ان رفتار سان پليون آهن!

چيو ٿو وڃي ته سينيٽ جي مخصوص چيئرمئن کي چوند ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ بگٽيءَ جنهن ماڻهوءَ کي ڇڏائڻ جو شرط وڌو آهي، اهو هڪ بين الاقوامي سمگلر آهي. وحيد بلوچ جن کي ڇڏائڻ لاءِ بک هڙتال ڪئي آهي، اهي پڻ ڏوهاري ڇيا وڃن ٿا ۽ سرحد حڪومت لاءِ ويڙهاند جو بنيادي موضوع به ”مال“ تي قبضي داري رکڻ آهي. عرفان مروت جون ارهه زورايون ڪنهن کان

لکل آهن، سميع مروت اڄ ان تي شاهد ٿي بيهڻ لاءِ تيار آهي ۽ سندس ڪيترائي پول پڌرا ڪري چڪو آهي. امتياز شيخ به وينو آهي. ايم ڪيو ايم جو هر گهربل ڏوهاري (ٻن ڪان سواءِ) اڄ به پاڪستان ۾ موجود آهن، پر ڪنهن جي به وار کي لهس نه ٿي اچي.

اسيمبلي ميمبرن جون خريداريون، ”گهوڙن“ جا اگهه، وفادارين جي بدل سدل، ڊوڪي بازيون، ڳجهه ڳوهه ۾ مخالفن سان ناهه، ڇا اهي سڀ ڏوهه ناهن؟ حڪومت جو ڪهڙو عهدو آهي، جنهن لاءِ سوديبازي نه ٿي ٿئي؟ عوام جي نمائندن جو اگهه مقرر آهي ۽ کلي عام پيو ٿئي!

آفيسن ۾ رشوت رڳو رشوت ناهي، داداگيري به آهي-- پيسا ڏيو، نه ته توهان جو جائز ڪم به نه ٿيندو، جيڪا ڪاهٽي اتوَ وجي ڪاهيو.

تعليم کاتو، صحت کاتو، پرڏيهي واپار جو کاتو، بجلي کاتو، جنرل آفيسون، انتظامي ادارا، ڪورٽون، جيل، ٿاڻا، سرحدون، ڇا بچيو آهي، جنهن لاءِ چئي سگهجي ته اتي ڏوهه نه ٿو پلجي؟

ڄام صادق دور ۾ اربين رپين جي مختلف ادارن مان ڦرلٽ ته رڳو حڪومت پاران ڪئي وئي، جنهن لاءِ ڏهاڙي ڪنهن نه ڪنهن کاتي ۾ ڪروڙن رپين جو ذڪر گذريل پندرهن ڏينهن کان ”برسات“ ۾ اچي پيو. ٻيون اخبارون ۽ رسالا به ان حڪومت جي ڏوهاري ڪرتوتن کي پڌرو ڪندا پئي رهيا آهن. ڄام صادق سنڌ کي ٽين وال ڪري مال پنهنجن خوشامدڙين ۾ ورهائي ڇڏيو، يا ساٿس ڏاڍ ۾ ساٿ ڏيندڙن کي بخشي ڏنو. هو مري ويو پر ڪيس ته مئلن تي به هلندا آهن. گيليلو کي پنج سَو ورهه اڳ هڪ ڪورٽ ڏوهاري سڏيو پر تازو ئي ان تي ويهاريل بينچ ڪيس بيڏوهي ۽ چرچ کي گيليلو جو ڏوهاري قرار ڏنو آهي. ڏوهاري جنرلن جون قبرن مان هڏيون ڪڍي ڪين ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو آهي. اسلامي روايتن جو ادب ڪندي ڄام جي هڏين کي پلي ڪجهه نه چئو پر سندس ڏوهن کي عدالتن ۾ ثابت ته ڪري سگهجي ٿو ۽ انهن ڏوهن ۾ جن سندس ساٿ ڏنو، انهن بابت ڇا ٿا چئو، اهي ته جيئرا جاڳندا آهن ۽ انتظاميا جي اهم عهدن تي وينا ٿاڏيون پيا ڏين، سندن ڪنڌ ۾ نوڙي ڇو نه ٿا وجهو؟

سنڌ آپريشن دوران ڀاهتر جرڪن جي ڳالهه عام بڌي وئي. ڪين ڏوهن ۾ ملوث قرار ڏيندڙ هن ملڪ جو سڀ کان مٿانهون ”محافظ“ ادارو هو! ڀاهتر ئي جرڪا ڌاڙن، خونن، دهشتگرديءَ، چوريءَ، اغوا، ڦرلٽ، ڀاتاريداريءَ ۽ ٻين سوين بدمعاشين ۾ گهريل هئا، پر جن ”محافظن“ جي ذاتي جهازن ۾ منشيات جي سمگلنگ پئي ٿي، جن پنهنجي ئي ملڪ سان عظيم غداريون ڪري ان کي ڀاڱا ڀاڱا ڪري ڇڏيو، اهي ڄاتل سڃاتل ماڻهو جيڪي ٻين ملڪن جا خريد ڪيل ايجنٽ هئا ۽ اڄ سرڪار جي اهم عهدن تي الوليون وينا ڪن، جن آئين جون ڌڄيون اڏائي ڇڏيون ۽ جن ملڪ جا سودا ڪيا انهن کي ڇو نه ٿا ڪجهه چئو؟

دهشتگردن جي ڳچيءَ ۾ سوين خونن جا ڪيس آهن، انهن ڌاڪين گهر ويران ڪيا ۽ ڪڏڪندڙ معصومن کان به ڪيهون ڪرائي ڇڏيون، سندن پويان عدالتن جا وارنٽ آهن، انهن کي ڀڄايو ۽ لڪايو ويو آهي؟ جيڪي انهن کي ڀڄائڻ ۽ لڪائڻ ۾ ملوث آهن، ڇا اهي ملڪي قانون موجب ڏوهاري ناهن؟ انهن کي ڇو نه ٿا واڙيو؟

دهشتگردن جا سردار لنڊن، نيويارڪ، بون ۽ ايمسٽرڊم ۾ ويهي، سرڪاري طرح موڪلون وٺي، پرڏيهه توڙي ڏيهه ۾ خطاب پيا ڪن، جلسا پيا ڪرائين ۽ ڪلي عام ملڪ کي توڙي دشمن جي حوالي ڪرڻ تا گهرن. ڇا انهن جو وار ونگو ٿيو آهي؟ هتي ته انهن کي پرچائڻ لاءِ ڏهاڙي پنڌ پيا ٿين ۽ کين ايلاز ٿا ڪيا وڃن، ته اسان کي سينيٽ ۾ ووٽ ڏيو، اسين توهان جي هزارين ڏوهارين تان هزارين ڪيس ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. قاتل، خوني ۽ دهشتگرد ته بيشڪ ڏوهاري آهن، انهن کي ته ڪجهه ٿئي التو کين بچايو پيو وڃي، کين بچائڻ ۾ جيڪي سهڪاري آهن، اهي ڇا ڏوهاري ناهن؟

هر مجرم پنيان هڪ، ڪنهن نه ڪنهن سياسي پارٽيءَ يا ملڪ جي ڪنهن وڏي ”صنعتڪار“ (منشيات فروش) جي ٽيڪ ڏيڪارجي پئي. ڏوهارين پناهه ورتي آهي سياسي پارٽين ۾، پوءِ اهي اختلافي ڌر ۾ هجن يا حڪومتي اقتدار ۾. ڏنا وائنا ۽ ڄاتل سڃاتل مجرم حڪومت جي ڪليدي عهدن تي قابض ٿي ويا آهن ۽ کين آفيشل پروٽوڪول پيو ملي ۽ جي عهدن تي قابض ناهن انهن جي هلندي اڃا به وڌيڪ آهي. ضمير جا مجرم، عوام جا مجرم، ڏيهه جا مجرم، وطن ۽ قوم جا مجرم نٽ ۽ نانگر سان ڪنڌ ۾ ڪلي هنيو اڀا ٿيو پيا گهمن ۽ ظاهر ظهور کين ظهرانه، عزتون ۽ مان پيا ملن، وردي پوش ماڻهو سندن آڏو اٽينشن ٿيو بيٺا آهن ۽ کين سئليوٽ پيا ڪن.

سينيٽ جي چونڊ لاءِ ڏوهه پيا ٿين ۽ انهن کي ٽيڪ ملي ٿي، اسيمبلي چونڊن لاءِ ڏوهه پيا ٿين ۽ کين ٽيڪ ملي ٿي، اهم ترين انتظامي عهدن لاءِ ڏوهه پيا ٿين ۽ کين ٽيڪ ملي ٿي، ويندي پٽيواليءَ تائين، ڪو نه ڪو ڏوهه لڪو پيو آهي. سمگلر، قاتل، نشو وڪڻندڙ، دهشتگرد، پاتاريدار سڀ لڏ ۾ آهن، سندس مانُ ۽ شانُ ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو وڌندو.

حڪمرانو! ڪو به هڪ ڄاتل سڃاتل مجرم ٻڌايو، جنهن کي توهان ڪورٽ ۾ ڇڪي ڪيس سندس ڏوهه جي قانوني سزا ڏياري هجي. اهو نه، ته اهو ٻڌايو ته توهان ڪهڙي ڄاتل سڃاتل مجرم جي مانَ شانَ کي وڌائڻ ۾ حصو نه ورتو آهي ۽ ڪيس ڪاٽ ۾ واڙيو آهي؟

ياد رکجو! اڄ، ڏوهه ڪرڻ ۽ ڏوهه وسيلي ڪاميابي ماڻي عزت حاصل ڪرڻ لڳ ڀڳ هر ماڻهوءَ جو سندر سپنو بنجي ويو آهي. مائرون، پيئر، پائر، پينرون ۽ زالون واسطيدار هر ڪمائيندڙ فرد کي ڏوهه تي آماده پيون ڪن. ڏوهه جي زندگي عزت جو نشان بنجي وئي آهي ۽ جيڪو ڏوهه نه ٿو ڪري، رُڪي سُڪي، سچ پچ عزت لائق زندگي پيو گذاري، ان کي ٽوڪ ۽ لعنت جو، ڌڪار ۽ ڦٽڪار جو نشانو بنايو پيو وڃي.

اڄ، وڏيرڪين ٻنين ۾، ڪروڙ پتين جي ڪارخانن ۾، انتظاميا جي عهدن ۾، حڪومت جي حاڪمن ۾، سياسي پارٽين جي سرير ۾ ڏوهہ لڪا وينا آهن ۽ عزت سان پيا پلجن. سوين هزارين ماڻهن جي اکين ۾ ڏوهه جو نشان هڪ خواب تي اٽڪي پيو آهي، ڏوهه کي جي ٻجو نه ڏنو ويو، ته پاڪستان جي زمين جو هر هڪ انچ ڪنهن نه ڪنهن ڏوهاريءَ کي جنم ڏيندو ۽ مجرمن جي وچ ۾ هڪ وڏي ڇتاپيتي شروع ٿي ويندي. اڄ اها ڇتاپيتي ڪجهه نه ڪجهه محدود آهي، سياڻي جڏهن ڄٽ ڪٽ شروع ٿي وئي، ته پوءِ...

(روزاني ”برسات“ ڪراچي، 17 مارچ 1994ع)

## ڌاڙيل، دهشتگرد ۽ سنڌي عوام

سنڌ جو هر شهر ۽ هر ڳوٺ ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جي وَر چاڙهيو ويو آهي. ڪٿي بہ سُڪون، امن ۽ انصاف ڪونهي. هر حقيقي ۽ شريف رهواسي بي چينيءَ ۽ اوجاڳي جي ننڊ سمهي ٿو ۽ ڳڻتيءَ ڀريو ڏينهن گهاري ٿو.

جيتوڻيڪ امير يا غريب، سُکيو يا ڏُکيو، ڪو بہ سنڌي ان اذيت کان بچيل ناهي، پر خاص نشانو اهي سنڌي آهن جيڪي ننڍي وڏي واپار وڙي، وڪالت، ڊاڪٽري، انجنيري، ڪارخانيداري، ڪاتيداري يا ڪنهن ٻئي ايري سيري ڌنڌي وسيلي ڪجهہ خوشحال ٿيا آهن. سنڌ جو ڪو بہ ضلعو يا تعلقو، شهر يا ڳوٺ دهشتگردن ۽ ڌاڙيلن کان بچيل ناهي، ۽ سمورا سنڌي چاڻن ٿا تہ هڪ مڪروهہ ۽ انسان دشمن سازش وسيلي سنڌي ماڻهن، سندن شهرن ۽ ڳوٺن، سندن گهرن ۽ ٻنين، سندن ڪارخانن ۽ مال ملڪيت کي تباهہ ڪيو يا ڦٻايو پيو وڃي. هن وقت تائين سوين هندو سنڌين کي رڳو ان ”ڏوهہ“ جي ڪري لُڏايو ويو آهي جو اهي مسلمان ناهن ۽ سوين مسلمان توڙي هندو سنڌين کي سنڌ جي ٻئي شهرن ۾ دهشتگرديءَ جو نشانو ان ڪري بڻايو ويو آهي جو اهي سنڌي آهن، ”مهاجر“ ناهن. هندو تہ ڀارت لڏي وڃن پر مسلمان ڪاڏي وڃن؟ ۽ جي اُهي بہ نِڪرن، تہ سنڌ ۽ سنڌين جو ڇا ٿيندو؟جڏهن تہ سڄيءَ سنڌ کي ”ڌاڙيل“ سڏي هر جاءِ چانوٽيون، برگيڊون ۽ ٿاڻا وجهي، سڄي سنڌ قيدخانو ۽ سمورن سنڌين کي غلام ۽ قيدي بڻايو ويو آهي. ڌاڙيل جي نالي ۾ بيگناهہ سنڌي پيا ڪُسن، ڦرجن ۽ قيد ٿين. جيڪو ٿو اچي --- فوجي هجي يا پوليس مئن، دهشتگرد هجي يا ڌاڙيل --- سنڌين کي ٿئي ماريو، ڦريو، الهہ تلهہ چٽ ڪريو وڃي. جيئڻ جنجال ۽ مرڻ ٻوڳ بڻايو ويو آهي. جا مصيبت ٿي ڪَڙڪي، سا سنڌيءَ جي گهر تي. پنهنجي ڌرتيءَ جي شهرن ۾ پناهگير بہ سنڌي، اوپرو بہ سنڌي، تہ راهہ رلايل بہ سنڌي. اسين سمجهون ٿا تہ اهو سڀ ڪجهہ هڪ مڪروهہ سازش ۽ سنڌي-دشمن ڪاروائيءَ وسيلي عمل ۾ آندو پيو وڃي. سنڌين کي سنڌ مان لوڏي ڪڍڻ جي سازش، سنڌين کي فلسطينين ۽ ريڊ انڊين جيان بي وطن بڻائڻ جي سازش، سنڌين کان سندن وطن ۽ ڌرتي کسڻ جي سازش ۽ ان سازش تي ڏاڪي بہ ڏاڪي عمل ڪيو پيو وڃي.

ڀارت کان جهيڙاڪر پيا گهرايا وڃن، تہ بنگال مان ٻهارِي: برمي، بنگالي، افغاني، ايراني --- جو ٿو پنهنجي ملڪ مان ڀڄي، تہ ڪٿي بہ ساهي نہ ٿو ڪري، سرحد ۽ پنجاب کان ٿيندو، ڏو اچيو سنڌ ۾ ڪَري، تان جو پنجابي ۽ پٺاڻ بہ سنڌ ڏانهن ئي ڌوڪيندا پيا اچن. سنڌين جي ڪوس جو پڇاڻو ئي ڪونهي. اڄ ڏينهن تائين، گهٽا آهن دهشتگرد ۽ فوجي قاتل، جي قيد ٿيا ۽ ڦاهيءَ چڙهيا هجن؟ ۽ گهٽا آهن حقيقي ڌاڙيل، جي ٿياس چڙهيا هجن؟ ڌاڙيل ۽ دهشتگرد پڪڙڻ جي بهاني

قانون لاڳو ڪندڙن ۽ پوليس بيگناهه سنڌين کي وڏيڪ عذاب ۾ وڌو آهي يا ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن کي؟

جيڪي نشي جو انسانيت دشمن ڪاروبار ڪن ٿا، سمگلنگ ۽ انساني وڪري جي ڌنڌي ۾ ملوث آهن، بي ايمانيءَ ۽ ٺڳيءَ ڪري معصوم انسانيت کي ڦريندا پيا رهن، جيڪي ڪَمي ڪاسبيءَ جو پورهيو هڙپ ڪن ٿا، چڪلا ۽ شراب خانا پيا هلائين، داداگيريون ۽ رهزنيون پيا ڪن --- جا برائي تي سنيري، اها ڪندڙ ۽ ان جا سنپاليندڙ عيش ۾ آهن. بيگناهه سنڌين ۽ معصوم عوام کي ئي هر قسم جي اذيت ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي. جيڪي به چار ليسن (لائسنس) ذاتي حفاظت لاءِ مليا هئا، اهي به رد ڪيا پيا وڃن، جڏهن ته دهشتگرد جاوا پيا ڪن، ڌاڙيل چيڪ پيا گهمن، پاٿاريدار محفوظ آهن ۽ دهشتگردن جي سردارن کي حاڪمن وارو مرتبو مليل آهي.

(جاڳو ڪراچي، 30-جنوري 1991ع)

(قلمي نالي ”ساجد“ سان ڇپيل)

# سنڌ جي بندرگاهه خلاف سازش جو تاجي پيٽو

اسڪيم جي شروعات

”عوامي آواز“ (14-جنوري 1997ع) خبر ڏني آهي ته ”برطانيا سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي کي فري پورٽ (آجو بندرگاهه) بنائڻ جي تجويز ڏني آهي ۽ برطانيا جي وزيراعظم جان ميجر پاران پاڪستان جو ٽن ڏينهن وارو دورو به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. اعتماد جوڳن ذريعن موجب برطانيا پاڪستان کي آڇ ڪئي آهي ته جيڪڏهن هُو ڪراچي کي فري پورٽ ناهي ڇڏي ته پاڪستان جا سمورا اقتصادي ۽ سياسي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا ۽ پاڪستان تي جيڪو به پرڏيهي قرض آهي اهو به لهي ويندو. ذريعن موجب برطانيا چاهي ٿو ته ڪراچيءَ کي نئون هانگ ڪانگ بنايو وڃي ۽ موجوده هانگ ڪانگ ۾ جيڪي ملٽي-نيشنل (گهڻ- قومي) ڪمپنيون آهن سي پنهنجو سمورو ڪاروبار ڪراچي منتقل ڪري ونن... ذريعن موجب هانگ ڪانگ جي ملٽي-نيشنل ڪمپنين پاڪستان کي آڇ ڪئي آهي ته جيڪڏهن ڪراچيءَ کي فري پورٽ بنايو وڃي ته اهي پنهنجي سڄي ڪاروبار کي ڪراچي ڪٽي اينديون ۽ پاڪستان تي آءِ ايم ايف (انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ) ۽ عالمي بئنڪ جو ۽ ٻيو پرڏيهي قرض لاهي ڇڏينديون. ملٽي-نيشنل ڪمپنيون ۽ دنيا جا چند وڏا سيڙپڪار سينٽرل ايشيا جو مارڪيٽ حاصل ڪرڻ چاهن ٿا.

جان ميجر انهن ڏينهن ۾ ڀارت، بنگلاديش ۽ پاڪستان جي سرڪاري دوري تي نڪتل هو ۽ هن جيڪو ڪجهه بيان ڪيو آهي، ان کي برطانيا سرڪار جي نڪتي نظر جي ترجماني سمجهڻ گهرجي. برطانيا اڄ به فوجي طرح، ٽيڪنالاجي جي حوالي سان اقتصادي حيثيت ۾ دنيا جي سپر پاور ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ ان جي سامراجي سياسي سرت جي ڌاڪ اڃا سوڌو آمريڪي، يورپي

توڙي دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن تي وينل آهي ۽ ان حيثيت ۾ هُو بين الاقوامي سامراجي قوتن جي هڪ نمائندي جي حيثيت رکي ٿو. جان ميجر هن وقت برطانيا جو ٻيو پيرو چونڊيل ۽ هڪ فعال وزيراعظم آهي. هو برطانوي تاج جو وفادار هڪ ذميوار ۽ سڀ کان متاهين انتظامي عهديدار جي حيثيت ۾ ڄاڻايل ملڪن جي سرڪاري دوري تي نڪتل هو. انهيءَ دوري ۾ هن سان گڏ انهن سرمائيدارن جو هڪ وفد به هو، جن جون گهڻ-قومي ڪمپنيون هانگ ڪانگ ۾ موجود آهن. هانگ ڪانگ هن ئي سال جي ڪنهن مهيني، شايد جولاءِ ۾، چيني حڪومت جي حوالي ٿيڻو آهي. چيني حڪومت پاران توڙي جو ڪي ئي ڀيرا ورجائي اعلان ڪيل آهي ته هانگ ڪانگ جي بنيادي معيشتي ڍانچي ۾ ڪا به قيرقار نه ڪئي ويندي ۽ اهو جيئن جو تيئن رهندو، سواءِ ان جي ته ان جو اقتدار اعليٰ چيني حڪومت جي حوالي هوندو، پر پوءِ به عالمي سرمائيدار ڊنل آهن ته متان سندن استحصالي ۽ ڇڙواڳ ڦورو مفادن کي ڪو ڇيهو پهچي، تنهنڪري اهي هانگ ڪانگ جو متبادل ڳولڻ ۾ هٿ ڪرڻ گهرن ٿا. برطانيا معاشي پيداواري سرشتي جي حوالي سان هڪ سرمائيدار ملڪ آهي ۽ عالمي سامراجي قوتن جي ڇڙواڳ ڦورو مفادن جي تحفظ لاءِ هڪ نمائندو پڻ. تنهنڪري ڪيس ظاهر آهي ته انهيءَ طبقي جي استحصالي مفادن جي نگهبانيءَ جو اونو پڻ شديد آهي، جنهن لاءِ هو چاهي ٿو ته سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي کي هانگ ڪانگ جي متبادل طور آڇي بندرگاهه وارو علائقو قرار ڏنو وڃي. ان پاران پاڪستان جي حقيقي حڪمرانن کي، جن ۾ پنجابي سرمائيدار ۽ جاگيردار ڇانيل آهن، هرڪائڻ ۽ لالچائڻ لاءِ هڪ اهڙي ڇپاڙيل هڏي اڇلائي ڏيڻ جي آڇ ڪئي وئي آهي جنهن تي لکيل آهي ته اها ڪائڻ سبب پاڪستان جا، جنهن جو مطلب آهي پاڪستان جي حقيقي حڪمرانن جا، معاشي ۽ سياسي مسئلا حل ٿي سگهندا. علائقو سنڌ ۽ سنڌين جو، مفاد بين الاقوامي ڦورو سرمائيدارن ۽ سندن جوڙيوالن جو، جن ۾ برطانوين سان گڏ آمريڪي، فرينچ، جرمن وغيره عالمي ڦورو ۽ سامراجي به شامل آهن ۽ ڏس پتو ۽ لالچ وري پاڪستان جي حقيقي حڪمرانن کي، ته سندن معاشي ۽ سياسي مسئلن جو حل سنڌ جي ان بندرگاهه ۽ علائقي کي آجو بندرگاهه ۽ خودمختيار علائقو قرار ڏيڻ ۾ آهي!

عالمي سرمائيدار ۽ سامراجي قوتون نيٺ، چين جي اقتدار اعليٰ هيٺ، جهڙو آهي تهڙو، هانگ ڪانگ قبول ڪرڻ لاءِ ڇو تيار ناهن؟ انهي سوال جا به ممڪن جواب هي آهن:

1. عالمي سرمائيدار ۽ سامراجي هانگ ڪانگ متان چين جي اقتدار اعليٰ قائم ٿيڻ کان ڊنل آهن ۽ هو سمجهن ٿا ته سندن ڇڙواڳ ڦورو مفاد صحيح نموني پورا نه ٿي سگهندا.
2. اهي نه ٿا چاهن ته گهڻ قومي ڪمپنين کان ملندڙ ٽيڪس ۽ ٻيو نفعو چيني حڪمرانن کي ملي، ڇو ته اهي متان ان کي عوامي مفاد ۾ استعمال ڪن يا سندن ئي ڦورو مفادن کي ڇيهو رسائن.

پنهنجا معاشي ۽ سياسي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هڪ آجي بندرگاهه، خودمختيار علائقي ۽ پرڏيهي گهڻ-قومي سرمائيدار ڪمپنين جي موجودگيءَ واري اسڪيم جيڪڏهن اهڙي ئي شاندار هجي ها جيڏي ٻڌائي پئي وڃي، ته چين جيڏو وڏو ۽ دنيا جي سڀ کان گهڻي آدمشماري رکندڙ

ملڪ هلائيندڙ حڪمرانن کي ڇا ايترو بہ عقل نہ آهي تہ پنهنجي ملڪ جا معاشي ۽ سياسي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هانگ ڪانگ کي جيئن آهي تيئن يعني آجو بندرگاهہ، خودمختيار علائقو ۽ پرڏيهي گهڻ-قومي ڪمپنين جي سرمائيدارن جي سيڙپ گاهہ رهڻ ڏين؟ ۽ ڇو اتي پنهنجو اقتدار اعليٰ قائم رکڻ گهرن ٿا؟ انهي سوال جو هڪ ئي سڌو ۽ سادو جواب آهي تہ چيني حڪمران کهڙين بہ وڏين لالچن باوجود هانگ ڪانگ تان هٿ کڻڻ لاءِ انهيءَ ڪري تيار ناهن جو منجهن وطن دوستيءَ ۽ قومي غيرت جو جذبو موجود آهي. سندن نظر ۾ ضرور ڪي اهڙا وڏا مفاد آهن جن جي ڪري کين اها پرواهہ ئي ناهي تہ گهڻ-قومي سرمائيدار ۽ سامراجي ڪمپنيون اتان نڪري وينديون. اهي آخر ڪهڙا مفاد آهن؟ انهي سوال جو جواب ڳولڻ کان اڳ ضروري آهي تہ ڇاٽايل خبر جو آخري حصو ڌيان سان پڙهيو وڃي، جيڪو چوي ٿو: ”ذريعن موجب ڪراچيءَ کي جيڪڏهن آزاد ۽ خودمختيار فري پورٽ بڻايو ويو تہ پوءِ ان کي بہ سامونڊي رستي سان پنهنجو مال ٻين ملڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ فري پورٽ جي انتظاميا کي ٽيڪس ڏيڻو پوندو...“

هنن لفظن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ تجويز ڪيل آجي بندرگاهہ جي انتظاميا ئي سڀ کان وڏيڪ طاقتور ۽ بااختيار قوت هوندي يعني ان آجي بندرگاهہ جي حيثيت ڪنهن هڪ مڪمل آزاد، خودمختيار ۽ پنهنجو اقتدار اعليٰ رکندڙ علائقي/ ملڪ واري هوندي جتي ”پاڪستان“ جي هر رهاڪوءَ کي سمنڊ رستي وڻج واپار ڪرڻ لاءِ ٽيڪس ادا ڪرڻي پوندي، جنهن تي تصرف آجي بندرگاهہ جي انتظاميا جو هوندو، جيئن اڄ تائين هانگ ڪانگ ۾ رهندو پئي آيو آهي. چيني حڪومت هانگ ڪانگ تي پنهنجو اقتدار اعليٰ قائم ڪرڻ سبب هانگ ڪانگ جي سموري انتظامي ڪمائيءَ جي مالڪ ٿي ويندي. پاڻ انهي کي استعمال ڪرڻ سبب ڪا بہ اهڙي ٽيڪس نہ ڀريندي جنهن تي تصرف سندس نہ، پر آجي بندرگاهہ جي انتظاميا جو هجي، ۽ اهو ئي سبب آهي جو عالمي سرمائيدارن کي هانگ ڪانگ تي چين جو اقتدار اعليٰ قبول ناهي، (هانگ ڪانگ جي انتظاميا تي قبضو درحقيقت سندن ئي هٿن ۾ آهي).

ساڳيو سوال ڪراچيءَ کي آجو بندرگاهہ بڻائڻ جي حالت ۾ بہ ايري ٿو. سمنڊ رستي وڻج واپار تي ”پاڪستان“ کي بہ جيڪڏهن ٽيڪس ڏيڻي پوندي، جنهن تي تصرف آجي بندرگاهہ جي انتظاميا جو ئي هوندو، تہ پوءِ ڪراچي کي آجو بندرگاهہ بڻائڻ سان ”پاڪستان“ جا معاشي ۽ سياسي مسئلا ڪيئن حل ٿيندا؟ اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ پاڪستان تي آءِ ايم ايف، عالمي بينڪ ۽ ٻين ملڪن جو قرض لاهڻ جي آڇ درحقيقت ”آجي بندرگاهہ ڪراچي“ جي قيمت آهي. عالمي سامراجين کي جيئن چين جي اقتدار اعليٰ هيٺ هانگ ڪانگ قبول ناهي، تيئن پاڪستان جي اقتدار اعليٰ هيٺ ڪراچي قبول ناهي. اهي قيمت ڏئي ڪراچيءَ کي آجي بندرگاهہ جي نالي هيٺ درحقيقت پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ گهرن ٿا، اهي جهٽڪ پڳڙيءَ يا پٽي تي ڪراچيءَ کي آجي بندرگاهہ جي نالي هيٺ درحقيقت پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ گهرن ٿا، جيئن اڄ تائين وٽن هانگ ڪانگ رهيو آهي. اها بهرحال سوچڻ جوڳي ڳالهہ آهي تہ ڇو آمريڪا ۽ يورپ ڪنڊن جا گرم سامونڊي ڪنارو رکندڙ ملڪ پنهنجي ڪنهن هڪ علائقي کي اها ساڳي هانگ ڪانگ واري حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار ناهن؟ ۽ مقصد

جيڪڏهن وچ-ايشيا ۾ مارڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ يا قائم رکڻ لاءِ ايشيا ۾ ئي اڏو ناهڻ آهي ته عالمي سامراجين جون مفاد پرست نظرون هرويرو چو صرف سنڌ جي ڪراچيءَ واري بندرگاهه تي ئي کپي ۽ محدود ٿي ويون آهن؟ ۽ چو جپان ڪان ويندي سڄو هندي وڏو-سمنڊ ڦِري سعودي عرب تائين ڪو به ٻيو ملڪ اهڙي عاليشان اسڪيم ڪي، جيڪا ٻڏايو ٿو وڃي ته ملڪ جا سمورا معاشي ۽ سياسي مسئلا حل ڪري خوشحاليءَ جي ڪير ۾ مکڻ جون نديون وهائي ڇڏيندي، پنهنجي ڪنهن علائقي ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي؟ هن آخري سوال جو جواب وري به چيني حڪمرانن ڪي نظر ۾ رکي، اهو ئي ڏئي سگهجي ٿو ته جپان ڪان ويندي سعودي عرب تائين گرم سامونڊي ڪنارو رکندڙ ملڪن جي حڪمرانن ڪي، توڙي جو ڪي ئي عالمي سامراجي قوتن جا پير-چُٽو آهن، وري به پنهنجي وطن ۽ علائقي سان پيار آهي ۽ اهي چند ٽڪن عيوض پنهنجي وطن جو ڪو علائقو عالمي سامراجي قوتن جي مستقل قبضي ۾ ڏيڻ نه ٿا گهرن. البت پاڪستاني حڪمرانن جي نوعيت ڪجهه ٻي آهي.

پاڪستاني حڪمران

1- پاڪستان جو ”اصلي تي وڏو“ ۽ مستقل حڪمران پنجاب جو سرمائيدار ۽ جاگيردار پئي رهيو آهي، جنهن جي ڇڙواڳ ڦورو مفادن لاءِ پاڪستان جي سڄي، ڳجهي توڙي ظاهري، انتظامي مشينري ڪم ڪندي رهي آهي. وطن دوستيءَ ۽ قومپرستي جي عمومي تشريحن ڪي نظر ۾ رکيو وڃي، ته اڳوٽي توڙي هاڻوڪي پاڪستان جي ڪنهن به ٻئي علائقي جي حڪمران طبقن جي ڀيٽ ۾ پنجاب جو سرمائيدار ۽ جاگيردار وڏيک وطن دوست ۽ قومپرست نظر اچي ٿو. هو پاڪستان ۾ توسيع پسند، قبضي گير ۽ شاونسٽ ۽ عالمي سامراجي قوتن آڏو چمچو ٿي رهيو آهي. هن هر قسم جي سازش، مڪاري ۽ داداگيري ڪري، جنهن لاءِ خاص ڪري اسلام ۽ ملڪي سالميت جي لفظن ڪي استعمال ڪيو پئي ويو آهي، پاڪستان جي باقي علائقن تي پنهنجي مخصوص ڦورو بالادستيءَ ڪي قائم رکيو آهي. ان لاءِ هن مارشل لا ۽ فوجي حاڪميت جي بي رحم ۽ غير جمهوري ڏنڊي ڪان ڪم پئي ورتو آهي. جنرل ضياءُالحق ڪان به ڪم ورتائين پر ڪن سببن جي ڪري فوج ڪي سول روپ ڏئي اقتدار ۾ شامل نه ڪري سگهيو، ته هاڻي صدر لغاري وسيلي ”قومي دفاعي ۽ سلامتي ڪائونسل“ جي نالي ۾ ان ڪي عملي روپ ڏنو ويو آهي. هو پاڪستان تي حاڪميت قائم رکڻ لاءِ پنهنجا پارٽنر، حصيدار يا جوڙيوال بدلائيندو پئي رهيو آهي.

2- پاڪستان نهندي ئي گهٽي ياڳي مشرقي پنجاب جي ”مهاجرن“ ڪي پاڻ وٽ پنهنجي پسند جيتري تعداد ۾ قبول ڪندي ”فاضل“ مهاجرن ڪي، جن مان گهڻن جو واسطو يارت جي مسلم اقليتي صوبن سان هو، سنڌ ڏانهن موڪلي ڇڏيو، جتي انهن ”مهاجر“ جي نالي ۾ پاڻ ڪي منظم ڪيو ۽ مرڪزي حڪومت جي سهڪار سان سنڌ جي بي پناهه پيداواري وسيلن ۽ ڪجهه شهرن تي قابض ٿي ويا جن ۾ سرفهرست ڪراچي هو، جنهن ڪي سازش ۽ دادا گيريءَ سان سنڌ ڪان ڌار ڪري مرڪزي علائقو قرار ڏنو ويو ۽ هتان سڄي پاڪستان تي حڪومت ڪئي ويندي رهي. ناجائز رعايتن، معاشي سهڪار ۽ مرڪزي ۽ صوبائي ملازمتن سبب ”مهاجر“ سرمائيدار ۽ بيورو

ڪريسي بي انتها مضبوط ٿيا. سڄي پاڪستان جي ڪل ڪمائيءَ جو 45 سيڪڙو جيڪڏهن پنجابي حاڪمن جي حوالي هو ته 35 سيڪڙو ”مهاجر“ حاڪمن جي قبضي ۾، باقي پاڪستان کي رڳو 20 سيڪڙو مس ٿي مليو. پنجابي حاڪمن کي اها ڳالهه نه وڻي ته نهنڪري ون يونٽ مڙهي مهاجر سرمائيدار کي مليل رعايتن ۾ گهٽتائي ڪرڻ شروع ڪئي، ان هوندي به مهاجر خوش هو، ڇو ته ڪيس وري به ايترو ڪجهه مليو پئي جيڪو سندس قدبت کان گهڻو وڌيڪ هو. قبضي کي وڌيڪ پختو ڪرڻ لاءِ ايوبي مارشل لا مڙهيو ويو، جنهن ۾ پڻ مهاجر سرمائيدار ۽ بيورو ڪريٽ خوش هو. مظلوم قوميتن پاران جمهوري جدوجهد کان مجبور ٿي، پنجابي مهاجر مستقل مفاد کي ون يونٽ ٽوڙڻو پيو ۽ عام چونڊون ڪرائڻيون پيون. پاڪستان ۾ پهرئين حقيقي جمهوري عمل جي نتيجي ۾ بنگالين جي اڪثريت سان قائم ٿيندڙ حڪومت کي پنجابي مهاجر مستقل مفاد ڏنڊي جي زور تي ٿڏي ڇڏيو ۽ بنگال جي سماجهي ڌرتيءَ تي 45 لک ڪن بيگناهه ۽ معصوم بنگالي کهي ۽ 10 لک ڪن بنگالي عورتن جي عزتن کي پامال ڪندي انهن کي الڳ ڪري ڇڏيو. پنجابي مهاجر مستقل مفاد پاڪستان اندر پنهنجي ئي هم وطن ۽ هم مذهب انسانن خلاف ايڏو ئي بي رحم ۽ جلاد هو ۽ آهي، پر هو پرڏيهي عالمي سامراجين جا پير چٽڻ لاءِ هر گهڙيءَ آتو رهيو، آمريڪي سامراج کي پيرين پئي هٿ وني آيو ۽ ان جو غلام ٿيو، جڏهن ته اڳوٽي سويت يونين پاران وڌايل دوستيءَ ۽ سهڪار جو هٿ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين جنهن ڪيس پنهنجن پيرن تي بيهارڻ پئي گهريو.

3- ”نئين“ پاڪستان ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي جي سربراهيءَ هيٺ پهرئين ”جمهوري“ حڪومت ناهي ويئي، جنهن مڪمل اتفاق راءِ سان هن ملڪ کي پهريون پيرو عوامي آئين ناهي ڏنو، جنهن تي به مظلوم قومن کي ڪي اختلاف هئا. توڙي جو هُو جاگيردار طبقي جو فرد هو پر هڪ حد تائين روشن دماغ ۽ جمهوريت پسند پڻ هو. سندس حڪومت جي ڏينهن ۾ ڪوشش ڪئي وئي ته مظلوم قومن ۽ پوئتي رکيل علائقن کي ڪي قدر حق ۽ رعايتون ڏئي اڳتي آندو وڃي، پر اها ڪوشش انهيءَ سلسلي ۾ پڌري ڪيل حد تائين اڳتي وڌي نه سگهي ۽ هٿياربند قوتون هڪ پيرو وري بلوچستان ۽ سرحد ۾ دخل اندازي ڪري ويهي رهيون، جڏهن ته پنجابي-مهاجر مستقل مفاد ڪيس وڌيڪ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هو.

4- انهيءَ جمهوري دور ۾ سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ جي پٺتي رکيل علائقن کي جيڪي ٿوريون ڪي سهولتون مليون، ڀُٽي جو اقتدار ڊاهيندڙ جنرل ضياءُ اهي هڪ پيرو وري ڪسي ورتيون. جنرل ضياءُ وسيلي جيڪو اقتدار مڙهيو ويو اهو پنهنجي طبيعت ۾ انتهائي بدنيت، ڪميڻو، ڪنور، ڪوڙو، سازشي ۽ ڪيني پرور هو. هٿياربند قوتن ۾ تعداد جي بنياد تي توازن جوڙيو ويو ۽ پنجابي ۽ مهاجر سان گڏ پٺاڻ کي به نوازيو ويو. پنجاب جي مفاد کي لوڏو ئي ڪو نه هو، پٺاڻ کي جيڪو ڪجهه مليو اهو اڳوٽي مراعات يافته ”مهاجر“ جي فالتو حصي مان ڏنو ويو پر هو هاٿي پنهنجي سٽيي ٽڪر مان هڪ ذرو به ڪنهن کي ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. شهزاد منظر لکي ٿو: ”اها ڳالهه ريڪارڊ ۾ موجود آهي ته بنگالين جيان سنڌين کي به سول ۽ ملٽري سروسز ۾ اچڻ جو موقعو نه ڏنو ويو. ان جو اندازو هن ڳالهه مان ڪري سگهجي ٿو ته 1960ع واري ڏهاڪي ۾ اعليٰ ترين

فوجي آفيسرن ۾ سنڌي هڪ به نه هو. پاڪستان جي سياست ۾ ايوب خان جي مارشل لا کان پوءِ هٿياربند فوجون اهم ڪردار ادا ڪنديون رهيون آهن، پوءِ اهو ڪردار ظاهري هجي يا لڪل. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته پاڪستاني فوجن ۾ رڳو پنجابي، مهاجر ۽ پختون هئڻ جي ڪري بنگالي ۽ سنڌي هڪ عرصي تائين هٿياربند فوجن جي باري ۾ اهي جذبا نه رکندا هئا جيڪي پنجابي ۽ مهاجر ۽ هڪ حد تائين پناڻ رکندا هئا. ان جو سبب اهو آهي ته هڪ خاص پاليسيءَ هيٺ بنگالين ۽ سنڌين کي فوج کان پري رکيو ويو.“ (ڏسو ”سنڌ کي نسلي مسائل“ ص 98- 99)

1973ع کان 1983ع تائين پاڪستان جي اعليٰ ترين سول بيوروڪريٽن جي نسلي سجاڳپ هن طرح رهي:

| نسل | تعداد | سيڪڙو |
|---|---|---|
| پنجابي | 1727 | 89.48 |
| پختون | 287 | 12.8 |
| مهاجر | 1070 | 29.2 |
| سنڌي | 90 | 5.2 |
| بلوچ | 9 | 2.5 |
| ٻيا | 349 | 95.9 |

(ڏسو مٿيون حوالو، ص 100)

جنرل ضياءَ جي حڪومت دوران سنڌ جي وطن دوست ۽ قومپرست شعور کي ڪچلڻ لاءِ ٻين ڪيترن ئي عملن سان گڏ هڪ ڪم ايم ڪيو ايم کي منظم ڪرڻ ۽ طاقتور بنائڻ هو، جنهن لاءِ ڪيس قانون کي لتاڙڻ جي موڪل به مليل هئي. جنرل ضياءَ جي اقتدار دوران ئي نسلي، لساني، مذهبي، علائقائي، فرقيوراڻي، ذات پرستاڻي ۽ ٻيون ڪي ئي نفرتون وڌايون ويون، هٿيارن جي ڏيتي ليتي عام ٿي ۽ بدامني وڌائي ويئي ۽ هيروئن سان گڏ نشيدار شين جو واهپو وڌائي ماڻهن جي اخلاقي قدرن کي نيچ ڪيو ويو.

سنڌي جاگيردار طبقو

انگريز سامراج سنڌ ۾ سنڌي جاگيردار وسيلي پنهنجو اقتدار هلائڻ شروع ڪيو تڏهن مجموعي طرح سڄو سنڌي جاگيردار طبقو ڏهاڙي سندس بوٽ چٽي صاف ڪندو هو. ڪجهه انفرادي مثالن کان سواءِ باقي سڀ سنڌي جاگيردار قومي غيرت ۽ وطن دوستيءَ جي جذبن کان مڪمل طرح وانجها هئا ۽ آهن، انهن کي رڳو پنهنجي پنهنجي ٿَر ۾ پنهنجي حاڪميت گهربل هئي، جنهن وسيلي هو پنهنجي راڄ ڀاڳ کي لتاڙي، لوئي، ماري، بند ڪرائي، ننگ ڪٽائي، ڏاڙا هٽائي، جاهل رکي ۽ ٻيون بدمستيون ڪري پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکي سگهن. انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ سنڌي جاگيردار طبقو ان جي جانشين ڪارن حڪمرانن جو بوٽ چٽيندو رهيو آهي. ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو، ون يونٽ مڙهي سنڌ جي وجود گم ڪيو ويو، سنڌ جون زمينون ورهائجي ويون، سنڌي ٻوليءَ کي ميسارڻ جِي سازش ٿي، ون يونٽ خلاف مهم هلي، پر سنڌي جاگيردار طبقو نِڌ ڪندو رهيو، ڪنهن به وطن دوست جدوجهد ۾ عملي طرح شامل نه ٿيو،

اٿلو سرڪار وٽ پاڻ کي سرخرو ڪرڻ لاءِ چغل ۽ گوال ٿي بيٺو رهيو. اهو هر حڪومت ۾ شامل رهيو آهي پر سِيس نوائي فرمانبردار ٿي گذاريو اٿائين ۽ سنڌ جي پوئتي پيل ۽ رڪيل علائقن ۾، ايتري قدر جو پنهنجي تر ۾ به، ڪو ترقياتي ڪم ڪرائڻ کان ٻَرو پيو ڇرڪندس. اُهو ذوالفقار علي ڀُٽي جي چوڏاري موجود هو، هن پاران هزارين خواهشن باوجود اسڪول نهيو ته ان کي اوطاق ڪري ڇڏيائين، اسپتال نهي ته ڊاڪٽر ڀڄايائين، روڊ نهيو ته اعتراض اٿاريائين ۽ نيٺ ڪيس ڦاهي چاڙهائي دم پٽيائين. سدائين سرڪاري گولن جو به غلام ٿي رهيو ۽ سنڌ جو ناسور آهي جنهن جو اڪيلو علاج ڪوري ڪڍي ڇڏڻ آهي، نه ته ماري قبر پيٽڙو ڪندو. اڄ اهو سنڌ جي لڳ ڀڳ هر اليڪشني پارٽيءَ ۾ موجود آهي ۽ سندس ڇڙهندڙ سڄ جو سلامي هجڻ، پنهنجا مارائي خوش ٿيڻ، وطن ۽ قوم سان غداريون ڪري، ڌاڙون هڻڻ واري فطرت کان هر سنڌي واقف ٿي چڪو آهي. ان کان آئيندي لاءِ اها اميد رکڻ ته پنهنجي ٽَر، راڄ، وطن ۽ قوم لاءِ ڪو چڱو ڪم ڪندو، سڄ کي اولهه مان اڀارڻ جهڙي ناممڪن خواهش آهي.

ڇا سنڌي ماڻهو ڪراچيءَ تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار آهن؟

وطن دوستيءَ ۽ قومي غيرت جو جذبو رکندڙ ڪو هڪ به اهڙو سنڌي موجود ناهي جيڪو ڪيڏي به وڏي لالچ يا ڏوڪي ۾ اچي پنهنجي وطن جي ڪنهن هڪ چورس انچ تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار هجي، البت وطن دوستيءَ ۽ قومي غيرت کان وانجهيل فرد چند ڏينهن جي اقتداري چشڪي، معمولي رعايتن يا ڪجهه ڏوڪڙن ڪاڻ پنهنجي ذهن ۽ ضمير ته ڇا، قوم ۽ وطن جو به سودو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. ڪراچي ته انهن لاءِ ڇٽڪ اوپري شيءِ آهي جنهن کي وڪڻندي ويرم ئي نه وجهندا. وطن دوستيءَ ۽ قومي غيرت کان وانجها اهي فرد پنهنجي ٻُوٿ تي ڪو به نقاب چاڙهي سگهن ٿا، ايتري قدر جو پاڻ کي بين سيني سنڌ واسين کان وڌو غيرتمند، قومپرست ۽/يا وطن دوست پڻ چئي سگهن ٿا. انهن جون غيرتون درحقيقت ايترو ته غرق ٿيل ۽ ماريل آهن جو اهي اهو ڪم علي الاعلان ڪري سگهن ٿا. ٻهروپ پري سنڌ ۽ سنڌين جا خيرخواه بلڪ عاشق بنجي اهي اهي لفاظيون، تشريحون ۽ تاويلون ڪندا، جو هڪ سڌو سادو سنڌي ته ڇا، چڱو ڀلو سمجهُو ۽ ڏاهو ماڻهو به سندن منطقي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پنهنجو مٿو وڃائي سگهي ٿو، تنهنڪري سنڌ ۽ سنڌين جي هر سڄڻ ۽ گهڻ گُهري کي، پوءِ اهو زندگيءَ جي ڪهڙي به شعبي سان تعلق رکندڙ هجي، پهري-سجاڳ ۽ ذهني طرح هوشيار رهڻ گهرجي ۽ جيترو ڪجهه سندس وَس ۾ آهي، انهي کي پوري جوابداريءَ ۽ ذميواريءَ سان نڀائڻ گهرجي.

هن مضمون جي ابتدا ۾ ڏنل خبر موجب، سنڌ ۾ ممتاز علي ڀُٽي کي نگران وڏو وزير ناهڻ ڪراچيءَ کي فري پورٽ بنائڻ جي ڳجهي رٿا جو حصو آهي. ممتاز علي ڀٽو ڪجهه ڏينهن اڳ سيوهڻ کي سنڌ جي گاديءَ وارو هنڌ بنائڻ جو اشارو پڻ ڏئي چڪو آهي. ممتاز علي ڀٽي پاران سيوهڻ کي سنڌ جي گادي بنائڻ وارو خيال خاص ڌيان جوڳو آهي. ان کي پهريائين محض اليڪشني چشڪو سمجهيو ويو هو، پر پوءِ هو اهو خيال ورجائي پيش ڪندو رهيو، تان جو هفتو ڏيڍ اڳ انهيءَ حوالي سان ”برسات“ پاران ممتاز علي ڀٽي سان هڪ انٽرويو به شايع ٿي چڪو آهي.

اهو موضوع هڪ ڌار مضمون جي تقاضا ڪري ٿو. هتي رڳو ايترو چئي سگهجي ٿو ته اها ڳالهه ڪراچيءَ تان سنڌين جي مالڪيءَ واري دعويٰ ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ وک طور ڳڻي سگهجي ٿي. مٿان وري جان ميجر پاران ڪراچيءَ کي آجو بندرگاهه بنائڻ جي ڳالهه ۽ برطانيا ۽ عالمي سامراجي قوتن جي اهڙي خواهش انهيءَ خيال کي وڌيڪ پختو ڪري ٿي ته سنڌ جي بندرگاهه ڪراچي تي ڪي ئي ميريون نظرون ڪتل آهن. بينظير ڀٽو چيو آهي ته ”ممتاز ڀٽي ڪراچيءَ کي سنڌ کان ٽوڙڻ واري سازش کي وڌيڪ آسان بنائي ڇڏيو آهي.“ (عوامي آواز، 22 جنوري 1997ع) جنهن جو صاف مطلب هي آهي ته اها سازش گهڻو اڳ کان هلندڙ آهي، پر ڪڏهن کان؟

ڪراچيءَ خلاف سازشون

سنڌ خلاف پرڏيهي پرمار سازشون ۽ چڙهايون هونئن ته قديم زماني کان هلندڙ آهن، پر ويجهڙ ماضيءَ ۾ پنجاب جي حوالي سان ڳالهه ڪجي ته پنجاب جون توسيع پسند، قبضي گير ۽ لالچي نظرون سنڌ تي گذريل صدي جي پوئين اڌ کان ڪتل آهن. سنڌ کي جڏهن بمبئي پريزيڊنسي جو حصو بنايو ويو تنهن کان پوءِ جڏهن به سنڌ جي صوبائي خودمختياريءَ جو سوال اٿيو يا بمبئي پريزيڊنسيءَ جي حدن ۾ ڦيرقار جي ڳالهه نڪتي، پنجاب پاران هڪدم مختلف ”دليل“ ڏئي سنڌ کي پنجاب سان ڳنڍڻ جي ڳالهه ڪئي وئي. هزارين حيلن کان پوءِ، 1935ع ۾ جڏهن سنڌ صوبو بحال ڪيو پئي ويو، تڏهن به پنجاب پاران ان جي خودمختياريءَ جي مخالفت ٿي ۽ سنڌ کي پنجاب جو علائقو قرار ڏيڻ جي آڇ ڪئي وئي. انگريز پرمار ڪيڏو به بدنيت هو پر پنهنجن ڪن طي ڪيل اصولن جي پوئواري ضرور ڪندو هو. ان نيت سنڌ کي صوبو بنائي ڇڏيو. ٿيڻ ته ائين گهربو هو ته سنڌ پنهنجي مڪمل آزاديءَ ۽ سووريننٽيءَ (اقتدار اعليٰ) لاءِ جدوجهد هلائي ها، پر انگريز سامراج جي ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ واري پاليسيءَ سبب انهن ڏينهن تائين خاص ڪري موجوده پارت جي وڏن شهري علائقن ۾ مذهبي ڪٽرپڻو عروج حاصل ڪري چڪو هو. سنڌ جو ڪم ظرف، عياش ۽ بدڪردار جاگيردار پنهنجون لکين ايڪڙ زمينون هندو وياج خور وٽ گروي رکي، مال هضم ڪري چڪو هو. ان محسوس ڪيو ته مذهبي ڪٽرپڻي کي زور وٺائبو ته هندو وياج خور کان بنا قرض ڏيڻ جي زمينون موٽائي سگهجن ٿيون ۽ ان ائين ڪيو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پهرين چئن مهينن ۾ ئي سنڌ جي حڪمران جاگيردار طبقي محسوس ڪري ورتو ته هو ڪارن حڪمرانن جو غلام بنجي چڪو آهي ۽ سندن مرضيءَ جي خلاف ڪجهه به ڪري نه ٿو سگهي، نه ته چند ڏينهن لاءِ مليل ڪرسي به وڃائي ويهندو. ڪانئس پهريون ڪم ڪراچيءَ کي مرڪزي علائقو قرار ڏيڻ جو ورتو ويو ۽ هن معمولي مفادن ڪاڻ انتهائي بيغيرتيءَ سان سنڌ جي دل جو سودو ڪري ڇڏيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪراچيءَ مان سنڌ يونيورسٽيءَ کي ۽ اجا ڪجهه عرصو پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني وئي. سنڌي هندن خلاف فساد ته پرڏيهي پناهگيرن جي اچڻ سان ئي شروع ڪيو ويو، پر جڏهن جاگيردار جي اک کلي، تڏهن هن ڏٺو ته نه رڳو هندن جي پر انهن وٽ گروي رکيل سنڌي جاگيردار جي زمين به پارت کان آيل مسلمان پائرن

جي حوالي ٿي وئي هئي ۽ سنڌي هندو ڪيڏا به خراب هئا پر گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان وفادار هئا، جڏهن ته نوان آيل مسلمان پائر ته انهن جا به ويري نڪتا. سنڌي جاگيردار جي به، ٻين جيان، فطرت هئي ته ڏاڍي آڏو جهڪي پوي ۽ هو جُهڪيو، ايترو جهڪيو جو ان کان وڌيڪ جهڪڻ جي گنجائش ئي نه رهي. ون يونٽ نهيو، تڏهن به هُو جهڪيل رهيو. سنڌ جو نقشو ڌرتيءَ گولي تان ميسارجي ويو!

سنڌ جي آباديءَ جي توازن کي تبديل ڪرڻ ۽ اصلوڪن قدرتي سنڌين کي اقليت ۾ بدلائڻ لاءِ نه رڳو پارٽ جي مختلف علائقن کان ماڻهو گهرايا ويندا رهيا، پر سنڌ جي اترين پاڪستاني علائقن پنجاب ۽ سرحد کان به اٽڪڻ انسانن جي وهڪ سنڌ ڏانهن شروع ڪئي وئي، جن جو پڻ خاص زور ڪراچيءَ تي هو. سنڌين جي وطن دوستيءَ کي مانو رکڻ ۽ جڪڙڻ لاءِ "مهاجر"-پنجابي-پختون متحده محاذ کي سياسي هٿيار طور ڪتب آندو ويو. سنڌي مسلمانن لاءِ ڪراچيءَ ۾ سيڙپڪاريءَ ۽ واپار جا دروازا اڳ ئي بند ڪيا ويا هئا ۽ سنڌي هندن کي ڪڍيو/لڏايو ويو هو، تنهنڪري به ۽ ڪراچي تي اردودانن جي ثقافتي ۽ لساني قبضي سبب به ڪراچيءَ جي سماجي زندگيءَ جو ڍنگ سنڌين لاءِ اوپرو بنايو ويو.

ون يونٽ ٽوڙڻ مهل هڪ مهم هلائي وئي ته ڪراچيءَ مان سنڌ کي ڪو به فائدو ناهي، تنهنڪري ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار رکيو وڃي. اها سازش به ناڪام ٿي، ٽوڙي جو سنڌ جا ڪي ئي سياسي اڳواڻ پڻ انهيءَ پروپيگنڊا جو شڪار ٿي چڪا هئا. صوبن جي بحاليءَ کان ترت پوءِ پاڪستان ۾ عام چونڊون ٿيون. بنگالين جي اڪثريت ۽ جمهوريت پسنديءَ کان ڏڄي انهن کي الڳ ڪيو ويو، جو ته پاڪستان جي حقيقي حڪمرانن ۽ سندن جوڙيوالن کي اها ڳالهه ڪنهن به شرط تي پسند نه هئي ته هن ملڪ ۾ جمهوري سرشتو رائج ٿئي ۽ مظلوم قوميتن کي حق ملن. نئين پاڪستان جي حڪومت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حوالي ڪئي وئي جو ته پاڪستان جي حقيقي حڪمرانن محسوس ڪري ورتو هو ته في الوقت پاڪستان جو عوام ڪنهن به صورت ۾ فوجي راڄ کي قبول نه ڪندو، جو ته هٿياربند فوجون خود پاڪستاني حڪمرانن جي پرچار جو شڪار بنجي چڪيون هيون ۽ انهن جي لفظن موجب بنگال ۾ هٿيار ڦٽا ڪري پنهنجو اخلاقي قدر ڪيرائي چڪيون هيون. سنڌ ۾ صوبائي حڪومت به پيپلزپارٽيءَ جي نهي، جنهن جو وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽو هو. سنڌي ٻوليءَ جي ڪسيل حيثيت واپس ورائڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ "سنڌي ٻوليءَ جو بل" پيش ڪيو ويو، جنهن جي خلاف اردو ڳالهائيندڙ سرمائيدارن، سياستدانن، صحافين، دانشورن ۽ ڪامورن هڪ تعصبي مهم جاري ڪئي ۽ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ وڳوڙ ڪرايو. سنڌي جاگيردار پنهنجي فطري بزدليءَ ۽ ڪارن حڪمرانن جي گولائپ سبب هڪدم جهڪي پيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ جو عمل 12-سال پوئتي ڪيو ويو جيڪو اڄ تائين، 24-سال گذري وڃڻ کان پوءِ به ڪنهن کي ياد ئي ناهي، ايتري قدر جو هن وقت سنڌ جي نگران وزيراعليٰ ممتاز علي ڀُٽي کي به ياد نه رهيو آهي. سرڪاري ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ خلاف ساڳيو تعصبي رويو اڄ به جاري آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته پيپلزپارٽيءَ جي ان حڪومت دوران مرڪز توڙي صوبي ۾ ڪجهه سنڌين کي ڪي ملازمتون ۽ ننڍي پيماني جي صنعتڪاريءَ جو موقعو

مليو. پيسو سنڌي جاگيردار وٽ هو پر صنعتڪاري هن جي جاهل ۽ بدڪار فطرت جي خلاف هئي، تنهنڪري ان گهربل حصو نه ورتو. جڏهن ته ملازمتون وري پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي اڪين ۾ ڪندوڙي پيون. ايم ڪيو ايم پاران اڄ به سنڌين کي ان زماني ۾ مليل ملازمتن تي پٽڪو جاري آهي، جڏهن ته ضياءُ الحق جي اقتدار دوران انهن مان وڏي انگ کي ختم ڪيو ويو.

جنرل ضياءُ الحق جي اقتدار دوران جتي ٻيون هر قسم جون برايون وڌايون ويون، اتي سنڌ جي وجود ۽ سالميت خلاف ٽي خصوصي سازشون به عمل هيٺ آيون:

(1) مهاجريت جي پرچار ڪندڙ ڪي ئي تنظيمون جڙيون، جن ۾ الطاف حسين ۽ سندس ايم ڪيو ايم کي خصوصي شهرت، رعايت ۽ سهولت ڏني وئي.

(2) غيرقانوني پرڏيهي ماڻهن جي ناجائز آبادڪاري ڪئي وئي. اڄ ڪراچيءَ جي ڪل انساني آبادي جيڪڏهن هڪ ڪروڙ 30 لک آهي، ته ان ۾ غيرقانوني پرڏيهين جو انگ ڪنهن به طرح 20 لک کان گهٽ ناهي. اها غيرقانوني پرڏيهي آبادي ڪراچيءَ جي ڪل ڪمائيءَ جو لڳ ڀڳ چهون حصو ڪابو ڦٻايو وڃي. جن کي ايم ڪيو ايم ”مهاجر“ سڏي ٿي انهن ۾ پڻ چڱو چوکو انگ انهن جو آهي جيڪي اڄ به اصولي طرح ڀارت جا قانوني شهري آهن ۽ سنڌ ۾ انهن جي حيثيت غيرقانوني پرڏيهيءَ واري آهي.

(3) سنڌين ۾ ذات پرستيءَ ۽ قبيلائي جهيڙن جو رجحان وڌايو ويو، جنهن سنڌي قوميتي شعور ۽ يڪجهتيءَ کي سخت ڇيهو رسايو آهي.

پاڪستان ٺهڻ جي ڏينهن تائين، ڪراچي اصريل سنڌي ثقافت جو مثالي شهر هو ۽ هتي جو لڳ ڀڳ هر رهاڪو پاڻ کي سنڌي سڏائيندي فخر ڪندو هو. انهن ۾ سنڌي هندوءَ سان گڏ عيسائي، پارسي، بوهري وغيره به هئا ته گجراتي، ڪاٺياواڙي، ڪڇي وغيره به. پاڪستان ٺهندي ئي خاص ڪري ڪراچيءَ مٿان ڇڙيڪ ڀارتي ثقافتي يلغار ٿي وئي. ڪراچيءَ مان خاص ڪري هندو سنڌين کي، جيڪي سياسي معاشي، سماجي ۽ صنعتي طور مسلمان سنڌين کان وڌيڪ اصريل هئا، سازشي ۽ تعصبي جهيڙا ڪري/ڪرائي سنڌ ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح آباديءَ جو توازن اجا وڌيڪ (سنڌين جي حوالي سان) خراب ٿيو. ڪراچيءَ کي مرڪزي علائقو ناهڻ، اتي شهر جي گنجائش کان وڌيڪ ڀارتي مسلمانن کي آباد ڪرڻ، انهن کي مسلماني ۽ مهاجريت جي چانو هيٺ خصوصي نموني ۽ رعايتون ڏئي ورسائڻ، مڪاريءَ ۽ چالاڪيءَ سان هندو سنڌين جي سموري صنعت ۽ ملڪيت انهن جي حوالي ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ کي زوريءَ نيڪالي ڏيڻ ۽ ان جي جاءِ تي اردوءَ کي رائج ڪرڻ وغيره سبب ڪراچي ڇڙيڪ ڀارت جو اهڙو اوڏ ٿي پيو جتي ظاهرداري واري مسلماني وڌيڪ هئي. ”لياقت-نهرو ناهه“ تي وڃڻ باوجود لياقت علي خان هڪ مهم هلائي ڀارت جي مسلم اقليتي علائقن مان لالچون ڏئي ۽ سبز باغ ڏيکاري ڪيترن ئي ڀارتي شهر واسين کي غيرقانوني طرح گهرائي سنڌ، خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ آباد ڪرايو. مهاجريت ۽ مظلوميت جا ڪوڪرا هئا ۽ هر شيءِ تي قبضي بازي هئي. اردو ڳالهائيندڙن جي اڪثريت ۽ ڪٽرپڻي، سنڌين خلاف تعصبي روَيي، سنڌي ٻوليءَ جي نيڪاليءَ، اردوءَ جي ترويج ۽ بالادستيءَ وسيلي ڪراچيءَ

جي ثقافتي ڏيک ويک کي بدلايو ويو. ايم ڪيو ايم پنهنجي ڏاڍ ۽ دهشت جي زور تي پنهنجيءَ پسند جي مخصوص آباديءَ کي ”مهاجر“ قرار ڏئي تي، خاص ڪري هن گجراتي ۽ ڪانياواڙي برادريءَ کي پنهنجي شناختي گهيري جو شڪار بنايو آهي، جو ته اهي برادريون واپار ۽ صنعت ۾ وڏيڪ آهن ۽ معاشي مدد فراهم ڪري سگهن ٿيون. سنڌين جي مظلوم، ماريل ۽ محروم ڪيل حيثيت، خاص ڪري ذات پرستيءَ ۽ قبيلائي جهيڙن سبب ۽ سنڌي قوميتي شعور ۽ يڪجهتيءَ جي ڪمزوريءَ ۽ ايم ڪيو ايم جي شهزوريءَ سبب ڪراچيءَ جي قديمي سنڌي برادرين جيئن گجراتي، ڪانياواڙي، ڪڇي، اسماعيلي، بوهري، عيسائي، پارسي وغيره ۾ سنڌيت جو جذبو ڪمزور ٿيڻ لڳو آهي. ڪراچيءَ جي خاص ڪري لياري وارن سنڌين ۾ بلوچ سڏائڻ جي رجحان وڌڻ جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي. ڪراچيءَ ۾ اڄ به 38- لک ڪن قديمي سنڌي رهن ٿا، پر ڏاريائپ جي دعويٰ رکندڙ ماڻهن جي سمنڊ ۾ انهن جي موجوديءَ جو ڀرپور احساس ئي نه ٿو ٿئي ۽ عام چونڊن لاءِ تڪبندي اهڙيءَ چالاڪيءَ سان ڪيل آهي جو سندن وڏي اڪثريت جا ووٽ ورهائجي وڃن ٿا. ايم ڪيو ايم ٻاران ڪيترين ئي سيٽن تي کٽڻ جو هڪ سبب اهو به آهي، تنهن کان سواءِ ڪيس غيرقانوني پرڏيهين جا ناجائز ووٽ به ملن ٿا. اهي غيرقانوني پرڏيهي ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد، تربيت يافته ۽ هٿياربند قوت جو هڪ حصو پڻ جوڙن ٿا. ايم ڪيو ايم کي هڪ خصوصي سازش وسيلي، جنهن جو هڪ مقصد سنڌ ۾ نسلي انتشار پيدا ڪرڻ هو، هر قسم جي لاقانونيت جي موڪل ڏني وئي هئي. ايم ڪيو ايم جو پهريون کليل جلسو (آگسٽ 1986ع) انهيءَ جو هڪ مظهر هو. هڪ سال اندر (آگسٽ 1987ع تائين) ايم ڪيو ايم جيڪو دهشت جو طوفان اٿاريو، ان جي تصوير جنرل ضياءَ جي بيان ڪيل انهن لفظن مان ڪري سگهجي ٿي ته ”اڄ ڪراچي پاڪستان جو سڀ کان وڌيڪ غير محفوظ شهر ٿي پيو آهي. دهشتگردي، تخريبڪاري، باهمي نفاق، انتشار ۽ افتراق ۽ هٿيارن جو بنا روڪ ٽوڪ واهپو هاڻي رڳو امن امان جو مسئلو نه رهيو آهي، پر ان جي پويان بين الاقوامي عنصر ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ائين ٿو لڳي ته اسان پنهنجي دشمنن جي هٿن جو اوزار بڻجي ويا آهيون. اڄ هتي پنجابي، پناڻ ۽ مهاجر سڏي هڪ ٻئي جي رت جا پياسا بڻجي ويا آهيون. اهڙي ماحول ۾ ڇا اسان پاڻ کي پاڪستاني چئي سگهون ٿا؟ اڄ هتي تعليمي ادارا بند آهن ۽ شاگرد هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ هٿ وجهيو بيٺا آهن. هن شهر ۾ اهڙي فضا آهي جو ماڻهو تصور به نه ٿو ڪري سگهي ته هي پاڪستان جو حصو آهي يا ڪو ٻيو علائقو. ڪراچي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ مشرق جو صاف سٿرو شهر سڏيو ويندو هو، اڄ پاڪستان جي سيني شهرن ۾ سڀ کان وڌيڪ غير محفوظ جيڪڏهن ڪوئي ٿي سگهي ٿو، ته اهو ڪراچي آهي. ڪٿي ماضيءَ جو صاف سٿرو شهر ۽ ڪٿي اڄوڪو غير محفوظ شهر!.... اڄ آءٌ جڏهن هتي تقرير ڪري رهيو آهيان، هتان کان ڪجهه وکن جي مفاصلي تي ماڻهو هڪ ٻئي کي کهڻ لاءِ تيار آهن. هن وقت تائين (سوا اٺ وڳا شام) 9 جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن ۽ 40-45 ماڻهو زخمي، ان جو سبب ڇا آهي؟ اسان ۾ شرافت نه رهي آهي، انهيءَ شيءِ جو جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي. (ڏسو روزاني جنگ، 27 آگسٽ 1987). اها تقرير ڪري موٽي وڃي جنرل صاحب پنهنجي ٻُني ضرور ٿپي هوندي ۽

ڏاڙهيءَ (جيئن ته ڏاڙهي نه هئس تنهنڪري ڪاڏيءَ) تي هٿ رکي چيو هوندائين ته هاٽي سنڌين کي کهرائڻ جو وارو آهي. رڳو هڪ سال پوءِ ائين ٿي ٿيو... پر تيستائين جنرل صاحب پاڻ ڦتاڪو ٿي چڪو هو.

جنرل ضياءَ کان وٺندي صدر فاروق لغاريءَ تائين پاڪستان جي هر صدر ۽ انهي عرصي دوران چونڊجي آيل سڀني وزيراعظمن جا بيان ۽ ڪي ٻيون ناقابل ترديد شاهديون موجود آهن، جيڪي تصديق ٿيون ڪن ته ايم ڪيو ايم کي خاص ڪري ڀارت ۽ دنيا جي ڪجهه سامراجي ملڪن جي ايجنسين جي حمايت ۽ پٺڀرائي به حاصل رهي آهي ۽ هوءَ انهن جي هٿن ۾ ملڪ دشمن مقصدن لاءِ ڪيڏندي رهي آهي. جام صادق سان گڏ حڪمران ٿي پوڻ دوران، ان ڌارن دهشتگرديءَ ۽ نسلي نفرت واري "سياست" ڏيهي سگهارين ايجنسين جي ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري وئي ۽ ايم ڪيو ايم جي بندوقن جو رخ ملڪ جي وردي پهريندڙ قوتن ڏانهن به ٿي ويو ۽ 1992ع کان 1996ع جي پڄاڻي تائين هٿياربند فوجن، رينجرس ۽ پوليس جا سوين عملدار ان جي گولين جو کاڄ بڻجي چڪا آهن. ايم ڪيو ايم آخر ڪنهن جي کلهي تي ٿي ڪڏي؟ ۽ ڇا جو ايم ڪيو ايمي ليڊر ورجائي پيا چون ته اهي هڪ "ڪاز" (مقصد) لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن ته اهو "ڪاز" نيٺ ڪهڙو آهي؟

ايم ڪيو ايم منافرت جي راند ڪيڏندڙ ڏيهي ۽ قبضيگير پرڏيهي ايجنسين جي اشارن تي هلي رهي آهي. هوءَ سمجهي ٿي ته ڪنهن به گهڙيءَ ڪنهن به ايجنسيءَ کي ڏند ڏيکاري سگهي ٿي، پر اها سندس اجائي خوشفهمي آهي. پرڏيهي قبضيگير سامراجي قوتون في الوقت ايم ڪيو ايم جي زور ۽ دڙڪي کي ٽن نمونن سان ڪم آڻيندي ٿيون:

(1) ان وسيلي ڪراچيءَ کي الڳ ڪرائڻ (۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ته ڇا، سڄي پاڪستان جو ڪرنگهو ڀڄڻ)،

(2) ان ڌارن ماڻ ۽ سهڪار جي ضمانت ڏئي ڪراچيءَ کي الڳ ڪرائڻ ۽

(3) ان ڌارن دهشتگرديءَ کي زور وٺائي پاڪستان جي معيشيت کي تباهه ڪرڻ.

جڏهن ته ڀارت ڌارن ايم ڪيو ايم کي هٿائڻ ۽ زور وٺائڻ جا سبب وري ڪي ٻيا آهن، جن مان هڪ پاڪستان کان ڪشمير جي حمايت تان هٿ ڪڍائڻ ۽ ٻيو پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏڻ به آهي. ايم ڪيو ايم ۽ مهاجريت جو نعرو هڻندڙ ٻين تعصبي تنظيمن جو وجود خود سنڌ لاءِ به سخت هاڃيڪار آهي ۽ اها ڳالهه هر سمجهو ماڻهو سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو ته ڀارت ۽ عالمي سامراجي قوتن کي سنڌ جي سالميت کان وڌيڪ عزيز سندن پنهنجا مفاد آهن. جان ميجر/برطانيا ۽ عالمي سامراجي قوتن ڌارن ڪراچيءَ کي آجو بندرگاهه بنائڻ واري خواهش تي ڪو به رد عمل ظاهر ڪرڻ بدران ايم ڪيو ايم ۽ اهڙين ٻين تنظيمن ڌارن مجرماڻي ماٺ اسان جي انهيءَ خيال کي تقويت پهچائي ٿي.

انهي پس منظر ۾ سنڌ جي نگران وزيراعليٰ ممتاز علي ڀُٽي ڌارن سيوهڻ کي سنڌ جي گادي بنائڻ واري راءِ سنڌ جي سالميت خلاف وڌيڪ تشويش ۾ مبتلا ڪري ٿي. سونَ مٿان سهاڳو يا ٽَئي مٿان ڏانگي وري اها، ته نگران سنڌ سرڪار ڌارن ڪراچيءَ کي فري پورٽ بنائڻ جي منظوري

(عوامي آواز، 17 جنوري 1997ع) ڏيڻ جي نيت جون ڳالهيون پڻ شايع ٿي چڪيون آهن ۽ اهو به ”پڪين خاطرين“ جي آسري تي، جڏهن ته چڱي طرح ڄاڻون ٿا، ته 1940ع جي قرارداد موجب جيڪا پڪي خاڪري ڏني وئي هئي ته مسلمان اڪثريت وارن علائقن کي خودمختيار ۽ سوورين يعني پنهنجو اقتدار اعليٰ رکندڙ رياست بنايو ويندو، تنهن جو ڪهڙو حشر ٿي چڪو آهي، ۽ پاڪستان نهڻ کان وني اڄ تائين جيڪي به ”خاطريون“ ڏنيون ويون، انهن مان ڪنهن هڪ تي به عمل نه ڪيو ويو آهي. جيڪي حڪمران انتهائي بي حيائيءَ سان خود پنهنجي وطن کي عالمي سامراجي قوتن وٽ گروي رکي چڪا آهن ۽ سندن هر وک انهن جي منشا ۽ مرضيءَ موجب کڄي رهي آهي، ايتري قدر جو پنهنجي ملڪ جا ڪمائتا ڪارخانا ۽ بئنڪون به وڪڻي رڳو وياج لاهي نه ٿا سگهن، انهن کان ڪنهن وطن دوستيءَ جي اميد رکڻ ته اجائي آهي، پر واضح اهو ڪرڻ ٿا گهرون ته ڪراچيءَ کي آجو بندرگاهه بنائڻ جو سڌو مطلب رڳو سنڌ جو نه، پر پاڪستان جو ڪرنگهو ڀڃڻ جي برابر آهي ۽ اها ڳالهه بلڪل ياد رکڻ گهرجي ته ڪهڙين به پڪين خاطرين، سبز باغن ۽ منطقي دليلن جي آڙ ۾ سنڌ جي ڪنهن هڪ انچ جو به سودو ڪيو ويو ته سنڌ جا وطن دوست ۽ قومي غيرت رکندڙ ذهن سنڌ توڙي پاڪستان جي اهڙي ڪنهن به سوداگر کي بخش ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندا.

(”عوامي آواز“، 30-جنوري کان 1-فيبروري 1997ع)

## سنڌ ۾ سياسي گهوٽالو ۽ وطن دوست ڌُر جي ضرورت

مير مرتضيٰ ڀُٽي جي شهادت هڪ ڇرڪائيندڙ، وجود ڏوڏيندڙ، دل ڏڪائيندڙ ۽ رت روئاريندڙ واقعو هو. هن سان گڏ سندس ست پيا ڪونٽر ساٿي به شهيد ٿي ويا. ڪنهن ڪڏهن سوچيو به نه هوندو ته ڪو مير مرتضيٰ ڀٽو (۽ سندس ساٿي) ائين راهه ويندي قتل عام جو شڪار ٿي ويندو ۽ اهو به پوليس، خاص ڪري سنڌ پوليس جي هٿان ۽ اهو به تڏهن جڏهن سندس سڳي ڀيڻ بينظير ڀٽو هن ملڪ جي چونڊيل ۽ عملي طرح موجود وزيراعظم هوندي ۽ مرڪز توڙي سنڌ ۾ ان جي ئي حڪومت هوندي.

رات جي پيٽ ۾ جهٽڪ سڄي ملڪ خاص ڪري سنڌ جي رهاڪن اهو محسوس ڪري ورتو (يا ڪين محسوس ڪرايو ويو) ته مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سندس ساٿين جي شهادت ۾ حڪومت ملوث آهي. خاص ڪري چار نالا وڌيڪ ٻڌڻ ۾ پئي آيا: بينظير ڀٽو، عبدالله شاهه، نصيرالله بابر ۽ آصف زرداري، ۽ انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ شدت سان عام طرح ورتو ويندڙ نالو آصف زرداري ئي هو. ٻئي ڏينهن سڄي ملڪ، خاص ڪري سنڌ ۾ جيڪي احتجاجي مظاهرا ٿيا، جلوس نڪتا، جلسا ڪيا

ويا ۽ نعرا لڳا يا پتلا سڙيا، انهن ۾ باقي شخصيتون مختلف هيون پر مکيہ ۽ وڏي دشمن طور آصف زرداري جت ڪٽ عام هو.

هيڏي وڏي واقعي تي حڪومت جو رويو چوراڻو هو. ائين پئي ڀانيو تہ حڪومت پاڻ کي ڏوهي محسوس ڪري رهي آهي. واقعو ٿيو بہ تہ پوليس جي هٿان هو. حڪومت جي شرمندگي، بيوسي، ٽال مٽول ۽ بي همتي ايڏي تہ چٽي هئي جو هر ڪنهن ان کي محسوس پئي ڪيو. واسطيدار ۽ ذميوار پوليس عملدارن يا انهن مان ڪنهن هڪ کي بہ قتل جو ڏوهي قرار نہ ڏنو ويو، توڙي جو هيءُ واقعو رڳو ڪنهن هڪ فرد جو قتل نہ، پر قتل عام هو، جنهن ۾ سنڌ جي هڪ پارٽيءَ جو اڳواڻ، صوبائي اسيمبلي جو ميمبر، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جو پٽ ۽ هڪ اهڙو فرد قتل ٿي ويو هو جيڪو باعمل وزيراعظم جو ڀاءُ بہ هو ۽ هن سان گڏ سندس پارٽيءَ جا اهم اڳواڻ پڻ شهيد ڪيا ويا هئا.

۽ حالتن ظاهر پئي ڪيو تہ جيڪو ڪجهہ ڪيو ويو هو ۽ ٿيو هو، اهو اوچتو يا اتفاقي نہ، پر هڪ سوچيل سمجهيل ۽ ڳٽيل ڳوتيل منصوبي هيٺ ڪيو ويو ۽ ٿيو هو. حڪومت جي رويي مان بي پرواهي بہ بکي رهي هئي. وزيراعظم پرڏيهي دوري تي هلي ويئي، معمول مطابق رٿيل اجلاس ۾ شرڪت ڪيائين ۽ پاڪستاني پرڏيهي پاليسي ۽ٿانڊر ڪشمير جي مسئلي تي ڳالهايائين. جڏهن تہ ٽن ڏينهن تائين هن قتل عام جي ايف آءِ آر بہ داخل نہ ٿي يا نہ ٿيڻ ڏني وئي، ۽ جيڪا ايف آءِ آر داخل ٿي يا ڪئي وئي، اها گهر ۽ وارثن جي ڪنهن ذميوار فرد پاران نہ، پر گهر جي هڪ نوڪر پاران داخل ڪئي وئي، ڄڻڪ ڪنهن رسم جي پورائي هئي. ائين پئي محسوس ڪرايو ويو ڄڻڪ کو لاوارث، نڌڻڪو يا ”الله جو ماڻهو“ ڪنهن عام حادثي ۾ مارجي ويو هجي. حڪومت جي انهيءَ ڏينهون ڏينهن ٿيندڙ بي مروت رويي ڪيس ئي وڌيڪ ملوث پئي ڪيو ۽ مٿس شڪ وڌيڪ گهرو ٿيندو پئي ويو. حڪومت مخالف ماڻهن، سياستدانن ۽ سندن پارٽين جي مخالفت پنهنجيءَ جاءِ، پر حڪومت جي ڪيترن ئي خير خواهن ۽ خاص ڪري سنڌين جي عام سوچ اها هئي تہ انهيءَ ايڏي وڏي واقعي جي نہ رڳو ڀرپور جاچ ٿئي ۽ سازشي قاتلن کي پڪڙي قانوني سزا ڏني وڃي، پر حڪومت، خاص ڪري بينظير ڀٽو کي احتجاجاً هڪدم استعيفيٰ ڏئي ڇڏڻ گهرجي. پر نہ تہ قاتل پڪڙيا ويا نہ، نہ سازشي گرفتار ٿيا ۽ نہ ئي وري بينظير ڀٽو کا استعيفيٰ ڏني، اٽلو وزيراعظم اهو چوڻ شروع ڪيو تہ هوءَ ڪنهن بہ دٻاءَ ۾ اچي استعيفيٰ نہ ڏيندي. استعيفيٰ پل نہ ڏئي ها، پر ڀرپور جاچ ڪرائي قاتلن ۽ سازشين کي تہ جهلي ها. ائين بہ نہ ٿيو! سچ پچ محسوس پئي ٿيو تہ ٻين جيان هن قتل عام کي بہ لوڙهي ڇڏيو ويندو ۽ اهو تاثر اڄ بہ قائم آهي.

وزيراعظم طور نالو تہ بينظير ڀٽو جو استعمال پئي ٿيو پر عملي طرح ڪٿي بہ سندس حڪومت نظر نہ پئي آئي. ٽربيونل ويهارڻ ۽ برطانوي جاچ ٽيم اچڻ کان پوءِ کو وقت اهو بہ آيو جو پاڻ هن ملڪ جي وزيراعظم چيو تہ هوءَ سازشين ۽ قاتلن کي سڃاڻي ٿي. تڏهن ماڻهن عجب ۾ پئجي سوچيو هو تہ پوءِ چو هوءَ انهن قاتلن ۽ سازشين جو نالو نہ ٿي ڪٽي، چو ٽربيونل آڏو

وجي بيان ۽ شاهديون پيش نہ ٿي ڪري!؟ اهي بيان ۽ انهن ڏينهن جي سياسي صورت خود پ پ جو گراف ڪيرائي رهي هئي ۽ ماڻهن جون ان سان همدرديون ويون پئي گهٽبيون. اهو ئي سبب هو جو حڪومت جي برطرفي جي اعلان مهل نہ تہ ڪو وڏو عوامي احتجاج ٿيو ۽ نہ ئي ماڻهن ڪو ڏک محسوس ڪيو. اٽلو هنن ايئن محسوس ڪيو ڄڻڪ ڪنهن وڏي ڏباءَ کان آزاد ٿيا هجن. ان جو بنيادي ڪارڻ مير مرتضيٰ ۽ سندس ساٿين جي قتل عام ڏانهن حڪومت جي اختيار ڪيل اها غير ذميواراڻي ۽ بي پرواهہ روش ئي هئي، نہ ڪي مبينہ ڪرپشن، مهانگائي وغيره وغيره. ڪرپشن، مهانگائي، بي روزگاري ۽ ان قسم جا ٻيا عمل پاڪستان جي ڪهڙي حڪومت آهي، جنهن سان لاڳاپيل نہ هجن!؟ مهانگائي، ڪرپشن وغيره تہ اجوڪي نگران حڪومت سان بہ لاڳاپيل آهي. مٿان وري بيداد اهو تہ هيءَ نگران حڪومت بہ ٻين سنڌ دشمنن جيان پ پ حڪومت دوران مليل ملازمن کي ختم ڪندي، اڳوڻن بي روزگارن کي هڪ ڀيرو وري بي روزگار ڪندي پئي وڃي، جنهن جو وڏو شڪار سنڌي ئي ٿي رهيا آهن. نگرانن کي اهو حق ڪنهن ڏنو آهي تہ اهي ماڻهن کي بيروزگار ڪندا رهن؟

مير مرتضيٰ ڀُٽي ۽ سندس ساٿين جي قتل عام کان ترت پوءِ سنڌ جي سياسي ماحول ۾ ڪي ئي اهڙيون تبديليون آيون آهن، جن بابت ڪنهن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو. موقعي پرست ۽ ابن الوقت سياسي وڏيرا ۽ ٻيا مهرا سياسي فضا جو رخ ڏسندي، ڏڙا ڏڙ شهيد ڀٽو گروپ ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ ۾ شامل ٿيندا پيا وڃن. انهن ابن الوقت ۽ موقعي سياسي وڏيرن ۽ مهرن مان گهڻا ڪالهہ بينظير ڀٽو جي پ پ ۾ شامل يا ان سان لاڳاپيل هئا. ميرمرتضيٰ ڀٽو ۽ ممتاز علي ڀٽو توڙي سندن پارٽيون (ٻيون پارٽيون) تہ ڪالهہ بہ سنڌ جي سياست ۾ موجود هيون. انهن جي وطن دوستي ۽ عوام دوستي بہ ڪي ايڏيون اونهيون لڪل نہ هيون، جو انهن ابن الوقت ۽ موقعي پرست سياسي وڏيرن ۽ مهرن کي نظر نہ اينديون هجن. پوءِ آخر، اوچتو ئي اوچتو، انهن جي اندر ۾ اهو ڪهڙو راز کلي پيو آهي جو شهيد ڀٽو گروپ ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ انهن کي ڏاڍا ”وطن دوست“ ۽ ”عوام دوست“ نظر اچڻ لڳا آهن ۽ ”سنڌ ۽ سنڌي عوام جي بهتر خدمت“ لاءِ سياسي ٽپڪو متائيندا پيا وڃن؟ انهن کي جيڪڏهن عوام ۽ سنڌ جي خدمت جو ايڏو ئي اونو هجي ها، جيڏو اڄ ڪلهہ بيان ڪري رهيا آهن، تہ ڇا ڪالهہ اهي پنهنجي پارٽي-پليٽ فارم تان اها خدمت نہ پئي ڪري سگهيا؟ ڇئبو تہ انهن کي شهيد ڀٽو گروپ ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ جي عوام ۽ سنڌ دوستي نہ، پر ڪا ٻي شيءِ نظر اچي رهي آهي ۽ بنا ڪنهن رک رکاءَ جي چئي سگهجي ٿو تہ اها پر ڪشش شيءِ اقتدار جي ڪرسيءَ کان سواءِ ٻي ڪا بہ ناهي. جيڪڏهن ڪو انهيءَ وهم ۾ مبتلا هجي يا ٿي ويو آهي تہ هاڻي هن ڀيري اهي ابن الوقت ۽ موقعي پرست سياسي وڏيرا ۽ مهرا شهيد ڀٽو گروپ ۽ سنڌ نيشل فرنٽ کي ڪو عوام ۽ سنڌ دوست عمل ڪرڻ ڏيندا يا انهيءَ ۾ هٿ ونڊائيندا، تہ اها محض خوش فهمي ٿيندي. اٽلو امڪان اهو آهي تہ شهيد ڀٽو گروپ ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ جي جيڪا بہ وطن- ۽ عوام-دوستي آهي انهيءَ کي بہ وڃائي برباد ڪري ڇڏيندا. بلڪل ائين جيئن پ پ سان ڪري چڪا آهن.

اها هڪ حقيقت آهي ته بينظير ڀٽو جي اڳواڻيءَ هيٺ پ پ حڪومت ۾ پيرا نهي چڪي آهي ۽ اها به حقيقت آهي ته پهرينءَ حڪومت ڪي سوا سال مس هلڻ ڏنو ويو ۽ ٻي حڪومت ٽي سال هلي سگهي. پهرئين واري حڪومت ڪو ڀوتو نه ٻاريو، پر جيئن ته ڪيس جنرل ضياءَ جي جانشين صدر هٽايو هو، ان ڪري اها مظلوم جي حيثيت ۾ لهي اچي پٽ پيئي ۽ عام ماڻهن خاص ڪري سنڌين وٽ ان لاءِ همدردي برقرار رهي. اها به حقيقت آهي ته ٻئي واري به هن ڪو خاص ڪارنامو سرانجام نه ڏنو، اٽلو پنهنجو وقار وڃائيندي پئي وئي. جيڪڏهن ڪيس باقي به سال به هلڻ ڏنو وڃي ها ته ان جو شايد ايترو مانُ به نه بچي ها، جنهن ڪي پنهنجي خلاف ٽيل سازش جي مواد طور استعمال ڪري رهي آهي. هن پيري ان ڪي هٽائيندڙ سندس ئي نمائندن جي ووٽ سان سندس ئي پارٽيءَ جو هڪ ليڊر آهي تنهنڪري ماڻهن وٽ ان لاءِ ڪا به مظلوميت جي پرچار قابل قبول ناهي.

جيستائين مهانگائيءَ، ڪرپشن، اقربا پروريءَ، رشوت خوريءَ، بيروزگاريءَ وغيره جو تعلق آهي، انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي، ته پيپلز پارٽيءَ جي انهن ٻنهي حڪومتن دوران موجود رهيون ۽ وڌيون، پر ڇا ائين رڳو پ پ حڪومت دوران ئي ٿيو آهي؟ ڇا، مثال طور، نواز شريف جي حڪومت انهن اوڻاين کان پاڪ هئي؟ جواب آهي "نه". نواز شريف جي حڪومت دوران به اهي مسئلا نه رڳو موجود هئا پر وڌندا به رهيا. هتي فطري طرح هڪ سوال ٿو اڀري ته آئينده جيڪا به ڌر (يا ڌريون) اقتدار ۾ ايندي ۽ حڪومت ناهيندي، ڇا اها انهن غليظ عيبن ۽ اوڻاين کان پاڪ هوندي؟ ڪجهه به چيو وڃي، پر جواب وري به هڪ وڏي "نه" ئي آهي. پاڪستان ۾ جيڪو سياسي ماحول ۽ مزاج پالي تاتي وڌو ڪيو ويو آهي اهو مجموعي نموني اخلاقي طرح چَٽ، قومي طرح بي غيرت، انساني طرح بي حس، قانوني طرح مجرم ۽ رويي ۾ بدڪردار آهي ۽ اصولي طرح ڏسجي ته عوام جو دشمن ۽ وطن جي دائمي مفادن سان غدار آهي. حڪمرانن، سياسي مجرمن ۽ قانوني ڏوهارين ڪي سندن سموريون وطن دشمنيون، غداريون، سازشون، ڪيني پروريون ۽ ڪمينپايون ڦٻنديون پئي رهيون آهن، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته پاڪستاني معاشري جو در حقيقت غليظ ترين، بدڪردار ۽ ڏوهاري فرد، جيڪو جيترو وڏو مجرم اوترو وڏو ڪنهن نه ڪنهن سياسي پارٽيءَ يا علائقي/قبيلي/ذات جو اڳواڻ يا اڳواڻ جو گهاتو يار نظر اچي ٿو. پاڪستاني معاشري ۾ گهڻا، وڏا ۽ مکيہ ڏوهہ مارشل لائي اقتدار يا جمهوري حڪومت جي ڇانوَ هيٺ ئي ٿيا آهن. لڳ ڀڳ هر سياسي اڳواڻ ۽ ان جي مکيہ مهرن ۽ ساٿين جا ڪي ئي ڏوهہ عوام جي زبان ۽ ذهن تي موجود ۽ تاريخي رڪارڊ تي محفوظ آهن، پر عوام ۽ قانون يا ته بي وس آهن يا وري بي وس بنايا ويا آهن. قانون پاران انهن کان ڪو به پڇاڻو ناهي ۽ عوام مجبور، ته يا مارشل لا يوڳي يا وري هر ايندڙ چوندڙ ۾ انهن ئي بدمعاشن مان ڪنهن هڪ ڪي چونڊيندو رهي.

اهڙيءَ حالت ۾ احتساب جو مطالبو ڪنهن به طرح اجايو نه آهي، پر شرط آهي ته احتساب جا ڪي اصولي طريقا رٿيا ۽ طي ڪيا وڃن ۽ باوقار ادارا ٺاهي انهن ڪي باعمل بنايو وڃي.

احتساب جو حق جمهوري سياسي حوالي سان عوام ڪي آهي، پر عوام اهو حق استعمال ڪري سگهڻ جي حيثيت ۾ ناهي. عوام جي آڏو نعرا ڦيرائي ۽ سياسي پوش مٽائي، ٽلهي ليکي

اهي ساڳيائي فرد ۽ انهن جو اولاد ايندا رهن ٿا جيڪي گذريل ڏيڍ صديءَ دوران گورن ۽ ڪارن حڪمرانن پالي تاتي وڏا ڪيا ۽ جن جي خمير ۽ تخم ۾ وطن ۽ عوام سان ڌوڪيبازي ۽ موقعي پرستي ۽ ابن الوقتي پريل آهي، اهي انتهائي بيعزتيءَ ۽ بيحيائيءَ سان چڙهندڙ سج جا سلامي ۽ چالبازين ۾ حڪمرانن جي جوتن جي خاڪ رهيا آهن. عام چوندن جو سرشتو، تڪن جو وسعت ۽ ڳاتو پيجندڙ خرچ اهڙا آهن جو عام چوندن ۾ رڳو اهي بدمعاش ۽ چاپلوس ئي حصو وٺي سگهن ٿا تنهنڪري عوام مجبور آهي ته اهو احتساب جي خواهش باوجود پنهنجي پسند موجب چوند نه ڪري سگهي. عوام جي مجبوري آهي ته سامهون آيل ۾ چوندن ۾ بيهي سگهندڙ ڪنهن هڪ فرد کي ووٽ ڪري اچي.

قانوني حوالي سان احتساب جو حق قانون جي رکوال ادارن کي آهي، پر قانون جي تشريح ۽ تحفظ ڪندڙ ادارا به اهو حق عملي ۽ اصولي طرح استعمال ڪري سگهڻ جي حيثيت ۾ ناهن، جو ته چور چورن خلاف زباني دانهون ته ڪن ٿا، قانون جي آڏو نه ٿا اچن. ملزم جيستائين قانون جي رکوال ادارن جي ڪٺهڙي ۾ نه ايندو، هر سزا کان بچيل رهندو. عام ماڻهو انهيءَ حيثيت ۾ ناهي جو ڪيس ڪري، ثبوت ۽ شاهديون آڻي ۽ ڪورٽن جا خرچ پري سگهي.

ڪي سياسي ڌريون ۽ فرد احتساب جو مطالبو موجوده نگرانن کان ڪري رهيا آهن ۽ نگران حڪومت پاڻ به پهرئين ئي ڏينهن کان احتساب جو نعرو هڻندي رهي آهي، پر اصولي نظر سان ڏٺو وڃي ته نگرانن کي احتساب جو ڪو به حق ناهي. موجوده صدر انهيءَ ئي حڪومت ۽ اسيمبليءَ پاران چونڊيل آهي جنهن کي هن پنهنجا (آمر جنرل ضياءَ وارا) صوابديدي اختيار استعمال ڪندي ڪِرپٽ ۽ بدمعاش سڏي ٽوڙي ڇڏيو. ”ڪرپٽ ۽ بدمعاش“ نمائندن جي چونڊيل ماڻهوءَ کي پاڻ اقتدار ۾ ويهڻ ۽ پنهنجيءَ پسند تي ڪي ماڻهو حڪومت ۾ ويهاري احتساب ڪرڻ جو اخلاقاً ڪو به حق نه هئڻ گهرجي. نگران حڪومت نه ته عوام جي ووٽ سان چونڊجي آئي ۽ نه ئي وري ڪنهن بئي اصولي، اخلاقي ۽ قانوني حوالي سان ڪو اهڙو اختيار رکي ٿي جو ڪيس ڪنهن جي احتساب جو حق ملي پوي. نگرانن جو پهريون ۽ مکيه فرض غيرجانبدار ۽ شفاف چوندون ڪرائي، اقتدار چونڊيل نمائندن کي ڏيڻ آهي.

هن حڪومت کي ڪرپٽ ۽ بدمعاش سڏي لاٿو ويو ۽ جن بهانن جي آڌار تي اسيمبلين ۽ حڪومتن کي ٽوڙيو ويو، اڄ ڏينهن تائين ڪنهن جي به خلاف ڪو هڪ به نوس ثبوت ڪورٽ ۾ نه آندو ويو آهي. اسيمبلين کي ٽٽي ۽ حڪومت کي ختم ڪئي ڏيڍ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي. پر صورتحال هيءَ آهي ته وائيس آف آمريڪا ۽ بي بي سي جهڙا نشرياتي ادارا به ورجائي ورجائي مڃڻ لڳا آهن ته احتساب جي عمل کي عدم ثبوت جي بنياد تي معطل يا ختم ڪيو ويو آهي. حڪومت ۽ اسيمبلي ٽوڙڻ مهل پاڪستان جي صدر جو هڪ الزام اهو به هو ته مير مرتضيٰ ڀٽي ۽ سندس ساٿين جي قتل عام جي سلسلي ۾ ٿيندڙ تحقيق جي راهه ۾ رنڊڪون وڌيون پئي ويون، پر اڄ به پ پ حڪومت ۽ ان جي مختلف اڳواڻن خلاف سموري انتظامي مشينري ۽ ڏيهي نشرياتي ادارا استعمال ڪرڻ باوجود نگران حڪومت اتي ئي آهي جتي حڪومت

ٽوڙڻ مهل هئي. ٽربيونل جي تحقيق ساڳئي نموني ۽ ساڳئي رفتار سان پئي هلي، نگران حڪومت پنهنجي گذريل اقتداري ڏينهن ۾ جيڪي مکيه ڪارناما سرانجام ڏنا آهن انهن کي اخباري رپورٽن جي بنياد تي هنن نڪتن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو: (1) افراط زر ۾ واڌ، ۽ پيرا قيمتن ۾ چاڙهه، ٿيون پيرو اچڻ وارو آهي، نتيجو؟ وڌيڪ مهانگائي، (2) ميرمرتضيٰ ڀٽو ڪيس ۾ اڻ لڪي شاهديءَ جي بنياد تي آصف زرداري جي گرفتاري، (3) ڪيترن ئي اهڙن ايم ڪيو ايمي ڪارڪنن جي آزادي، جن تي قتل، اغوا ۽ دهشتگردي جا ڪيس هلي رهيا آهن، (4) دهشتگرديءَ خلاف ويڙهه ڪندڙ اڳوڻي وزيراعليٰ عبدالله شاهه جي گرفتاري، ۽ (5) ڪيترن ئي سنڌين کي ملازمتن مان نيڪالي، وغيره.

مير مرتضيٰ ڀٽي ۽ سندس ساٿين جو قتل عام الزامن هيٺ آيل فردن ۽ پ پ حڪومت جي سازش آهي يا نه، ۽ درحقيقت ان جو ذميوار ڪير آهي، اهو فيصلو عدالت کي ڪرڻو آهي، پر جوڳي شاهديءَ ۽ نوس ثبوتن کان سواءِ رڳو سڪٽن الزامن جي بنياد تي پ پ حڪومت ۽ اسيمبليءَ جو خاتمو هاڻي بهرحال هڪ ڳجهي سازش جي نشاندهي ڪرڻ لڳو آهي.

نگران وزيراعليٰ ممتاز علي ڀُٽي جو اخبارن ۾ هڪ بيان شايع ٿي چڪو آهي، جنهن موجب هن جو خيال آهي ته سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي ۽ اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو به ڪي ئي بيان ڏئي چڪي آهي ته اهڙي ئي سازش اڳ به عمل هيٺ هئي. حقيقي سنڌ دشمن سازشي ڪير آهن؟ انهن جو ڏس پتو اڃا نه ڏنو ويو آهي، پر بنا ڪنهن شڪ شبهي جي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ اهڙي مکيه سازشي قوت ايم ڪيو ايم آهي جنهن جا ٻئي معروف ڏاڙا ڪلي عام سنڌ ورهائڻ جي ڳالهه ڪندا رهيا آهن ۽ ڪن پيا. سنڌ ۾ دهشتگرديءَ جو بنيادي ڪارڻ ايم ڪيو ايم آهي جيڪا گذريل ڏهن ورهين کان عملي طرح انهيءَ راهه تي هلندي رهي آهي. اها حقيقت نه مڃڻ هڪ ڪم ظرفي ۽ جهالت ٿيندي، ته گذريل ٽن سالن دوران پ پ حڪومت انهيءَ دهشتگرديءَ جو مؤثر سان مقابلو ڪيو ۽ ڪيترن ئي دهشتگردن کي جهنم ۽ جيل واصل ڪيو.

اسان جي سوچ جو مرڪز سنڌ ۽ سنڌين جا دائمي، اصولي ۽ تاريخي مفاد آهن. اڪيئن ڏسون پيا ته سنڌ دشمن سازشي ۽ دهشگرد هڪ پيرو وري مضبوط، منظم ۽ پنهنجن حلقن ۾ مقبول ٿيندا پيا وڃن ۽ انهن کي زور وٺائيندڙ قوتون هڪ پيرو وري ڏاڍيون سرگرم ٿي ويون آهن. سنڌ ۽ سنڌين جي دائمي مفادن خلاف ڪات ڪهاڙا تکا ۽ ڪلاشنڪوفون لوڊيڊ آهن. سنڌ دشمني جي فضا بارود جي ذرڙن سان ڀرپور ۽ هڪ چڻنگ جي منتظر آهي، جڏهن ته سنڌي ۽ سنڌ دوست قوتون جهڙوڪ ننڍڙڪيون، نبل، بيوس ۽ مجبور، ان جي وس ۾ جيڪڏهن ڪجهه آهي ته اهو واڪا ڪرڻ آهي.

اهڙي سنڌ دشمن رچيل سياسي ماحول ۾ امڪانن رڳو 35 ڏينهن کان پوءِ چونڊون ٿيڻيون آهن. سنڌي ماڻهو سياسي پارٽين جي ڪرتوتن کان ايڏا ته بيزار آهن جو هزارين ماڻهو علي لاعلان چوندا پيا رهن، ته ووٽ ڪرڻ ويندا ئي نه! اهي ووٽ ڪن يا نه، چونڊون ٿينديون ته ڪيترا به ووٽ پون، انهن جي بنياد تي ڪنهن نه ڪنهن جي سوڀ يا هار ٿيڻي آهي. جيڪا به سياسي صورتحال

آهي، جهڙيون به سنڌ دوست ڌريون موجود آهن. (اها وڏي غفلت ۽ ڪوتاهي چئبي جو ووٽ نه ڪجي.) اسان ماڻهن کي ووٽ بهرحال ڪرڻو آهي، ان ڪري سياسي حالتن کي چڱيءَ طرح سمجهي، شعوري ڪوشش ڪري، اهڙي سياسي پارٽيءَ کي ووٽ ڪرڻو آهي جيڪا ڪنهن به طرح پر ڪنهن نه ڪنهن نسبتاً وڏي حد تائين، سنڌ ۽ سنڌين جي دائمي ۽ تاريخي مفادن جو تحفظ ڪري ۽ سنڌ دشمن سازشين ۽ دهشتگردن کي ٻجو ڏئي سگهي.

سنڌ ۾ هن وقت جيڪي ڌريون سنڌ دوستيءَ جي حوالي سان پاڻ کي پيش ڪن ٿيون، تن ۾ هيٺ ڏنل نالا نمايان آهن:

1. پاڪستان پيپلز پارٽي
2. پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو گروپ)
3. سنڌ نيشنل فرنٽ
4. سنڌ ترقي پسند پارٽي
5. عوامي تحريڪ (پليجو گروپ)

گهٽ يا وڌ پر چڱايون لڳايون، سڻايون خرابيون، سڀني ۾ موجود هونديون آهن. ڪا به تنظيم پوتيءَ پاڪ ناهي، بلڪ جيڪا پارٽي جيتري وڏي آهي ۽ جيترو وڌيڪ نمايان، خاص ڪري اقتدار ۾ رهي آهي، ان جا اوترا وڌيڪ ڳڻ يا اوڳڻ پڌرا آهن. اسان جو موضوع مختلف تنظيمن جي اوڻاين پوڻاين جي ذڪر جي موڪل نه ٿو ڏئي. اسان کي اهو ڏسڻو آهي ته وطن دوستيءَ جي دعويدار ڪا به ڌر حقيقتاً ڪيتريون سيٽون کٽي سگهي ٿي. مثال طور، عوامي تحريڪ پليجو گروپ اعلان ڪيو آهي ته ٽيرهن سيٽن تي پنهنجا اميدوار بيهاريندو. ڪيترن اميدوارن جا فارم بحال ٿين ٿا ۽ ڪيترن جا رد، اجوڪي ڏينهن تي اسان کي پڪي پختي خبر ناهي، پر اها پڪي خبر آهي ته عوامي تحريڪ پليجو گروپ انهن کان وڌيڪ سيٽن تي اميدوار بيهاري سگهڻ لائق نه آهي. عوامي تحريڪ پليجو گروپ ٻارهن ٽيرهن سيٽن تي کٽي سگهي، حقيقت پسند ٿي ڏٺو وڃي، ته ناممڪن آهي. اهڙيءَ طرح پ پ پ کان سواءِ سنڌ دوستيءَ جي دعويدار هر ٻي ڌر سڄيءَ سنڌ ۾ سڀني سيٽن تي پنهنجا اميدوار نه آندا آهن ۽ جيڪي آندا آهن اهي سڀ جو سڀ پنهنجي پنهنجي سيٽ کٽي سگهڻ جي حيثيت ۾ نه آهن، جن به کٽيو، اهي بلڪل ٿورا هوندا يعني هر ڌر رڳو پاڻ تي ٻاڙيندي سنڌ حڪومت ناهي سگهڻ جي حيثيت ۾ نه هوندي. اهڙي حالت ۾ ٽي ممڪن صورتون عمل ۾ اچي سگهن ٿيون:

1. حڪومت ناهڻ جي دعوت ڪنهن به هڪ ڌر کي ڏني وڃي، جيئن ڄام صادق علي کي ڏني وئي هئي، ۽ اها ڌر ٻين سان اتحاد ڪري پنهنجي اڪثريت ثابت ڪري.
2. حڪومت ناهڻ جي دعوت پ پ پ کي ملي ۽ وطن دوستيءَ جي دعويدار ڌر ان سان ناهه ڪري يا مخالف بينچن تي ويهي.
3. حڪومت ناهڻ جي دعوت ايم ڪيو ايم کي ملي ۽ سنڌ دوستيءَ جي دعويدار ڌر ان سان ناهه ڪري يا مخالف بينچن تي ويهي.

اسان جي خواهش آهي تہ سنڌ دوستيءَ جي دعويدار هر ڌر جي باعمل گهٽ ۾ گهٽ فرسٽ رينڪ قيادت، جيئن مثال طور سنڌ ترقي پسند پارٽي جا ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ ڊاڪٽر دودو مهيري آهن، ضرور ڪٽي. حقيقت بهرحال اها رهڻي آهي تہ پ پ پ کان سواءِ سنڌ دوستيءَ جي دعويدار ٻي ڪا بہ ڌر جيترين بہ سيٽن تي ڪٽي ٿي ان کي مٿي ڄاڻايل ٽن ممڪن صورتن مان ڪنهن هڪ سان منهن ڏيڻو پوندو.

پهرئين ممڪن صورت عمل ۾ آئي تہ سنڌ دوستيءَ جي دعويدار ان ڌر کان ايم ڪيو ايم لڳ ڀڳ سڀ اهم وزارتون ۽ ٻيا اختيار گهرندي، جيئن ڄام صادق علي کان گهريا هئائين. سنڌ دوستيءَ جي دعويدار ڌر جيڪڏهن حڪومت ناهڻ ۽ اقتدار ۾ رهڻ ٿي چاهيندي، تہ ان کي ايم ڪيو ايم جي آڏو جهڪڻو ۽ ان جو ڳيجهو ٿيڻو پوندو، جيئن ڄام صادق علي هو. نتيجو اهو نڪرندو تہ سنڌ دوستيءَ جي دعويدار ڌر ٻلي ڄام صادق علي جيان/جهڙو عمل نہ ڪري پر ايم ڪيو ايم اهو ٿي ڪندي جيڪو اها پسند ڪري ۽ اهڙيءَ طرح گهٽ ۾ گهٽ ايم ڪيو ايم پاران امڪاني طرح ڄام صادق دور کي متاثهين سطح تي ورجايو ويندو.

ٻي يا ٽين ممڪن صورت عمل ۾ آئي تہ حڪومت ۽ اقتدار ۾ شامل رهڻ لاءِ سنڌ دوستيءَ جي دعويدار ڌر کي هڪ يا وڌ ۾ وڌ ٻن وزارتن ۽ ڪجھ نيڪن ۽ پرمٽن تي راضي ٿيڻو پوندو. اهڙيءَ حالت ۾ پارليامينٽري سياست جي حوالي سان ان جو ڪردار ڄام صادق دور ۾ عوامي تحريڪ راهو گروپ جهڙو يا ان کان ڪجھ بهتر رهي سگهندو. پر جي اها مخالف بينچن تي ويهڻ پسند ڪري ٿي تہ ان جو ڪردار گذريل حڪومت دوران ممتاز علي ڀٽي جي ڪردار جهڙو يا ان کان ڪجھ گهٽ يا وڌ ٻيهندو.

ان هوندي بہ اسان جي خواهش آهي تہ سنڌ دوستيءَ جي دعويدار هر ڌر جي باعمل فرسٽ رينڪ قيادت ضرور ڪٽي ۽ پارليامينٽري سياست ۾ شريڪ ٿئي. تڏهن بہ ٿورو گهٽ يا وڌ پر سنڌ ۽ سنڌين لاءِ هاڻوڪو سياسي ماحول لڳ ڀڳ ساڳيو ئي رهندو.

سنڌ ۽ سنڌين جي حوالي سان پيپلز پارٽيءَ جي دماغ ۾ پرجي ويل غرور جي واءُ کي ضرور ڪڍڻ گهرجي ۽ نڪي نوڪي ڪڍڻ گهرجي، پر سنڌ-دوستيءَ جون دعويدار ڌريون ائين، موجود ڇڙوڇڙ سياسي حيثيت ۾ ان واءُ کي ڪڍي سگهن، ممڪن ناهي. هر سڄاڻ سنڌي بخوبي ڄاڻي ٿو تہ سنڌ ۽ سنڌي دوستيءَ جي دعوٰيٰ باوجود هر سياسي ڌر جون پنهنجون ڪي اوليتون، ترجيحون ۽ خصوصيتون آهن جنهنڪري انهن سيني جي وچ ۾ هر حالت ۾ ۽ هر طرح اتحاد ٿي سگهڻ جي اميد اجائي آهي پر پوءِ بہ، جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ جي هڪ هٽيءَ کي ٽوڙڻو آهي تہ انهن سيني ڌرين کي گهٽ ۾ گهٽ اليڪشن جي حوالي سان ڀرپور اتحاد ڪرڻو پوندو ۽ کي ٻيا اتحادي بہ ساڻ ڪٽڻا پوندا. پيپلز پارٽي اڄ، پنهنجين اوڻاين، مخالفاڻين سازشن ۽ سياسي حالتن جي ڪري ڏڪجي ۽ ڪمزور ٿي انهيءَ حالت کي وڃي پهتي آهي جو اڄوڪي سياسي ماحول ۾ سنڌ ۽ سنڌي دوستي جي دعويدار ڌرين جو ڀرپور اتحاد ڪانئس ووٽر قوت کسي سگهيو پئي. پر ظاهر آهي ۽ حقيقت آهي تہ اڄ اهڙو ڪو بہ اتحاد موجود ناهي.

سنڌ ۾ سنڌين کي هڪ وڏي، طاقتور، منظم، روشن خيال، ترقي پسند ۽ عوامي سياسي پارٽيءَ جي اشد ضرورت آهي. هڪ اهڙي سياسي پارٽيءَ جي، جيڪا سنڌ ۾ سنڌين جي قدرتي، تاريخي، جاگرافيائي، معاشي، سياسي، ثقافتي، نفسياتي، لسانياتي (۽ لساني) ۽ انساني حقن جي تحفظ لاءِ ڀرپور عملي ۽ علمي تحريڪ هلائي، سياسي سجاڳي ۽ ٻڌي پيدا ڪري، سنڌ جي گهٽي ڪان گهٽڻ رهواسين کي هڪ پليٽ فارم تي ۽ هڪ جهنڊي هيٺ گڏ ڪري سگهي، جيڪا سنڌين کي سچ پچ سنڌ جو مالڪ بنائي سگهي. ليڪڪ کي، هن وقت، اهڙا ڪي گڻ ۽ ڪٽا سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ ۾ نظر اچن ٿا، پر اهو اجا ابتدائي اوسر جي مرحلن ۾ آهي. اهڙين گهٽين ڏرين جو موجود هجڻ ڪو عيب ناهي. اهي شل ساڄهه وند ۽ سچيون رهن ۽ وڌن ويجهن پر هن وقت جيڪا سياسي فضا موجود آهي ۽ رڳو 35 ڏينهن ڪان پوءِ امڪانن جيڪي عام چونڊون ٿيڻيون آهن، انهن ۾ اسان کي باشعور نموني شامل ٿيڻو آهي.

پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجين سمورين ڪمزورين، اوڻاين، ڪلچڙاين ۽ ڪچائين باوجود، سندس ٻي ڪا چڱائي ڳڻجي يا نه، ايترو سو ضرور مڃڻو پوندو ته گهٽ ۾ گهٽ گذريل ٽن سالن جي حڪومت دوران سنڌ دشمن دهشتگردن آڏو نه ته جُهڪي، نه آڻ مڃيائين ۽ نه ئي وري اهڙي ڪنهن سنڌ دشمن نقطي تي ٺاهه ڪيائين، جو ڪيس انهيءَ حوالي سان سنڌين آڏو شرمندو ٿيڻو پوي. ان جي ابتڙ هوءَ دليريءَ سان ايترو وڙهي جو سنڌ دشمن ۽ دهشتگرد سازشي قوتون سنڌ جي ٻين (سچين يا ڪوڙين) قومپرست ڌرين سان ته ٺاهه ڪرڻ لاءِ تيار آهن، پيپلز پارٽيءَ سان نه. اهي سنڌ دشمن ۽ دهشتگرد سازشي قوتون پنهنجي تجربي جي آڌار تي پيپلز پارٽيءَ کي پنهنجو سڀ ڪان وڏو ۽ خطرناڪ دشمن سمجهن ٿيون.

حضرت علي عليہ سلام جن جو جڳ مشهور قول آهي، ته توهان جو دوست، توهان جي دوست جو دوست ۽ توهان جي دشمن جو دشمن توهان جو سڄڻ آهن ۽ توهان جو دشمن، توهان جي دوستن جو دشمن ۽ توهان جي دشمن جو دوست توهان جا ويري آهن. اڄوڪين سياسي حالتن ۾ ٻيو نه، ته ٻه گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ هڪ حوالي سان پيپلز پارٽيءَ کي سنڌ ۽ سنڌين جي دشمن جو، دشمن جي دائري ۾ سمجهان ٿو، باقي وڌيڪ فيصلو ته عوام کي ڪرڻو آهي ته اهو ڪنهن کي ٿو سنڌ جو سڄڻ تصور ڪري.

(عوامي آواز، 13-جنوري 1997ع)

## ايندڙ چونڊون: سنڌ دشمن سازشن جا پيرا ڪٽڻ جي ضرورت

مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلين توڙي حڪومتن کي ختم ڪئي ڏيڍ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي ۽ نگران وزيراعظم ڪليل پريس ڪانفرنس ۾ اعلان ٿو ڪري، تہ پ پ پ حڪومت توڙي الزام هيٺ آيل ان جي فردن خلاف ڪي بہ شاهديون ۽ ثابتيون نہ ملي سگهيون آهن. مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سندس ساٿين جي شهادت خلاف ثابتيون هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ مقرر ڪيل ٽربيونل جي ڪاروائي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ ٽينڊڙ آڏي پڇا ۽ تحقيق ائين ئي جاري آهي جيئن مرڪز توڙي سنڌ ۾ پ پ حڪومت دوران جاري هئي ۽ اجا ڪي ئي ڏينهن جاري رهڻي آهي. فرق رڳو اهو آهي تہ اڳ حڪومت جي ظاهري واڳ ڌڻين پاران صدر پاڪستان ۽ اڳوڻي وزيراعظم جي وَر جو نالو ڪلي عام نہ ورتو ويندو هو ۽ هاڻي صدر پاڪستان فاروق لغاري چٽيءَ طرح آصف زرداريءَ جو نالو کڻي رهيو آهي ۽ اڳوڻي وزيراعظم اجا بہ صدارت جي ڪرسي تي ويٺل فاروق لغاريءَ جو ۽ ٻيو تہ آصف زرداريءَ کي انهيءَ الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. ايوانِ صدر ۽ سنڌ جي نگران حڪومت پ پ پ جي مخالف ٻين سمورين سياسي پارٽين ۽ انهن جي اڳواڻن جيان پ پ پ جي مرڪزي توڙي سنڌ ۾ نمايان اڳواڻن ۽ مجموعي طرح پ پ پ جي خلاف زور شور سان بي نيازين جا جوهر ڏيکاري رهيا آهن. هن وقت عام چونڊن ۾ باقي 31 ڏينهن بچيا آهن. عام چونڊن لاءِ نامزدگي فارم پرجي ويا آهن. اميدوار پارٽين کي چونڊ نشان الاٽ ٿي چڪا آهن. چونڊ مهم شروع ٿي وئي آهي. ڪيئي سياسي اڳواڻ ۽ زميوار فرد هر هر ورجائي اهي بيان پيا جاري ڪن تہ سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ)، شهيد ڀٽو گروپ ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ جي هوندي. ڪي شهيد ڀٽو گروپ ۽ يا فرنٽ بدران مسلم ليگ کي بہ آڻين ٿا، پر هڪ ڳالهہ تي سڀئي متفق آهن تہ ايندڙ حڪومت ۾ ايم ڪيو ايم (الطاف) ضرور شامل هوندي ۽ پ پ پ ڪنهن بہ حالت ۾ شامل نہ هوندي.

اهو افواهہ عوامي سطح تائين پهچايو ويو آهي ۽ ان کي عام ڪري ماڻهن جي ذهنن کي انهيءَ ئي واٽ تي ڌڪڻ ۽ هلڻ لاءِ نفسياتي ويڙهہ وارو ماحول پيدا ڪيو ويو آهي. ڪي ماڻهو انهيءَ افواهہ کان متاثر بہ ٿي ويا آهن پر گذريل ڏيڍ مهيني ۾ پ پ پ حڪومت ۽ الزام هيٺ آيل پ پ پ اڳواڻن خلاف ڪنهن بہ نوس ثبوت جي اڻ موجودي انهيءَ حد کان وڌيڪ ڦوڪيل ڦوڪڻي جي هوا کي ڪيڍي رهي آهي ۽ باقي بچيل ڏينهن ۾ جيڪڏهن ڪي پختا ثبوت نہ آندا ويا تہ اليڪشن مهل اهو ڦوڪڻو ڦاٽي پوندو. ممڪن آهي تہ اهي ذميوار سياسي اڳواڻ ۽ فرد سمجهندا هجن تہ الزامن سان ٽمٽار بيان ڏئي ۽ مختلف افواهہ هلائي، اهي ڪو ڪارنامو سرانجام ڏئي رهيا آهن، پر ان قسم جا بيان ۽ ان قسم جي سوچ سنڌ جي وطن دوست، ترقي پسند جمهوري ذهن رکندڙ ماڻهن جي دماغن ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن خلاف گجهہ گوهہ ۾ ڪيئي ويل ۽ لڪ چوري عمل ۾ ايندڙ ڪنهن سازش جو ڏس پتو ڏئي رهي آهي. هن وقت گذريل پ پ حڪومت جون سڻايون يا خرابيون اسان جو موضوع ناهن. گذريل ٽن سالن دوران پ پ حڪومت جا ڪي ئي ڪم غلط ۽ نقصانڪار ثابت ٿيا آهن، پر ان جو مطلب قطعي اهو ناهي تہ ان حڪومت ڪي بہ سٺا ۽ فائديمند ڪم نہ ڪيا هئا ۽ اهو بہ ياد رکيو وڃي تہ هن وقت جيڪا سياسي صورتحال موجود آهي، انهيءَ جي روشنيءَ ۾ ڳالهہ ٻول ڪري رهيا آهيون ۽ اسان جي موضوع جو مرڪزي حوالو سنڌ آهي. ڪو

عقل جو انڌو، ڪم ظرف، بدنيت، ۽ دهشتگردن جو حامي ٿي، انهيءَ حقيقت کان بي حيائيءَ سان انڪار ڪري سگهندو ته گذريل ٽن سالن دوران پ پ پ حڪومت سنڌ دشمن دهشتگردن آڏو نه ته جُهڪي ۽ نه ئي وري انهن جا ناجائز نخرا برداشت ڪيا پر انتهائي دليري سان دهشتگرديءَ جو مقابلو ڪيو.

پاڪستاني فوج جو هڪ جنرل، جنهن سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ مانائتي جڳهه ناهي ورتي، محمد آصف نواز هو ۽ هن جو وڏو ۽ قابل ذڪر ڪارنامو سنڌ ۾ دهشتگردن خلاف بنا رعايت مهم شروع ڪرڻ هو (سنڌي ڌاڙيلن خلاف ته هر حڪومت ڪجهه نه ڪجهه پئي ڪندي رهندي آهي ۽ مهم جڏهن سچ پچ ڌاڙيلن خلاف هوندي آهي تڏهن سنڌي ماڻهو ڪنهن به طرح ارها نه ٿيندا آهن. جنرل آصف نواز ٻهريون جنرل هو، جنهن عام سنڌي ڳوٺاڻن کي ڌاڙيل سڏي قتل ڪندڙ فوجي سربراهه تي قتل جو مقدمو قائم ڪرڻ جي موڪل ڏني. قاتل اڱواڻ ڪورٽ ۾ آيو ۽ نيٺ ڦاهي چڙهيو. جنرل آصف نواز جي دهشتگردن خلاف شروع ڪيل مهم کي پ پ حڪومت سياسي مفادن خاطر قربان نه ڪيو جنهنڪري نه رڳو ڪي ئي فرسٽ رينڪ دهشتگرد مارجي ويا پر هڪ عرصي تائين دهشتگردي بند به ٿي وئي ۽ هيسيل ڊنل دهشتگرد ٻرن ۾ لڪل رهيا. نواز شريف حڪومت دهشتگردن جي سردار ۽ ان جي ڪيترن ئي ساٿين کي ملڪ مان باسلامت نڪري وڃڻ ۾ ڪا به رنڊڪ نه ڪئي ۽ پنهنجي حڪومت دوران جنرل آصف نواز پاران دهشتگردن خلاف هلايل مهم تي نواز شريف پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندو ۽ دهشتگردن جي سردار کي پرچائڻ ۽ اتحاد ڪرڻ لاءِ ليلڙات ڪندو رهيو آهي.

ايم ڪيو ايم:

ايم ڪيو ايم جا ڪي ئي ڌڙا آهن پر مشهور ۽ معروف به آهن: هڪ ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ يا حق پرست گروپ) ۽ ٻيو ايم ڪيو ايم (عامر گروپ يا حقيقي گروپ). اسان لاءِ اها انتهائي عجب ۽ حيرانگيءَ جي نشاني آهي ته اڃا به سنڌ جا ڪي سياسي سنڌي پٽ اهڙا به آهن جيڪي اهو سمجهن ٿا ته ايم ڪيو ايم جا ٻئي ڌڙا (يا ٻنهي مان ڪو هڪ) هن ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي حقيقي تاريخي وارثن ۽ اصلي قدرتي رهاڪن جا سڄڻ ٿي سگهن ٿا. (هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اسان سمورن اردو ڳالهائيندڙ سنڌ واسين کي نه ته سنڌ دشمن سمجهون ٿا ۽ نه وري هر حالت ۾ ايم ڪيو ايم جا حامي، انهن مان ڪي ئي اڳ جيان هن ڌرتيءَ جا نمڪ حلال پٽ آهن ۽ ايم ڪيو ايم سميت هر سنڌ دشمن ۽ دهشتگرد گروهه خلاف سيني سپر.) اسان جي لاءِ ايم ڪيو ايم جا ٻئي ڌڙا ايم ڪيو ايم نالي هڪ قاتل خنجر جي ٻن ڌارن يا ايم ڪيو ايم نالي ڪلاشنڪوف جا ٻه ميگزين آهن. انهن جي پاڻ ۾ ويڙهه جو مرڪزي نقطو مجرماڻي سرگرميون ڪري سگهڻ لاءِ مختلف پاڙاريون يا سنڌ دشمن دهشتگردي ڪري سگهڻ لاءِ مختلف اڏا هٿ ڪرڻ آهي. الطاف حسين ورجائي ورجائي چوندو رهيو آهي ته هاڻي ناهه رڳو سنڌ جي ورهاست ۽ ”مهاجرن لاءِ علائقي جون بين الاقوامي سرحدون“ ليڪڻ تي ئي ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته عامر خان سنڌ ورهائي في الحال مهاجرن لاءِ ڏاڪڻو صوبو خلقڻ گهري ٿو، جنهن لاءِ اڄ به صحيحن ونڻ جي مهم جاري آهي ۽ نعرا لڳن پيا. سياسي نڪتي نظر جي حوالي سان انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪو به

فرق ناهي ۽ بنهي جو بنيادي مقصد سنڌ جو ٽڪرو ڪپي ”برصغير جي اعليٰ اردو تهذيب“ لاءِ هڪ خطئہ زمين تي قبضو ڪرڻ آهي. جيئن نانگ ڪان سڄٽائپ، ٻيرن ڪان ٻيرن ۽ اڪ ڪان مني ڪير جي اميد نہ ٿي رکي سگهجي، تيئن ايم ڪيو ايم جي بنهي ڌڙن ڪان سنڌ ۽ سنڌين سان وفاداريءَ جي توقع نہ ٿي ڪري سگهجي. ممتاز علي ڀٽو سنڌ جي سياست جو ڪو نئيو ۽ غير معروف نالو ناهي. هن ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ تي ڪي ئي نام نهاد محب پاڪستان ڌڙا مختلف قسمن جا الزام آٽيندا رهيا آهن، جنهن جو وڏو سبب سنڌ نيشنل فرنٽ جي منشور جو ڪنفيڊريشن وارو نڪتو آهي جڏهن تہ پاڪستان جي 1973ع واري آئين بہ مرڪز/وفاق/فيڊريشن ڪي ئي مضبوط ڪيو هو ۽ اڄ بہ هر نگران انهيءَ وفاق سان وفاداريءَ جو قسم کڻي اقتدار جي ڪرسي تي وينو آهي. ڪجھ سال اڳ تائين واري پ پ پ جو هڪ ٻيو وڏو نالو ڄام صادق علي بہ هو ۽ رڳو پنج سال اڳ جي ڳالھ آهي جو متس پارٽ جي ايجنٽي جي الزام باوجود ڪيس نگران وزارت اعليٰ جي ڪرسي سنڀالڻ جي دعوت ڏني وئي هئي. هو اقتدار ڏٽي ٿيو هو ۽ ٻيو ڪجھ بہ ٿيو هجي پر پ پ پ دشمني ۽ ايم ڪيو ايم دوستيءَ جي حوالي سان پاڻ ملهائي ويو. 1990ع جي وچ ڪان 1992ع جي وچ تائين جيڪو ڪجھ سنڌ ۾ وهيو واپريو ۽ ان ڪان پوءِ ايم ڪيو ايم جي ڪم آيل دهشتگرد قوت جو وڏو ڪارڻ پاڻ بذات خود ڄام صادق ۽ هن پاران اختيار ڪيل دهشتگردن لاءِ قرب ۽ محبت ئي هو. سنڌ جي اقتدار جا واڳ ڏٽي عملي طرح سنڌ دشمن دهشتگرد ئي هئا. ان دور جي سنڌ جي تاريخ جو هڪ واضح سبق اهو آهي تہ سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪا بہ اهڙي ڌر پنهنجي حڪومت ناهيندي جنهن وٽ پنهنجي پارٽيءَ جي نمائندن جي اقتدار تي ويهڻ ۽ حڪومت ناهڻ لائق اڪثريت ناهي تہ اها ايم ڪيو ايم جي ڳيجهو ٿي رهندي ۽ عملاً ايم ڪيو ايم ئي اقتدار جي وارث هوندي.

ڇا ممتاز علي ڀُٽي جي ڪلهي تي بندوق رکي سنڌ جي انهيءَ ئي سبق کي ورجايو ويندو؟ ڇا ممتاز علي ڀٽو ايندڙ چونڊن ۾ ان لائق ٿي سگهندو تہ پنهنجي پارٽيءَ جي نمائندن جي زور ۽ اڪثريت وسيلي سنڌ ۾ پنهنجي حڪومت ناهي سگهي ۽ ايم ڪيو ايم جو ڳجهو ٿي نہ رهي؟ ممتاز علي ڀٽو توڙي جو نگران وزير اعليٰ آهي پر هن ڪان ڪي اهڙا ڪم ڪرايا پيا وڃن جيڪي ڪيس ڄُڳائن نہ ٿا. انهن ۾ هڪ وڏو ۽ غلط ڪم جڙتو ڪميشن قائم ڪري ايم ڪيو ايم جي ڪيترن ئي اهڙن فردن کي آزاد ڪرڻ آهي جن مان ڪجھ تي قتل، اغوا ۽ دهشتگرديءَ جا ڪيس هلندڙ آهن. ٻيو ڪجھ بہ چيو وڃي، پر حقيقت اها آهي تہ بيگم غنويٰ ڀٽو سياستدان طور ڄاتل سڃاتل اڳواڻ ناهي ۽ نہ ئي وري هن جو مقصد عملي سياست ڪرڻ آهي. جيستائين سياسي علم ۽ عمل جو تعلق آهي تہ انهيءَ حوالي سان بہ محترمہ جي ڪا عالماڻي سياسي حيثيت ۽/يا سياسي ڪردار ناهي ۽ جيڪڏهن مير مرتضيٰ (۽ سندس ساٿين) جي قتل عام واري سازش عمل ۾ نہ اچي ها ۽ ان ڪان پوءِ ابن الوقت ۽ سياسي موقعي پرست وڏيرن پاران شهيد ڀٽو گروپ ۾ ڌڙا ڌڙ شموليت نہ ڪرائي وڃي ها، تڏهن بہ شهيد ڀٽو گروپ جي سياسي طاقت ۽ ان جي اڳواڻ طور محترمہ جي موجوده حيثيت ڪٽي بہ نظر نہ اچي ها. پاڻ هڪ سياسي سازش ۽ هڪ وڏي حادثي جي نتيجي ۾ اپري آيل يا اپاريل سياسي اڳواڻ آهي.

شهيد ڀٽو گروپ جو حقيقي ۽ عملي سياسي اڳواڻ رشيد رائو آهي. سنڌ جا گهڻي ڪان گهڻا ابن الوقت ۽ سياسي موقعي پرست وڏيرا ڏڙا ڏڙ شهيد ڀٽو گروپ ۾ شامل ٿيندا پيا وڃن ۽ انهن ۾ لڳ ڀڳ سڀ اهي آهن جيڪي ڪالهه جڏهن مير مرتضيٰ ڀٽو زنده هو تڏهن ان جي پاڇي ڪان به پري پيا ڀڄندا هئا ۽ انهن رستن تي ئي نه ايندا هئا جن تان شهيد مير ڪي گذرڻو هوندو هو. سنڌ ۾ ڪجهه تڪن تي چونڊن جي سلسلي ۾ هڪ ٻئي جي اميدوارن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ شهيد ڀٽو گروپ ۽ مسلم ليگ نواز گروپ ۾ اتحاد ٿي چڪو آهي. شهيد ڀٽو گروپ به سنڌ نيشنل فرنٽ جيان ايم ڪيو ايم سان اتحاد جي خواهش رکي ٿو. ايم ڪيو ايم (الطاف) ۽ مسلم ليگ (نواز) پاڻ ۾ سياسي اتحاد ڪري چڪيون آهن. ايم ڪيو ايم (الطاف) جي پهرين خواهش ۽ اوليت اها آهي ته اقتدار ۾ حصيدار ٿئي ۽ پنهنجن دهشتگردن کي ساهي، تربيت ۽ هٿيار مهيا ڪري ڏئي، ان ڪري سنڌ ۾ حڪومت ناهيندڙ ڪنهن به ڌر سان ڏيکاءَ جو اتحاد ڪري سگهي ٿي. پنهنجي اصليت کي ڇڏي ڏيڻ ان لاءِ ممڪن ناهي. ايم ڪيو ايم پنهنجي زور تي سنڌ ۾ حڪومت ناهي نه ٿي سگهي ۽ ڪنهن به حالت ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اچڻ تي راضي نه ٿيندي. مسلم ليگ (نواز) هر ان ڌڙي سان اتحاد ڪري سگهي ٿي جيڪو ڪيس سنڌ ۾ ايندڙ ممڪن حڪومت جون واڳون ڏئي سگهي. پر جي مسلم ليگ (نواز) جي حڪومت به نه نهي تڏهن به پيپلز پارٽي اقتدار ۾ نه اچي. هن وقت ان کي ايم ڪيو ايم تي ڪو به اعتراض ناهي. سنڌ نيشنل فرنٽ اڪيلي سر ڪنهن به طرح سنڌ ۾ پنهنجي حڪومت ناهي نه ٿو سگهي. حڪومت ناهڻ لاءِ ان کي ٻين سان گڏ ايم ڪيو ايم جي اتحاد جي گهرج هر حالت ۾ رهڻي آهي. فرنٽ پڻ ڪنهن به طرح اهو نه ٿو چاهي ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت نهي. اقتدار وٺڻ لاءِ هن کي ايم ڪيو ايم جو ڪيجهو ٽيڏو پوندو.

شهيد ڀٽو گروپ اڪيلي سر ڪنهن به طرح سنڌ ۾ پنهنجي حڪومت نه ٿو ناهي سگهي. حڪومت ناهڻ لاءِ ان کي ٻين سان گڏ ايم ڪيو ايم جي اتحاد جي گهرج هر حالت ۾ رهڻي آهي. هي گروپ پڻ ڪنهن به طرح اهو نه ٿو چاهي ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت نهي. اقتدار وٺڻ لاءِ هن کي ايم ڪيو ايم جو ڪيجهو ٽيڏو پوندو. پاڪستان ۾ پيپلز پارٽيءَ جون مخالف ٻيون سموريون سياسي توڙي غير سياسي، ظاهر توڙي لڪل قوتون مئل ڪتو ڪائڻ لاءِ تيار ٿي ويندييون، پر پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ ۾ حڪومت نهڻ ۾ هر طرح رنڊڪ پيدا ڪنديون. پيپلز پارٽي اڪيلي سياسي پارٽي آهي جيڪا پنهنجي زور تي (گهٽ ۾ گهٽ) سنڌ ۾ پنهنجي حڪومت ناهي سگهي ٿي، پر اها ڳالهه ڪنهن به طرح پيپلز پارٽيءَ جي مخالف جماعتن، ابن الوقت ۽ موقعي پرست سياسي وڏيرن، پاڪستان جي حقيقي مقتدر قوتن (جن وقت ڪان اڳ ۽ گهربل تياري ڪرڻ بنا پ پ حڪومت ختم ڪرائي ڇڏي) ۽ خاص ڪري سنڌ دشمن دهشتگردن کي قبول ناهي.

عام سوچ چوي ٿي:

ٽيڻ ته ائين گهرجي ته ٻئي هر پاسي ڪان اکيون پوري پيپلز پارٽي جي دماغ ۾ پرجي ويل غرور جي واءُ کي نڪي نوڪي ڪدي ڇڏجي. ڪيس گهٽ ۾ گهٽ ايندڙ چونڊن ۾ هارائي ڇڏجي، ته جيئن اها حڪومت نه ناهي سگهي. اهو ئي اڪيلو ممڪن طريقو آهي، جنهن وسيلي پيپلز پارٽيءَ کي

سڪيت ڏئي سگهجي ٿي. ائين ٿيڻ ڪان پوءِ ئي پيپلز پارٽي پنهنجو تنقيدي جائزو وٺڻ تي مجبور ٿيندي، ۽ ممڪن آهي ته پاڻ ڪي سڌاري سگهي. اصولي سوچ عام سوچ جي مرڪزي خيالن سان ته اتفاق رکي ٿي، پر اها ٻئي هر پاسي ڪان اکيون پوري ڇڏڻ جي حق ۾ ناهي، چو ته اهڙي ڪا به ڪوشش يا حرڪت سنڌ جي وجود ۽ سنڌين جي انساني، سياسي، ثقافتي، معاشي ۽ نفسياتي مفادن کي ڇيهو رسائي سگهي ٿي.

اصولي سوچ چوي ٿي:

ايم ڪيو ايم ڪان سواءِ ٻي ڪا به پارٽي پنهنجي زور تي، اڪيلي سر پاڻ تي ياڙيندي، جيڪڏهن پنهنجي حڪومت ناهي سگهي ٿي، ته پوءِ ڪيس سندس اليڪشني منشور جي بنياد تي مشروط اقتدار ڏئي سگهجي ٿو. بشرط اليڪشني منشور ۾ ڪنهن به دشمن عمل نه ڪرڻ ۽ ان ۾ شامل نه ٿيڻ جي ضمانت ڏنل هجي. جيڪا به سياسي ڌر ايم ڪيو ايم جي ڳيجهو ٿي، ان جي زور ۽ پوئواريءَ تي اقتدار وٺندي، اها سنڌ ۾ جام صادق واري دور کي ورجائيندي، ۽ يقيني آهي ته اهو ورجاءُ ان ساڳي اڳوٽي سطح وارو نه هوندو. اهو ورجاءُ گهٽي متاهين سطح تي هوندو ۽ اهو بهرحال سنڌ جي وجود لاءِ سخت هاڃيڪار هوندو، چو ته ايم ڪيو ايم جو اهو نقاب هاٽي لهي چڪو آهي جنهن جي اوٽ ۾ اها سنڌ ۽ سنڌي دوستيءَ جي لباڙ هٽندي هئي. ايم ڪيو ايم هاٽي ڪليل نموني سنڌ دشمني جو نعرو هٽي چڪي آهي ۽ اها اقتدار ۾ اچي رڳو سنڌ دشمن دهشتگردن کي ئي مضبوط ڪندي.

(1) ميرمرتضيٰ ڀٽو ۽ سندس ساٿين جي قتل عام جي سازش پنيان رڳو اهو ۽ اوترو ناهي جيڪو ۽ جيترو بيان ڪيو وڃي ٿو. ٻيو به گهڻو ڪجهه آهي. ميرمرتضيٰ ڀُٽي ۽ سندس ساٿين جي قتل عام جي سازش جيڪڏهن پ پ حڪومت يا الزام هيٺ آيل فردن يا انهن مان ڪنهن هڪ به ڪئي آهي ته پوءِ پيپلز پارٽي پلي ميسارجي وڃي، بلڪ ان کي ميساري ڇڏڻ ئي گهرجي، پر هن وقت جيئن ته ڪورٽ اجا ڪو به فيصلو نه ڏنو آهي ۽ حڪومت ڪي به نوس ثبوت نه آڻي سگهي آهي تنهن ڪري انهيءَ الزام کي پيپلز پارٽيءَ تي زوريءَ مڙهڻ ۽ ان جي بنياد تي ڪانئس نفرت ڪرڻ ۽ پکيڙڻ نه ٿي جڳائي. انهي سلسلي ۾ ڪورٽ جي فيصلي جو انتظار ڪرڻو ئي پوندو.

(2) تڪڙ ۾ ۽ بنا ڪنهن نوس ثبوت جي محض الزامن جي بنياد تي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت کي ختم ڪري ڇڏڻ جو عمل ٻڌائي ٿو، ته پيپلز پارٽيءَ ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون اوس موجود آهن جيڪي ڳجهين ۽ اصل مقتدر قوتن کي پسند ناهن. حالتون ٻڌائن ٿيون ته ڳجهيون ۽ اصل مقتدر قوتون سنڌ ۾ هاٽي ڪنهن به اهڙي سياسي پارٽيءَ کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن جيڪا جمهوري عمل ۾ پنهنجي زور تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري سگهي ۽ ايم ڪيو ايم جي سنڌ دشمن دهشتگرديءَ خلاف ڀرپور رنڊڪ ڪري سگهي.

(3) هن وقت پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي سياسي فضا ۾ پيپلز پارٽيءَ خلاف جيڪو به گوڙ شور آهي، پيپلز پارٽي جو ڏوهه درحقيقت ايڏو وڏو ناهي. اهو گوڙ شور ڪنهن مخصوص ۽ ڳجهي

مقصد کي ڏيڻ لاءِ اپاريو ويو آهي. يا ڪنهن به پارٽيءَ کي رڳو ان ڪري رد ڪري ڇڏڻ گهرجي، جو ان خلاف ڪن مخصوص مقصدن تحت الزامن جي بازار گرم ڪئي وئي آهي؟

ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(1) الزامن جي پرائي دهل تي پاڻ نچائڻ بند ڪجي.

(2) ٿڌي دماغ سان سڄي سياسي صورتحال جو جائزو ونجي ۽ افواهن جي بنياد تي تڪڙ ۾ ڪا به راءِ قائم نه هجي.

(3) مير مرتضيٰ ڀُٽي ۽ سندس ساٿين جي قتل عام ۽ پيپلز پارٽيءَ تي مڙهيل الزامن بابت ڪورٽ ڪان ايندڙ فيصلي جو انتظار ڪجي. جوندن ڪان اڳ فيصلو اچي وڃي ته ان جي بنياد تي پنهنجيءَ راءِ کي درست ڪجي، پر جي جوندن ڪان اڳ فيصلو نه ٿو اچي، ته پوءِ پيپلز پارٽيءَ خلاف اٿاريل گوڙ ۽ مچايل ماحول کي ڪمزور ۽ بي بنياد سمجهجي.

(4) پيپلز پارٽيءَ ڪان شڪايتون گهٽيون هجن تڏهن به، گهٽ ۾ گهٽ، ايترو ضرور سوچجي ته ڇا شهيد ڀٽو گروپ، سنڌ نيشنل فرنٽ يا مسلم ليگ اڪيلي سر پاڻ تي ياڙيندي، پنهنجي حڪومت ناهي سگهن ٿا يا انهن کي ايم ڪيو ايم جو ڳيجهو ٿيڻو پوندو، ۽ اهو به ته اڄ ڪلهه جيڪي ابن الوقت ۽ موقعي پرست سياسي وڏيرا انهن جماعتن ۾ شريڪ ٿيندا پيا وڃن، ڇا اهي حڪومت ۾ اچي ۽ ايم ڪيو ايم سان اتحاد ڪري، ڪنهن به طرح کي اهڙا ڪم ڪري سگهندا جيڪي مجموعي طرح سنڌ ۽ سنڌ جي قدرتي رهاڪن ۽ تاريخي وارثن جي دائمي انساني، معاشي، ثقافتي ۽ نفسياتي مفادن کي پختو ڪري سگهن؟ جيڪڏهن انهيءَ آخري سوال جو جواب ”نه“ اچي، ته گهٽ ۾ گهٽ ايندڙ جوندن ۾:

(5) (آخري پيرو ئي سهي) ووٽ پيپلزپارٽي کي ڪجي.

(عوامي آواز، 3-جنوري 1997ع)

## سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌ جا مفاد

صوبائي حلف نامي ۾ وڌاءُ جي اٽڪر گهرج:

هيءُ موضوع ڪٽڻ جي گهرج جو محسوس ڪئي وئي، انهيءَ تي ڳالهه ٻول ڪان اڳ ضروري ٿو محسوس ٿئي، ته هيٺ ڏنل ڪجهه بيانن کي ڌيان سان پڙهي ذهن ۾ رکيو وڃي:

1- ”هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ڪراچي ڪان (هڪ طرف) سکر ۽ (ٻئي طرف) لس ٻيلي تائين جي علائقي تي ٻڌل ۽ مهاجرن لاءِ الڳ صوبي جو مطالبو ڪيو وڃي ۽ ان جي لاءِ مهاجرن کي ڪيڏي به وڏي قرباني ڏيڻي پوي، ان ڪان گريز نه ڪيو وڃي. جدا صوبي لاءِ تنظيم قائم ڪرڻ جو فيصلو.“ (قومي اخبار، 10مئي 1994ع)

2- ”مهاجرن لاءِ ڌار صوبي جي قيام بابت سوال جو جواب ڏيندي هن (الطاف حسين) چيو ته ان ڳالهه جو ڪو به ثبوت موجود ناهي، ته اسان اهڙي ڪا ڳالهه ڪئي هجي، تڏهن به بين الاقوامي اصولن موجب جاگرافيائي حدن جو تعين ٿيڻ گهرجي- مهاجر جاگرافيائي حدن جو تعين ئي چاهن ٿا.“ (قومي اخبار، 11 سيپٽمبر 1994ع)

3- ”نئين صوبي جو قيام ملڪ جي مفاد ۾ هوندو.“ الطاف حسين (امن، 2- آڪٽوبر 1994ع)

4- ”الڳ صوبي جو مطالبو غير آئيني ناهي.“ الطاف حسين

(امن، 12 آڪٽوبر 1994)

5- ”جدا صوبي جو مطالبو اسان جي مجبوري هوندو.“ الطاف حسين

(امن، 15 آڪٽوبر 1994ع)

6- ”18 نڪتا مڃيو ته ڌار صوبي جو مطالبو نه ڪنديندو.“ الطاف حسين

(قومي اخبار- 30 آڪٽوبر 1994ع)

7- ”نئين صوبي ۾ سڀني جا حق محفوظ هوندا“. الطاف حسين

(امن، 30 آڪٽوبر 1994ع)

8- ”نئون صوبو ضروري ٿي پيو آهي“ الطاف حسين

(امن، 6 نومبر 1994ع)

9- ”موجوده سرحد برقرار نه رهي سگهندي، هاڻي رڳو سنڌ جي ورهاست تي ڳالهه ٿيندي.“ ايم ڪيو ايم جي قائد الطاف حسين ڌار صوبي جي تشڪيل جي مطالبي تان هٿ ڪڍڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ چيو آهي ته مون مفاهمت کان به انڪار نه ڪيو آهي پر هاڻي مفاهمت بن الڳ صوبن جي تشڪيل جي موضوع تي ئي ٿي سگهي ٿي. (عوام، 19 نومبر 1994ع)

اهي بيان پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ صوبائي حلف نامي ۾ ڇو ۽ ڪهڙي ترميم ۽ واڌ ٿيڻ گهرجي، اچو ته سوچيون.

پاڪستان ۾ جڏهن به ڪي عام چونڊون ٿين ٿيون، تڏهن بدعنوان جت ڪٿ عام هجن ٿا: 1- قومي اسيمبلي، ۽ 2- صوبائي اسيمبلي.

قومي اسيمبلي مرڪز ۾ آئين سازي ۽ حڪومت جي جوڙجڪ ڪري ٿي ۽ صوبائي اسيمبلي صوبي ۾ آئين سازي ۽ حڪومت جي جوڙجڪ ڪري ٿي.

صوبو هڪ يونٽ آهي ۽ اهڙا ڪي يونٽ ملي مرڪز جي تشڪيل ڪن ٿا. صوبو بنيادي آهي ۽ مرڪز نسبتي. مرڪز کي صوبن جي تشڪيل جو حق مليل ناهي. ”مرڪز“ کان سواءِ صوبن جو جاگرافيائي وجود ته ٿي سگهي ٿو، پر صوبن کان سواءِ مرڪز موجود رهي سگهي، سو ممڪن ناهي. پاڪستان جي آئين جو آرٽيڪل-1 پاڪستان جوڙيندڙ علائقن جي جاگرافيائي سالميت جي ضمانت ڏئي ٿو.

مرڪز ۾، قومي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ايندڙ هر ميمبر کي پاڪستان ۽ ان جي آئين سان وفاداريءَ جو حلف ڏيڻو پوي ٿو ۽ هر هڪ صوبي ۾ صوبائي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ايندڙ هر ميمبر کي پڻ ساڳيو حلف ورجائڻو پوي ٿو ۽ ائين ڪرڻ جي ڪري هر هڪ ميمبر خود بخود آئين جي هر هڪ آرٽيڪل سان پڻ وفاداريءَ جو حلف کڻي ٿو. پر اها به هڪ حقيقت آهي ته اهو حلف ڏيڻ جي باوجود ڪن صوبن جا ڪي چونڊيل ميمبر اهڙا به موجود آهن، جيڪي جن "سياسي" يا "غير سياسي" ذرين سان نظرياتي طرح وابسته ۽ هم آهنگ بلڪ انهن جا نمائندا آهن، انهن مان ڪي پنهنجي منشور ۾ صوبن جي سالميت جي خلاف هڪ پروگرام رکن ٿيون ۽ پنهنجن بيانن ۽ عملن وسيلي پاڪستان جوڙيندڙ صوبن جي سالميت کان منڪر ثابت ٿين ٿيون، تنهنڪري انهن صوبن جي قدرتي، تاريخي ۽ قانوني رهواسين ۾ بي چيني پيدا ٿيندي پئي وڃي.

اهي محسوس ڪن ٿا ته اهي ذريون ۽ انهن جا چونڊيل نمائندا پاڪستان جوڙيندڙ يونٽن جي سالميت خلاف هڪ خطرو آهن، بدنيت آهن ۽ سازشن ۽ غدارين ۾ مصروف آهن.

انهيءَ جوکم کي درپيش رکندي چئي سگهجي ٿو ته صوبائي اسيمبلين ۾ ڪچندڙ حلف نامي ۾ وڌاءَ جي اٽتر ضرورت آهي ۽ اها گهرج هيءَ آهي ته هر هڪ صوبائي اسيمبليءَ جي حلف نامي ۾ واسطيدار صوبي جو نالو وڌايو وڃي ۽ بلڪل ائين چئو ڄاڻايو وڃي، جيئن پاڪستان جو نالو ڄاڻايل آهي.

مثال طور: سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊيل ميمبر جڏهن پاڪستان ۽ ان جي آئين سان وفاداري جو قسم کڻي رهيو هجي، تڏهن هن کي اهو به چئيءَ طرح ڄاڻائڻ گهرجي، ته اهو سنڌ جي سالميت لاءِ به پاڻ پتوڙيندو ۽ ان سان وفادار رهندو.

ڏيان جوڳا مکيه موضوع

3- فيبروري 1997ع تي نگران حڪومت جي نگهبانيءَ هيٺ ٿيل مرڪزي توڙي صوبائي اسيمبلين لاءِ عام چونڊن جي نتيجي ۾ سنڌ اندر جيڪا صوبائي اسيمبلي ٺهي آهي، ان ۾ ڀيءَ ڪنهن به پارٽيءَ جي پيٽ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي نمائندن جي ڳڻپ وڌيڪ آهي، پر اهي سنڌ ۾ حڪومت ٺاهي سگهڻ جي پوزيشن ۾ نه اچي سگهيا، جو ته سنڌ حڪومت ٺهڻ کان اڳ ٻن ذرين جي وچ ۾ ڪي شرط شروط طئي ٿيا، ڪن نڪتن تي ناهه ٿيو ۽ سنڌ جي وڏ وزارت لياقت جتوئيءَ کي ملي وئي. هن وقت لياقت جتوئيءَ جو سياسي نينهن مسلم ليگ (نواز گروپ) سان آهي، تنهنڪري سمجهيو ۽ سمجهايو، ٻڌايو ۽ ڄاڻايو (۽ چتايو) پيو وڃي، ته سنڌ ۾ حڪومت جون واڳون مسلم ليگ (ن) جي هٿ ۾ آهن.

ڇا اهو سچ آهي ته سنڌ حڪومت جون واڳون درحقيقت مسلم ليگ (ن) سنڌ جي هٿ ۾ آهن؟ ڇا اها سنڌ جي چونڊيل اڪثريتي پارٽي آهي؟ ۽ ڇا اها سچ پچ سنڌ جي ئي مڪمل نمائندگي ڪري ٿي؟ انهن سوالن جي جوابن کي ڪجهه دير لاءِ پاسيرو رکي، ڏسڻو اهو آهي ته انهيءَ جڙتو ڳالهه کي موضوع بنائي، ان کي هڪ تمام وڏو، بلڪ نيارو ڪارنامو ڄاڻائي، هڪ زبرو هُل هنگامو اٿاري، اهو محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ته سنڌ جا قدرتي، تاريخي ۽ اصولي مفاد ڇڙڪ محفوظ ۽ سمورا ڏيان جوڳا ۽ مکيه مسئلا ڇڙڪ حل ڪيا ويا آهن!

ڪوڙيءَ کي گهمرو ڏئي، سڀ ڪجھ ساڙي ناس ڪري، جيري ڪاڻ ٻڪري ڪهي، گوشت کي ڪتن آڏو اڇلائي ۽ سنڌ جي ٽور-مدائتي ۽ ٻئي جي وس هيٺ رهنڌڙ بنا اختيار وڏ وزارت جي ڪرسي ماڻڻ لاءِ سنڌ جو الھ تلھ سنڌ دشمن ۽ دهشتگرد قوتن جي حوالي ڪري، ٽاڏون ڏيڻ ۽ ٿونا هڻڻ ڪنهن به طرح ڪو ڪارنامو ناهي، الٽو گهٽيا پڻ ۽ جهالت آهي. انهيءَ گوڙ شور جي ٽاڃي ۾ هڪ اصولي ۽ بنيادي موضوعَ ۽ مکيه سوال کي ٻنهي نظر انداز ڪري ۽ ارادي سان سنڌ جي قدرتي ۽ قانوني رهواسين جي اکين کان اوجهل رکيو ويو آهي. ان اصولي ۽ بنيادي موضوع ۽ مکيه سوال جو تعلق سنڌ جي وڏ وزارت سان نه، يا وڏ وزارت ۽ ڪجھ ٻين وزارتن سان نه آهي ۽ نه ئي وري انهيءَ سان آهي ته انهن مان ڪهڙيون ڪهڙيون ۽ ڪيتريون وزارتون ڪنهن ڪنهن وٽ هئڻ يا نه هئڻ گهرجن. پر ان موضوع جو واسطو مجموعي طرح ۽ سڌو سنئون سنڌ سان، سنڌ جي وجود ۽ مفاد سان آهي.

اهو اصولي ۽ بنيادي سوال هي آهي، ته سنڌ جي حقيقي مالڪي، سرواڻي ۽ حڪمراني ڪنهن وٽ هجڻ گهرجي ۽ اهو به، ته ڇا سنڌ جي سالميت، بقا ۽ آئيندي کي ڪو خطرو ته درپيش ناهي؟

جيستائين سوال جي پوئين جُز "سنڌ جي سالميت، بقا ۽ آئيندي کي ڪنهن خطري" جي انديشي جو تعلق آهي، ته سنڌ جو هر باشعور ۽ وطن دوست ماڻهو بنا هٻڪ پنهنجي اها سوچيل سمجهيل راءِ پيش ڪري سگهندو ته سنڌ جي سالميت، بقا ۽ آئيندي کي سخت هاڃو رسڻ جو بيشڪ انديشو آهي، ڇو ته سنڌ جي اقتدار ۽ حڪومت جو اثرائتو حصو هڪ اهڙيءَ انتهائي خطرناڪ ۽ دهشتگرد ڌُر جي حوالي ڪيو ويو آهي، جيڪا پنهنجي هر هڪ عمل وسيلي پنهنجو پاڻ کي سنڌ دشمن ثابت ڪندي پئي آئي آهي.

۽ جيستائين سوال جي پهرئين جز "سنڌ جي حقيقي مالڪي، سرواڻي ۽ حڪمراني" ڪنهن ڌر وٽ هجڻ جو تعلق آهي، ته ان جا جواب مختلف ٿي سگهن ٿا.

الطاف حسين وٽ!

يقين ڪريو، سنڌ مان ته ڇا، پاڪستان مان ئي ڀَڄي ويل ۽ انگلينڊ ۾ وڃي پناهه وٺندڙ هڪ فرد اهڙو به موجود آهي، جيڪو جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل سوال جو جواب پنهنجيءَ پوريءَ ايمانداريءَ سان ڏئي ته اهو هي هوندو: "سنڌ جي حقيقي مالڪي، سرواڻي ۽ حڪمراني اڪيلي ۽ اڪيلي الطاف حسين وٽ هئڻ گهرجي." ۽ انهيءَ جواب ڏيندڙ ماڻهوءَ جو نالو آهي، الطاف حسين، جيڪو پاڻ کي "مهاجرن جو قائد" ۽ "ايم ڪيو ايم جو قائد" سڏائي ۽ لکرائي ٿو، جيڪو سنڌ ۾ دهشتگردن جي سربراهي ۽ انهن کي پنهنجي حڪم ۽ مرضيءَ موجب ڇوري پوري ۽ هلائي ٿو. سوال جو اهو جواب الطاف حسين پنهنجين ڳالهين ۽ دهشتگرديءَ ۽ دهشتگردن جي عمل وسيلي سوين ڀيرا ثابت ڪري چڪو آهي، پر جيئن ته هو هڪ صاف نيت فرد نه آهي ۽ پنهنجي مُنهن تي پنهنجيءَ فطرت جي قطعي ابتڙ نقاب اوڍيو وتي ٿو، تنهنڪري پنهنجو نالو پاڻ ڪڍڻ يا پنهنجيءَ تنظيم پاران ڏيڻ بدران ائين به نه چوندو، ته سنڌ جي مالڪي، سرواڻي ۽ حڪمراني ايم ڪيو ايم

وٽ هجي، البت ائين چئي سگهجي ٿو ته اها "مهاجرن" وٽ هجڻ گهرجي، ۽ ايئن ڪي ئي پيرا چئي چڪو آهي.

1987ع ۾ هن جو خيال هو ته سنڌ ۾ 85 لک "مهاجر" رهن ٿا (ڏسو: "ليڊر"، 22- فيبروري 1987ع) ۽ هن جو ئي خيال هو ته اهي سنڌ جي ڪل آباديءَ جو 40-45 سيڪڙو ٿي پيا آهن: "ماجرن جي سنڌ ۾ 40 کان 45 سيڪڙو آبادي آهي، اسان کي سرڪاري ملازمتن، سياسي اقتدار ۽ صوبائي حڪومت ۾ پنهنجو ايترو حصو ملڻ گهرجي." (ڏسو: الطاف حسين کي عزائم اور ارادي، ص 41) کنهن پنواتيءَ جي اثر هيٺ اهو به مطالبو ڪيائين ته سنڌ جي هڪ 100 صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽن مان 70 "مهاجرن" کي ملڻ گهرجن. (ڏسو: حوالو ساڳيو، ص 38) اجا پورو هڪ سال به نه گذريو ته سندس دماغ اوچتو ڦيرو کاڌو ۽ اعلان ڪيائين ته "مهاجرن" جي آبادي هڪ ڪروڙ کان مٿي ٿي وئي آهي. (جنگ-9 جنوري 1988ع) پوءِ وارن ڇهن سالن ۾ جيڪو گونڪ پوندو هئس، انهيءَ موجب انگ وڌائيندو رهندو هو، تان جو 1994ع ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ ڪيس وجهائي دعويٰ ڪيائين ته سنڌ جي 30 ملين (يعني 3 ڪروڙ) آباديءَ ۾ مهاجرن جي آبادي 18 ملين (يعني هڪ ڪروڙ 80 لک) يعني 60 سيڪڙو ٿي وئي آهي ۽ رڳو 4 مهينا به نه گذريا ته نئين پنواتي ڪائي هام هنيائين ته سنڌ جي 30 ملين آباديءَ ۾ "مهاجرن" جي ڪل آبادي 22 ملين (يعني 2 ڪروڙ 20 لک) يعني 73 سيڪڙو ٿي وئي آهي. (ڏسو: "دعويٰ جواب دعويٰ" جنگ پبليڪيشنز پاران سپريم ڪورٽ ۾ اهڙي داخل ڪيل ڪيس ۽ ان جي جواب ۾ سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ پاران جواب جا مختلف صفحا)

"40-45 سيڪڙو" آباديءَ کي جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ "70 سيڪڙو" نمائندگي ملڻ گهرجي ته 73 سيڪڙو آبادي کي، هر هڪ سڄاڻ سمجهي سگهي ٿو ته، الطاف حسين جي چوڻ موجب، ڪيترو حصو ملڻ گهرجي! ڇا اهو ڪنهن به طرح "145 سيڪڙو" کان گهٽ هوندو!؟

ٻئي پاسي، الطاف حسين جي ان "مهاجر" لفظ جي حقيقي تصور جي چنڊچاڻ ڪبي، ته ان جو مقصد "سمورا اردو ڳالهائيندڙ" يا "سمورا ٻارت کان لڏي آيل" فرد قطعي به نه هوندو. "نوائي وقت" (1 مئي 1987ع) رپورٽ ڪري ٿي: "مهاجر قومي موومينٽ جي ڊپٽي سيڪريٽري ۽ مهاجر ليڊر الطاف حسين جي دست راست طارق مهاجر چيو آهي ته ...اسين رڳو انهن ماڻهن کي مهاجر سمجهون ٿا جيڪي (ڀارت جي) مسلم اقليتي صوبن مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آباد ٿيا، مشرقي پنجاب مان هجرت ڪندڙ خاندان مهاجر قومي موومينٽ جو حصو نه آهن."

"مهاجر" بابت ڇا اهو هڪ ساڙيلو ۽ جاهلاڻو تصور نه آهي؟

هڪ پريس ڪانفرنس ۾ الطاف حسين کان پڇيل سوال ۽ ان جو جواب: "سوال: هڪ ماڻهو (جنرل ضياءُ الحق) جنهن (بذات خود) هجرت ڪئي، اهو هن وقت ملڪ جو صدر آهي، پوءِ به توهان سمجهو ٿا ته مهاجرن سان ناانصافي آهي!؟

جواب: ...مهاجر رڳو اهو آهي جنهن ڀارت جي انهن علائقن مان هجرت ڪئي جن جو هڪ انچ به پاڪستان ۾ شامل نه ٿيو. مشرقي پنجاب جا ماڻهو جيڪي مغربي پنجاب ۾ آباد ٿيا، انهن لاءِ ڪا

۽ ثقافتي تبديلي نہ آئي، اتي بہ لسي جو گلاس هو ۽ هتي بہ لسيءَ جو گلاس آهي. (ڪلڻ جو آواز (ڏسو: "الطاف حسين ڪي عزائم اور ارادي"، صفحو 97)

هن جاهلاڻي جواب ۾ نسل پرستيءَ ۽ ڪم ظرفيءَ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

ثابت ٿيو تہ سمورا "هجرت" ڪندڙ ماڻهو الطاف حسين جي نظر ۾ "مهاجر" نہ آهن. ساڳيءَ طرح اهي اردو ڳالهائيندڙ بہ الطاف حسين جي نظر ۾ مهاجر نہ آهن، جيڪي سنڌ کان ٻاهر رهن ٿا. ٻئي پاسي هر اهو اردو ڳالهائيندڙ فرد، بيشڪ سنڌ ۾ رهندو هجي، "مهاجر" ناهي، جيستائين اهو الطاف جي سربراهيءَ هيٺ هلندڙ ايم ڪيو ايم ۾ شامل ناهي. لڪين اردو ڳالهائيندڙ ايم ڪيو ايم ۾ شامل ناهن ۽ ڪي ٿي ان جا مخالف آهن، اهي سڀ الطاف حسين جي نظر ۾ "دشمن" آهن: "هر اها تنظيم اسان (ايم ڪيو ايم يعني الطاف حسين) جي دشمن آهي جنهن سان "مهاجر" وابستہ پئي رهيا آهن." (حوالو ساڳيو، صفحو 38). "مهاجر" مان الطاف حسين جي عملي مراد اهي فرد آهن جيڪي ڀارت کان قانوني يا غيرقانوني طرح سنڌ ۾ آيا هجن (هاڻي اهو واڌارو آندو اٿائين تہ ڪٿي بہ رهندڙ هجن)، اهڙي ٻولي ڳالهائيندڙ نہ هجن جيڪا اردو جي بالادستيءَ کي قبول نہ ڪندي هجي ۽ الطاف حسين جي شخصي اڳواڻيءَ کي قبول ڪندي ۽ پنهنجو روحاني مرشد ۽ حاڪم اعليٰ مڃيندي، سندس ايم ڪيو ايم يعني الطاف گروپ ۾ شامل هجن (جو تہ هن جي نظر ۾ ايم ڪيو ايم حقيقي بہ "دشمن" آهي).

ايم ڪيو ايم (الطاف) جا 28 ڪارڪن سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيا آهن. ايم ڪيو ايم (الطاف) بہ انهن ڪيترين ئي تنظيمن مان هڪ آهي، جيڪي 1947ع ۽ ان کان پوءِ اچ ٿائين ڀارت جي مختلف علائقن مان قانوني ۽ غيرقانوني طرح ۽ جائز يا ناجائز نموني لڏي، خاص ڪري سنڌ ۾ آيلن ۽ خاص ڪري اردو ڳالهائيندڙن جو مهاجر طور نالو استعمال ڪندي هڪ قسم جي نسل پرستيءَ ۽ لساني شاونزم ۾ مبتلا آهن ۽ پنهنجي پاران اهڙي هر فرد کي سنڌ ڌرتيءَ جي تاريخي، قدرتي ۽ قانوني رهاڪن کان الڳ، نيارو ۽ خودساختہ هڪ قوميت --- مهاجر قوميت --- جو فرد سمجهندي ۽ سڏيندي دهشتگرديءَ ۽ بليڪ ميلنگ کي پاڪستاني سياسي عمل جو هڪ اڻٽٽ ۽ لازمي جز رڪندي، سنڌ ۾ پنهنجي وجود وٺڻ واري ڏينهن کان هيل تائين، سنڌ جي ڪل اقتدار جو مالڪ نہ، تہ بہ، ان مان سٽيي ٽڪر لاءِ ۽ پنهنجي انتهائي مذموم مقصد طور سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ لاءِ نسلي نفرت اپاريندي ۽ دهشتگردي ڪري امن امان جو مسئلو ۽ خوف جي فضا پيدا ڪندي پئي رهي آهي. ان جو خيال آهي تہ سنڌ جي حقيقي مالڪي، سرواڻي ۽ حڪمراني جيڪڏهن مڪمل طور ايم ڪيو ايم جي قبضي ۾ نہ اچي سگهي، تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ ان پاران پسند ڪيل "مهاجرن" ۽ اهڙن سنڌين وٽ هجي جيڪي سجو ڏينهن نائن زيرو (90، يعني الطاف حسين جي گهر يا "درگاهہ") تي هٿ ٻڌيو حاضري ڏين ۽ الطاف حسين آڏو عاجزي مڃين. جام صادق ايئن ڪيو هو ۽ لياقت جتوئي بہ وڏ وزارت جو قسم کڻندي ئي حاضري ڀرائڻ لاءِ نائن زيرو تي پهچي ويو.

پروٽوڪول ۽ مانُ

سنڌ جو وڏو وزير سنڌ ۾ سياسي ۽ انتظامي حوالي سان سڀ کان مٿاهون درجو رکي ٿو، ان کي هڪ خصوصي قسم جو پروٽوڪول ملي ٿو ۽ ان جو پنهنجو هڪ مانُ ۽ مرتبو هجڻ گهرجي.

22- فيبروري 1997ع تي سنڌ جي نئين وڏي وزير لياقت جتوئي پنهنجي عهدي جو قسم کڻڻ کان ترت پوءِ نائن زيرو تي پهچي ويو. اتي لنڊن کان الطاف حسين جي ٽيليفون اچڻي هئي (جيڪا وڏي وزير جي گهر يا آفيس ۾ به ڪري سگهي پئي، جو نه ڪئي وئي!؟) الطاف حسين قرب جا مينهن وسائيندي ۽ احسان جهاڙائيندي وڏي وزير کي چيو ته ”ڏسو، توهان جي نائن زيرو تي ڪيئن آجيان ڪئي وئي!“ مٿان اهو به ٻڌايو ويو ته ”1990ع ۾ اسان جام صادق سان گڏيل حڪومت ناهي، اهو ڏاڍو بهترين دور هو، عوام جي ڀلائي جا ڪم تي رهيا هئا، پر ڪجهه ماڻهن کي اهي شيون پسند نه آيون ۽ آخرڪار انهيءَ محبت ۽ امن جي فضا کي خراب ڪيو ويو ۽ اسان جي خلاف آپريشن شروع ڪئي وئي.“

هتي فطري طرح کي سوال اٿن ٿا ته ”محبت“ ۽ ”امن امان“ جي فضا کي ڪنهن خراب ڪيو، ”عوام جي ڀلائيءَ“ جا ڪم ڪهڙن ماڻهن کي نه وڻيا ۽ انهن فوجي آپريشن ڪرڻ جو ضروري سمجهيو؟ ڇا اهو جام صادق علي ۽ ان جو ٽولو هو يا نواز شريف ۽ ان جو ٽولو؟

جام صادق علي بابت هر هڪ تصديق سان چاڻي ٿو ته هو ايم ڪيو ايم (الطاف) آڏو ايترو جهڪيو، ايترو ته جهڪيو، جو ان کان وڌيڪ جهڪڻ ممڪن ئي نه هو. الطاف حسين پلنگ تي چڙهيو وينو هوندو هو ۽ جام صادق ان جي پائي کي چنبڙيل، ۽ نواز شريف جو قرب انهيءَ اوج کي پهتل هو جو پاڻ اچي نائن زيرو تي پهتو ۽ الطاف حسين سان پنج ڪلاڪ ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ اعلان ڪيائين ته ”ايم ڪيو ايم جا دشمن اسان جا دشمن آهن ۽ ايم ڪيو ايم خلاف سازش جي مڪمل تحقيق ڪرائي ويندي.“ (نوائي وقت، 1 مئي 1991ع)

”ايم ڪيو ايم خلاف سازشن“ جي جڏهن تحقيق ٿي، تڏهن ثابت ٿيو ته ايم ڪيو ايم خلاف ڪا به سازش ڪا نه ٿي هئي، الٽو ايم ڪيو ايم پاڻ پئي سازشون ڪيون. ان ڪو به عوامي ڀلائيءَ جو ڪم ڪو نه پئي ڪيو ۽ امن امان جي فضا کي خراب ڪرڻ جو ڪارڻ پاڻ هئي. هونئن به اها ڄاتل سڃاتل حقيقت آهي ته دهشتگردي، بليڪ ميلنگ، مخالفن ۽ بيگناهن جو قتلام، وڦوڙ، آتش زني، اغوا ڪاري، بدمعاشي ۽ رهزني ايم ڪيو ايم جي تربيت يافته دهشتگردن ۽ قاتلن ۽ وڦوڙين وسيلي عمل ۾ ايندي آهي، پر ان پاران الزامن جو وسڪارو ڪنهن نه ڪنهن خصوصي نشانو بڻايل بيءَ ڌر تي هوندو آهي. 1989ع جي ابتدا کان 1992ع جي وچ تائين دهشتگرديءَ جو جيڪو رڻ تپايو ويو، تنهن نيٺ ان ساڳئي ئي وزيراعظم نواز شريف کي مجبور ڪيو ته ”سنڌ ۾ ڌوهارين خلاف مهم“ هلائي ۽ ايم ڪيو ايم جي دهشتگردي بند ڪرائي.

لياقت جتوئيءَ ۽ جام صادق عليءَ جي پيٽ جو وقت هيءُ ناهي، پر پهرينءَ ئي ٽيليفون تي ڳالهه ٻول دوران الطاف حسين جيڪو ڪجهه چيو ۽ جيئن چيو آهي اهو ڪيئي وضاحتون ڪريو ڇڏي. الطاف حسين مٿس احسانن جي بارش ڪندي چتايو آهي ته ”توهان مهاجرن جو خلوص نه

ڏسو، ته هنن هڪ ڀيرو ٻيهر خيرسگاليءَ جي جذبي تحت انهيءَ ڳالهه ڪي پنهنجيءَ انا جو مسئلو نه بنايو ۽ وڏ وزارت تان هٿ ڪنيو.“

انهن لفظن جو لڪل مطلب هڪ ٻار به سمجهي سگهي ٿو. لياقت جتوئيءَ جي وڏ وزارت ايم ڪيو ايم (الطاف) جي ٽوٽيءَ تي بيٺل آهي ۽ جي اها برقرار رکڻي آهي ته...

اسان کي واضح طرح اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته ايم ڪيو ايم (الطاف) پنهنجيءَ پوريءَ طاقت باوجود ڪڏهن به ان پوزيشن ۾ نه ٿي اچي سگهي، جو پنهنجي زور تي سنڌ جي حڪومت ٺاهي ۽ وڏ وزارت ماڻي سگهي، تان جو وٽ ڪيڻ لاءِ ڪهاڙيءَ جو ڳن پنهنجن ئي ٻي وفا، مت موڙهيل، خود غرض، لالچي ۽ ڪم ذهن سنڌي ميمبرن منجهان نه هجي. ايم ڪيو ايم سنڌ جي هڪ اقليت جا ووٽ وٺي ٿي، جڏهن ته سنڌ ۾ اڪثريت اڄ به سنڌين وٽ آهي. 28 سيٽون کٽندڙ ڌر ڪي سنڌ جي گورنري، اسپيڪر شپ ۽ اڌواڌ پر مکيه وزارتون ڏيڻ بدران، اهو سڀ ڪجهه، 38 سيٽون رکندڙ ڌر کي به ڏئي سگهجي پيو! پوءِ ڇو نائن زيرو تي حاضري ڀرائجي ها، ڇو پنهنجو ماڻ وڃائجي ها ۽ ڇو (اڻ ڪيل) احسانن جي مار کائجي ها!

سنڌي سياسي وڏيرو

سنڌي سياسي وڏيرو (ڪنهن هڪ اڌ مثال کان سواءِ) هڪ ڪمتر ذهنيت رکندڙ، بظاهر ڪيترو به وڏو هجي، پر درحقيقت پرمار يا ڏاڍي طاقت آڏو جهڪي پوندڙ، جاهل ۽ ياڙيو ٿئي ٿو. هن کي الائجي ڇو اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي، ته ايم ڪيو ايم کي به اقتدار جي بک آهي، اها مخالفت ۾ ويهڻ بدران اقتدار ۾ اچڻ ۽ رهڻ کي ترجيح ڏيندي ۽ اها ڪنهن به طرح سنڌي سياسي وڏيري جي مدد کان سواءِ اقتدار ۾ نه ٿي اچي سگهي. هن کي اها ڳالهه به سمجهه ۾ نه ٿي اچي، ته ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ ۽ داداگيريءَ کي ٻنجو ڏيڻ جو هڪ طريقو اهو به آهي ته سندس بليڪ ميلنگ جو شڪار نه ٿيو ۽ ان آڏو نه جهڪيو وڃي. چونڊيل سنڌي سياسي وڏيرن پاران جيڪڏهن اهو هڪ گڏيل فيصلو ڪيو وڃي ته 25 سيٽڙو رکندڙ ڌر کي، جيڪڏهن هرويرو اقتدار ۾ ويهارڻو آهي، ته اقتدار ۾ حصو 25 سيٽڙي کان وڌيڪ نه ڏنو ويندو، نه ته پلي وڃي مخالف ڌر جي بينچن تي ويهي، ته نتيجو ڇا نڪرندو؟ ڇا ”احسانن“ جي مار کائڻي پوندي؟ ڇا نائن زيرو تي حاضري ڀرائڻي پوندي؟ ڇا هڪ دهشتگرد ۽ سنڌ دشمن قوت آڏو جهڪڻو پوندو؟ انهن سڀني سوالن جو جواب هڪ وڏي ”نه“ هوندو، پر شرط آهي ته چونڊيل سنڌي سياسي وڏيرو پنهنجي انداز ۾ ٿوري غيرت، ٿوري بردباري، ٿورو قومي جذبو ۽ ٿوري وطن دوستي پيدا ڪري.

سيد جلال شاهه سنڌ اسيمبليءَ لاءِ چونڊيل هڪ سنڌي ميمبر، چيو آهي ته ”مون 4-ڏينهن اڳ مسلم ليگ (ن) جي حمايت ڪئي هئي. پ پ پ سان اتحاد جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي... آءٌ ڳالهه واضح ٿو چوان ته ايم ڪيو ايم جيڪڏهن سنڌ خلاف ڪو به قدم کنيو، ته آءٌ سندس مخالفت ڪندس. آءٌ سنڌ جي مفاد خلاف ڪڏهن به ڪم نه ڪندس ۽ آءٌ جي ايم سيد جي پوٽي جي حيثيت ۾ سنڌ خلاف ڪم ٿيڻ نه ڏيندس.“ (عوامي آواز، 20 فيبروري 1997ع)

سيد جلال شاهه اسان جو عزت لائق نوجوان آهي. هن لاءِ اسان وٽ احترام آهي ۽ ڪنهن به ڏکي بحث ۾ پوڻ نه ٿا گهرون. جاڻون ٿا ته پنهنجن بيانن ۾ پاڪستان کي تسليم نه ڪندڙ ۽ ان جي آئين کي مظلوم قومن جو دشمن ڄاڻائيندڙ، سچي قومپرستيءَ جي دعويدار هڪ ڌر جا ڪي اڳواڻ ۽ ڪارڪن سيد جلال شاهه کي سنڌ اسيمبليءَ جي در تائين پرجوش جلوس جي صورت ۾ وٺي آيا هئا ته جيئن پاڪستان ۽ ان جي آئين سان وفاداريءَ جو حلف کڻي سگهجي. سيد جلال شاهه جنهن مسلم ليگ جي حمايت ڪئي آهي، ان مسلم ليگ جي "بڻ بنياد"، "اڳواڻن" ۽ "ڪارنامن" بابت خود سندس ڏاڏي سائينءَ جا ڪي ئي ڪتاب ۽ مضمون لکيل آهن. اسان جو بلڪل هڪ سڌو ۽ سادو سوال هي آهي ته: "ايم ڪيو ايم جيڪڏهن سنڌ خلاف ڪو به قدم کنيو ته" ان جو مطلب ڇا آهي؟

ڇا ايم ڪيو ايم اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي خلاف ڪو به قدم نه کنيو آهي!؟

سائين جيڪڏهن رڳو ايترو ٻڌائڻ جي تڪليف گوارا ڪري ته "سنڌ خلاف ڪو به قدم" مان سندس مراد ڇا آهي، ته ايم ڪيو ايم جي تاريخ ۽ عمل مان اهڙا سوين مثال ڏئي سگهجن ٿا، جيڪي اهو ثابت ڪندا ته ايم ڪيو ايم اڄ تائين ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪيا آهن. سائين هيٺ ڏنل ٻن بيانن جي ڪهڙي وضاحت ڪندو...

1- "جيئي سنڌ قومي محاذ جي (وائيس) چيئرمين سيد غلام شاهه چيو آهي ته هڪ بين الاقوامي سازش تحت سنڌ جي ورهاست جي راهه هموار ڪئي پئي وڃي ۽ ايم ڪيو ايم ٻاهرين قوتن جي آلهءِ ڪار بڻجي چڪي آهي. مهاجرن سنڌ ۾ رهندي سنڌي ٿيڻ قبول نه ڪيو ۽ اهي جيڪڏهن هاڻي به مهاجر سڏائڻ تي بضد آهن ته انهن لاءِ پارت يا وري سمنڊ کان سواءِ ٻيو ڪو ٺڪاڻو نه هوندو. هن چيو ته هاڻي به وقت آهي ته ايم ڪيو ايم وارا "مهاجر صوبي" جو خناس پنهنجي دماغ مان ڪڍي ڇڏين..." (ڏسو: "انقلاب"، 30 آڪٽوبر 1994ع)

2- "جيئي سنڌ قومي محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر چيو آهي ته "مهاجر صوبي" جو شوشو مهاجرن ۽ سنڌين جي وچ ۾ خون خرابي جي سامراجي سازش آهي. مهاجرن جو پنهنجو الڳ وطن ڪو به ناهي، اهي اسان جي مهمان نوازيءَ جو ناجائز فائدو وٺي رهيا آهن. وطن جي ورهاست ڪو به غيرتمند سنڌي برداشت نه ٿو ڪري سگهي. الطاف حسين الڳ مهاجر صوبي جي ڳالهه ڪري برنديءَ تي تيل هارڻ جو ڪم ڪري رهيو آهي." ("پبلڪ"، 28 سيپٽمبر 1994ع)

هن مضمون جي ابتدا ۾ ڏنل بيانن ۽ هتي ڏنل بيانن کي ڌيان سان پڙهي ڄاڃيو وڃي ته سنڌ کي ورهائڻ ۽ مهاجر صوبو ناهڻ ۽ بين القوامي ۽ سامراجي سازش کي عملي روپ ڏيڻ وارو ڪير آهي. انهيءَ ايم ڪيو ايم جي حمايت سان سيد جلال شاهه سنڌ اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر چونڊيو آهي! (۽ لياقت جتوئي، وڏو وزير!)

ڇا سائين وضاحت ڪندو ته "سنڌ جي مفاد" مان سندس مراد ڇا آهي؟ اسان جو هي سوال سنڌ اسيمبليءَ جي هر ميمبر لاءِ پڻ آهي.

سنڌ جا مفاد

"سنڌ جي مفادن" ۽ "سنڌ جي مسئلن" جي وچ ۾ موجود نفيس فرق کي محسوس ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪرڻ گهرجي.

"سنڌ جي مفادن" جو تعلق سنڌ جي سالميت، بقا ۽ ترقيءَ ۽ ان تي سندس قدرتي ۽ قانوني رهاڪن جي مالڪيءَ جي حقن سان آهي.

1- سنڌ هڪ جاگرافيائي ايڪائيءَ جي صورت ۾ آزاد ۽ تاابد قائم ۽ دائم رهي، سدا وسندي، آباد ٿيندي ۽ ستابي ۽ خوشحال رهندي اڃي ۽ ترقي ڪندي رهي. سنڌ جي سالميت خلاف ڪا به سازش ۽ غداري نه ٿئي ۽ جيڪڏهن اهڙي ڪا به نيت ڪنهن به من ۾ موجود هجي ته ان کي فنا ڪيو وڃي. سنڌوءَ تي بند ٻڌي سنڌ کي سُڪائڻ، پنجاب جو گندو پاڻي سنڌ ۾ وهائڻ ۽ سنڌ کي ڪاري پاڻيءَ، سم ۽ ڪلر جي ڍٻڻ ۾ تبديل ڪرڻ ۽ سنڌ جو ناڻو سنڌ جي ڀلائيءَ ۽ بهبود لاءِ استعمال ٿيڻ جهڙا مامرا سنڌ جي مفاد سان وسطو رکن ٿا.

2- سنڌ تي ان جي قدرتي ۽ قانوني رهاڪن جي مالڪي قائم هجي، انهن کي ڪنهن به طرح، ڪنهن به سازشي عمل وسيلي هڪ حقير اقليت ۾ بدلائڻ جي ڪوشش ئي نه ٿئي ۽ جي ٿئي ته ان جون پاڙون پٽيون وڃن. سنڌ سنڌين جو قدرتي، تاريخي ۽ قانوني وطن آهي ۽ ان جي سمورن وسيلن تي سنڌين جي ئي مالڪي قائم رهي. هيءُ هڪ تسليم ٿيل عالمي حق آهي، جنهن کي ڪو به رد نه ٿو ڪري سگهي.

3- سنڌ سنڌين جي آهي ۽ سنڌ ۾ قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ طور سنڌي ٻوليءَ کي رائج رهڻ گهرجي ۽ سنڌي ثقافت هن ئي ڌرتيءَ جو تاريخي ورثو آهي، جنهن کي پنهنجيءَ فطري اوسر موجب بنا رنڊڪ جي وڌندو ويجهندو رهڻ گهرجي.

ڪو به غيرقدرتي ۽ غيرقانوني رهاڪو جيڪڏهن، مثال طور برطانيا، سعودي عرب، جپان وغيره جي ڌرتيءَ ۽ وسيلن تي اتان جي قدرتي ۽ قانوني رهاڪن بدران پنهنجي يا انهن سان گڏ پنهنجي مالڪي ڄمائڻ يا ڪنهن به وسيلي تي قبضو ڪرڻ يا اتي جي جاگرافيءَ کي بدلائڻ يا اتي جي قدرتي ۽ قانوني رهاڪن کي اقليت ۾ بدلائڻ يا اتي جي زبان ۽ ثقافت جي قومي ۽ سرڪاري حيثيت تي اعتراض وارڻ جي نيت به ڪندو ته انهيءَ سلسلي ۾ عالمي اصول ڇا ٿو چوي؟ ڇا انهن ڄاٽايل يا دنيا جي ڪنهن به ڏيهه ۾ پنهنجي ڪا نام نهاد، من گهڙت ۽ هٺ نوڪي قوميت ناهي ان جي لاءِ ڪنهن به قسم جي سپرپاوري، بالادست حاڪماڻي حق، ڪنهن به قسم جي ڌونس ۽ ڌمڪيءَ يا پنهنجي مخصوص گروهه لاءِ "بين الاقوامي اصولن موجب سرحد بندي" جو سڪٽو مطالبو ڪرڻ جي موڪل به ملندي؟

انهن سوالن جو جواب، جي "نه" هجي، ته سنڌ ۾ خرمستيءَ جي موڪل ڇو؟ ايم ڪيو ايم پاران هن وقت تائين جيڪو ڪجهه ڪيو پئي ويو آهي، سنڌ اندر مهاجريت (۽ پاڪستانيت) جي نالي ۾ جيڪو ڪجهه پئي وهيو واپريو آهي، ڇا ان سڀ ڪجهه کي ڪنهن به طرح سنڌ جي مفادن وٽان سمجهي، ڇئي ۽ سڏي سگهجي ٿو؟ بذات خود ايم ڪيو ايم جو نالو ۽ مهاجريت جو نعرو ڇا سنڌ جي مفاد سان ٽڪر ۾ ناهي؟

جيڪڏهن اسان جو ڪو ايمان آهي، ڪا قومي غيرت آهي، ڪو وطن دوستيءَ جو جذبو آهي، ته پوءِ اسان کي اهو بهرحال مڃڻو پوندو ته سنڌ ۾ ”مهاجر قوميت“ جو نعرو ۽ ايم ڪيو ايم (۽ اهڙي ٻي هر تنظيم) جو نالو ۽ وجود سنڌ جي مفادن خلاف ازلي ويريءَ جي حيثيت رکي ٿو.

جيڪو به ماڻهو، مادري ٻوليءَ طور ڪهڙي به ٻولي ڳالهائيندو هجي، جيڪڏهن سنڌ جي مفادن لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو، خلوص سان ڪم ڪري ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي مفادن خلاف ڪا به سرگرمي نه ٿو ڪري، ته اسان جو ڀاءُ آهي، سنڌي آهي. سنڌي ماڻهوءَ ڪڏهن به، ڪنهن به فرد کان، سندس مادري ٻوليءَ جي حوالي سان، نفرت نه ڪئي آهي. سنڌي، سرائيڪي، ٻروچڪي، گجراتي، ٻروهڪي، ڪڇي، ڪاٺياواڙي، اردو، ايتري قدر جو انگريزي، عربي، فارسي وغيره ٻولين مان ڪا به ٻولي مادري ٻوليءَ طور ڳالهائي ويندي هجي، سڀ سنڌ وطن جي قدرتي ۽ قانوني رهاڪن جون ٻوليون ٿي سگهن ٿيون ۽ رهيون آهن ۽ اسلام، عيسائيت، هندو مت وغيره ۽ شيعيت، سنيت، وهابيت، پارسيت، قاديانيت، مزدڪيت، قادريت وغيره، ڪهڙي به مذهب ۽ ڪهڙي به فرقي سان تعلق هجي، سڀ سنڌ وطن جي قدرتي ۽ قانوني رهاڪن جا مذهب ۽ فرقا ٿي سگهن ٿا ۽ رهيا آهن، پر اسان جو بنيادي حوالو ”سنڌ جا مفاد“ آهن. سنڌ جا مفاد سڀ کان مٿانهان ۽ سڀ سان وڏو، اهم ۽ بنيادي حوالو آهن.

جيستائين تعلق آهي مسئلن جو، ته سنڌ ۽ سنڌ جي رهاڪن جا سوين مسئلا آهن. سنڌ جي معيشيت جو استحڪام، سنڌ ۾ بيروزگاري، سنڌ ۾ غيرقانوني پرڏيهي، سنڌ ۾ صنعتن، نهرن ۽ روڊن رستن جا چار، سنڌ جي تعليم، صحت، سماجي بهبود ۽ ڀلائي ۽ ٻيا ڪي ئي مسئلا آهن جن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ونڻ هر حڪومت ۽ رهاڪوءَ جو فرض آهي.

پر، هر حالت ۾ اهو ياد رکيو وڃي ته ڪنهن به طرح، ڪنهن به غرض يا مقصد لاءِ سنڌ جي مفادن تي سوديبازي ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي. جيڪا به ڌر ڪنهن به طرح سنڌ جي مفادن کي جوکم ۾ وجهي ٿي، ان جو سنڌ جي مالڪيءَ سان ڪو واسطو ته نهيو، اها سنڌ جي وسيلن تي جيئڻ جو حق به وڃائي ويهي ٿي. اسان کي جاچڻو اهو آهي ته سنڌ جي حڪومت تي ايندڙ ڌريون ڇا ڪنهن به طرح سنڌ جي مفادن جي خلاف ته ناهن؟ جي ايئن آهي ته پوءِ، اهڙيءَ ڪنهن به ڌر کي سنڌ جي حڪومت ۾ ويهڻ جو ڪو به حق ناهي. اصولي نظر سان ڏٺو وڃي ته سنڌ ۾ رهڻ جو به حق نه آهي.

گهٽ ۾ گهٽ، پ پ جي سياسي وڏيرن جيتري ته قومي غيرت ڏاريو

عام چونڊن کان پوءِ جيڪي نتيجا ظاهر ٿيا، انهن موجب سنڌ ۾ پ پ پ وٽ 38، ايم ڪيو ايم (الطاف) وٽ 12 (يا ڪٽي 14) سيٽون هيون. عام جمهوري فضيلت چوي ٿي، ته اڪثريتي پارٽي کي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏني وڃي. پاڪستان ۾ ان فضيلت جو ٻيڙو ٻوڙيو ويو آهي. عجيب قسم جو هڪ ناٽڪ ڪيڏيو وڃي ٿو. سنڌ جي اڪثريت جي نمائندگي ڪندڙ سنڌي ڌرين کي پاڻ ۾ وڙهيل ڏسي، ايم ڪيو ايم هڪدم پنهنجا شرط شروط پيش ڪري ڇڏيا ته جيڪا ڌر اسان جا فلاڻا 18 مطالبا پورا ڪندي، هوءَ انهيءَ سان ناهه ڪندي. انهيءَ موقعي تي ٿيڻ ته ايئن گهربو هو ته سنڌ

جي اڪثريت جي نمائندگي ڪندڙ ڏريون ٽوري ڪا قومي غيرت ڏاري، ڪجھ ڪو وطن دوستيءَ جو جذبو رکي، ٽوري کي گھٽي سمجھداريءَ، حب، ماٺپي ۽ وفاداريءَ جو مظاهرو ڪندي هڪدم اعلان ڪن ها ته اسان مان ڪو به ايم ڪيو ايم جي بليڪ ميلنگ ۾ نه ايندو، ايم ڪيو ايم جيڪڏهن پنهنجو ڪو به ناجائز ۽ دٻاءُ وجهندڙ شرط پيش ڪيو ته ان سان ڪي به ڳالهيون نه ڪيون وينديون يا وري ايم ڪيو ايم کي پڻ اسان جي فلاڻن فلاڻن شرطن کي مڃڻو پوندو.

پ پ پ جي سياسي وڏيرن وري به ڪجھ نه ڪجھ قومي غيرت، وطن دوستيءَ ۽ دانشمنديءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ هن ايم ڪيو ايم کان سواءِ بيءَ هر ڏر کي ايم ڪيو ايم جي بليڪ ميلنگ کان بچائڻ لاءِ غير مشروط حمايت جي آڇ ڪئي پر مسلم ليگ (ن) اهڙي ڪنهن به عنصر تي سوچڻ جي تڪليف ئي گوارا نه ڪئي. هن کي ڪجھ ڏينهن جي اقتدار جي لالچ ۽ چانديءَ جي ڪرسيءَ جي چلڪي هر قسم جي بردباريءَ، مٺيا ۽ ماٺپي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ اها اتاولائي سان دهشتگردن جي در تي سجده زير ٿي وئي.

سنڌي عوام اخبارن جي اکر اکر کي گھوري ڏسندو رهيو ته ڪڏهن ٿو ڪو سنڌي اڪثريت جو نمائندو ڪنهن به قسم جي ٽوري ڪا وطن دوستي ڏيکاري پر جيڪو ڪجھ پڙهيو ۽ ٻڌو ويو، اهو هي ته هر قيمت تي ايم ڪيو ايم کي راضي ڪرڻو آهي (شايد مٿان جي به ڪا اهڙي ئي مرضي هجي) ۽ ايم ڪيو ايم جا نات هئا ۽ نخرا هئا، شرط ۽ داٻا هئا ته هيئن به ڪيو ۽ هونئن به ڪيو، هي به ڪيو ۽ هُو به ڪيو، تان جو ايم ڪيو ايم جو ”احسان“ ڪٽي ۽ ڌونس سهي، اخباري رپورٽن موجب، سنڌ جي گورنري، اسپيڪرشپ ۽ اڌواڌ پر مکيه وزارتون ايم ڪيو ايم جي حوالي ڪري ۽ دهشتگردن کي معصوم ۽ بيگناهه مڃي، انهن جي ڪيسن تي نظرثاني، رعايت ۽ ڏنڊ ڏوهه پري ڏيڻ ۽ ٻيا ڪي ئي غير مانائتا ۽ غير شانائتا شرط مڃي، پنهنجي اقتدار جو بنياد ايم ڪيو ايم جي ٽوٽيءَ تي بيهاري انتهائي گهٽيا رعايتون وٺي خوش خوش ۽ گد گد پئي ٿيا.

هتي، هڪ عجيب مطالبي جي مڃتا پڻ ڌيان لهڻي ٿي.

گورنري مرڪزي انتظاميا جو مامرو آهي. گورنر صوبي ۾ صدر ۽ مرڪزي انتظاميا جو نمائندو ٿئي ٿو. گورنر جي ڪرسي ڪو سياسي عهدو ناهي، نه ئي وري ان لاءِ ڪا چونڊ ٿيندي آهي پر ملڪ جو صدر پنهنجيءَ صوابديد تي گورنر مقرر ڪندو آهي. پوءِ اهو ڪيئن ۽ جو ممڪن ٿي سگھيو آهي ته مسلم ليگ (ن) جي مقرر ڪيل ڪميٽيءَ ايم ڪيو ايم جي ڪميٽيءَ کي اها يقين دهاني ڪرائي سگھي، ته گورنر ايم ڪيو ايم جو هوندو...!؟ ڇا صوبي جي وزيراعليٰ کي اهڙو ڪو اختيار مليل آهي جنهن جي اطلاق وسيلي هو پنهنجيءَ پسند جو گورنر مقرر ڪري سگھي؟ سنڌ جي عوام سان اها ڪهڙي قسم جي مذاق آهي!؟

ڳجھ ڳوهه ۾ تيل انهيءَ ناهه کي طي ڪئي اڃا به هفتا به نه ٿيا آهن، ۽ ٽوڙي جو اقتداري ڌر جي ڪجھ ميمبرن، جيئن اسماعيل راهو، مقبول شيخ ۽ سليم جان مزاري پنهنجي الڳ الڳ بيانن ۾ ظاهر ڪيو آهي ته ”ٻنهي پارٽين شهري (!) ۽ ڳوٺاڻي (!) عوام جي مفاد ۾ سهڪاري هٿ وڌايا آهن“ (”عوامي آواز“، 2- مارچ 1997ع) پر ناهه ڪندڙ ڌرين جو ڦڏو ظاهر ٿي پيو آهي. سنڌ حڪومت اڃا سوڌو پنهنجي ڪابينا جوڙي نه سگھي آهي، ڇو ته ايم ڪيو ايم ان ڳالھ تي اڙي هٽي بيٺي

آهي ته ڪابينا ۾ شموليت لاءِ ايم ڪيو ايم جي گورنر جو فيصلو اڳ ۾ ٿيڻ گهرجي. (”ڪاوش“، 2- مارچ 1997)

هي جو شرط شروط، دٻاءَ ۽ ڪرسيءَ جي لالچ وسيلي طي پيو ٿئي ته فلاڻا فلاڻا عهدا ۽ ٻيا اختيار ۽ فلاڻيون فلاڻيون وزارتون وغيره هِن يا هُن ڌر کي ڏنيون وينديون، ته فلاڻا نمائندا فلاڻي جي حمايت ڪندا، ته ڇا ان کي سوديبازي ۽ سازش نه ٿو چئي سگهجي؟

وڏ وزارت حاصل ڪرڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جا ڪهڙا ڪهڙا شرط مڃيا ويا آهن، انهن جي صحيح خبر تڏهن پوندي، جڏهن ناهه ڪندڙ ڌريون پنهنجي ناهه کي پڌرو ڪن، پر ايترو پڇڻ جو حق اسان کي به آهي، ته ايم ڪيو ايم جا سنا يا ڪنا شرط ته مڃيا ويا، پر سنڌي اقتداري ڌر پنهنجن ووٽرن، پنهنجي ڌر ۽ وطن جي عوام جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ ايم ڪيو ايم کان پنهنجا ڪهڙا شرط مڃرايا؟

ڇا ايم ڪيو ايم (الطاف) اهو مڃيو آهي ۽ ڪانئس اهو مڃرايو ويو آهي ته:

(1) ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) سنڌ جي ورهاست واري نڪتي کان لاتعلقي ظاهر ڪندو، ڇو ته اهو پاڪستان جي ورهاست جي برابر آهي يا اهڙو ڪو به مطالبو نه ڪندو جنهن جي ڪري پاڪستان جي آئين ۾ آرٽيڪل-1 ۾ ڄاڻايل پاڪستان جي علائقن جي جاگرافيائي بيهڪ تبديل ٿيندي هجي؟

(2) ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) (الف) نسل پرستيءَ جي بنياد تي ٻين قوميتن جي نسل ڪشيءَ جي عمل کي موڪلاڻي ڇوندو، (ب) نسلي تعصب جي پاليسي ترڪ ڪندو ۽ پنجابين، پناڻن، سنڌين ۽ بلوچن کي خصوصي نشانو بنائي قتل ڪرڻ بند ڪندو، ۽ (ت) پنهنجن مخالف اردو ڳالهائيندڙن جو قتل عام بند ڪندو؟

(3) ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) سنڌ ۽ پاڪستان حڪومت جي ملازمن ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي فردن کي پنهنجو خصوصي نشانو بنائي قتل ڪرڻ بند ڪندو؟

(4) ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) (الف) پنهنجن دهشتگرد ٽولن جي بدقماش اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي قانون جي حوالي ڪندو، (ب) سنگين ڏوهن ۾ انڌا ڌنڌ فائرنگ ۾ ملوث پنهنجن ڏوهارين کي عدالت ۾ حاضر ڪندو، ته جيئن اهي قانوني عمل مان گذري سگهن، (ت) ڪنهن به اهڙي فرد يا ٽولي جي حمايت ۽ مدد نه ڪندو جيڪو قتل جي ڪيسن ۾ گهربل هجي، ۽ (ث) پارٽ ۾ پنهنجون تربيتي ڪئمپون بند ڪندو ۽ اتي موجود جاويد لنگڙا ۽ اهڙن ٻين دهشتگردن کي گهرائي عدالت ۾ پيش ڪندو؟

(5) ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) پريس (صحافت) خلاف سينسرشپ واري پنهنجي پاليسي بند ڪندو ۽ پريس (صحافت) ۾ ڌونس، ڌمڪي ۽ سڌي يا اڻ سڌي مداخلت کي ختم ڪرڻ جو ڪليل اعلان ڪندو؟

(6) ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) پنهنجي (الف) ان نعري تہ ”جو قائد ڪا غدار هي، وہ موت ڪا حقدار هي“ تان هٿ ڪڍندو ۽ پڻ (ب) ان نعري تہ ”ٽي وي، وي سي آر وڪڻو ۽ ڪلاشنڪوف خريد ڪيو“ تان هٿ ڪڍندو؟

(7) ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) قصاص ۽ ديت جي اسلامي اصولن مطابق قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي ماريل ۽ زخمي ڪيل ڪارڪنن جو معاوضو ادا ڪندو ۽ جيڪي ماڻهو سندس دهشتگردن جي فائرنگ ۾ ماريا ويا آهن، انهن جي خون جو ڏنڊ ڏوهہ ڀري ڏيندو ۽ اهڙو ئي ڏنڊ هو پنهنجين مخالف سياسي جماعتن جي ماريل ۽ زخمي ڪيل انهن ماڻهن لاءِ بہ ڀري ڏيندو جيڪي سندس انتهاپسندن قتل ڪيا ۽ ڦٽيا آهن؟

(8) ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) جا ڪارڪن قائم ڪيل ٽارچر سيل بند ڪندا ۽ پڻ واپارين، دڪاندارن ۽ ٻين ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن کان ڀتو نہ اگاڙيندا؟ وغيره.

اهي ۽ اهڙا ڪي ٻيا شرط ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) سان ڳالهين ۽ ناهہ لاءِ گذريل حڪومت دوران پ پ پ جي سياسي وڏيرن پاران رکيا ويا هئا، ڏيان سان پڙهي ڏسو، تہ انهن ۾ ٿوري گهڻي ڪا قومي غيرت، حب الوطني، انسان دوستي، ماڻهپو ۽ امن سان محبت نظر اچي ٿي يا نہ، ۽ يقين ڪريو تہ انهن سڀني مطالبن يا شرطن جو روح انهيءَ دور جي واقعن تي جڙيل آهي جڏهن پاڪستان ۾ نواز شريف ۽ سنڌ ۾ جام صادق جي حڪومت هئي ۽ ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) انهن جو هڪ اتحادي!

نواز شريف ئي اهو وزيراعظم هو جنهن ڀرپائين اعلان ڪيو تہ ”اذيت گهر قائم ڪرڻ وارن کي ڀڄڻ نہ ڏنو ويجي.“ (جنگ، 27- جون 1992ع). پيرائتي خبر موجب، ”سنڌ آپريشن جي سلسلي ۾ وزيراعظم نواز شريف پاران صدر (غلام اسحاق)، چيف آف آرمي اسٽاف (جنرل آصف نواز) ۽ وزيراعليٰ سنڌ مظفر شاهہ سان فون تي ڳالهيون، ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ جي هدايت، وفاقي ڪابينا پنهنجي (ٻن ڏينهن کان پوءِ) ٿيندڙ اجلاس ۾ فوج کي آرٽيڪل- 245 هيٺ اختيار ڏيڻ ۽ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻن جي گرفتاري جي معاملن تي غور ڪندي.“

ڪالهہ جن ايم ڪيو ايمي دهشتگرد اڳواڻن جي گرفتاريءَ تي غور ٿيڻو هو، اڄ انهن جي درن تي سجدو ۽ انهن کي گورنرشپ ۽ اهم وزارتون ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي. ڪالهوڪا دهشتگرد، جن اذيت گهر قائم ڪيا ۽ جن کي ڀڄڻ نہ ڏنو ٿي ويو، اڄ انهن تي سنڌ ۾ اقتدار جا دروازا کوليا ويا آهن ۽ ڪالهہ جن دهشتگردن تي دهشتگرديءَ، اغوا، قتل، آتش زني، ڦرلٽ وغيره جا ڪيس داخل ڪيا ويا ۽ منجهانئن ڪي ئي گرفتار بہ ڪيا ويا، اڄ انهن کي عدالت کان مٿان ئي آزاد ڪرڻ، اجورو ڀري ڏيڻ ۽ انهن سان ٻيون رعايتون ڪرڻ جا شرط مڃي، خود پنهنجيءَ ئي سياست ۽ سياسي جماعت کي مشڪوڪ ۽ داغدار بڻايو ويو آهي.

ٻڌو هئوسون تہ ڪا اصولي ۽ باعمل سياسي غيرت بہ ٿيندي آهي! حب الوطني ۽ قومي غيرت ان کان مٿاهين درجي جا اتم جذبا آهن. سنڌ ۾ وڏ وزارت ۽ ڪي ٻي اثر وزارتون وٺڻ لاءِ مسلم ليگ (نواز گروپ) جي اڳواڻن ڇا انهن ٿنهي مان ڪنهن بہ قسم جي جذبي جو، ذري جيترو بہ اظهار ڪيو آهي؟

انهيءَ سوال جو جواب، جيڪڏهن ”نه“ هجي، ته ڪجهه سوچيو!

پ پ پ طرفان سنڌ حڪومت کي (ايم ڪيو ايم پاران) بليڪ ميلنگ کان بچائڻ لاءِ سهڪار بابت پڇيو ويو ته (سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ ۽ پ پ پ جي هڪ اڳواڻ) نثار کهڙي چيو ته: ”جيڪڏهن حڪومت رابطو ڪيو ته انشاء الله ڪيس مايوسي نه ٿيندي.“ (عوامي آواز، 1- مارچ 1997ع) ۽ هن ڳالهه تي به ڪجهه سوچيو!

هاڻي به وقت ويو ناهي

موجوده سنڌ اسيمبلي چونڊيل نمائندن تي ٻڌل هڪ اسيمبلي آهي ۽ اسان وٽ جمهوري قدرن جي حوالي سان ان لاءِ هڪ احترام موجود آهي. هن اسيمبليءَ جو پيڙهائتو فرض سنڌ جي مفادن جي نگهباني ڪرڻ ۽ سنڌ جي مسئلن جي حل لاءِ بااصول ڪوششون وٺڻ ۽ انهن بنهي ڪمن لاءِ قانون سازي ڪرڻ آهي. وقت ويو ناهي، هاڻي به پنهنجو جائزو وٺي سگهجي ٿو. وڏي دل ڏاري، ذهني ڪشادگيءَ کان ڪم وٺي، پنهنجي ضمير کي پنهنجو منصف مقرر ڪري، بلڪل ايمانداريءَ ۽ بردباريءَ سان پنهنجو جائزو وٺڻ گهرجي ته موجوده سنڌ حڪومت عملي طرح اهميت ۽ اوليت ڇا کي ڏني آهي: (1) سنڌ جي مفادن جي حفاظت ۽ سنڌ جي مسئلن جي حل ۽ انهن لاءِ قانون سازيءَ کي، يا (2) پنهنجيءَ ذات ۽ پنهنجن گروهي مفادن ۽ اقتدار جي عارضي چشڪي ۽ ڪرسيءَ کي ڏني وئي آهي ته اصول، اخلاق ۽ فضيلت جي تقاضا ۽ ضمير جي فيصلي کي مقدم سمجهي پنهنجي ان عمل کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، ۽ اهميت ۽ اوليت جيڪڏهن سنڌ جي مفادن ۽ سنڌ جي مسئلن جي حل ۽ انهن لاءِ قانونسازي کي ڏئي وئي آهي ته پوءِ، في الوقت اصول، اخلاق ۽ فضيلت جي تقاضا ۽ ضمير جي فيصلي کي مقدم سمجهي (جيڪي مسئلا آئينده حل ٿيڻا/ڪرڻا آهن انهن بابت ڪنهن به هام کان پاسيرو رهي) اڄ ئي سنڌ اسيمبلي ۽ اقتدار/حڪومت ۾ شامل هڪ مشڪوڪ ڌر بابت ثبوت نه ته به، شاهدي ۽ ضمانت ئي پيش ڪئي وڃي ته:

”ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) سنڌ جي مفادن جي حفاظت لاءِ، سچ پچ به، عملي مظاهرو ڪندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ، سنڌ جي جاگرافيائي وحدت ۽ سنڌ جي اجتماعي خوشحاليءَ لاءِ ڀرپور جدوجهد ۾ سهڪار ڪندو، سنڌ جي قدرتي ۽ قانوني رهاڪن جي مالڪي تسليم ڪندو ۽ ڪا به اهڙي حرڪت نه ڪندو جنهن وسيلي انهيءَ تسليم ٿيل عالمي اصول کي جوکم رسي ۽ اهڙو مظاهرو ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاران لڳايل نام نهاد ۽ جڙتو مهاجر قوميت جي نعري تان هٿ کڻندو. سنڌ ۾ سنڌي (اردو ڳالهائيندڙ سنڌي) جي حيثيت ۾ رهندو ۽ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قومي ۽ سرڪاري حيثيت تسليم ڪندو ۽ ان جي عملي اطلاق لاءِ هٿ ونڊائيندو ۽ سنڌ ۾ نسلي منافرت ۽ لساني شاونزم کي ختم ڪرڻ ۽ ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو. جڏهن ته سنڌ جي مسئلن جي حل لاءِ، ٻيو ڪجهه نه، ته به گهٽ ۾ گهٽ، پنهنجن انهن بدترين، دهشتگردن ۽ انسان ۽ امن دشمن عملن جو ورجاءُ نه ڪندو جن جي ڪري 1992ع ۾ سندس ئي اتحادي ساٿين لاءِ سنڌ ۾ فوجي آپريشن ڪرائڻ اٽڪر تي پيو هو.“

ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) جيڪڏهن اهو ڪارج پورو ڪرڻ لاءِ ڪا بااصول ۽ باعمل ضمانت مهيا ڪري ٿو ته اسان جو پرين آهي، اسان جون اکيون ٺڏيون، اسان جا اعتراض رد ۽

باطل، ڪنهن به قسم جي گستاخيءَ لاءِ، جيڪڏهن اسان ڪان سهواً به ٿي وئي هجي، معافي وٺڻ لاءِ تيار آهيون. ليڪڪ، سنڌ جي قدرتي ۽ قانوني رهواسين جي هر سياسي تنظيم پاران اهڙيون شاهديون ۽ اهڙا ثبوت پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته اهي سڀ جو سڀ ۽ انهن مان هر هڪ ڪنهن به معصوم اردو ڳالهائيندڙ خلاف ڪنهن به قسم جو ڪينو، ڪا به ڪدورت ۽ نفرت نه ٿو رکي، بلڪ ڪا به ٻولي ڳالهائيندڙ ڪنهن به فرد جيڪڏهن سنڌ جي مفادن ڪي هاجو نه رسايو آهي يا سنڌ جي مفادن لاءِ خلوص دل سان ڪم ڪيو آهي ته سنڌ جا باشعور قدرتي ۽ قانوني رهواسي ان لاءِ پنهنجي جيءَ ۾ جايون رکن ٿا ۽ ان ڪي ٻنهه پنهنجو سمجهن ٿا.

(روزاني ”برسات“ ڪراچي، 10 مارچ 1997ع کان
13 مارچ 1997ع تائين، چئن قسطن ۾ ڇپيل)

## سنڌ ۾ موجود ڌارين جون لوڌون ۽ ٻوڙي سرڪار جي خاموشي

سنڌي قوم هڪ وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي ۽ صدين کان ان ۾ رهندي اچي. انگريز سرڪار جيتري وسيع سنڌ تي قبضو ڪيو هو، ان جون به ڪجھ گهٽايل، سوڙهيون ڪيل سرحدون مقرر ڪري، نئين ناهيل سنڌ کي 1-اپريل 1936ع تي پاڻ وهيڻو (خود مختيار) ڪيو ۽ 17-اپريل 1937ع تي انگريز اقتدار اعليٰ هيٺ سنڌ صوبي جي پهرين اسيمبلي وجود ۾ آئي جنهن جو سربراهه وزير اعظم سڏيو ويندو هو. 1940ع ۾ هڪ قرارداد (نهراءُ) وسيلي گهڻي مسلمان آبادي رکندڙ رياستن جي سياستدانن پنهنجي گڏيل حڪومت ناهڻ بابت رٿا ظاهر ڪئي جنهن ۾ شامل ٿيندڙ سمورين رياستون ڪجھ اهم نڪتن تي گڏيل حڪمت عملي هلائينديون، جنهن لاءِ مناسب ۽ موزون، نهڪندڙ سياسي اصطلاح ڪچو-وفاق (ڪنفيڊريشن) يا عام-سگهه (ڪامن ويلٿ) ئي ٿي سگهي ٿو. پر 14-آگسٽ 1947ع تي جيڪو پاڪستان نهيو، ان ۾ پهرين ڏينهن کان نمونا ئي نوان اچي ويا. 1948ع ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان انتظامي طرح ڌار ڪري مرڪزي علائقو يا انتظاميا سڏيو ويو ۽ 1954ع ۾ مورڳو ون-يونٽ ناهي، سنڌ سميت سيني صوبن جو نالو گم ڪري ”اولهه پاڪستان“ ناهيو ويو. پاڪستان نهندي ئي ان جا حقيقي حڪمران پنجابي-پناهگير قورو طبقا ٿي ويا، جن سان هر علائقي جي غدار وڏيرا شاهي، سردار شاهي، خان شاهي ۽ نواب شاهي مدد سهڪار ڪري رهي هئي. ون يونٽ جي حقيقي مقصدن ۾ هتان جي مظلوم عوام جا حق ڦٻائڻ سان گڏ بنگال (هاڻي بنگلاديش) کي پنهنجي حڪمرانيءَ هيٺ جڪڙي رکڻ هو پر ”اولهه پاڪستان“ ناهڻ باوجود هتان جي ڪل آبادي بنگال جي آباديءَ کان گهٽ بيني جنهنڪري نون ناهيل ٻنهي صوبن --- ”اولهه پاڪستان“ ۽ ”اوڀر پاڪستان“ (بنگال، بنگلاديش) جي وچ ۾ نام نهاد ”برابري“ (پئرٽي) جو طريقي ڪار لاڳو ڪيو ويو (۽ هاڻي اهي ئي ساڳيا حڪمران سنڌ، بلوچستان ۽

پختونخواهه لاءِ ساڳي پيرٽي مڃڻ لاءِ تيار ناهن). بنگال ۾ جمهوري تحريڪ ايري ته ان جي روح کي بلڪل ائين وڍي ڏنا ويا جيئن 1983ع دوران سنڌ ۾، پر وسيع پيماني تي، پنهنجي ئي ملڪ جون فوجون متس ڪاهي ويون ۽ پنهنجي ئي عوام جو ڪوس ڪيو ويو --- 50 لک ماڻهو، وڏا توڙي ننڍا، مرد توڙي عورتون، ان ظلم جو هڪجهڙو شڪار ٿيا پر "بنگلاديش" نهي رهيو --- "اولهه پاڪستان" کي "نئين پاڪستان" جو نالو ڏنو ويو ۽ ماضيءَ مان سبق سکڻ بدران هن وقت به "نئين پاڪستان" (ذوالفقار علي ڀٽو جي اقتدار وارو دور) ۽ "پياري پاڪستان" (جنرل ضياءَ ۽ ان کان پوءِ وارو دور) جا حقيقي حڪمران ڪن لاٿار ڪيو، اکين تي پٽيون ٻڌيو، بندوق تاڻيو بيٺا آهن. 1940ع جي ٺهراءَ موجب، نه ته رياستن جو ڪچو-وفاق (ڪچو وفاق) ٿا ناهن ۽ نه ئي وري پيرٽي جي اصولن تي ٿا هلن. عملي طرح اڄ به ساڳين ئي غدار شاهين جي مدد سان حقيقي حڪمران پنجابي-پناهگير ڦورو طبقا پياري پاڪستان جا واڳ ڌڻي آهن ۽ وينا پنهنجي هلائن. سنڌ ۾ دهشت گردي آهي ۽ بلوچستان ۾ زوراوري، "سرائيڪو" کي مڃن ڪو نه ٿا، باقي ننڍڙو فرق رکيو اهو پيو آهي ته پختونخواهه جي حاڪم طبقن به اها ئي راهه چونڊي ورتي آهي جيڪا پياري پاڪستان جي حقيقي حڪمرانن جي ايجاد آهي.

اصولن، تيئن ته ائين گهربو هو ته پلي ڪٽل ۽ سوڙهي ڪيل سنڌ ئي سهي پر ان جي سرحدن جي سنڀال ڪئي وڃي ها، پر ابتلو ان کان لس ٻيلو ۽ گڙهي خيرو به کسيا ويا ۽ ماڇڪي کي ڦبايو پيو وڃي. ٿر ۽ ڪوهستان، ڪاڇي جي علائقن کي رڳو ڦر لائق نڌڻڪن علائقن جهڙو ڪيو ويو آهي ۽ باقي سنڌ ۾ به سڄو ترقياتي زور اتي آهي جتي غير سنڌي آبادي وڌيڪ رهي ٿي ۽ ان ۾ وڌيڪ نمايان علائقو آهي ڪراچي، جتي پرڏيهين مان چونڊ بدمعاش تاڙي، دهشت گردن جي سنڌ- ۽ سنڌي- دشمن فوج تيار ڪئي وئي آهي جيڪا عملي طرح پياري پاڪستان جي نام نهاد قانونن کان بالاتر قرار ڏنل آهي.

1940ع جي ٺهراءَ موجب ڪنهن به هڪ علائقي مان ڪنهن به ٻي علائقي ڏانهن ڪنهن به قسم جي لڏپلاڻ جو ذري جيترو به ذڪر ڪيل ناهي ۽ سنڌ سميت گهٽيون رياستون ان تي متفق ٿيون هيون، پر 1947ع ۾ اپڪنڊ جي هڪڙي رياستن کان ٻين رياستن ڏانهن هڪ زبردست سازشي لڏپلاڻ ڪئي وئي. سنڌ جي ڳالهه ڪجي، ته 13-لک ماڻهو سنڌ مان لڏايا ويا ۽ 25-لک سنڌ ۾ لڏي آيا ۽ سنڌ جي انڪار ۽ احتجاج باوجود اها لڏپلاڻ اڄ سوڌو مختلف بهانن ۽ طريقن سان اجا تائين جاري آهي. ڪراچي مرڪزي علائقو سڏيو ويو ته خاص ڪري پنجاب ۽ پختونخواهه مان به سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ وڌي وئي ۽ ون يونٽ کان پوءِ سنڌ عملاً ڪليل شڪار گاهه بنائي وئي --- سنڌ جا ڪارخانا، ٻنيون، معدني ذخيرا، ٻيلا، بندر، سمنڊ، سڀ ڪجهه ٽڪي مُلهه غير سنڌي آباديءَ جي حوالي ڪيو ويو. بنگلاديش ٺهڻ کان پوءِ نئين پاڪستان دوران وري بهاري گهرائي سنڌ تي مڙهيا ويا ۽ خاص ڪري پياري پاڪستان وارن ڏينهن ۾ ته ڌوڙيا تي ويا آهن سنڌ اندر ڌاريءَ آباديءَ جا، تنهن مٿان وري ايران، افغانستان، برما، انڊونيشيا، بنگلاديش ۽ ايتري قدر جو ويٽنام کان به ڪيترائي غير قانوني آيل ماڻهو سنڌ ۾ ٽِڪي پيا آهن.

لائسنس (”ليسن“ --- جيڪو رياست ۽ فرد جي وچ ۾ ڪنهن خاص موضوع يا شيءِ بابت هڪ قسم جو ناهه آهي) جڏهن، مثال طور، پستول جو ڏنو وڃي تو تڏهن ان جي واهپي جون حدون مقرر ڪيل هونديون آهن ۽ انهن جي خلاف ورزي نہ رڳو قانوني ۽ اخلاقي ڏوهہ آهي پر ”ناهہ“ کي بہ رد ڪريو ڇڏي. 1940ع جي نهراءَ ۾ جيئن تہ ڪنهن بہ قسم جي لڏپلاڻ جو ذڪر ڪو نہ هو، ان ڪري ان جي روشني ۾ نهيل ملڪ ڏانهن يا ان کان ٻاهر ڪنهن بہ قسم جي لڏپلاڻ خود بخود قانوني ۽ اخلاقي ڏوهہ ٿي پوي ٿي ۽ معاهدي کي جهوريو رکي ٿي. ان ڪري 1947ع ۾ ۽ ان کان پوءِ ٿيل سموري لڏپلاڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ وري قبضي بازيون (بظاهر ڪيڏيون بہ جائز سڏجن) عملن ۽ اصولن ناجائز ۽ غير قانوني آهن.

اها ڳالهہ ذهن ۾ رکندي ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ نہ وساريندي اسان کي هتي خصوصاً ان پرڏيهي ناجائز ۽ غير قانوني آباديءَ جو ذڪر ڪرڻو آهي جيڪا پياري پاڪستان جي ڪنهن بہ ڄاڻايل قانون موجب ناجائز آهي. مثال طور، پياري پاڪستان کان ٻاهر واري غير سفارتي آبادڪاريءَ کي غير قانوني ۽ ناجائزي کان سواءِ ٻيو ڇا تو سڏي سگهجي؟

ويجهڙ ۾ لڪايل انگن اکرن موجب رڳو ڪراچي وارن ضلعن جي حدن اندر 15-لک بنگالي ۽ 5-لکن کان وڌيڪ افغاني، ايراني، برمي، انڊونيشي، ويٽنامي وغيره ناجائز طرح غير قانوني رهاڪو آهن. غير قانوني ۽ غير سرڪاري طرح جيڪي بهاري اچي آباد ٿيا آهن، انهن جي ڳڻپ بہ هڪ لک کان گهٽ ناهي (وڏي ناجائز ۽ ملڪ سان اهم غداري اها تہ انهن ناجائز ۽ غيرقانوني آيل بهارين مان ڪيترائي نہ رڳو اهم سرڪاري عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن پر سنڌ اسيمبلي ۾ بہ چوندجي آيا آهن). اهڙيءَ طرح رڳو ڪراچيءَ جي ضلعن جي حدن ۾ 21-لکن کان وڌيڪ غير قانوني ۽ ناجائز ماڻهو رهيل آهن. ڪراچي وارن ضلعن جي آبادي لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ آهي، جنهن مان پنجين پتي سنڌ جي نہ، پر پياري پاڪستان جي قانون موجب، بهرحال ناجائز ۽ غيرقانوني آهي ۽ جيڪڏهن ان جو ڳڏيل نموني ذڪر ڪجي، تہ عملي طرح ڪراچي جي چئن ضلعن مان هڪ، ذري گهٽ سڄي جو سڄو، غير قانوني ۽ ناجائز طور آباد ٿيل ماڻهن جي حوالي آهي.

21-لک ماڻهو سنڌ جي ڪيترن ئي اڪيلن ضلعن (مثال طور لاڙڪاڻي يا جيڪب آباد جي آباديءَ کان گهٽو وڌيڪ آهن.) ڪراچي ضلعن کان سواءِ باقي سنڌ ۾ رهيل غير قانوني ۽ ناجائز آباديءَ جو ذڪر نہ بہ ڪجي، تہ بہ 21-لک ماڻهو هڪ وڏو انگ آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن کان بهتر سهولتن واري علائقي ۾، ڪراچي ضلعن جو پنجون ۽ سڄي سنڌ جو ويهون حصو غير قانوني ۽ ناجائز طور آباد آهي، ڇا اها ڳالهہ ڌيان تي آڻڻ جوڳي ناهي؟

سنڌ جي زمين جو هڪ وسيع ٽڪرو، سهولتن سان سينگاريل هڪ علائقي ۾ سنڌي ماڻهن کان پالهو، انهن ماڻهن جي حوالي آهي جيڪي ڪنهن بہ طرح اتي رهڻ جو حق نہ ٿا رکن. اهي ماڻهو ڪو ڏنڌو روزگار ڪندا هوندا، ڪن گهرن ۾ رهندا هوندا. تعليمي، طبي ۽ ڳانڍاپو (ڪميونيڪيشن) سهولتن مان فائدو وٺندا هوندا، سنڌ جو ڪيتروئي مال متاع پنهنجن مائٽن ڏانهن موڪلي چڪا هوندا (جيڪو نہ رڳو سنڌ تي پر پياري پاڪستان جي معيشيت تي بہ هڪ وڏو بار آهي. سمجهو ڪري تہ هڪ ماڻهو هر مهيني رڳو هڪ هزار رپيا ڪمائي ٿو تہ هر مهيني

ڪل ڪمائي 2-ڪروڙ 10-لک ۽ هر سال 25-ڪروڙ 20-لک ٿيندي!) انهن ڪجهه ڪاڏو پيتو هوندو، لٽو ڪپڙو چوڙيو هوندو ۽ اهم ڳالهه اها ته پنهنجيءَ ڳٽپ جيترن حقدار، قانوني ۽ جائز ماڻهن کي بيروزگار ۽ بي گهر ڪيو هوندو. وڌيل آباديءَ جا مسئلا اجا ڌار.

جيڪڏهن اهي نه هجن ته سنڌين جو ايڏو وڏو ڳاٽاتو خودبخود انهن جي جاءِ تي اچي ويندو. سنڌ جي حوالي سان پنج سيڪڙو ۽ ڪراچي ضلعن جي حوالي سان ويهه سيڪڙو سنڌي آبادي وڌندي. سنڌي پنهنجي سرزمين، ڪارخانن، نوڪرين، ڌنڌن ۾ اوترو وڌيڪ ٿيندا ۽ ان ڪري سنڌين جي بيروزگاريءَ جو مسئلو حل ٿيندو (۽ ان ڪري ڌاڙا گهٽبا)، صحت، تعليم ۽ ڳنڍپ جي سهولتن سان گڏ ٻيون شهري سهولتون ماڻيندا، گهٽ ۾ گهٽ 10-صوبائي ۽ 5-قومي اسيمبليءَ جي سيٽن تي چوندبا، سنڌ ۽ پياري پاڪستان جي سرڪاري، انتظامي وغيره ڪم ۾ شريڪ ٿيندا وغيره وغيره.

دنيا جي ڪنهن به ڏيهه جي ۽ خود پياري پاڪستان جي قانون موجب انهن سيني غير قانوني پرڏيهين جو رهڻ سَو سيڪڙو ناجائز، هڪ ڏيهه تي واڌو بار، هڪ قوم لاءِ هاڃيڪار ۽ حقي رهاڪن خلاف ارهه زورائي آهي. انهن کي تڙي ڪڍڻ، حڪومت جي پهرين فرضن ۾ شامل آهي، پر پوءِ به انهن کي ڪڍيو نه ٿو وڃي، اٽلو ڪين ڊوميسائيل، پي آر سي، سڃاڻپ ڪارڊ ۽ ووٽ ۽ مالڪيءَ جا حق ڏنا وڃن ٿا، ڇو؟

ايترا پرڏيهي ڪيئن آيا؟ سرحدن جا محافظ ڇا ٿا ڪن؟ اندروني معاملن جي وزارتن جا فرض ڪاڏي ويا؟ بااختيار ڪوجي ادارا ڪهڙي ڪم سان آهن ۽ سنڌ سرڪار ڇُپ ڇو آهي؟

ان سڄي ڏوهه ۾ ملڪ سان غداريءَ جو ذميوار ڪير آهي؟

انهن سمورن غيرقانوني ۽ ناجائز پرڏيهين کي ڪڍيو ڇو نه ٿو وڃي؟

”سنڌ ماءُ سان غداري نه ڪرڻ“ جا دعويدار ڇا ٿا چون؟

سنڌ جا ڳهٽڳهرا ان مسئلي تي به هلچل ڇو نه ٿا هلائن؟

سنڌ ۽ پياري پاڪستان جي حڪومت کان اهو مطالبو ڇو نه ڪيو وڃي ته انهن غيرقانوني پرڏيهين کي تڙي ڪڍيو وڃي ۽ نون ايندڙن جون راهون روڪيون وڃن؟

(جاڳو ڪراچي، 24-جنوري 1992ع)

## ڪراچيءَ تان قبضو هٽائڻ لاءِ...

سنڌ صدين کان مختلف نمونن سان ۽ ڌار ڌار بهانن هيٺ ڌارين جي يلغار جو شڪار پئي رهي آهي. هزارين ماڻهن جو هڪ ئي مهل ڪسجڻ، ڳوٺن ۽ فصلن جو باهين حوالي ٿيڻ، شهرن جو ڪسجڻ، علم، ادب ۽ تعليم جو تباهه ٿيڻ، معاشي طرح پڙپانگ ٿي وڃڻ ۽ پنهنجي ئي وطن ۾ بي وطن، نڌڻڪو ۽ رولو ٿي پوڻ سنڌين لاءِ ڪو نئون عمل ناهي. هتي رڳو مرزا باقي جي راڄوٽيءَ ۾ ٿيندڙ هڪ عام عمل جو مثال ڏئي ڳالهه کي چٽو ڪري سگهجي ٿو. چيو ٿو وڃي ته مرزا باقيءَ کي جڏهن به اها خبر پوندي هئي ته سڄي سنڌ ۾ فلاڻو ڪي فلاڻو ماڻهو پوءِ اهو عوام منجهان هجي يا سندس ملازم، جو نه سندس مائٽ ئي هجي، ڏاڍي آرام ۾ آهي، سکيو ستابو ٿي پيو آهي ۽ سک سمهي ٿو، تڏهن مرزا باقيءَ جو آرام ڦِٽي پوندو هو، تان جو سندس سمورو مال متاع ڦري کيس ناس نه ڪري ڇڏي. سورهين ۽ سترهين صديءَ جو پهريون اڌ يعني ڏيڍ صدي ساندهه سنڌين لاءِ سندن جيئرو رهڻ هڪ عذاب هو. ارغون، ترخان ۽ مغل دور سنڌين لاءِ نسورو قهر هو. ان وچ ۾ پورچوگيزن جي نٽي ۾ آمد هڪ ”اعزازي سوکڙي“ هئي: 8 هزار شهر واسي ڪنائون، نٽي کان سمنڊ تائين سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن واري ايراضيءَ مان ڦرلٽ ڪيائون ۽ پوءِ ان ڌرتيءَ، ٺڪري کي باهه ڏئي ساڙيائون. ان ڏيڍ صديءَ ۾ سنڌ جا لڳ ڀڳ سمورا ڳوٺ هر هر ساڙيا پئي ويا، سمورا ادارا --- مذهبي، تعليمي، سماجي ۽ ثقافتي، تباهه ڪيا ٿي ويا، سنڌين جي سموري ملڪيت ڪانئن زوريءَ کسي ويندي رهي. بکر، سيوهڻ، نصرپور ۽ نٽي جهڙن وڏن، آباد، سکين ستابن ۽ تعليمي، ثقافتي ۽ سماجي سرگرميءَ جي مرڪزي شهرن ۾ ديسي ماڻهو ورلي ڪو پسبو هو نه ته ڌارين/پرڏيهين سان سٿيل هئا، تعليمي ادارن تي انهن جي حاڪمي هئي، ملازمت جا موقعا به انهن لاءِ هئا، انهن منجهه سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت لاءِ هڪ عجيب قسم جو ڪِينو پريل هو ۽ جهڙوڪر سنڌين جا خدا ڪارڻي دشمن هئا.

تاريخ وقت ۽ حالتون لاڳيتو تبديل ٿين ٿيون. اڄ به ڪي ايئن وسهن ٿا ته سنڌ جا ٽي مکيه شهر --- سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچي، سنڌين کان ڪسجي ويا آهن، يا کسي ورتا ويا آهن. انهن مان پاڪستان ٺهندي ئي سڀ کان وڌيڪ سازشي زور ڪراچيءَ تي رهيو آهي (حقيقت اها به آهي ته ارڙهين صدي ۾ ڪراچي بندر جي پيڙهه پوڻ جو سبب به هڪ سازش ئي هئي، جنهن لاءِ ڪي قدرتي حالتون به جڙي چڪيون هيون). لياقت علي خان ان سازش جو سردار هو ۽ کيس پنجابي حڪمرانن جي سهائتا مليل هئي. پهريون حملو وسندين تي ٿيو. گهر، جايون، تعليمي ادارا، تفريح گاهون، باغ، ٻنيون، ڪارخانا، معدني ذخيرا ۽ وسيلا، سمنڊ ۽ ساموندي ٽوڙي خشڪ رستا والارجي ويا، نيون نيون وسنديون ۽ ڪالونيون آباد ڪيون ويون. سنڌ جي سموري آمدني ڌارين جي آبادڪاريءَ، سک ۽ سهولت لاءِ خرچ ٿين لڳي. ٻيو حملو سنڌي ٻوليءَ، ثقافت ۽ تعليم تي ٿيو. هڪ صديءَ کان سنڌ جي قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ سنڌيءَ کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي هڪ پارٽي محاوري کي پاڪستان جي ”اسلام جي وطن“ جي قومي توڙي سرڪاري ٻولي بنائي، ويهه لک ماڻهن جي اقليت کي بنگالين، سنڌين، بلوچن، پناڻن ۽ پنجابين جي چار ڪروڙ آبادي مٿان ٺاڦيو ويو ۽ ان وقت اسريل خاص طرح بنگالي ۽ سنڌي ٻولين کي پاتال ڌانهن ڌڪيو ويو. ٿيون

حملو خود سنڌ تي ٿيو. ان جي نالي نشان کي مٽائڻ، ان جي پاڻيءَ ۽ خود سنڌونديءَ تي ڌاڙو هڻڻ ۽ ڊيم ٻڌي پنجاب کي پاڻي ڏيڻ، ان جي سموري معيشتي اپت کي پنجابي، پناهگير قورو طبقن جي پلائيءَ لاءِ ورهائي ڇڏڻ، ان جي معدني ذخيرن ۽ ڏيهي توڙي ڏيساوري واپار تي قبضي ڪرڻ لاءِ ۽ ان سان گڏ بنگال کي ڄاڻايل قورو طبقن جي غلاميءَ هيٺ آڻڻ لاءِ ون-يونٽ ناهيو ويو. جمهوريت، جهڙي به هئي، ڪوڙي، ڪيني ۽ ڪوجهي، نالي ماتر ئي سهي، پر ان تي به حملو ڪيو ويو ۽ فوجي ڏاڍ وسيلي ڪيس ايئن چٽيو ويو جو اجا سوڌو سڌي هلي نه ٿي سگهي. اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ ان جي جمندي ئي جمهوريت، تعليم، سچ، قومن ۽ ٻولين جو ڪوس ڪري ڏاڍ، زوراوري، جبر، تشدد، ظلم، ڪنورتا، ڪروڌ، ڪوڙ، بدمعاشيءَ، ڦرلٽ، ڪيني، ساڙ ۽ پنهنجن کي ورسائڻ ۽ حقيقي ۽ تاريخي قومن ۽ عوام کي لتاڙڻ، چيپاڻڻ جو سازشي دور شروع ڪيو ويو، جنهن ۾ حق ڳالهائيندڙ زبانون ۽ احتجاجن اپيون ٿيندڙ ٻانهون ڪپيل هيون، حد درجي جي ڪميٽپ اها، جو حقيقي حڪمران قوتون پاڻ دهشتگردن ۽ ڌاڙيلن کي منظم ڪرڻ لڳيون ۽ ملڪ جي محافظيءَ ۽ قانون جي رکواليءَ لاءِ جوڙيل ادارا ملڪ خلاف سازشون ڪرڻ ۽ ان کي ٽوڙڻ ۽ قانون جا بکيا اڌيڙڻ جو ڪارنامو سرانجام ڏيندا رهيا. عظيم تر غداريون ڪندڙ ملڪ جا والي وارث ادارا ۽ انهن جا سربراهه هئا.

سنڌي ماڻهو پنهنجي مزاج ۾ ڏيهي ڌرتي ۽ آبهوا سان هم آهنگ آهن. ڌرتي جنهن ۾ واري، مٽي ۽ پٿر آهن. واريءَ جيان نرم نرم ۽ وٽين مان وهندڙ، مٽيءَ جيان ساوا ستابا ۽ پٿرن جيان نوس، مٿن جڏهن مينهن جو وسڪارو ٿئي ٿو ته وٽن سرهاڻ ۽ سڳنڌ ئي آهي، جا آڇي سگهن، پاڻي جيڪو ڏيندن، سنڌوءَ ۽ سنڌي ساگر ۾ چلي ٿو، ڪڏهن نرم نرم، هلڪو هلڪو، ٿڌو ٿڌو، منو چهرو، پلن جي لذت، پوکي جي ستابائي ۽ ٻيلن جي گهاٽائي بخشيندڙ، ته ڪڏهن ٻوڏ ۽ طوفان بنجي ٻوڙيندڙ هوا جيڪا خشڪ به آهي، گهميل به آهي، ڪوسي به آهي ته ٿڌي به، جهولن جيان ساڙيندڙ ۽ ٺر جي چانڊوڪيءَ جيان ٺاريندڙ. مٿي جنهن ظلمي ڏيڊ صديءَ جو ذڪر ڪيو اٿئون، ان ۾ سنڌين ڪڏهن به قورو حاڪمن کي سک سمهڻ نه ڏنو. ٻيڙيءَ ۾ لهرن تي لڏندڙ مزار باقيءَ مٿان راتاهو ڏنائون ته راڻيءَ (رائجه بيگم) کي ڇڏي ڀونديءَ ۾ ٻچي جان بچايائين. مغل حاڪم قرهه محمد جو شقدار آقا محمد سيوهڻ قلعي جا ڪڙا چاڙهايو ”لَئَه“ سان حڪمراني ڪري رهيو هو ته جان محمد سنڌي الائي ڪٿان اچي ڪڙڪيو ۽ ڪيس قتل ڪري قلعي جي پٽ پچي پچي ويو (ڏسو تاريخ مظهر شاهجهاني). پاڪستان ٺهڻ کان هڪدم پوءِ سنڌين خلاف سازشي طرح تيار ڪيل سوين قسمن جون تهمتون لکين وات اوڳاڇڻ لڳا، پر اڄ تائين جمهوريت ۽ جمهوري جدوجهد جو جهنڊو سنڌين جي هٿن ۾ رهيو آهي، وطن دوستي جا علمبردار سنڌي آهن، ظلم ۽ تشدد خلاف سڀ کان وڏيڪ پائدار جهيڙو جوٽيندڙ سنڌي آهن ۽ هنن سرڪاري سرپرستيءَ جي اٺهوند ۽ مخالفت باوجود پنهنجيءَ ٻوليءَ، ڌرتيءَ ۽ ثقافت کي جيئرو ئي نه رکيو آهي، پر وڌايو ويجهايو ۽ سگهارو پڻ بڻايو آهي. ڪهڙو فوجي ڊڪٽيٽر هو جنهن کي سنڌين پاران سخت ۽ لُڪ جيان ساڙيندڙ موٽ نه ملي؟ ڪير اهڙو هو جنهن سنڌين خلاف سازش ڪئي هجي ۽ سنڌين ان کي ٻي

نقاب نہ ڪيو هجي؟ اجا تہ سنڌين وٽ پنهنجيءَ پتيءَ جا ڪڏن جي بينل گندي پاٽيءَ جهڙا اڪثر ڪري جاگيردار ۽ ڪامورا غداريءَ جو ڪردار بہ ادا ڪندا ۽ دشمن جا ٻانهن ٻيلي ٿي سنڌين جي اتحادن ۽ جدوجهدن تي راتاها هڻندا رهيا آهن. پاڪستان ۾ جيڪڏهن جمهوريت ۽ سچائي مُئي ناهي، تہ اهو ان ڪري جو منجهس سنڌين جو پرجوش رت سمايل آهي.

سنڌين خلاف سازشون گهَٽيون ناهن، هاڻي تہ انهن کي ٻاهي هٿيارن ۽ دهشتگردن جي ٽيڪ بہ مليل آهي. ٻي پاسي وطن دوست، جمهوريت پسند ۽ انقلابي سنڌي تنظيمن جي ليڊرشپ ڪرپٽ نڪري پئي يا ڪرپٽ بنائي وئي. ٽين پاسي دنيا اندر انقلابي قوتن جو زور ٻجي پيو ۽ بدمعاش سامراجي قوتن جا جاوا تي ويا آهن ۽ چوٿين پاسي سنڌين کي جنهن ويڙهو ۽ انقلابي قوت جي حقيقي گهرج آهي اها اڃا وٽن نہ جڙي آهي، ان ڪري بظاهر دشمن قوتون زور آهن ۽ ڌاڏون ڏينديون پيون وتن.

هن وقت جنرل ضياءَ جي پالتو لوڏ جو تڏو ويڙهجي وڃڻ، پلي ٿوري وقت لاءِ ئي هجي، سنڌين ۽ ٻين وطن دوست توڙي جمهوري قوتن جي حق ۾ آهي. جيڪا بہ جمهوري حڪومت اپري يا انجنيئرڊ ئي سهي، اقتدار ۾ آئي آهي، اها نہ رڳو سازش ۽ دهشتگرديءَ جو شڪار رهي چڪي آهي پر پاڻ کي عام آڏو جوابدار بہ سڏي ٿي. سنڌي عوام کي بہ منجهس ڪيترين ئي اميدون آهن، ان ڪري اڄ يا ان کان اڳ ڪيس ئي سوپارو ڪندو رهيو آهي. ان ٻہ-طرفي رويي کي ٺوس اصولن تي مضبوط بنائڻ لاءِ خود هڪ تاريخي فرض ادا ڪرڻ ۽ حق جو پاسو وٺڻ لاءِ هاڻوڪي حڪومت تي ڪيترين ئي جوابداريون عائد ٿين ٿيون، اها هڪ تاريخي حقيقت بنجي چڪي آهي تہ هن ڀيري بہ پيپلز پارٽيءَ جيڪڏهن عوام سان ڪيل وعدا وچن پورا نہ ڪيا تہ پنهنجا تڏا ويڙهي رکي.

سنڌ سان سوين عقوبتون ٿي چڪيون آهن. سنڌي عوام ۽ سنڌي ٻوليءَ، ثقافت، سماجي زندگيءَ ۽ نفسيات سان جنهن قسم جي غليظ هٿ چراند گذريل 46-ورهن ۾ ڪئي وئي آهي، اهڙي تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ ورلي ڪا ٿي هوندي. مثال لاءِ هتي رڳو سنڌ ۾ موجود ٽي وي ۽ ريڊيو اسٽيشن تي سنڌيءَ سان ٽينڊڙ ٻہ-اکيائي کي ياد ڪرڻ ئي ڪافي آهي: سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجيءَ ڌرتي تي ڌهين پتيءَ جيترو وقت بہ نہ ٿو ڏنو وڃي، جڏهن تہ اهو گهٽ ۾ گهٽ اسي سيڪڙو هجڻ گهرجي. سنڌ جي ڪجهہ شهرن ۾ موجود تعليمي ادارن مان سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني وئي آهي. ڇا اها ايڏي حق تلفي وقت جي سنڌي حڪمرانن جي ٻوٿ تي ڀرپور لپاٽ ناهي؟ شرم جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ سان ٿيل سمورين بدمعاشين جي راڻي "سنڌ اسيمبلي" رهي آهي، جڏهن ڪان سنڌ اسيمبلي ٺهي آهي تڏهن ڪان اها کهڙي غداري، کهڙي سازش، کهڙي ڪميٽائپ آهي، جيڪا سنڌ اسيمبليءَ مان نہ مڙهي وئي هجي؟ ڇا سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙي ڪنهن غداريءَ جو ڏس ملي ٿو، جنهن پنهنجي ئي وطن جو نالو بہ ميساري ڇڏيو هجي؟ سنڌ اسيمبلي ئي هئي جنهن پنهنجيءَ خودمختياريءَ ۽ آزاديءَ کي داءَ تي لڳائي پنهنجي وطن کي پنجابي، پناهگير قورو طبقن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

ڪراچي سنڌ جو حصو آهي، عملي طرح ان جا مالڪ، تاريخي وارث سنڌي آهن، پر اها پرڏيهين جي قبضي ۾ آهي ۽ ان جا واڳ ڌٽي دهشتگرد آهن، پر ڪل حقيقت ايتري ناهي.

ڪراچي سنڌ صوبي جي هڪ انتظامي ڊويزن آهي. ان ۾ پنج ضلعا آهن (ڪجھ ڏينهن اڳ اتي ”ملير“ نالي پنجون ضلعو به ناهيو ويو آهي). اتي جي آبادي لڳ ڀڳ 1-ڪروڙ آهي، جنهن مان ڪي 35-لک ماڻهو اردو ڳالهائيندڙ آهن، 11-لک پنجابي آهن، 7-لک پناڻ ۽ افغاني آهن، لڳ ڀڳ 18-لک غيرقانوني پرڏيهي آهن، جن ۾ برمي، بنگالي، بهاري (1975ع کان پوءِ آيل)، انڊونيشي، ايراني، ڪشميري، آفريڪي ۽ اهڙا ٻيا شامل آهن، باقي سڀ سنڌي آهن. هڪ سازش وسيلي ڪراچي جي چئني ضلعن جي تڪبندي ڪجھ اهڙي نموني ڪيل آهي جو گهٽ تڪن مان رڳو اهي ئي چونڊجي سگهن ٿا، جن کي هاٽوڪن دهشتگردن جي پٺڀرائي مليل هجي. ڪراچي ڊويزن ۾ سوين سنڌي ڳوٺ آهن جن جي آبادي 13-لکن کان به وڌيڪ آهي، پر انهيءَ سازشي تڪبندي سبب اهي جن گهٽ ۾ گهٽ 5-قومي ۽ 10-صوبائي اسيمبلي ميمبرن کي چونڊي سگهن ٿا، انهن کي ڪٽرائڻ جي سلسلي ۾ بيوس ٿيون پون. شهري ايراضيءَ مان سنڌي وسندين کي ميساري سنڌين کي لڏايو ويو آهي. سنڌي ميڊيم اسڪول بند ڪيا ويا آهن. ڪراچيءَ جي سيني ضلعن ۽ انهن ۾ روڊن، ڪالونين، پاڙن وغيره جا نالا اهڙيءَ طرح رکيا ويا آهن جو اهي سنڌين لاءِ اوپرا ٿي پون... مطلب ته اهڙي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيئن ڪراچي سنڌ جو حصو نه محسوس ٿئي، ان هوندي به سنڌين جي قومي غيرت، وطن دوستي، جمهوري جدوجهد ۽ سياسي ٻڌي پرمارن ۽ سازشين جي اکين ۾ ڪتل ٻاڻ ٿي پيا آهن. سنڌي عوام پنهنجي ووٽ وسيلي هاٽوڪي حڪومت کي قائم ڪرايو آهي. هن حڪومت جو قومي توڙي صوبائي اسيمبلين وسيلي فرض ٿو ٿئي ته پنهنجي ووٽرن جي انساني قومي ۽ انفرادي حقن جو تحفظ ڪن ۽ نمڪ ملهائن (نه ته به اسين اسيمبلي جي ڪردار کان اڻ واقف ناهيون).

سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ادارن ۽ ميڊيا ۾ مناسب، پر ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وقت ڏيارڻ (گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ سنڌي آباديءَ جي سيڪڙي جيترو)، سنڌي ميڊيم اسڪولن کي جتادار ۽ لاياٿتو بنائڻ، سنڌي ڳوٺن کي دائمي قيام ۽ وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ جي سلسلي ۾ ڪارائتا اپاءَ وٺڻ وغيره جهڙا ڪيترائي ڪم ڪرڻا آهن، پر منهنجي نظر ۾ انهن سيني سان گڏ انهن کان به وڌيڪ اهم ڪم جيڪو هن اسيمبلي کي ڪرڻ گهرجي ۽ ڪري سگهي ٿي، اهو آهي ڪراچيءَ تان غير سنڌي ۽ دهشتگرد قوتن جو قبضو هٽرائي، موٽائي، سنڌين جي مالڪيءَ ۽ قبضي هيٺ ڏيڻ. سنڌ جي ڪيترن ئي مکيه شهرن تي اڳ به پرڏيهي قبضو ٿيندو رهيو آهي ۽ نيٺ به ته سنڌي ماڻهو اهو ڇڏائي، ڌارين کي تڙي رهيا آهن ۽ هاڻي به اوس ايئن ئي ٿيڻو آهي، پر هيءَ اسيمبلي به ان سلسلي ۾ گهٽو ڪجھ ڪري سگهي ٿي. اهو هڪ شاندار ۽ تاريخي ڪارنامو هوندو، جنهن تي سنڌي ماڻهو بجا طور فخر ڪندا. اهڙيءَ طرح سنڌين جو جمهوري جدوجهد ۾ ايمان اجا به پختو ٿيندو (ڪاش! ايئن نه ٿئي جو سنڌين لاءِ جمهوري جدوجهد جا دڳ بند ڪري ڪين ٻي پاسي ڌڪيو وڃي).

هيٺ ڪجھ تجويزون پيش ڪجن ٿيون، اميد ته انهن کي هِنئين سان هنڊايو ويندو:

1- مليرضلعو قائم ڪرڻ بي انتها ضروري آهي، ان ڪي هر حالت ۾ پختو ڪيو وڃي ۽ ان خلاف دهشتگردن جي پاڙيتو دانشورن پاران ٿيندڙ پروپيگنڊا جو موثر جواب ڏنو وڃي.

2- ٺيڻ ته ائين گهرجي ته ڪراچي سينٽرل کان سواءِ باقي ٽن ضلعن جو نالو بدلايو ۽ تاريخي مقامن جي حوالي سان رکيو وڃي، پر هن ڏاکي تي پهريائين ”لياري“ ضلعو قائم ڪيو وڃي ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اهڙا اپاءَ ورتا وڃن جو اهو باقي ضلعن سان ڪلهي گس ڪري سگهي.

3- بدين ۽ ٺٽي ضلعن کي حيدرآباد ڊويزن کان ڌار ڪري، انهن سان مليرضلعو ڳنڍي، نئين ”ٺٽو ڊويزن“ ناهي وڃي (ٻي پاسي ڄامشورو ضلعو ناهي حيدر آباد ڊويزن کي ڏنو وڃي).

4- تڪبندي نئين سر ڪئي وڃي. اڳوڻين تڪبندين ۾ اها ڪوشش ڪيل آهي ته سنڌي آباديءَ واريون ايراضيون ورهائجي وڃن، ته جيئن جڏهن به اليڪشن ٿئي، تڏهن سنڌي ووٽ پڻ ورهائجي. هاڻي تڪبندي اهڙيءَ طرح ڪجي جيئن گهٽي سنڌي آبادي (جنهن ۾ ميمڻ، گجراتي، ڪاٺياواڙي، ڪڇي، مڪراڻي وغيره شامل آهن) ۽ ٿوري اردو، پنجابي، پناڻ وغيره آبادي هجي. ٻيو نه، ته به هڪ يا ٻه تڪ هر ضلعي ۾ اهڙا ضرور هجڻ گهرجن.

5- پرڏيهي آباديءَ کي، جيڪا پاڪستاني قانون موجب به غير قانوني آهي، تمام دليري ۽ دانائيءَ سان تڙي ڪڍيو وڃي ۽ ان جي موٽي اچڻ يا سنڌ ۾ اچڻ جا گس بند ڪيا وڃن (ياد رکيو وڃي ته راشي ڪامورا ٻن يا ٽِن سَون رپين ۾ شناختي ڪارڊ ۽ ووٽ سرٽيفڪيٽ ناهي ڏيندا آهن).

6- بنگلاديش کان ايندڙ بهاري ۽ ٻارت کان ايندڙ ”هتي وارن جا مائٽ“ جيڪي ماڻهن جي سمنڊ ۾ گم ٿيو وڃن، پوريءَ طرح بلاڪ ڪيا وڃن. جيڪي هت اچي چڪا آهن، انهن کي ڳولي ڪڍيو ۽ تڙيو وڃي. سرحدن جي صحيح حفاظت نه ڪري سگهندڙ ڏوهارين کي واجبي قانوني سزا ڏني وڃي.

7- (5 ۽ 6 ۾ متي بيان ڪيل) قانون جي ڏوهين جو مال متاع ضبط ڪيو وڃي ۽ سندن گهر جي ملڪيت انهن ماڻهن جي حوالي ڪئي وڃي، جن جي ڳوٺن کي ڪي ڊي اي وارن ڊاهي ڪين لڏائي ڇڏيو.

8- گذريل ستن ورهن دوران دهشتگرديءَ جي ستيل سنڌين کي سندن گهر، وٿاڻ، واڙا ۽ ڦريل مال، ملڪيت موٽرائي ڏني وڃي ۽ انهن جي آبادڪاريءَ لاءِ خصوصي اپاءَ ورتا وڃن.

9- دهشتگردن کي بنا ڪنهن رعايت جي قانون حوالي ڪيو وڃي. آئنده لاءِ پڻ اهڙا اپاءَ ورتا وڃن، جيئن دهشتگردي نه ٿي سگهي. ان لاءِ هڪ قدم اهو هجڻ گهرجي ته دهشتگرديءَ جو شڪار ٿيل آباديءَ کي پنهنجي تحفظ لاءِ سرڪاري طرح هٿيار مهيا ڪيا وڃن.

10- پرڏيهي غيرقانوني رهاڪو، توڙي جو ڪراچيءَ جي مختلف ضلعن ۾ رهن ٿا، پر مجموعي طرح هڪ ضلعي جيتري آبادي رکن ٿا. انهن جي جاءِ تي جيڪڏهن حقيقي تاريخي وارث آباد ڪيا ويندا ۽ کين روزگار جي ضمانت هوندي ته اسان کي جهڙوڪر هڪ نئون ضلعو ملي پوندو، جنهن مان چوندجندڙ قومي توڙي صوبائي اسيمبلي ميمبر خود هن حڪومت جا ٿئي هٿ مضبوط ڪندڙ ثابت ٿي سگهن ٿا.

11- پناهه ۽ پنجابي ڪامورا سنڌ ۾ قبول نہ ڪيا وڃن. سنڌ ۾ پهريون حق هتي جي تاريخي رهاڪو جو آهي. اهڙيءَ طرح هتي جي ڪارخانن ۾ پڻ پهرين ترجيح سنڌي ماڻهن کي ملڻ گهرجي. ان لاءِ جوڳو بلو ڪيو وڃي.

12- پناهه ۽ پنجابي، جن جا مائٽ اڳ ئي هتي وينا آهن، هتي اچي ڏينهون ڏينهن نيون ڪچيون آباديون جوڙن ٿا، ڪين سهولتون بہ هڪدم مليو وڃن. ڪا بہ نئين ڪچي وسندي ناهڻ نہ ڏني وڃي ۽ پاڪستان نهڻ کان پوءِ اهڙيون جيڪي بہ ڪچيون وسنديون ليز ڪيون ويون آهن، اهي هتان جي تاريخي وارثن حوالي ڪيون وڃن.

13- ڪي ڊي اي وارن جيڪي بہ سنڌي ڳوٺ ڊاٺا آهن، اتي جي رهاڪن کي انهن ئي علائقن ۾ وري آباد ڪيو وڃي ۽ مناسب قرضن تي کين پڪيون جڳهون الاٽ ڪيون وڃن.

14- سنڌي ماڻهن کي پڻ خاص ڌيان ڏئي ۽ خصوصي شعوري ڪوشش ڪري، ڪراچيءَ جي سيني ضلعن ۾ پنهنجون ملڪيتون ناهڻ گهرجن ۽ پنهنجيءَ سنپال جو جوڳو بلو ڪرڻ گهرجي. سيني ماڻهن کي ڪوشش ڪري مستقل روزگار هٿ ڪرڻ گهرجن، پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ گهرجي ۽ پنهنجن پاڙن ۽ رستن تي سنڌي نالا رکڻ گهرجن.

(جاڳو ڪراچي، 3-مارچ 1994ع)

# ڪُڦاتل پاڪستاني!

(هي مضمون خاص طرح سنڌ جي وطن دوست وڪيلن،
اسيمبلي ميمبرن ۽ سياستدانن جو ڌيان لهڻي ٿو.)

پاڪستان حڪومت هن مهيني (ڊسمبر 1992ع) جي ابتدا کان بنگلاديش ۾ اتان جي وطن دوست عوام جي قاتل بهارين کي هر قسم جي نظرياتي، اخلاقي، مذهبي، سياسي ۽ عالمي حقن جي ڀڃڪڙي ڪندي ۽ خصوصاً ست ڪروڙ سنڌي ۽ سرائيڪي عوام جي باشعور گڏيل راءِ ڏانهن ڏاڍ پريو رويو رکندي، پاڪستاني سجاڻپ ڪارڊ ۽ پاسپورٽ ڏيڻ شروع ڪيا آهن. انهيءَ ڏني وائني ارهه زورائيءَ ۽ زبردستيءَ جي ڪري سنڌي ۽ سرائيڪي عوام ۾ ايڏي تہ بيچيني ۽ ناراضگي پکڙجي وئي آهي، جو سنڌي ۽ سرائيڪي سياستدان ئي نہ، پر اڪثر اردو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙن بہ ان کي محسوس ڪري ورتو آهي. روزاني انگريزي اخبار ”فرنٽيئر پوسٽ“ ان موضوع تي سنڌ ۽ پنجاب ۾ بہ سيمينار ڪرايا آهن ۽ ”ڊان“ ۽ ”دي نيوز“ ۾ پڻ ڪجهه مضمون ڇپيا آهن. رسول بخش پليجي ۽ پروفيسر عزيز احمد کان ويندي منظور سولنگي ۽ اعجاز منگي تائين ڪيترن ئي دانشورن مضبوط دليلن سان پنهنجو موقف رکيو آهي ۽ سنڌين ۽ سرائيڪين

جي لڳ ڀڳ سيني سياسي پارٽين ۽ تنظيمن اخباري بيان ۽ اخبارن ايڊيٽوريل شايع ڪيا آهن. ٻئي پاسي "ٻهاري روڪيو ڪميٽيءَ" سڄي سنڌ جي ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ احتجاجي گڏجاڻيون ڪري، عوام جي سجاڳي ۽ مِڙي مُٺ ٿيڻ لاءِ دورو ڪيو آهي. سرڪار پنهنجي جمهوري هامن باوجود ايڏي تہ مَت وڃائي ويني آهي، جو ان "ٻهاري روڪيو ڪميٽيءَ" پاران ٺٽائي گهوٽ جي نگريءَ ۾ رٿيل ڪنوينشن کي تشدد وسيلي تباهہ ڪيو، پر نام نهاد نظريي ۽ مذهب جي آڙ ۾ پنهنجيءَ هر غيرقانوني ۽ عوام دشمن حرڪت کي قانوني ۽ وطن دوست سڏيندڙ پاڪستاني حاڪمن ۽ حڪمرانن وٽ ۽ سندن پاڙيتو نظرييدانن ۾ ايتري بہ اخلاقي جرئت ناهي، جو پنهنجي موقف جي حمايت ۾ ڪي مناسب، متبادل ۽ مضبوط دليل ميدان تي آڻي سگهن. بس، حاڪمن جي انڌي ۽ ڏاڍي واري لٺ آهي جيڪا پئي ڦري.

عرف عام مڃيو پيو وڃي تہ پاڪستان انهن ملڪن مان آهي، جيڪو سڄي دنيا جي هر برائيءَ ۽ غلط ڳالهين ۾ پهريَن پنجن نمبرن مان هڪ ۽ هر نيڪ سني ڳالهہ/عمل ۾ آخري پنجن نمبرن مان هڪ آهي ۽ جتي دليل ۽ سچ جي حاجت ئي ناهي. هتي ڏنڊو ۽ سازش ٽا هلن ۽ انهن جي ئي ٻولي سمجهي وڃي ٿي --- دنيا جا انگ اکر ۽ گذريل 45-ورهَن جي تاريخ تہ اهو ئي ثابت ڪن ٿا. ان ڪري سنڌي عوام ۽ سنڌ جي گهٽگهرن آڏو هاڻي رڳو هڪ ئي طريقو بچيو آهي، جنهن تي هلي ئي ان اينڊڙ وبائي ۽ خوني ڪٽڪ کي ڪاٽي ۽ ڪُٽي سگهجي ٿو، ۽ اهو هيءُ تہ نہ رڳو زوردار ۽ منظم احتجاج ڪيو وڃي، پر پاڪستان سرڪار کي جوابدار بڻائي ڪورٽ ۾ ڇڪيو وڃي. ان لاءِ هيٺ ڄاڻايل نُڪتا سوچ لائق آهن:

1. مسلم گهڻائي وارين رياستن جي گڏيل حڪومت ناهڻ لاءِ جڏهن 1938ع ۾ سنڌ اندر، 1940ع ۾ لاهور منجهہ ۽ 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان ٺهراءُ پاس ٿيا هئا، تڏهن انهن ۾ ڪٿي بہ، ڪنهن بہ طرح اهو ڄاڻايل نہ هو تہ مسلم ٿورائيءَ وارن علائقن مان مسلم گهڻائيءَ وارين رياستن ڏانهن ڪا بہ لڏ پلاڻ ٿيڻي هئي يا ٿيندي.

ان ڪري سنڌي، بنگالي، بلوچ ۽ پناڻ اهو چوڻ ۾ قانوني ۽ اخلاقي طرح جائز هئا، تہ گهڻين مسلم رياستن جي گڏيل حڪومت ناهڻ بدران هڪ رياست ۽ هڪ حڪومت ناهڻ، رياست کي صوبا سڏڻ ۽ وري صوبائي خودمختياري جو گلو گهٽي مرڪز کي ناجائز حد تائين اختيار ڏئي، مضبوط ڪرڻ ۽ بنگال توڙي هاڻوڪي پياري پاڪستان جي علائقن ڏانهن پارت ڪان جيڪا بہ لڏ پلاڻ ٿي، اها غير نظرياتي، غيرقانوني ۽ ناجائز هئي. ان ڪري پارتي علائقن مان لڏيندڙن ۽ پڄندڙن کي "پاڪستاني" سڏي نہ ٿو سگهي، اهي ناجائز آبادڪار آهن ۽ انهن کي پاڪستان ۾ رهڻ جو ڪو بہ قانوني حق ناهي. اهو موضوع ڪورٽ ۾ بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو ۽ آڻڻ گهرجي.

2. سنڌ ۾ اڻ ڪٿي ۽ اڻ ڪُٽ لڏ پلاڻ جي ڀوڏ ڏسي ۽ پنهنجن محدود وسيلن کي نظر ۾ رکندي سنڌي سياستدانن محسوس ڪري ورتو تہ هڪ ئي وقت لکن جي ڳٽپ ۾ اينڊڙ بي گهر ۽ رولو ماڻهن کي رٿابنديءَ سان آباد ڪرڻ، انهن جي روزگار، اڄ وڄ ۽ رهائش جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ مورڳو ممڪن نہ هئي. ان ڪري فيصلو ٻڌايو ويو تہ ان غير قانوني،

ناجائز ۽ اڻ ڪٿ لڏ پلاڻ کي بند ڪيو وڃي يا گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ڏانهن اچڻ کان جهليو وڃي. (ٻڌڻ ۾ آيو پئي تہ پاڃوڪڙن سان ڀريل ريل گاڏيون جڏهن لاهور پئي پهتيون، تڏهن انهن جو اسٽيشن تي ئي گهيرو ڪري منجهن وينلن کي ٻڌايو پئي ويو، تہ پاڪستان اچا اڳتي آهي، تنهنڪري هتي نہ لهجو، نہ تہ مارجي ويندئو!)

سنڌ رضا خوشيءَ سان جيڪي ماڻهو قبول ڪيا، انهن تي بہ سوچڻ گهرجي، پر خاص طرح سنڌ جي فيصلي کان پوءِ آيل سمورا ڏاريا هر اخلاقي ۽ سياسي نڪتي نظر موجب غير قانوني ۽ ناجائز آباد ٿيل آهن، تنهنڪري انهن جي قانوني پاڪستاني شهريت کي پڻ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪرڻ گهرجي.

3. پاڪ-ڀارت سرحدون بند ٿيڻ ۽ خاص طرح 1965ع واري جنگ کان پوءِ پاڪستان (انهن ڏينهن ۾ اولهہ ۽ اوڀر) ڏانهن ڀارت جي علائقن مان جيڪا بہ لڏ پلاڻ ٿي آهي (کهڙي بہ نالي ۽ نعري هيٺ ٿي هجي)، اها پاڪستان جي ڪنهن بہ ڄاڻايل قانون موجب قانوني ۽ جائز ناهي، پر پاڪستان ۾ چورن جيان لڪ چپ ۾ يا سمگل ٿي آيل ڏارين جا انگ اکر ٻڌائن ٿا، تہ 1965ع کان پوءِ بہ هزارن جي ڳڻپ ۾ ڀارت کان پاڪستان (۽ خاص طرح سنڌ) ڏانهن لڏ پلاڻ ٿيندي رهي آهي، جن کي رشوتون وٺي شناختي ڪارڊ، ڊوميسائيل ۽ پاسپورٽ مهيا ڪيا ويا، ۽ ڪي ماڻهو تہ انهن جي بنياد تي سياست ۾ حصو وٺي حڪومت جا وسيلا ڪتب آڻيندا ۽ پگهارون، بونس، الائونس ۽ رعايتون ماڻيندا رهيا آهن، جنهن کي نڳيءَ ۽ غداريءَ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ مناسب نالو نہ ٿو ڏئي سگهجي. انهن سمورن نڳن، دغابازن، غدارن ۽ غيرقانوني آبادڪارن کي ڪنهن بہ طرح پاڪستاني سڏي نہ ٿو سگهجي. اها ڳالهہ ڪورٽ جي نوٽيس ۾ آڻڻ گهرجي ۽ انهن سمورن ڏارين کي تڙي ڪيڻ حڪومت جو فرض آهي، جنهن کان غفلت خود پاڪستان سان غداريءَ جي مترادف آهي.

4. 1971ع واري پاڪ-ڀارت جنگ کان پوءِ بنگلاديش نهڻ جو اعلان ڪيو ويو، جنهن کي نئين پاڪستان جي حڪومت پڻ مڃيو. ان مڃتا کان پوءِ بنگلاديش هڪ ٻيو ملڪ ٿيو. هاڻي بنگلاديش جي ڪنهن بہ رهاڪوءَ کي زوريءَ، يا مخصوص مقصدن لاءِ ڪيل واويلا جي آڙ ۾، ڪنهن ٻئي ملڪ جي شهريت ڏيڻ يا وٺڻ بين الاقوامي ۽ ملڪي قاعدن ۽ قانونن جي ڀڃڪڙي آهي ۽ اها ڀڃڪڙي ڪندي لڳ ڀڳ ٽن لک بهارين کي پاڪستان ۾ گهرائي آباد ڪيو ويو. ڪين نہ رڳو شهريت ڏني وئي، پر خاص طرح سنڌين جا حق ماري انهن کي روزگار ۽ زندگيءَ جون ٻيون سهولتون بہ ڏنيون ويون --- آپ نہ پالي، تتر تاتي.

(اهو تہ خود پ پ جو بہ فرض آهي تہ پنهنجي ڪيل غلط ڪم کي نہ رڳو مڃي ۽ سنڌين کان معافي وٺي، پر ان غلطيءَ جو ازالو ايئن ڪري، جيئن ڪرڻ گهرجي يعني انهن ناجائز ۽ غير قانوني آباد ڪيلن خلاف پنهنجي آواز ۽ عمل کي باقي سنڌي عوام جي آواز ۽ عمل سان ملائي زبردست مهم هلائي ۽ پنهنجي منشور ۽ پروگرام ۾ اها ڳالهہ چٽيءَ طرح آڻي، تہ سندس غلطيءَ جي آڙ وٺي، پاڪستان جا حاڪم ۽ حڪمران سنڌين مٿان نئين سر وري بہ لکين بهارين جي لوڏ

چاڙهي نہ اچن ۽ اڳ ئي غير محفوظ اقليت ٿي وڃڻ جي ڊپ ۾ ونجي ويل، نانصافي محسوس ڪندڙ، سنڌي قوم کي اجا وڌيڪ غير محفوظ ۽ اقليت ۾ تبديل نہ ڪن.)

1971ع جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ ان کان پوءِ جيڪي بہ ماڻهو، خاص طرح بنگلاديش کان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن، اهي ناجائز ۽ غير قانوني آهن، تنهنڪري اها ڳالهہ عدالت جي ڌيان تي آڻڻ گهرجي.

5. سنڌين جي غير منظم هجڻ ۽ سنڌن ڪجهہ نام نهاد سياسي اڳواڻن جي بد افعالين، هوڏ ۽ جهالت جي ڪري خصوصاً پارٽ جي ڪجهہ بي پاڙن ماڻهن سنڌ کي گذريل اڌ صديءَ کان پنهنجي مڪر، نڳيءَ، ترڪتال ۽ سازش جو نشانو ناهي پئي رکيو آهي. انهن چاٽي ورتو آهي تہ اهڙيءَ ٿڙ وچڙ ۽ غدار فضا ۾ سنڌن جياپو ۽ پالنا بهتر نموني ٿي سگهندي ۽ اهي پاڻ کي هڪ وڏي اڪثريت ۾ تبديل ڪري، سنڌين کان سندن اباڻي تاريخي ڌرتي ڦري، ڪين لوڏي ڪيڏي يا ماري مَچائي ۽ محڪوم رکي سگهندا. ان ڪري پاڪستان نهندي ئي ۽ ان کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين سنڌ ڏانهن ڌارين جي ناجائز ۽ غيرقانوني لڏپلاڻ جاري آهي، جيڪي هتي اچي، هتان جي شهريت وني ڏينهون ڏينهن سنڌ جي مالڪيءَ جا دعويدار ٿيندا وڃن ۽ ڪرسيءَ ۽ اقتدار جا بکيا ڪين هر قسم جو تحفظ مهيا ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي ماڻهو پنهنجي سنڌ جي مالڪيءَ جو حق وڃائيندا، ٻين کي ان ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪندا ۽ اقليت ۾ تبديل ٿيندا پيا وڃن --- اها آهي نمبر هڪ ڳالهہ.

گذريل 45-ورهن ۾ هر طرفي سازش، مڪاريءَ، نعريبازيءَ ۽ چالاڪيءَ ڪري جنهن منظم نموني سنڌ ۽ سنڌي عوام سان ويساهہ گهاتي ڪئي وئي آهي، سنڌن ٻوليءَ، ثقافت ۽ سماجي حيثيت کي ٽئين درجي تائين ڪيرائي، مالڪ مان ڦيرائي چور بنايو ويو آهي، ڪين هڪ مڪروهہ رٿابنديءَ وسيلي سنڌ جي وڏن شهرن ۾ بي يار وَ مددگار ۽ بي وسيلو ۽ بي پهچ ڪري نام نهاد قومي اخبارن ۽ خصوصي پروپيگنڊا ٽيمن وسيلي بدنام --- پارٽ ۽ روس جو ايجنٽ، علحدگي پسند، پاڪستان دشمن، ڪافر، بي دين وغيره --- ڪيو ويو (۽ اهو مخصوص بد مقصد پورو ڪرڻ لاءِ خود سنڌين منجهان ئي ڪي ماڻهو پاڙي تي پرتي ڪيا ويا)، سنڌن گهر، ڪارخانا، ٻنيون، باغ، ڍنڍون، ڪاٽون، سمنڊ، اچ وڃ جا وسيلا، نوڪريون، ٺيڪا، ڏيهي توڙي پرڏيهي واپار ۽ معدنيات هر قسم جي ساز باز وسيلي ڦٻايا ويا، سنڌ جي تاريخي ماڳن، ثقافتي ڳڙهن ۽ خود تاريخ خلاف ڏڪار پيدا ڪئي وئي. سنڌين کي سياسي طرح شودر جي سطح تي ڪيرائڻ لاءِ ئي پاڪستان جي حاڪمن ڀاران مهاجر-پنجابي-پناڻ محاذ ناهيو ۽ پوءِ ايجنسين ان مقصد سان گڏ سنڌين جي جمهوري سياسي سُرت کي بہ چيپاڻڻ لاءِ سنڌ ۾ هڪ منظم ۽ هٿياربند دهشتگرد تنظيم ناهي (جنهن وٽ هٿيار رکڻ سِمگل ٿيل ئي نہ، پر "واهہ" فيڪٽري جا بہ هئا). اهي دهشتگرد ۽ بي پاڙا ماڻهو پاڻ کي مهاجر قوم جو اڳواڻ سڏين ٿا. اها آهي نمبر ٻي ڳالهہ.

يادِ ڪي جيڪڏهن 22 ورهيہ پوئتي وني وڃجي، تہ اهو ساڳيو ڪم پارٽ کان سنڌ ۾ آيلن جيان پارٽ کان بنگلاديش ۾ ويل سنڌن مائٽن بنگالي عوام سان ڪيو. هنن پنهنجي دهشت جي اوج وارن ڏينهن ۾، اٽي 50 لک ماڻهو، ڄمار ۽ جنس جي تميز رکڻ بنا، قتل ڪري ڇڏيا، لکين عورتن جي زوريءَ بيحرمتي ڪئي ۽ ڏُکين جا پيٽ ڦاڙيا ۽ ٻارن کي ڇيڇاڙي سنگينن تي اُڇو ڪري نعرا

هنيا. ڪين اتي اهو ڪجھ مليل هو ۽ انهن پاران ئي مليل هو، جيڪو ڪجھ هِتي جي دهشتگردن ڪي مليل آهي. هِتي جي دهشتگردن جيان انهن اُتي به پنهنجن مسلمان ڀائرن، پاڪستاني هم وطنن، جيئرن جاڳندن ماڻهن ۽ ڏکين گهڙين ۾ پناهه ڏيندڙ پنهنجن محسنن سان اهو سلوڪ ڪيو، جيڪو بي رحم شڪاري حرام جانورن سان به نه ڪري سگهندا آهن.

اتي به هڪ مهاجر قوم ناهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، بنگالي مخالف محاذ ناهيا ويا ۽ 1947ع کان 1970ع تائين اتي به لڳ ڀڳ اهو ڪجھ ٿيندو رهيو، پر بنگالي گهٽا هئا، پياريءَ فوج ۽ پيارن پنجابين ڪان پري هئا، ڪجھ نه منظم تي چڪا هئا، هڪ وڏي بليدان جي سَٽ سهسائي ويا ۽ هٿياربندن ۽ دهشتگردن کي پادر پارائي ڇڏيائون. بنگلاديش ۾ اهي خوني ۽ وحشي ڪاروايون ڪندڙ مهاجر دهشتگردن جو نالو آهي: بهاري.

پنهنجي ئي هم مذهب، ديس واسي ۽ محسن ماڻهن سان ايڏا ڪيس، انهن جا ايڏا ڪوس، انهن جون ايڏيون بيحرمتيون ۽ اهڙن ٻين سيني ڪَنور ڏوهن جا ڏوهاري اجا تائين آزاد آهن، انهن کي ڪنهن به ٽاڻي تي نه چڪيو ويو آهي ۽ اتلو اهي اهڙا ناٽ ۽ آرا پيا ڪن، ڇٽڪ هنن وڏا ڪي وڙ ڪيا آهن. جيڪڏهن سقراط جي قاتلن تي 22 سَو سال پوءِ ڪيس ڪري سگهجي ٿو، ته بنگالي عوام جي حقيقي قاتلن تي ڇو نه؟

6. (الف) عالمي طرح مجيو وڃي ٿو، ته ڪنهن به قوم يا ملڪ تي ڪاهه ڪرڻ ۽ انهن کي محڪوم ۽ ماتحت بنائڻ هڪ زبردست اخلاقي ۽ عالمي ڏوهه آهي. دنيا ۾ هن وقت تائين ڪنهن به ملڪ يا قوم تي ڪاهه رڳو هٿياربند صورت ۾ نه ٿيندي آهي. ڪاهون معاشي، سياسي ۽ ثقافتي به ٿينديون آهن، جن وسيلي ڪنهن قوم يا ملڪ جي معاشي، سياسي ذهنن ۽ ثقافتي زندگيءَ کي پنهنجي جمت ۽ غلاميءَ هيٺ رکيو ويندو آهي. عراق تي اقتصادي پابنديون وجهڻ جو مقصد هر ماڻهو سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، پر اها ئي ڪاهه ڪڏهن ڪڏهن بظاهر بيوس، لاچار، مظلوم، ماريل ۽ سَتايل ماڻهن جي ٽولن جي لڏ پلاڻ جي صورت ۾ به ٿيندي آهي، جيڪي پوءِ ٻي قوم (ميزبان ۽ مهربان --- رضا خوشي تي هجي يا زوريءَ ۽ ڏوکي سان ناهي وئي هجي) جي وسيلن تي ماڪڙ جي ڪٽڪن جيان ڪڙڪندا آهن. ڪٽر يهودين جي مهم جيتوڻيڪ 1898ع کان هلندڙ هئي، پر 1940ع کان 1950ع تائين يهودين جي اسرائيل ۾ آبادڪاري گهٽي ياڳي ان ذڪر ڪيل صورت ۾ ٿي، ۽ اڄ دنيا پليءَ پت ڄاڻي ٿي ته انهن مظلوم لاڏائن جي اسرائيل ۾ آبادڪاريءَ پنيان حقيقي ارادا ۽ نِيَتون ڇا هيون. (ڪجھ مَٽ سَٽ سان اتر ۽ ڏکڻ آمريڪي کندن تي يورپ جي رهاڪن جون ابتدائي ڪاهون پڻ ڏيان ۾ آڻي سگهجن ٿيون.)

يهودين جي اُن لاڏائو نسل وٽ وري به هڪ بهانو ته هو، ته سندن وڏڙن جو مذهبي، تاريخي ۽ ثقافتي ناتو فلسطين جي ڌرتيءَ سان هو، جڏهن ته 1947ع ۾ پاڪستان نالي ناهيل ملڪ جي سرحدن ۾ ايندڙ زمين جي ڪنهن به علائقي سان ڀارتي سرحدن منجهان لڏيندڙن ڪنهن به ماڻهوءَ کي مذهبي، تاريخي، ثقافتي، لساني يا ڪو به ٻيو ناتو نه هو. سندن جيڪڏهن ڪو مذهبي ناتو نهي پئي سگهيو، ته سعودي عرب سان، تاريخي ۽ ثقافتي ناتو وري وچ ايشيا سان ۽ لساني ۽ ثقافتي

ناتو وري ٻه هاٽوڪي پارت سان ئي ٿهي پئي سگهيو، تنهنڪري ڪين ڪنهن به سبب يا بهاني لڏٽو ئي هو، ته ترڪيءَ يا سعودي هليا وڃن ها.

باشعور ۽ تاريخ تي نگاهه رکندڙ ڪجهه سنڌي دانشورن ۽ سياستدانن انهيءَ لڏ پلاڻ خلاف مضبوط دليلن سان احتجاج ڪيو، پر سندن آواز مڇي مارڪيٽ ۾ چيڀٽ هيٺ آيل هڪ ننيڙي ٻار جي ”آهَ“ کان وڌيڪ نه هو، پر اها ”آهه“ اجا سوڌو تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ آهي ۽ انهن ڏينهن ۾ لڏ پلاڻ جي سازشي حامين جي مُنهن تي لپاٽ تي لڳي رهي آهي.

بنگالين ۽ سنڌين پنهنجي مظلوم دوستيءَ ۽ اڻ ساڙيلي ثقافتي پس منظر جي ڪري ڪانئن ڪا به اوپرائپ يا ٻَوَ پائڻ بنا ئي سندن واهر ڪئي، پر مثال طور، سنڌ ۾ ايندي شرط هن ٽولي جي خود غرض ۽ مڪار اڳواڻن هڪ مخصوص سازشي رٿابنديءَ سان سنڌ جي خاص طرح وڏن ۽ صنعتي ۽ تعليمي طرح نسبتاً وڌيڪ ترقي ڪيل شهرن ۾ پاڄوڪڙن ڪي ورسائڻ شروع ڪيو.

”هندو مسلم جهيڙو“ نالي ڪا به شيءِ سنڌ ۾ موجود نه هئي. 1947ع تائين ڪل ٻه واقعا ٿيا هئا. هڪ لاڙڪاڻي ۾ (شايد 1927ع ۾) جيڪو بهرحال ننڍو واقعو هو ۽ ٻيو اهو سازشي جهيڙو، جيڪو مسلم ليگ ڪي سنڌ جي مسلمانن ۾ مقبول بڻائڻ لاءِ هندو ۽ مسلمان سنڌين جي وچ ۾ رت ۽ باهه جي پٽ ٻيهارڻ لاءِ ڪرايو ويو، جنهن کي مسجد منزل گاهه واقعي جي نالي سان سڃاڻيندا آهيون. برنديءَ تي گهٽو ئي تيل وڌو ويو، پر سنڌين جي فطري رواداري ۽ سهپَ سازشي سنڌي سياستدانن جي پهچ کان مٿي هئي، تنهنڪري پارت ۾ رتوڇاڻ باوجود 1947ع ۾ سنڌ اندر ڪو به هندو-مسلم جهيڙو موجود نه هو. ايتري قدر جو پارتي لاڏائن جي اچي پهچڻ کان پوءِ به سندن تعصبي رويي باوجود ڪو به خاص واقعو نه ٿيو. اهڙي پُر امن صورتحال پارتي لاڏائن جي حقيقي ۽ ڳجهين منشائن جي خلاف هئي ۽ سنڌي سازشي، قرضي، عياش ۽ ڦورو جاگيردارن ڪي به نه پئي وڻي. هندو سنڌين ۾ بهرحال هڪ اڻ تڻ، بيچيني ۽ ٻَو موجود ٿي چڪو هو، مٿان جو هٿرادو نموني نفرت جو ڪورو پچايو ۽ جڙتو جهيڙو پڪيڙيو ويو، تنهن دکنديءَ کي چوچڙيءَ جو ڪم ڏنو ۽ نيٺ هندو سنڌين جي لڏ پلاڻ جاري ڪرائي وئي. (اها لڏ پلاڻ به ناجائز ۽ غيرقانوني هئي.)

انگريز راڄ هلندي جڏهن سنڌ کي بمبئيءَ سان ملايو ويو، تڏهن کان پنجاب جا ڦورو حاڪم طبقا اها ڪوشش ڪندا پئي رهيا، ته سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار ڪري پنجاب سان ڳنڍيو وڃي. ان لاءِ هنن ڪيترائي معاشي، سياسي ۽ ثقافتي دليل به مهيا ڪري ورتا هئا، پر سنڌي ماڻهن اهو ڪنهن به طرح پسند نه پئي ڪيو ته بمبئيءَ جي بلا مان جند ڇڏائي پنجاب جِي پيئڻ جي ور چڙهي وڃن. انهن 1936ع ۾ سنڌ کي خودمختيار صوبو ناهي ورتو، پر پرڏيهي حاڪمن جي چاپلوس سنڌي وڏيرن 1938ع ۾ ڪراچيءَ ۾ نهراءُ، 1940ع ۾ لاهور ۾ نهراءُ ۽ 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان نهراءُ پاس ڪري پنجابي ڦورو حاڪمن جي پسند جو ٻلو ڪري ورتو ۽ سنڌ، بهرحال، کهڙي به نيڪ نالي/نعري هيٺ پنجاب سان ڳنڍجي وئي ۽ ان جيڪو ڪجهه ڪيو آهي، اهو تاريخ ۽ جيئرن سنڌي ماڻهن جي دلين تي لکيو پيو آهي.

پارٽي لاڏائو سياستڪار لوپي نواب ۽ پنجاب جا نوڪي حاڪم طبقا پاڪستان ٺهندي ئي پاڪستان جي عوام ۽ مظلوم قومن خلاف ٽيل سمورن ظلمن، ڏرمن ۽ ڏنين ۾ جٽ رهيا آهن. اٿندي ئي سنڌ جي دل تي وار ڪيو ويو ۽ ڪراچيءَ کي گهيري ۾ آڻي سنڌ کان ڇني مرڪزي علائقو بڻايو ويو. ٻيو حملو هندن جي ڇڏيل ملڪيت (ڪارخانن، باغن، ٻنين، گهرن، دڪانن، وغيره) تي ٿيو، جنهن ۾ نه رڳو انهن وٽ گروي رکيل پر وَرِيامن، ڳُهرامن ۽ ٻَهرامن جي حقيقي ملڪيت کي به نه ڇڏيو ويو. ڪوڙن ڪليمن جا ڪوڙا سنڌين جا چم چڪڻ لڳا. ائين تي لڳو ڄٽڪ لڏ پلاڻ جي صورت ۾ ڪاهه ڪليمن لاءِ ئي هئي. جوش مليح آباديءَ جهڙي اردو ٻولي جي قداور شخصيت سان گڏ ٻيون به ڪيتريون ئي دستاويزي لڪتون ميدان تي آهن، جن ۾ چاٽايل آهي ته پارٽي رهاڪن کي ٺهندڙ پاڪستان ۾ ججهو ملي سگهندڙ مال جي لالچ ڏئي هرڪايو ويو هو.

هندن جي ڇڏيل ملڪيت بابت پنجاب اسيمبليءَ جي نهراءَ کي مانُ ڏنو ويو هو، پر سنڌ اسيمبلي جي نهراءَ کي ڪنگهيو به نه ويو --- بنيادي نيت ئي بد هئي. ملڪ ساڳيو پاڪستان، صوبائي اسيمبلين جا نهراءَ، هڪ کي مانُ ۽ ٻي جو اپمان! ۽ اپمان به سنڌ جو، ڇو؟ سڏيل ۽ قرار ڏنل اويڪيو پراپرٽي (خالي ٽيل ملڪيت) ۽ ان کي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ ڪليمن ۽ دفتري هيرا ڦيريءَ وسيلي ٽيل ڦرلٽ جي جاچ ٽيڻ، اسيمبلي نهراءَ جو اپمان ڪندڙ ڌوهارين کي جهلڻ، انهن لي ڳولي ڪورٽ ۾ آڻڻ ۽ ڪورٽ کان فيصلو وٺڻ گهرجي ته ناجائز ۽ غيرقانوني طريقن سان ڦٻايل ملڪيت سڀ ۽ ڏند سوڏي قبضي گيرن کان ڇڏائي وڃي.

(ب) پرڏيهي ڪاهيندڙن جتي به ڪنهن به طريقي سان ڄمت ڄمائي آهي، اتي سندن قبضيگير مقصدن ۾ اهو به شامل رهيو آهي ته محڪومن جي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي به ستياناسي ڪئي وڃي. سنڌ سان ڏاڍو عجيب اتفاق ٿيو. سنڌ جي تاريخ ۾ انگريز ئي اڪيلا --- پرڏيهي ۽ ڦورو ڪاهيندڙ هئا، جن ڪن معنائن ۾ روايتن جي ابتڙ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي نه رڳو بچايو، سموهيو ۽ سهيڙيو، پر وڌايو ۽ ويجهايو به. جڏهن ته مسلمان پائرن پاڪ-ستان ۾ حقيقي ٻولين ۽ ثقافتن جا حق مارينڊي ۽ انهن کي ٺڏيندي هند-ستان ۾ پاڙون رکندڙ ٻوليءَ ۽ ثقافت کي "قومي" جو شرف ڏئي مڙهي ڇڏيو. اردو ٻولي حقيقت ۾ هندي ٻولي ئي ته آهي، جنهن کي عربي ۽ فارسي جي لفظن جي ڇٽي هنيل آهي. هنن ته سنڌين، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي ڪافر قرار ڏئي قتل ڪرڻ پئي گهريو پر ٻي ڌرتيا ڌرتيءَ ۾ پاڙون رکندڙن کي پٽي نه سگهيا. البت هنن کي لوڻ شروع ڪيائون. ڪنهن به ٻوليءَ جو، ثقافت جو، ماڻهوءَ جو وجود ميسارڻ لاءِ ڪا به سازش، ڪو به ڪتو ڪم عالمي، انساني ۽ اخلاقي حقن جي خلاف ٻڇڙائي ۽ هڪ بين الاقوامي ڏوهه آهي.

(ث) پيداواري وسيلا ساهوارن جي جياپي ۽ ماڻهن جي سماجي واڌاري جو بنياد آهن. انساني جسم لاءِ روح کي پلي بنيادي سمجهيو وڃي، پر ان جو وجود به پيداواري وسيلن ۽ انهن جي بهتر واهپي جو محتاج آهي، تنهنڪري ڪنهن به ماڻهوءَ، ماڻهن جي فطري ميڙ --- قوم --- جي تاريخي پيداواري وسيلن تي ڪنهن به ڌاري (يا پنهنجي) ٽولي جو قبضو انهن پيداواري وسيلن تي پلجندڙ ساهوارن خلاف هڪ خطرناڪ ۽ موتمار ڄُلهه آهي. سنڌ جي پيداواري وسيلن تي سمورن تاريخي

وارثن کان سواءِ ڪنهن به ٻئي جو زوريءَ قبضو/مالڪي/حصيداري ڪنهن به قانون موجب جائز ۽ قانوني سڏي نه ٿي سگهجي. سنڌ جي پيداواري وسيلن تي ڌارين جو قبضو ٻڌائي ٿو ته سنڌ خلاف هڪ خطرناڪ سازش ڪاهه ٿي هئي، جيڪا عالمي انساني حق جي چارٽر جي نالائق ڀڃڪڙي آهي.

(ج) پنهنجا مخصوص اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي مفاد رکندڙ، ڪروڙن جي ڳٽپ ۾ هڪ وڏي تاريخي ميڙ، هڪ قوم، جنهن کي هڪ رچيل، شاهوڪار ۽ اسريل ٻولي آهي ۽ ڌر-گولي جي سنڌ نالي هڪ ٽڪري تي سوين صدين کان پنهنجو وجود بچائيندي، برقرار رکندي ۽ وڌائيندي اچي، ان کي سندس پنهنجي ئي اباڻي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ بدلائڻ يا ان تان زوريءَ لڏائڻ ۽ کانئس ڌرتي کسڻ هڪ مها پاپ آهي. (جڏهن هڪ ماڻهوءَ کان سندس ٻنيءَ ٽڪرو کسڻ ئي ڏوهه آهي، ته پوءِ هڪ قوم کان سندس ڌرتي کسڻ چو ڏوهه ناهي؟) سنڌ ۾ سنڌين خلاف ڌارين جي دهشتگردي، چوريءَ ۽ زوريءَ انگن اکرن ۾ واڌ، حڪومت ۾ مالڪيءَ جي حد تائين حصيدار، ڌاري ٻوليءَ جي برتري ۽ سنڌين جو ڪوس ڇا ٿا ٻڌائين؟

انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي جيڪڏهن باشعور سنڌي ماڻهو اهو محسوس ڪن ٿا، ته هڪ منظم سازشي رٿابنديءَ تي عمل ڪندي، مظلوم جي صورت ۾ سنڌ مٿان هڪ خونخوار ڪاهه ٿي هئي ۽ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اڃا جاري آهي ۽ ان ڪاهه وسيلي سنڌي قوم جو وجود ميسارڻ جي ڪڏيءَ ڪرت تي عمل ٿي رهيو آهي، جيڪو هر عالمي، انساني ۽ اخلاقي قدر جي ابتڙ آهي، ته ڇا غلط چئي سگهيا؟

7. دنيا ۾ ڪهڙو به ڏيهه هجي، ان ۾ اتي جي حقيقي وارثن جي موڪل کان سواءِ ڪو به ڌاريو رهي نه ٿو سگهي ۽ جي بنا موڪل، چوريءَ يا سمگل ٿي اچي رهي به پيو، ته اهو نه رڳو ناجائز ۽ غيرقانوني ۽ واجب ال سزا آهي پر ڪيس ڪن کان چڪي ڪڍي سگهجي ٿو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ لکين ڌاريا ماڻهو اهڙي ناجائز لڏ پلاڻ ڪري اچي رهي پيا آهن، جيڪا ڪنهن به طرح جائز سڏي نه ٿي سگهجي. رڳو ڪراچي ڊويزن جي ڇئني ضلعن جي حدن ۾ سنڌ جي حوالي سان نه، پر پاڪستاني قانون جي حوالي سان اهڙن غيرقانوني ۽ ناجائز ڌارين رهاڪن جي ڳٽپ ويهه لکن کان مٿي آهي، جيڪا سنڌ جي ڪنهن به ٻي سڄي ساري ضلعي جي آباديءَ کان وڌيڪ بيهي ٿي. ٻين لفظن ۾ ايئن چئبو ته رڳو ڪراچي ڊويزن ۾ هڪ سڄو سارو ضلعو سنڌي ماڻهن کان انهن ڪسي ورتو آهي، جيڪي پاڪستاني قانون موجب به ناجائز ۽ غيرقانوني آهن --- سنڌ جي هڪ سڄي ضلعي جي اپت، ڪمائي، صنعت ۽ ملڪيت سمگل ٿي آيل ماڻهن جي حوالي آهي!

ڇا اهي ناجائز ماڻهو ڪروڙين رپيا ساليانو ڪمائي سنڌ ۽ پاڪ کان ٻاهر نه موڪليندا هوندا؟ ڇا اهو سنڌ ۽ پاڪستان جي خزاني تي وڏو ۽ لاڳيتو ڌاڙو ناهي؟ ڇا اهو هتي جي حقيقي ماڻهن جي روزگاري وسيلن تي قبضو نه چئبو؟ ڇا انهن جي ڪري آباديءَ، امن امان (۽ قانون ۽ حڪم) جا ڪي به مسئلا پيدا نه ٿا ٿين؟ جيڪڏهن اهي ماڻهو نه هجن، انهن کي تڙي ڪڍيو وڃي، ته ڇا ويهه لک سنڌي وڌيڪ آباد نه ڪري سگهبا، ۽ ڇا اهڙيءَ طرح گهٽ ۾ گهٽ ٿي قومي ۽ ڇهه صوبائي اسيمبلين جون سيٽون سنڌين جي حصي ۾ اچي نه ٿيون سگهن ۽ ڇا اهڙيءَ طرح سنڌين

جو شهر سنڌين ڏانهن موٽائڻ جي سلسلي ۾ هڪ قدم اڳتي نه وڌي سگهبو؟ (هن نڪتي تي ڪنهن ٻئي وقت لکبو. ان بابت سنڌين کي سوچڻ گهرجي).

هڪ غيرقانوني ۽ ناجائز آبادڪار کي تڙي نه ڪيڻ جا واسطيدار قانون کي لوڻ ۽ بي عزت ڪرڻ ناهي؟ جا ان لاءِ ذميوار حڪومت ناهي؟ جيڪا حڪومت قانون تي عمل نه ڪري، ان کي جا چئبو آهي؟

8. جڏهن کان پاڪستان نهيو آهي، تڏهن کان اڄ تائين پارت ۾ رهندڙ مسلمانن جي ڳڻپ اڳوٽي سڄي (مشرقي توڙي مغربي) پاڪستان ۽ هاڻوڪي پياري پاڪستان ۽ بنگلاديش جي ڪل آباديءَ کان وڌيڪ رهي آهي: 1947ع ۾ 8-ڪروڙ، 1970ع ۾ 14-ڪروڙ ۽ هاڻي 26-ڪروڙ چئو تي وڃي. جا اٺ ڪروڙ پارتي مسلمانن ۾ (1947- 1948ع دوران) اهي 15-16 لک ماڻهو ئي پڪا مسلمان ۽ پاڪستان جا حبدار هئا جن سنڌ ۽ بنگال ڏانهن لڏ پلاڻ ڪئي ۽ پوءِ خونخوار، وحشي، قبضيگير، قاتل ۽ دهشتگرد درندا تي ايريا ۽ هاڻي پاڪستاني قوم کي تڏي مهاجر قوم جا دعويدار ٿي ٻينا آهن؟ (جڏهن ٻه ناهن تا، خبر ناهي چو زبردستيءَ جي ۽ ڪوڙ تي ٻڌل "قوم" ناهن تا!)

پاڪستان جي حاڪمن ۽ حڪمرانن کي واضح ئي ڪرڻو پوندو، ته پارت کان پاڪستان جي حُب ۾ پجندڙ ماڻهو پاڪستاني لکيا ويندا رهندا؟ جا جيستائين پاڪستان نالي ملڪ قائم هوندو، تيستائين پارتي پاجوڪڙ هر مسلمان کي پاڪستاني ليکيو ويندو؟ جا 2020ع ۾ لڏيندڙ پارتي به پاڪستاني هوندو؟ جا 1990ع ۾ لڏي آيل پاڪستاني سڏبو؟ جا 1950ع، 1960ع، 1970ع ۽ 1980ع تائين لڏي آيل پاڪستاني آهي؟ يا، جا پاڪستاني اهي ئي آهن جن 1947ع- 1948ع دوران لڏيو، جڏهن چيو تو وڃي ته حالتون خونخوار هيون؟ (۽ انهن خوخوار حالتن ۾ ڪروڙين ماڻهن جو نه پَجڻ ۽ لکن جو پَجڻ ۽ انهن ڪروڙين پائرن کي جڏي اچڻ جا تو ٻڌائي؟) ۽ جا جيستائين پارت ۾ اها نام نهاد مذهبي ڪٽرپڻي جي نالي ۾ خونخواري موجود هوندي، تيستائين پاڪستاني نهندا رهندا؟

13-نومبر 1992ع جي اخبارن ۾ خبر آهي ته "سنڌ ۾ مقرر ايس ڊي ايم اقبال نفيس پارتي شهري آهي" جنهن ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن کي دهشتگردي سيڪاري ۽ ڪيترن ئي هٿيارن جا لائسنس ڏنا. ان ئي خبر ۾ عبدالمالڪ گاروي ۽ عتيق شمسي جي پارتي هجڻ جو به ذڪر آهي. هُو 1985ع ۾ پارت کان پجي آيو، ڪوڙو ڊوميسائيل نهرائي نوڪري ورتائين... وغيره. اها ڳالهه پاڪستان جي سڀ کان وڌيڪ منظم اداري ڪئي آهي، جنهن کي نظر ۾ رکندي ايترو ته پڪ سان چئي سگهجي ٿو، جو حاڪمن جي نظر ۾ 1985ع کان پوءِ تيل لڏ پلاڻ پڪ سان ناجائز آهي، پر اسان کي وري به پڪ ڪرڻي آهي ته ڪهڙي سن تائين پارت کان پجي آيل کي اسان جا حاڪم پاڪستاني مڃن تا.

ڪو نه ڪو سَنُ ته مقرر ڪرڻو ئي پوندو، اهو پڇڻ گهرجي.

9. هڪ مجيل مجايل، ثقافتي طرح رچيل ۽ تاريخي وجود رکندڙ قوم کي ميسارڻ جي سازشن سان گڏوگڏ سنڌين خلاف سوين ڪُوڙيون، ملڪ دشمن، مذهب دشمن ۽ انسان دشمن تهمتون ناهيون ويون آهن (جيئن قورو ڪاهيندڙ حاڪمَ سدائين محڪومن خلاف ڪندا آهن). اهي تهمتون جا ٿيون ثابت ڪن؟

جيئي سنڌ محاذ ۽ تحريڪ، پاڪستان پيپلز پارٽي (جنهن کي هاڻي سنڌين جي پارٽيءَ طور متعارف ڪرائڻ لاءِ سرڪار سڀوري ٽنهن چوٽيءَ جو زور لائي ڪُپرچار ڪري رهي آهي)، عوامي تحريڪ، سنڌ نيشنل فرنٽ ۽ جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽي (سرڪاري زِٽن موجب سڀ علحدگي پسند ۽ پارٽي ايجنٽ پارٽيون) اڳ ۾ نهيون هيون يا مهاجر-پنجابي-پختون محاذ؟ ڪٽرپڻي ۽ نفرت جو ٻهريون ٻج ڪنهن پوکيو؟ پاڪستان ٺهندي ئي سنڌ ۾ ڪوٽا مقرر ڪرائي، ڌارين ماڻهن لاءِ نوڪرين تي ڌاڙا ڪنهن هنيا؟ سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري سطح کي ڪنهن ڌڪ هنيو ۽ سنڌين جي ثقافت کان ڪِراهت جو اظهار ڪنهن ڪيو؟ پاڪستان ٺهڻ ۽ 1947- 1948ع دوران ٿيل لڏ پلاڻ کان پوءِ به ڀارت، بنگال ۽ دنيا جي ٻين ڪجهه ملڪن کان پاڪستاني نيپي هيٺ سنڌ ڏانهن لڏ پلاڻ جو جاري آهي ۽ اهڙي ناجائز لڏ پلاڻ جي آجيان ۽ گهر ڪرڻ وارا ڪير آهن؟ ايئن چو آهي، جو 1950ع، 1960ع، 1970ع ۽ 1980ع کان پوءِ به ڀارت مان ڀڄي، سمگل ٿي، لِڪي ۽ غيرقانوني ايندڙ ماڻهو، خاندان پاڪستاني ٿي پيا آهن، ڪين پاڪستان ڊوميسائيل، سڃاڻپ ڪارڊ ۽ پاسپورٽ مليو وڃي، ملڪيتون خريد ڪري سگهيا آهن، چوندن ۽ سرڪاري سازشن ۾ حصيدار ٿي اسيمبلين، اقتدار، انتظاميا (ايڊمنسٽريشن) ۽ نظاميا (نظم ونسق ۽ ايگزيڪيوٽو) ۾ وڃي پهتا آهن؟ عجيب ڳالهه اها، ته سنڌ ۾ چالو ۽ گذريل حڪومت دوران سرڪاري وزارت جو ڪارائتو اڌ انهن جي حوالي رهيو جيڪي 20-سيڪڙو آباديءَ جا نمائندا هئا، ۽ نه ته سنڌي هئا ۽ ئي وري پاڪستاني! --- سنڌن رشتو ناتو، مائٽي ڀائپي، ٻولي ۽ ثقافت (جيڪا قومي به چئي وڃي ٿي) ان ڌرتيءَ سان ڳنڍيل آهي (۽ وڏي فخر سان اهڙا اعلان به ڪندا رهيا هئا) جنهن کي پاڪستاني حاڪم ۽ حڪمران پنهنجو دشمن نمبر ٻهريون سڏين ٿا! ۽ عجيب ڳالهه اها به ته سهيل مشهدي، آفاق شاهد، رازق خان ۽ اشتياق اظهر جهڙا ماڻهو سنڌ اسيمبلي ۾ هئا ۽ سينيٽ ۾ به آهن!

اهڙي واهيات، ناجائز، غير قانوني ۽ غير اخلاقي حرڪت رڳو پاڪستان ۾ چو آهي ۽ اها به سنڌ ۾ ۽ سنڌين خلاف چو ٿي برقرار رکي وڃي؟

10. هتي گهرج ٿي محسوس ٿئي ته پاڪستان جي حاڪمن ۽ حڪمرانن کان سوال پڇجي، ته سندن نظر ۾ هڪ پاڪستانيءَ جي سڃاڻپ ۽ وضاحت ڇا آهي؟

- ڇا ڌر-گولي جو هر ماڻهو، جيڪو دعويٰ ڪري ته هُو مسلمان آهي، ڪير به هجي، ڪٿي به هجي ۽ ڪهڙي به ٻولي ڳالهائيندو هجي، بس رڳو اهو چوي ته هُو پاڪستاني آهي، ته ڇا اهو پاڪستاني سڏيو ۽ سمجهيو ويندو؟ (جي ها، ته چو؟ ۽ جي نه، ته چو؟)

- ڇا موجوده ڀارت جو هر مسلمان رهاڪو جيڪڏهن اها دعويٰ ڪري، ته هو پاڪستاني آهي ۽ پاڪستان ۾ رهڻ گهري ٿو ته ڇا ڪيس پاڪستاني شهريت ڏني ويندي؟ (جي ها، ته چو؟ جي نه، ته چو؟)

- ڇا هاڻوڪي بنگلاديش جو ڪو به مسلمان رهاڪو جيڪڏهن پاڻ کي پاڪستاني سڏڻ لڳي، ته ڇا هو پاڪستاني ٿي پيو؟ (جي ها، ته چو؟ ۽ جي نه، ته چو؟)

- يا، ڇا بنگلاديش جي رڳو انهن رهاڪن کي پاڪستاني مڃيو ويندو، جن ڪنهن زماني ۾ ڀارت کان اوڏانهن لڏ پلاڻ ڪئي، اتي وڃي قبضيگيريءَ ۽ سازش لاءِ فتنا اٿاريائون، اتي جي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي لوئي نفرتن جي پٽ بيهاريائون، اتي ڦرلٽ ۽ داداگيريءَ جي باهه مچائي وينا ۽ نيٺ

فطري وحشي پڻي ڪان ڪم وني بنگالين جو (جيڪي مسلمان به هئا، ته پاڪستاني به) ڪوس ڪري، نه رڳو پاڪستان جي الهندي حصي جي رهاڪن خلاف ڏڪار پيدا ڪيائون ۽ وڌايائون، پر پاڪستان ڪي ٽوڙڻ تي به مجبور ڪيائون ۽ هاڻي بنگالي حڪمرانن جي آڇ جي باوجود اتي رهڻ نه ٿا گهرن؟ (جي ها، ته ڇو؟)

- بهارين بابت نام نهاد پاڪستاني هجڻ واري هام جيان جيڪڏهن ڪو به مسلمان بنگالي اها دعويٰ ڪري، ته هو به طبعاً ۽ فطرتاً پاڪستاني آهي، بنگلاديش ڪي نه ٿو مڃي ۽ هن پاڪستان سرڪار ۽ بهاري قاتلن سان گڏجي انهن جيان "مڪتي باهني" جي دهشتگردن ۽ علحدگي پسندن جي ڪوس ۽ بيحرمتي ۾ وڏي چڙهي حصو ورتو ۽ هاڻي بنگلاديش ۾ نه، پاڪستان ۾ پاڪستاني ٿي رهڻ گهري ٿو، ته ڇا ڪيس پاڪستاني شهريت نه ڏني ويندي؟ (جي نه، ته ڇو؟)

ڪٿي ايئن ته ناهي، پاڪستاني حاڪم ۽ حڪمران پاڪستاني هجڻ جو نپو ڪنهن نه ڪنهن بهاني رڳو انهن ماڻهن تي هڻڻ گهرن ٿا جيڪي پارٽ ڪان پاڪستان (۽ خاص ڪري سنڌ) ڏانهن لڏيندا رهن ۽ جيڪي بنگال لڏي ويا هئا، اتي جي حق پرست قومي تحريڪ ڪي ڪچلڻ ۽ باشعور ماڻهن ڪي ڪهڻ ۾ پاڪستاني حاڪمن جا ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا (پر ناڪام رهيا) ۽ هاڻي وري اهڙا ئي ڪي غليظ ترين مقصد پورا ڪرائڻ لاءِ سنڌ ۾ سنڌين سڏڻ ضروري ٿيو هجي؟ ۽ اهي غليظ ترين مقصد ٻيا ڪهڙا ٿي سگهن ٿا، سواءِ ان جي، ته سنڌ دشمن قوتن ڪي مدد ڏئي، سنڌين ڪان سنڌن ڌرتي کسي، سنڌن قومي شعور ڪي چيپاٽيو ۽ سنڌن نالو نشان مٽايو وڃي؟ سڀ سياسي سرت رکندڙ سنڌي ان ڪان سواءِ ڪو ٻيو بهاري گهرائڻ جو مقصد نه ٿا سمجهن.

هتي جائز طرح اهو سوال اٿاري سگهجي ٿو، ته سنڌي ايئن ڇو ٿا سمجهن؟ ان لاءِ اسان ڪي جائزو وٺڻو ۽ ورجائڻو پوندو، ته پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ پارتي سرحدن منجهان بنگال ڏانهن لڏي ويل ۽ سنڌ ڏانهن لڏي آيل پاڪستانين (جن پاڻ ڪي مهاجر قوم دعويٰ ڪرڻ شروع ڪيو) ۽ انهن سان ملي پاڪستان جي نظرياتي سرحدن جي محافظيءَ جي دعويدار پنجابي حاڪمن ۽ حڪمرانن جو بنگالين، سنڌين، بلوچن، سرائيڪين ۽ اترادي علائقن جي رهاڪن (بلتين، شينن، هنزن وغيره) ڏانهن ۽ ڪجهه ڇڙچوٽ سان پٺاڻن ڏانهن رويو ڪيئن رهيو آهي. بنگالي (جن جي هڪ حصي ڪي 1947ع ڪان پوءِ اوپرِ وارا پاڪستاني سڏيو ويو) موجوده پياري پاڪستان، ان ڪان اڳ نئين پاڪستان ۽ ان ڪان به اڳ اولهه پاڪستان ڪان هڪ هزار ميل پري هئا، آباديءَ ۾ اولهه (نئين ۾ پياري) پاڪستان جي ڪل آباديءَ ڪان گهڻا هئا، اتي وڃي آباد ٿيل ڏارين خاص طرح پارتي پاجوڪڙن جي ڪل آبادي وٽن اتي ۾ لوڻ برابر هئي، تڏهن به بنگالي ٻولي ختم ڪري اتي جي پيداواري وسيلن تي قبضو ڪرڻ ۽ ڦرڻ لٽڻ، بنگالي عوام جا عالمي توڙي انساني حق لتاڙڻ، ون-يونٽ ۽ پئرٽي (برابري، هڪ جَهِڙائي، هڪ جيترائي) جي نالي ۾ ڪين غلام ۽ محڪوم رکڻ ۽ نيٺ انساني ڪوس لاءِ موجوده پاڪستان جي حاڪمن ۽ حڪمرانن (جيڪي پنجاب ۽ پناهگير ڦورو طبقن ۽ مظلوم قومن جي غدارن تي ٻڌل آهن) 23-سال صرف ڪيا ۽ بنگال جي سرسبز، آباد ۽ سونُ اپائيندڙ ڌرتيءَ ڪي چيري ڦاڙي ان جو سڀ مال ملڪيت ڦبائڻ لاءِ جيڪو ڪجهه وٽن هو ---

هٿياربند قوتون، ايجنسيون ۽ بمن بارودن، ٽينڪن ۽ هوائي بمبارن ڪان وٺي سازش، ٺڳيءَ، مڪاريءَ ۽ زور زبردستيءَ تائين هرحربو ڪم آڻي ڪين ناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون ۽ نيٺ ڪين مجبور ڪيائون تہ اهڙي ملڪ ۾ رهڻ کان ئي ٻان ڪن جنهن جا سمورا وسيلا پنهنجن ئي هم وطنن ڪي چيٿاڙڻ ۽ چيپاڻڻ لاءِ ڪم ايندا هجن.

اترادي علائقن (گلگت، بلتستان، هنزه وغيره) ۾ مون پاڻ درسگاهن جي اڏاوت ڪان اڳ جيل خانن ۽ ٿاڻن ڪي نهندي ڏٺو. اتي جو ٿاڻيدار سنڌ جي گورنر ڪان وڌيڪ هَلندي وارو ۽ بااختيار آهي. شينا ۽ بلتي ٻولين جي اجا سودو ڪا بہ لِپي نہ نهي آهي. ڪشمير جو اهو حصو جنهن ڪي پاڪستاني حاڪم آزاد ڪشمير سڏيندا آهن، اتي هڪ برگيڊير اتان جي صدر ڪان وڌيڪ بااختيار آهي. اها آهي 43 سال گذرڻ ڪان پوءِ جي صورتحال جي هلڪي جهلڪ.

سرائيڪي قوم پاڻ ڪي گڏ پئي ڪري. گهٽن ئي باشعور دانشورن جو چوڻ آهي تہ پنجابي حاڪمن بنگلاديش ڪان ٻهاري گهرائي اتي آباد ڪرڻ جو جيڪو سٽاءُ سِٽيو آهي، تنهن جو مقصد اتي جي اسرندڙ سياسي سرت ۽ غلاميءَ خلاف جوجهد جي عمل ڪي چيپاڻڻ آهي. هيءُ علائقو اڄ بہ سنڌ جي پيٽ ۾ گهٽو پوئتي رکيو ويو آهي.

(سچ اهو آهي تہ خود پنجاب جي عوام سان هڪ نموني ٿيل ظلم تي مون ڪي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. مون پنجاب جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ڳوٺاڻن سان ڪچهريون ڪندي پنجابي ٻوليءَ جي مناڻ ڪي محسوس ڪيو آهي --- سنڌيءَ جي لاڙي لهجي جيان مِٺي مِٺي ۽ هزارين نيٺ سنڌي لفظن جو ذخيرو رکندڙ، پر پنجاب جي حاڪم ۽ حڪمران طبقي پارٽي پاڄوڪڙن سان سلهاڙجي پنجابي عوام ڪان سندن ٻولي ئي کسي ورتي آهي. حڪمرانيءَ جي شوق ۽ ڦرلٽ جي انڌ ۾ اهڙي ڏاڍ ۽ انڌير جو مثال دنيا ۾ شايد ئي ملي سگهي.)

بلوچستان ڪي تہ صوبي جي درجو بہ 20 سال پوءِ مليو، نہ تہ اهو ڄڻڪ هڪ مفتوح ۽ محڪوم علائقو هو ۽ بہ پيرا مٿس پنهنجي ئي ملڪ جي فوج اهڙي ئي ڪاهہ ڪري چڪي آهي جيئن جنگ جي حالت ۾ دشمن ملڪ سان ڪئي وڃي. ان ڪان وڌيڪ بدتر مثال ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

جيستائين سنڌ جو تعلق آهي، سنڌين ڪي پنهنجا سور ساريا پيا آهن:

سرڄيس تان سور،

ساماٽي تان سک ويا.

ٻولي، ثقافت، معيشت ۽ سياست، ڏاڍائي ۽ دهشتگرديءَ جي حوالي سان جيڪو ڪجهہ هتي بيان ڪبو، اهو ورجاءُ هوندو. مون ڪي خصوصاً چوڻو اهو آهي تہ ڪيڏي نہ اتفاق جي ڳالهہ آهي جو سنڌين تي عوام ۾ غير مقبول سياسي اڳواڻن جي حوالي سان جيڪي بہ روسي ۽ پارٽي ايجنٽيءَ، علحدگي پسنديءَ وغيره بابت الزام آندا ويا، انهن مان هڪ ڪي بہ ثابت ڪرڻ جي جرئت اڄ ڏينهن تائين پاڪستان جي حاڪمن ۽ حڪمرانن ڪي نہ ٿي آهي. ايتريقدر جو جهور پوڙهو سنڌي سياستدان جي ايم سيد گذريل ڏهن مهينن ڪان نئين سر، پاڪستان ٽوڙڻ جي تهمت هيٺ نظربند

آهي، پر ڪيس عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي همت نہ ٿي ڪئي وڃي. پارٽي ۽ روسي ايجنٽي، علحدگي پسندي، دهشتگردي وغيره وغيره جهڙا الزام تہ سنڌين تي مڙهيا ويا، پر هاڻي شايد رب پاڪ سنڌين جي پاسي پيو وهي: پڪا پختا، سڌا سوان، سڳ سوڌو پڪڙيل پارٽي ايجنٽ ۽ علحدگي پسند تہ غلام مصطفيٰ کر ۽ ٻيا ڪيترائي صاحب اقتدار ماڻهو پنجاب جي حاڪم طبقن مان ۽ الطاف حسين پنهنجي دهشتگرد ٽولي سميت اردو ڳالهائيندڙن مان ظاهر ٿي پيا آهن. اذيت گهر، دهشتون، زوريءَ اوڳڙ، ڀتو، عقوبتون، ڪوس، هٿيارن جا ذخيرا، سنڌ (۽ اهڙيءَ طرح پاڪستان) کي ٽوڙڻ ۽ ان جو هڪ حصو ڇاٽايل دشمن نمبر پهرين جي حوالي ڪرڻ وغيره جا ذميوار تہ اهي آهن جيڪي حق پرستيءَ، جمهوريت پسنديءَ، امن- ۽ انسان-دوستيءَ جهڙن مقدس نعرن ۽ پاڪستان سان حبداريءَ جا ٽيڪا ڪنيو انهن جي آڙ ۾ سنڌين خلاف رڻ ٽپايو وينا هئا. الطاف جي آخري سَٽ تہ حاڪمن جي رڏڻي ۾ رولو وجهي ڇڏيو آهي.

- ۽ اهو سڀ ڪجهہ ظاهر ڪندڙ پاڪستاني حاڪمن ۽ حڪمرانن جي نظر ۾ سڀ کان وڌيڪ پروسي جوڳا ادارا آهن، جن کي جيڪڏهن ڪُوڙو سمجهيو وڃي ٿو تہ اهڙو اعلان ترت ڪيو وڃي.

اهو نواز شريف ئي تہ هو جنهن پنجابين جي ڀَڳ کي ٻاهر لڳڻ جا افواهہ اٿاري ۽ سازشون ڪري ووٽ ڦيرائي پنهنجي پاسي ڪرائي، هاڻي پڪو پاڪستان پرست ٿيو وينو آهي ۽ صوبائي خودمختياري وٺڻ لاءِ وڏا نعرا هڻي پنجاب ٻئنڪ ۽ پنجاب ٽي وي ناهڻ جي حد تائين تہ هُو ئي وڌي ويو هو. جيڪڏهن سنڌي، بلوچ، پناڻ ۽ بنگالي رڳو صوبائي خودمختياري جا حق گهرڻ جي ڏوهہ ۾ علحدگي پسند ۽ پارٽي ايجنٽ سڏيا پئي ويا، تہ نواز شريف پنهنجي ٽولي سميت ڇا سڏجڻ گهرجي؟

سنڌ ئي آهي، جتي اهو اڪيلو مثال پيش ڪري سگهجي ٿو تہ اتي قائم مقام وڏو وزير اهو ٿيو، جنهن جو لاڳاپو انهن سان هو جيڪي پاڻ کي سنڌي يا پاڪستاني سڏائيندي شرم ۽ بي عزتي ٿا محسوس ڪن. جيڪو ڪيترن ئي سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن (جيڪي پاڪستاني ۽ مسلمان بہ آهن) خلاف دهشتگردي، قتلام ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهي ۽ غداراڻو ڪردار ادا ڪندي پنهنجي ۽ سنڌ جي اهم غدارن تي جن جي سازشي ڪرتوتن ۽ بدنيتن جي ڪري سنڌ ۽ پاڪستان کي اهڙيون جنيون ۽ ڇنيون سهڻيون پيون آهن.

سنڌ ۾ گورنر ۽ ٻيا ڪيترائي سرڪاري عهدا عام طرح ۽ اڪثر ڪري انهن جي حوالي رهيا آهن جن جو واسطو سنڌ ڌرتيءَ سان ناهي، ڇا پنجاب ۽ پختونخواهہ ۾ اهڙو عمل برداشت ڪيو ويندو؟

بقول هڪ رٽائرڊ جنرل جي، جنهن سنڌ جو نمڪ بہ کاڌو آهي، سنڌ اسان کان بنگال جيتري پري ناهي، اتي جنهن وقت چاهيون ۽ جيئن چاهيون، پهچي سگهون ٿا، سنڌين جو وڏيرڪو طبقو ۽ سياستدان ويڪائو مال ۽ اسان جو غلام آهي ۽ اسان ئي مهاجر قومي موومينٽ ناهي آهي (جيڪا هٿيارن، دهشتگري ۽ اسان جي ٽيڪ جي زور تي سنڌين مٿان مڙهيل آهي)، ڪاڏي ويندا سنڌي!؟

ڇا پنهنجي ئي وطن جي هڪ ٽڪري ۽ ان جي رهاڪن ڏانهن رويو ۽ سوچ اهڙي رکي سگهجي ٿي؟ يا هيءُ ڪنهن ڌاري ۽ دشمن ملڪ جو ذڪر ڪيو پيو وڃي. جيڪي اهڙيون سوچون

رکن ٿا، ٻڌن ٿا، پالن ٿا ۽ پسند ڪن ٿا، انهن کي ڇا سمجهڻ گهرجي؟ ۽ جنهن علائقي ۾ ان جي ماڻهن ڏانهن اهو رويو رکن ٿا، انهن کي ڪهڙي حيثيت ڏيڻ گهرجي؟

ڇا اڃا به اها گهرج ناهي، ته پاڪستان جي تشريح بابت گهر ڪندي، پاڪستان جي حڪمرانن کي عدالت ۾ سڏايو وڃي؟

11. اهي پنهنجي ئي ملڪ جي ماڻهن مٿان فوجي مهمون ۽ مارشل لا، اهي دهشتگرد ۽ ٻاڙيتو قاتل، اهي وڪاڻل وڏيرا ۽ سياستدان، اهي سازشون، بدمعاشيون، ارهه زورايون، ڦرلٽون ۽ ٺڳيون، اهي ترڪتال ۽ تهمتون جڏهن سنڌ، سنڌي قوم ۽ عوام ڪي، انهن جي جدوجهد، جذبي ۽ سچائيءَ ڪي، سندن شرافت، تقدس ۽ ايمان ڪي ۽ انهن جي وطن دوستي، جمهوريت پسندي ۽ سامراج دشمنيءَ کي ڇيهاڻي، ڇتي ۽ لوڙائي نه سگهيون، تڏهن سنڌين جي ڳاتي ۾ هڪ ٻيو، واڌو ٽوڙهو وجهڻ لاءِ ”ڪقاتل پاڪستاني“ جو ڪتراڳ ڪرو ڪيو ويو آهي؟

انهيءَ ”ڪقاتل“ (اسٽرئنديڊ) جو مطلب ڇا آهي؟

اسٽرئنديڊ (Stranded) جو لفظي مطلب اهو آهي، ته ڪو ساهوارو، ڪنهن اڻ ڄاتل هنڌ ڪنهن اڻ ڏنل، اڻ ڪتيل آفت ۾ اڙجي، ان جي ور چڙهي وڃي. جيئن سمنڊ ۾ سير سفر ڪندي جهاز جو ڪنهن اوچتي طوفان ۾ ڦاسي، ڪنهن اڻ ڄاتل ٽڪريءَ سان ٽڪرائجي يا ڪنهن اڻ ڏٺل ڪُن ۾ اڙجي وڃڻ. سياسي-سماجي طرح اهو لفظ انهيءَ ماڻهو يا ماڻهن جي ٽولي لاءِ ڪم اچي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي ڏيهه مان ڪنهن ڪارج لاءِ ڏيساور ويو هجي ۽ پوءِ ڪنهن اوچتي مصيبت ۾ ڦاسي ويو هجي. اسٽرئنديڊ جي متبادل طور اردو ۾ محصور (گهيري ۾ ڦاٿل/آيل) ڪم آندو وڃي ٿو ۽ بهارين سان لاڳاپيو ويندو آهي. بهاري، اهي ماڻهو جن اڄ تائين موجود پاڪستاني نالي رياست ڪڏهن ڏٺي ئي ناهي. نه اتي ڄاوا نه نپنا، نه ان سان سندن ڪو واسطو ۽ وڙو، نه ڪڏهن ان ڪان ٻاهر ويا ۽ نه ئي وري ڪنهن اڻ ڄاتايل اوٽ ۾ ڦاٿا تن کي ڪيئن ٿو گهيري ۾ آيل ڪُڦاتل يا اسٽرئنديڊ سڏي سگهجي؟ اهي ته پاڪستانين، مسلمانن ۽ انسانن جا قاتل ۽ ڏوهاري آهن. ڇا ڪين خبر نه هئي ته قاتل، وحشيءَ، زانيءَ، چور، ڏاڙيل، بدمعاش ۽ غدار جو حشر ڪهڙو ٿيڻ گهرجي!

انهن قاتل بهارين جي انسانيت سوز ظلمن باوجود ڪين بنگلاديشي حڪومت وڏي دل ڏاري، انسانيت جي ناتي، ڪين ماڻهو ٿي رهڻ لاءِ، جيڪي آڇون ڪيون ۽ سهوليتون ڏنيون آهن تنهن نرم دل رويي کي ڏسندي اسين بنا ڪنهن هٻڪ جي چئي سگهون ٿا، ته بنگالي عوام ساڻن وڏا وڙ ڪيا آهن. هي بدمعاش ته ان لائق به نه هئا، جو سندن ڪو نالو نشان ڇڏجي ها. گهٽ ۾ گهٽ ڪين ڪيل ڏوهن جي واجبي سزا ته اوس ملڻ گهرجي ها، پر ڪين رهڻ، ڪمائڻ ۽ جيئڻ جي فراخدلاڻي آزادي ڏني وئي.

قومي اخبارون ۽ بهاري پرست دهشتگرد ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو لفظ به اڪثر ڪم آڻيندا آهن ۽ اهو آهي ”ڪئمپ/ڪئمپون ۾ محصور پاڪستاني!“

اڄ ڪلهه، سنڌ ۾ آپريشن ڪلين-اپ هلندي پڪڙجندڙ ڪجهه دهشتگردن جي گرفتاريءَ خلاف ”مظالم ڪي چَڪِي ۾ پستي هوئي مهاجر“ جهڙي لفاظي ڄاڙي بازي ۽ زٽاماريءَ ڪي ذهن ۾ رکندي، ”ڪئمپون ۾ محصور پاڪستاني“ بابت به سوچڻ گهرجي.

”ڪئمپ“ انگريزي لفظ آهي جيڪو ڪيترين ئي معنائن ۽ مفهومن ۾ ڪم اچي ٿو. ڪئمپ جي هڪ معنيٰ هيءَ آهي: اها جڳهه يا اهو ميدان يا علائقو جتي ماڻهو (سپاهي، اسڪائوٽ، ڪوچنا ڪندڙ، موڪل گذاريندڙ يا ڪنهن به خاص ڪم سان ويل ماڻهو) ڪجهه عرصي لاءِ تنبن يا جهوپڙين ۾ رهي. بهارين سان لاڳاپي هيءَ لفظ لکڻ جو مطلب سمجهڻ ڪو ڏکيو ناهي. سنڌن نيڪيدارَ اهو ٻڌائڻ گهرن ٿا ته هي بهاري ڪسمپرسيءَ ۽ بدحاليءَ ۾ خيمن، تنبن، لانڍين ۽ جهوپڙين ۽ عام شهري سهولتن کان وانجهيل ميدانن ۾ ڏوجهرن ڀري حياتيءَ جا ڏينهن ڏوري رهيا آهن. قاتل بهارين سان همدردي جا ڳڻ ڳائڻ لاءِ قومي اخبارون بنگلاديش جي پوئتي پيل وسندين جي پنئين پاسي جا ڪجهه فوٽو به ڇاپينديون آهن ۽ ايئن محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن ڄڻڪ هر بهاري اهڙن ئي گندن علائقن ۾ رهي پيو. اهو سڀ ڪجهه سراسر ڪوڙ آهي.

پوئتي پيل ملڪن ۾ هزارين اهڙن پاڙن، ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن (نگرن) جو ذڪر ڪهڙو ڪجي! تر ۽ ڪاڇي جو به ذڪر نه ٿا ڪريون، پر پاڪستان توڙي بنگلاديش جي هر وڏي شهر ۾ اهڙا سوين پاڙا موجود آهن، جتي عام شهري حياتيءَ جي سهولتن جو نالو نشان ئي موجود ناهي. هيرالڊ 1990ع جي خصوصي پرچي ۾ بهارين بابت جيڪا رپورٽ ڇپي هئي، ان مان نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته هزارين بهاري ڪروڙين بنگالين، ڌرتيءَ جي حقيقي وارثن جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ بهتر حياتي گذاري رهيا آهن. رڳو ڍاڪا، بنگلاديش ۾ موجود به بهاري ڪئمپون ڍاڪا جي بهترين سهولت مليل پاڙن مان هڪ آهن، جيئن ڪراچيءَ ۾ گلشن اقبال ۽ حيدرآباد ۾ هيرآباد --- پڪيون جايون، ويڪرا رستا، سٺيون سهولتون، روزگار جا هزارين موقعا وغيره. ڪئمپ ۽ ڍاڪا جي پاڙي ۾ وڏو فرق آهي. جنهن به ماڻهوءَ ڪي فضيلت سان رهڻو ۽ ايمانداريءَ سان ڏنتو ڪرڻو آهي، بنگالي هجي يا بهاري، بنگلاديشي حڪومت کو به فرق نه رکيو آهي، باقي جيڪي بدمعاش، چور، لُچ، ڏاڙيل، ٺڳ ۽ دهشتگرد آهن، جن لاءِ سڄيءَ دنيا جي هر ملڪ ۾ ڪا نه ڪا سزا مقرر ٿيل آهي، تن ڪي بهاري هجڻ ڪري آجو ۽ خدا جي ڪا خاص مراعات يافته مخلوق سمجهيو وڃي، اهو ممڪن ناهي. ان قسم جا مجرم ماڻهو اهڙن علائقن ڏانهن لڏڻ گهرن ٿا جتي قانون کان محفوظ رهي، جاوا ڪري سگهن ۽ ان لاءِ ڪين پاڪستان ۽ پاڪستان ۾ سنڌ جي ڪراچيءَ کان وڌيڪ محفوظ سياسي قلعو دنيا ۾ ٻيو ڪٿي به نظر نه ٿو اچي. ان ڪري ئي هت اچڻ گهرن ٿا ۽ ان ڪري ئي هتان جا قاتل، دهشتگرد ۽ نمڪ حرام ڪين هت گهرائڻ گهرن ٿا.

12. تازين خبرن موجب پارٽ جي بهار صوبي ۾ عام ماڻهن جي به حالت اها آهي، جو ڪوئا پڪڙي پيٽ جي باهه اجهائن ٿا. سياڻي انهن مان سوين، هزارين ماڻهو اها دعويٰ ڪري سگهن ٿا ته جيئن ته سندن ناني، چاچي، ماميءَ، ماسيءَ، جو فلاڻو ڪِي فلاڻو اولاد، جيڪو مائٽيءَ ۾ اسان جو فلاڻو ڪي فلاڻو ٿئي، پاڪستان ۾ گذريل اڌ صديءَ کان پاڪستاني ٿيو رهيو پيو آهي ۽ اسين (يا

اسان جا وڏا) پارٽي حڪومت جي ناروا ظلمن ۽ تشدد سبب اتي لڏي وڃي نه سگھياسون، پر آهيون دل وَ جان سان پڪا پاڪستاني، جن جي وڏڙن پاڪستان ناهڻ لاءِ پنهنجون حياتيون قربان ڪري ڇڏيون ۽ هاڻي اسين پاڪستان، پنهنجي جان کان پياري وطن ۾ وڃي رهڻ گھرون ٿا، پر ڇا ڪيون جو هتي محصور ٿي ڦاسي ويا آهيون جنهنڪري عالم انسان جي نيڪيدار لارڊ اينلس ۽ عالم اسلامي جي سربراهن ۽ پاڪستاني پائرن کي گھرجي ته اسان جي واهر ڪن ۽ پهر وهن، ته پوءِ پاڪستان جي حاڪم ۽ حڪمرانن وٽ ڪهڙو سبب هوندو جو ڪين ”پارت ڪِي ڪئمپون ۾ محصور پاڪستاني“ کان سواءِ ڪو ٻيو نالو ڏئي سگھن؟

بدقسمتيءَ سان سنڌين جي پٽيءَ ۾ آيا يا انهن جي ڪنڌ تي چڙهي ويا آهن قائم علي شاهه، محمد خان جوڻيجي، غلام مصطفيٰ جتوئي، ڄام صادق ۽ مظفر حسين شاهه جهڙا ليڊر. اهي سياڻي ڪهڙو جواب ڏيندا، ڪين محصور پاڪستاني سڏيندا يا نه؟

13. موجوده پارٽي سرحدن منجهه نام نهاد مذهبي جهيڙا گذريل ڏيڍ سَو سالن کان هلندا پيا اچن ۽ ڪنهن نه ڪنهن بهاني تيستائين جاري رهڻا آهن جيستائين رواداري، سهپ ۽ سيني لاءِ برابر مذهبي آزادي مجڻ بدران ڏڍي بندي ۽ ڪٽر عقيدي پرستي موجود آهي، جنهن جو هر پوئلڳ رڳو پنهنجي ئي دين، ڌرم يا فرقي کي حاڪم ۽ بالاتر ڏسڻ گھري ٿو. سياڻي جيڪڏهن پارت ۾ رهندڙ 26-ڪروڙ مسلمان (جيڪي پياري پاڪستان جي آباديءَ جي ٻيڻ کان به وڌيڪ آهن) سنڌ جي دهشتگردن ۽ بنگالي عوام جي قاتلن جيان اها دعويٰ ڪن ته اسان جي وڏڙن جي قربانين صدقي ۽ انهن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ ئي پاڪستان نهيو هو، اسان جا مٽ مائٽ هندن جي تشدد سبب پاڪستان لڏي ويا، پر اسين ڪافرن جي گھيري ۾ اڙجي هتي ئي ڦاسي رهجي ويا آهيون، تنهنڪري اسان کي ڪڦاتل پاڪستاني سڏيو ۽ سمجهيو وڃي ۽ ”دَبِ ڏِينو تي درخواست“ جيان مسلمان ملڪن جي سربراهن، ٻهارين جا پرڏيهي سرپرستن (جيڪي ان ڌنڌي ۾ ڪروڙين رپيا ڪمائي رهيا آهن) ۽ پاڪستان جي حاڪمن ڌانهن نياپن سنيهن جي ڊڙي لائي ڏين، ته پوءِ پاڪستان جي حاڪمن ۽ حڪمرانن وٽ ڪهڙو سبب هوندو ۽ ڪهڙي تشريح ڪري ڪين ڪڦاتل پاڪستاني نه سڏيندا؟

14. بلڪل ساڳيءَ طرح بنگلاديش جا سمورا بيروزگار ماڻهو ڪڦاتل پاڪستاني هجڻ جي درخواست داخل ڪري سگھن ٿا، پوءِ سرڪار وٽ ڪهڙو سبب هوندو، جو ڪين پاڪستاني نه سمجهي؟

15. پاڪستاني حاڪمن ۽ حڪمرانن تعليم تي سالياني خرچ جي ٻيڻ جيترا پئسا خانداني رٿابنديءَ جي پروپئگنڊا لاءِ سيڙائي رکيا آهن ۽ ڊيڄارين پيا ته 2015ع تائين پياري پاڪستان جي آبادي 24-ڪروڙ تي وينڊي ۽ ان جي ڪري آڏو ايندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ ممڪن نه هوندو. پيارو پاڪستان اڳ ئي منجهيل مسئلن جي ڄار ۾ ڦاٿو پيو آهي ۽ حاڪم وينا ايڊهاڪ بنيادن تي ڪم ٽپائين. سرڪار جي حالت اها آهي جو گذريل ڇئن سالن ۾ هڪ نوڪري به فضيلت واري رسمي طريقي سان نه ڏئي سگھي آهي. مهانگائي ڏينهون ڏينهن حرامخور ۽ گبر سينين جي پيٽن جيان

وڌندي پئي وڃي. ڪارو ڌن اڇو ٿي ويو. پرڏيهه مان پنڻ ۽ قرض وٺڻ کان سواءِ وک وڌائي نه ٿا سگهن. نفعيدار ڪارخانا نجڪاري جي ور چڙهي ويا ۽ بوگس فئڪٽريون قندو تي ڳاتي ۾ پئجي ويون آهن. هر سرڪاري توڙي نجي ڪاتي جي هيٺين سطح واري نوڪري ڪندڙن پاران هڙتالون ۽ احتجاج پيا هلن ۽ اهي بک ۽ اٽپورت واري حياتي گذارڻ تي مجبور ڪيا پيا وڃن. رڳو سترهين گريڊ ۾ نوڪرين وٺڻ جي لائق پر بيروزگار ماڻهن جون 75-هزار کان وڌيڪ درخواستون پهچن ٿيون، ته ان کان گهٽ سطح تي ڪهڙو حال هوندو، تنهن جو ڪاتو ڪرڻ ڏکيو ناهي. ڌاڙا، چوريون، ڦرلٽ، پتا، چندا، رشوت، ميتڪي ۽ منتلي ايترا ته وڌي چڪا آهن جو انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ فوج کي ميدان ۾ لاٿو ويو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ لکين بهارين جو ڪٽڪ گهرائڻ، ان کي پاڪستاني عوام جي ڪنڌ تي چاڙهڻ ۽ موجود مسئلن ۾ اجا به هترادو واڌارو ڪرڻ جو مقصد ڇا آهي؟ ڇا اها پاڪستان ۽ ان جي حقيقي قومن سان دشمني ناهي؟ اهڙن پاڪستان دشمن عملن جي ذميوارن کي آڏي پڇا هيٺ ڇو نه آندو وڃي؟

(هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي، ته هن وقت تائين پاڪستان سرڪار، بهاري پرستن يا ان جي مخالفن پاران، بهارين بابت پڪا انگ اکر نه ڏنا ويا آهن. گهٽ ۾ گهٽ سندن انگ ساڍا تي لک ۽ وڌ ۾ وڌ لڳ ڀڳ سورهن لک ڄاڻايو ويو آهي.)

16. (الف) سرڪار وڏي وات ٻٽاڪون پئي هڻي ته گهرائجندڙ بهارين کي پنجاب ۾ رهايو ويندو ۽ اتي ئي سندن روزگار وغيره جي مسئلن کي حل ڪيو ويندو. جيڪي پنجابين جي پڳ کي باهه يا داغ لڳي وڃڻ جا هاوانا پکيڙي، غيرت جي باهه اوڳاڇيندڙ مجسمو بڻجي، اکيون ڦوتاري ۽ ڳاڙهيون ڪري پنجابين کي روزگار جي ضمانت ڏيڻ جا ڊنڊورا ڏئي رهيا هئا، جو پنهنجي قوت کي پاڻي نه ڏئي سگهيا آهن؟ ڇا اها پنجابي عوام سان سراسر بدمعاشي، ٺڳي ۽ غداري ناهي؟ پنجابي ويچارا جيڪي پنهنجي گهر گهاٽ ۽ اوڙي پاڙي ته ڇا، پنهنجي صوبي ۽ ملڪ کان پري روزگار جي ڳولا ۾ ڌڪا ڪائيندا وتن، اڳ ۾ انهن جي روزگار ۽ رهائش جو بلو ڇو نه ٿو ڪيو وڃي؟ ڇا اهي سندن هم وطن ۽ پاڪستاني ناهن؟

جيڪڏهن لکين بهارين جي رهائش ۽ روزگار جو بلو ڪري سگهجي ٿو، ته پهريائين پنجاب مان خاص طرح سنڌ (جيڪا بيروزگاريءَ ۽ مسئلن جو بيتاب سمنڊ بڻجي وئي آهي) ڏانهن لڏي ايندڙ پنجابين جو بلو ڪري ڏيکاريو وڃي. ڇا پنجاب جي حاڪمن وٽ ايترا ۽ اهڙا وسيلا آهن جو پنهنجي ئي صوبي جي دائمي، فطري ۽ تاريخي رهاڪن کي پنهنجي ئي زمين تي سندن گهر گهاٽ ويجهو آباد رکي سگهي؟

سرڪار جي ان دعويٰ ۾ ڪجهه تون تڏهن نظر اچي ها جڏهن وٽن روزگار ۽ اجهي جا ايترا ته ججها وسيلا موجود هجن ها، جو پاڪستان جي ٻين صوبن ئي نه، پر ٻين ڏيهن کان به ماڻهو روزگار جي ڳولا ۾ اتي (پنجاب) اچن ها --- پر گنگا ته ابتي پئي وهي! سرڪار جي دعويٰ تي پروسو ڪري سگهجي ٿو؟

(ب) اها ڪهڙي ضمانت آهي جنهن جي بنياد تي مڙهجندڙ بهارين کي پنجاب ۾ ئي رهڻ تي مجبور ڪري سگهبو؟ ڇا کين جدا نموني جو پاسپورٽ ۽ سڃاڻپ ڪارڊ ڏنو ويندو؟ ڇا پنجاب جي

رهاڪن کان سنڌ ۾ اچڻ جو سبب پڇي سگهبو؟ ڇا سنڌ جي سرحدن تي چوڪيون مقرر ڪيون وينديون جتان اڪرندي ڪائنڻ آڏي پڇا تي سگهندي ۽ غير قانوني ۽ ناجائز طرح سرحد پار ڪندي ڪين پڪڙي سزا ڏئي سگهبي؟ يا، ڇا انهن جي نراڙ تي پنجاب جو رهاڪو بهاري لکيل هوندو؟ نيٺ اهو ڪهڙو طريقو آهي، جنهن وسيلي مڙهجندڙ بهارين کي سنڌ ڏانهن اچڻ کان جهلي سگهبو؟

(ث) گذريل 50 سالن دوران جيڪي حاڪم ۽ حڪمران سرحد بندين، چوڪين، فوجن، ايجنسين ۽ پوليس جي زبردست پهري ۽ طاقت باوجود غير قانوني ايندڙ لکين ڌارين کي پاڪستان منجهه اچڻ کان جهلي نه سگهيا ( ۽ نه ئي ڪڏي سگهن ٿا) ۽ ڄاتل سڃاتل پنجن دهشتگردن کي 22-ايجنسين جي سهڪار باوجود پڪڙي نه ٿا سگهن (۽ انهن جي گرفتاري لاءِ لکين رپين جي لالچ وارا پوسٽر ۽ اشتهار پيا ورهائن)، اهي ڪيئن ڪو اهڙو (۽ ڪهڙو!؟) طريقو ٺاهي سگهندا جنهن وسيلي مڙهجندڙ بهارين کي سنڌ ۾ اچڻ کان جهلي سگهجي، جڏهن ته انهن جا عزيز مائٽ اڳ ئي لکن جي ڳڻپ ۾ سنڌ جي مختلف حصن تي قبضيگير نيت رکندي رهيا پيا آهن ۽ وينا دهشتگرديون، سازشون ۽ قتلام ڪن.

(ج) سڄاڳ سنڌي ماڻهو سمجهن ٿا ته بهارين کي گهرائي هتي مڙهڻ نه رڳو سنڌ، پر پاڪستان سان به دشمني آهي. هي اهي ئي ته آهن جن اختيار نه هوندي به قانون کي هٿ ۾ ڪنيو ۽ انهن ماڻهن سان بي پناهه ۽ اڻ ڳڻيا ظلم ڪيا جيڪي هم مذهب (مسلمان)، هم وطن (پاڪستاني) ۽ سندن محسن هئا. انهن پنجاهه لک بنگالين جو ته رڳو ڪوس ڪيو آهي ۽ ٻيا ڏوهه ڌار. مٿن خونن، زنائن، ڌاڙن، چورين، ڦرلٽن، سازش ۽ ملڪ ۽ قانون سان غدارين جا لکين ڪيس پوڻ ۽ انهن موجب واجبي سزائون ملڻ گهرجن. پاڪستان جي وڏي آباديءَ واري اڌ کي تباهه ڪرڻ ۾ سندن به هڪ وڏو حصو آهي. اهي ملڪ جا غدار ۽ انسانن جا دشمن آهن.

سندن مائٽ جيڪي پڻ ڪائنڻ هر بچڙائيءَ ۾ به وڪون اڳڀي آهن، انهن جي سيني ڏوهن جو ذڪر ته محض ورجاءُ هوندو، پر اهي به پاڪستان کي ٽوڙڻ ۽ ان جو هڪ حصو ڀارت جي حوالي ڪرڻ جي بدنيت رکيو وينا هئا ۽ ان لاءِ ئي دهشتگردي ۽ ڪوس جي بازار گرم ڪري رکي هئي. (اهڙا ثبوت پاڻ فوج پڌرا ڪيا آهن)، هي به ملڪ جا غدار ۽ انسانن جا دشمن آهن.

جڏهن ٻئي پاڻ ۾ ملي ويا، ته باقي بچيل پياري پاڪستان جو ڇا ٿيندو؟

17. جيڪڏهن پاڪستاني حاڪمن ۽ حڪمرانن پنهنجي ملڪ ۽ عوام سان غداري ۽ دشمني ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري ئي ورتو آهي ۽ پنهنجي چونڊ موجب بنگالي عوام جا قاتل گهرائي پنجاب (خصوصاً سرائيڪين) جي ڪنڌ تي سوار ڪرڻا ئي آهن ۽ سنڌ ڏانهن انهن جي اچڻ کي روڪي به سگهبو ته پوءِ هڪ ئي طريقو باقي وڃي بچي ٿو ته:

- سنڌ حڪومت پنهنجو اقتدار اعليٰ رکندڙ (سوورين، sovereign) هجي، ۽ سنڌ جي سرحدن جي سنڀال سنڌ حڪومت جي حوالي هجي. سنڌ جي پنهنجي، خاص طرح وطن دوست سنڌين تي ٻڌل ملٽري ۽ پوليس هجي، جيڪي سرحدن ۽ گهريلو قانوني مسئلن جي سنڀال ڪري سگهن. سنڌ جا

پنهنجا ڏيهي قاعدا ۽ قانون هجن ته جيئن سمگل ٿي داخل ٿيندڙ ناجائز ۽ غير قانوني پرڏيهين کي جهلي، بند ڪري، سزا ڏئي ۽ موٽائي سگهجي. سنڌ جو سِڪو مخصوص هجي جنهن جي متاستا سنڌ ۾ ئي ٿي سگهي ته جيئن جيڪو ناڻو سنڌ کان ٻاهر موڪليو وڃي اهو هر حالت ۾ سنڌ حڪومت جي ڄاڻ ۾ اچي. سنڌ ۾ ڳنڍيپ جا وسيلا (هوائي، ساموندي ۽ خشڪيءَ جا رستا، ۽ انهن تي هلندڙ سموري ٽرئفڪ، ٽيليفون، ريڊيو وغيره) سنڌ حڪومت جي نگهباني هيٺ هجن، ۽ ٻيا ضروري اپاءَ جيڪي سنڌ حڪومت مناسب سمجهي.

پاڪستان جا حاڪم ۽ حڪمران جيڪڏهن اکين تي پٽي ٻڌي انڌ جي گهوڙي تي سوار نه ٿيا آهن، ته کين ملڪ جي ۽ عوام جي ڀلائيءَ بابت ڀيهر سوچ ويچار ڪرڻو پوندو.

اسيمبلي ميمبرن، قانوندانن، سياستڪارن ۽ سرنديءَ وارن سنڌ جي گهٽگهرن کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ڪيس داخل ڪرڻ گهرجن، جنهن ۾ پاڪستان جي حڪمرانن کان پاڪستانيءَ جي وصف ۽ وضاحت گهري وڃي ۽ جيستائين اهي ڪا واضح، مناسب ۽ قابل قبول وصف ۽ وضاحت بيان ڪن، تيستائين پاڪستان کان ٻاهر، هڪ هزار ميل پري، هڪ ٻئي ملڪ بنگلاديش ۾ اتي جي رهاڪن لاءِ ٺهندڙ ناجائز پاڪستاني پاسپورٽن خلاف اسٽي آرڊر ورتو وڃي (۽ يقيني بڻايو وڃي ته ان تي عمل ٿئي پيو). ٻئي پاسي، جيڪڏهن پاڪستاني حاڪم ۽ حڪمران سنڌ جي آواز ۽ احتجاج کي عزت ڏيندي بهارين جي آبادڪاري کان مُڙي وڃن (جيڪو في الوقت ناممڪن لڳي ٿو) پوءِ ته واهه واهه، پر جي هرويرو نه ٿا مڙن ۽ کين پنجاب ۾ محدود رکڻ گهرن ٿا، ته اهڙين ضمانتن جو بندوبست ڪرائي ورتو وڃي، جنهن موجب انهن کي سنڌ ۾ اچڻ ۽ آباد ٿيڻ تي ناجائز ۽ غير قانوني سڏي ۽ سمجهي، اهڙن ناجائز ۽ غيرقانوني ڌارين کي واجبي سزائون ڏئي، سنڌ مان تڙي ڪڍي سگهجي، ۽ اهو پڻ واضح ٿيڻ گهرجي، ته ڌارين کي پاڪستان (يا سنڌ) ۾ گهرائڻ سنڌ ئي نه، پر پاڪستان سان دشمني ۽ غداري آهي.

(جاڳو، 3-ڊسمبر 1992ع کان 6-ڊسمبر 1992ع تائين،
ڇئن قسطن ۾ ڇپيل)

## قاتل بهاري سنڌ مٿان ڪاهيندا پيا اچن بهاري روڪيو- سنڌ بچايو

سنڌ مٿان نئين ڪاهه جاري آهي. بنگلاديش مان قاتل بهارين جا ڪٽڪ سنڌ تي ڪڙڪي رهيا آهن. سنڌي ماڻهو ڇا هن ڌاري لشڪر جو مڙس ٿي مقابلو نه ڪندا؟

اڳوڻي زماني ۾ ٻه قبيلن، قومن ۽ ملڪن تي ڪاهون ۽ چڙهايون ٿينديون هيون ۽ هاڻي به ٿين پيون. اڳوڻي زماني ۾ ههڙي ڪاهه جو ٻڌي جبلن جي چوٽين تي وڏا مچ ٻاري سڄي قبيلي کي خبردار ڪيو ويندو هو ۽ مقابلي لاءِ گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏنو ويندو هو. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تيز رفتار قاصد ڊوڙندا هئا. جيڪي جتي هوندا هئا اهي اتي پنهنجا ذاتي سڀ ڪم ڇڏي، ڪلي ڪوڏيا ٿي، دشمن سان مقابلي لاءِ جنگ جي ميدان ڏانهن ڊوڙندا هئا ۽ سيني کي للڪاريندا هئا. ڪونٽر ڪنڊ ڪپائي ديس ۽ قوم تان سر گهوري سرها ٿيندا هئا يا نيٺ دشمن کي ماري مڃائيندا هئا. ستين، هون، آريا، يوناني ۽ ايراني ڪاهه ڪندڙ ڪٽڪ جڏهن سنڌ تي ڪڙڪيا، تڏهن سنڌين حملي جي خبر ٻڌڻ شرط ائين ڪيو. هنن ڪڏهن کٽيو ته ڪڏهن هارايو، پر ائين ڪڏهن به ڪو نه ٿيو ته حملو ٿئي ۽ ان جو سنڌين پاران ڪو به مقابلو نه ٿئي.

سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ ۾ اڄ پهريون ڀيرو هڪ رهزن ۽ قاتل ڪٽڪ سنڌ تي بنا مقابلي چڙهي رهيو آهي. اڄوڪي دَور ۾ ٻي ڪنهن قوم تي اهڙي خطرناڪ دشمن جي ڪاهه ٿئي ها، ته هڪدم خطري جا گهگهو وڄي وڃن ها، فوراً هنگامي حالتن جو اعلان ڪيو وڃي ها، پارليامينٽ گڏ ٿئي ها، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان قومي گيت وڄن ها، قوم کي مقابلي لاءِ للڪاريو وڃي ها ۽ هٿياربند فوجن کي هوشيار رهڻ جو حڪم ملي ها، پر هيڏنئر ائين پيو لڳي ڄڻڪ ڪجهه به نه ٿيو آهي، سڀ خير آهي!- اها حالت نه هئڻ گهرجي.

بهاري انهن لکين قاتل ماڻهن جو ٽولو آهن جن پنهنجي خوني، وحشي ۽ گندي فطرت جي ابتدا ان ئي ڌرتي تي ڪئي جنهن تي جاوا، نپنا ۽ وڏا ٿيا. پاڪستان نهڻ کان اڳ اهي ڀارت ۾ بهار صوبي جا رهاڪو هئا جتي انهن پنهنجن جهيڙن کي مذهبي رنگ ڏئي پنهنجي ڏيهه واسين کي وحشين جيان ڪُهڻ شروع ڪيو ۽ هزارين مائرن جون جهوليون اجاڙي، پيئرن کي نپٽو ڪري ۽ ٻارڙن جا وڏا کهي کين چورو چنو ۽ يتيم ڪري ڇڏيو. نيٺ اتان ڌڪجي ۽ ڌڪارجي نڪري ويا ۽ وڃي بنگال (هاڻوڪي بنگلاديش) ۾ رهيا.

انهن جهڙا، انهن جا ڀيا ڀائر، ڀارت جي بين علائقن کان ڀڄي اچي سنڌ ۾ ڀهتا ۽ اچڻ سان ئي سنڌ جي پيداواري وسيلن ۽ شهرن تي ائين ڪڙڪيا جيئن ڪنهن فصل تي مڪڙ، ۽ پهرين سَٽ ۾ پناهه ڏيندڙ محسن سنڌي ماڻهن کي جاهل، ڄٽ ۽ گنوار سڏي سنڌي ٻولي کي ڪورٽن، دفترن ۽ يونيورسٽين مان ڪيرائي سنڌ کي ون-يونٽ جي زنجيرن ۾ جڪڙائي ڇڏيائون.

اهو ساڳيو ڪم بنگال ۾ بنگالي قوم خلاف قاتل بهاري ڪندا رهيا. بنگالين کين پنهنجي ڌرتيءَ تي پناهه ڏني، پر هنن جلادن موٽ ۾ اهو اجورو ڏنو جو سادن، سٻاجهن، سچار ۽ سلڇڻن بنگالين کي جاهل، ڄٽ، گنوار، اسلام دشمن، پاڪستان دشمن، علحدگي پسند ۽ ڀارت جو ايجنٽ سڏي قتل ڪرڻ شروع ڪيو. بنگالين کان سندن ٻولي کسڻ جو ڪوشش ڪئي ۽ کين ثقافتي طرح غلام بنايو. بنگالي عوام جڏهن به پنهنجن ڦريل قومي حقن کي موٽائي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن قاتل بهارين پنجابي-پناهگير ڦورو طبقن جو ساٿ ڏيندي انهن جي دلال ۽ پاڙيتو فوجيءَ جو ڪم ڪيو ۽ بنگالي عوام جي هر حق پرست جدوجهد کي پٺيءَ ۾ خنجر هنيو. 1970ع

۾ بنگالي عوام جڏهن پنهنجن قومي ۽ جمهوري حقن لاءِ آواز پئي اٿاريو، تڏهن هڪ پاسي پنجابي-پناهگير ڦورو حڪمرانن مٿانئن فوجي ڪاهون پئي ڪيون، ته ٻي پاسي هي قاتل بهاري نه رڳو انهن فوجين سان گڏ هئا، پر انهن جماعت اسلامي جي جهنڊي هيٺ "الشمس" ۽ "البدر" جهڙيون قاتل، رهزن، انسان دشمن ۽ نيم فوجي تنظيمون ٺاهيو، بنگالي عوام جو ڪوس پئي ڪيو. اهي قاتل بهاري ئي هئا جن ڪڏڪندڙ بنگالي ٻارڙن جي سينن ۾ سنگينون ٺُنبي مٿي ڪنيو. ٽن لکن کان وڌيڪ بنگالي عورتن ۽ نياڻين جا ارهه ڪَپيا ۽ سندن لڄون لٽيون ۽ مجموعي طرح ٽيهه لک بنگالي ماڻهن --- مردن، عورتن توڙي ٻارڙن --- جو قتل عام ڪري چنگيز، هلاڪو ۽ هٽلر جي بربريت ۽ ظلم کي به مات ڏئي ڇڏي. هنن بهاري قاتلن جا خوني چنبا بنگالي عوام جي رت سان رڱيل آهن ۽ سندن ٻُوٿن تي سامراجي گند ۽ ڪِنُ ڦقيو پيو آهي.

گذريل چاليهن سالن کان سنڌ ۽ سنڌين جي وجود خلاف جيڪي سازشون ٿي رهيون آهن، سنڌين کي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي حقير ٿورائي (اقليت) ۾ بدلائڻ جا جيڪي ڪڌا ڪرتوت پيا ٿين، انهن سازشن ۽ ڪرتوتن ۾ پنجاب ڦورو طبقن سان گڏوگڏ پناهگير ڦورو ٽولو به اڳ اڳرو رهيو آهي. بهارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ دراصل سنڌ ۾ سنڌين کي ٿورائيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي مڪروهه ۽ خوفناڪ سازش آهي.

سنڌ مٿان اڳ ئي ٻين صوبن ۽ ملڪن کان ايندڙ ڌارين ماڻهن جو ڳرو بار آهي. سنڌ جي معيشت تباهه ٿيندي پئي وڃي. سنڌين کي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي روزگار نه ٿو ملي، سنڌين کي پنهنجن اباڻن پَڊن ۽ شهرن ۾ اوپرو ڪيو ويو آهي، ڪڏهن فوجون پيون گوليون وسائن، ته ڪڏهن ڪٽر پناهگير پرست سنڌ دشمن ٽولي جا دهشتگرد داداگير ٿا سنڌي ماڻهن کي ڪُهن ۽ ساڙن.

ڪٽر سنڌ دشمن پناهگير دهشتگرد ٽولو ۽ سندس ڳجها توڙي پڌرا حواري، بنگالي عوام جي قاتل بهاري لوڌ کي سنڌ ۾ آباد ڪرائي، هڪ طرف پنهنجي ڳَٽپ ۽ دهشتگرد قوت کي وڌائڻ گهري ٿو، ته ٻي طرف سنڌين کي ٿورائيءَ ۾ تبديل ڪري سنڌ جي شهرن ۽ پيداواري وسيلن تي دائمي طرح قابض ٿيڻ گهري ٿو. جيڪي بهاري پنهنجي تاريخي اباڻي ڌرتي --- بهار --- ۾ امن ۽ سُڪون سان رهي نه سگهيا، جيڪي گذريل چاليهن سالن کان بنگال ۾ رهندي پنهنجا مفاد ان ڌرتيءَ جي رهاڪن سان ڳنڍي، ان ڌرتيءَ جي محسن ماڻهن جا خيرخواهه نه ٿي سگهيا، سي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان جيڪي ڀلايون ۽ ڀال ڪندا، انهن جو اندازو هر ماڻهو ڪري سگهي ٿو.

چار لک بهارين ٽيهه لک بنگالين جو ڪوس ڪيو ۽ انهن جي ڪربين رپين جي ملڪيت کي باهيون ڏنيون. هتي سنڌ ۾ انهن جي خيرخواهه ساٿي ۽ ڪٽر پناهگير پرست دهشتگرد ٽولن سنڌي عوام سان جيڪي ويل وهايا آهن، اهي ڪنهن کان به لڪل ناهن. جيڪڏهن انهن دهشتگرد ٽولن سان بهارين جهڙا قاتل وحشي درندا به ملي ويا، ته سنڌين جو حشر ڇا ٿيندو، اهو سڀ ڪو سمجهي سگهي ٿو.

سنڌ اڳي ئي ڌاري آباديءَ جي زبردست دٻاءَ هيٺ آهي ۽ انيڪ سياسي، سماجي، معاشي، اقتصادي، ثقافتي ۽ نفسياتي مسئلن جو شڪار آهي. سنڌ ۾ بک ۽ بيروزگاري عام ٿي چڪي

آهي. ٻئي پاسي ٿر ۽ ڪوهستان ۾ زبردست ڏڪار آهي ۽ مجموعي طرح سنڌي ماڻهو بک ۽ بيوسي ۾ مبتلا ڪيا ويا آهن. هاڻي سنڌ ڪنهن به طرح ڌاري آباديءَ جي دٻاءَ کي سَهي نه ٿي سگهي. سنڌي ماڻهو اڳ ئي ڌارين کي هتان ڪيڻ لاءِ جدوجهد پيا ڪن ۽ سنڌ ۾ ڌارين جي يلغار کان بيزار آهن. ڌارين کي هتان ڪيڻ بدران، اٿلو، هي قاتل بهاري ڪٽڪ اچي رهيا آهن. سنڌ دشمن ۽ سنڌي دشمن اردو پريس انهن کي ”محصور پاڪستاني“ يا ”جلاوطن پاڪستاني“ جهڙا ناجائز نالا ڏئي کين سنڌ ۾ آباد ڪرائڻ لاءِ ماحول سازگار بنائي رهي آهي.

جن ماڻهن پاڪستان جي ڌرتيءَ کي ڏٺو ئي نه آهي، جن جو پاڪستان جي ڪنهن به علائقي يا حقيقي قوم سان ڪو به تاريخي ناتو ناهي، جن جو پاڪستان جي ڪنهن به علائقي يا وسيلي تي ڪو به تاريخي حق نه آهي، اهي ڪيئن ٿا پاڪستاني سڏي سگهجن!؟

بهاري ڪنهن به طرح پاڪستاني ناهن. اهي يارت کان پڳل وحشي، قاتل، جلاد، رهزن ۽ فرعون صفت دهشت گرد آهن، جن بنگالي عوام جي رت سان هولي کيڏي ۽ هاڻي سنڌ ۾ راڳا ڪرڻ لاءِ گهرايا پيا وڃن.

جيڪڏهن سعودي يا لبيا حڪمران ٽولي کي سنڌن مسلمان هجڻ سان همدردي آهي، ته انهن کي سنڌ مٿان مڙهڻ ۾ مدد ڇو پيا ڪن ۽ پنهنجن ملڪن ۾ آباد ڇو نه پيا ڪن!؟

ڇا سنڌ ڪو بين الاقوامي يتيم خانو آهي، جو پنهنجي ڌرتيءَ جو ڌڪاريل غدار جتان ٿو ٽڙجي، ته ڏو اچيو سنڌ ۾ ڪري؟ برمي، سيلوني، افغاني، ايراني يا پارٽي ياجوڪڙ جڏهن به پنهنجي وطن سان غداري ڪرڻ سبب تڙيو ويو آهي، تڏهن ان جو رخ سنڌ ڏانهن ئي رهيو آهي، ڇو؟ ۽ سمورن ڌارين جو اهو ئي سنڌ دشمن ارادو پئي رهيو آهي، ته پل ڌڪاريل ڌاريا سنڌ ۾ آباد ٿين، ڇو؟

پنجابي-پناهگير ڦورو طبقن پنهنجي فوجي ۽ سازشي قوت ۽ غدار سنڌي وڏيراشاهيءَ جي مدد سان هر تڙيل ۽ غدار ڌاريي کي سنڌ مٿان پئي مڙهيو آهي.

سنڌي ماڻهوءَ هاڻي پنجابي-پناهگير ڦورو طبقن، سنڌن عالمي آقائن ۽ ڏيهي غدارن جي بدمعاشين کي پرکي ورتو آهي ۽ ڪنهن به ڌاري ڦوروءَ کي سنڌ مٿان مڙهجڻ نه ڏيندو.

سنڌي عوام جي سجاڳيءَ کان ڊڄي سازش ڪري ائين به چيو وڃي ٿو، ته بهارين کي پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ آباد ڪيو ويندو.

سڀ کان پهرين ڳالهه، ته جڏهن اهي قاتل بهاري ”پاڪستاني“ آهن ئي ڪو نه، ته پوءِ کين پاڪستان ۾ ڇو گهرايو وڃي؟

ٻي ڳالهه، ته اهي چاليهن سالن کان بنگال ۾ رهن پيا ۽ اتي جي حڪومت کين اتي ئي رهائڻ لاءِ تيار آهي، پر ان شرط تي ته ان ڌرتيءَ جا وفادار ۽ شريف شهري ٿي رهن، ته پوءِ پاڪستان آڻڻ جو ڪهڙو سبب؟

ٽين ڳالهه، ته پاڪستان جي هاڻوڪي ڍانچي ۾ اها ڪهڙي ضمانت آهي، ته اهو وحشي ٽولو سنڌ ۾ نه ايندو، جڏهن ته پاڪستان جا ٻيا صوبا انهن کي پاڻ وٽ ٽِڪائڻ لاءِ تيار به نه آهن. پاڪستان جا ٻيا صوبا ته پنهنجن اصلوڪن رهاڪن کي به پاڻ وٽ ٽڪائي نه ٿا سگهن ۽ انهن جا

رهاڪو روزانو ريل گاڏيون ڀريو سنڌ مٿان ڊوڪيندا پيا اچن. ڇا اهو ممڪن هوندو، ته ٻهاري اتي ئي رهن ۽ سنڌ ڏانهن نه اچن؟

چوٿين ڳالهه، ته ٻهارين جا تاريخي ساٿي، سنڌن پلارا پائر، گذريل چاليهن سالن کان سنڌ ۾ وينا آهن ۽ سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ماڻهن کي خاص طرح سنڌ جي وڏن شهرن مان قطعي تڙي ڪڍڻ ۽ پنهنجو دائمي قبضو ڄمائڻ لاءِ کلي عام دهشتگردي، داداگيري، ڪوس، قتلام ۽ ڦرلٽ تي لهي آيا آهن. هاڻي ته انهن ”سنڌي مهاجر ڀائي ڀائي“ جو نقاب به لاهي ڦٽو ڪيو آهي ۽ انهن وحشين کي ئي هنن وحشي ٻهارين جي گهرج آهي ۽ سنڌن ڪاڏو پيتو، خرچ ڪپو ۽ رهائش جو بار کڻڻ لاءِ تيار آهن. ڇا اهي چاهيندا ته سنڌن ظاهري طرح ميسٽا ۽ حقيقت ۾ پائر ڪنهن ٻي صوبي ۾ رهن؟

رڳو هڪ ڀيرو اهي قاتل ٻهاري هيڏانهن اچن، ٻئي ڏينهن اهي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ نظر ايندا.

حقيقت هيءَ آهي ته قاتل ٻهارين کي رڳو ان لاءِ گهرايو پيو وڃي، ته جيئن سنڌي عوام جي اسريل قومي شعور ۽ انقلابي قوت کي ڪاپاري ڌڪ هڻي سگهجي ۽ سنڌي ماڻهن کي ٿورائي ۾ تبديل ڪري سنڌ ۾ ڌارين جي دهشتگرد قوت ۽ ڳٽپ کي وڌائي سگهجي.

سنڌيو!

- ٻهارين ۽ ٻين صوبن (خاص طرح پنجاب) ۽ ٻين ملڪن کان ڌاريا گهرائي، ڌارين کي گهڻائيءَ ۽ سنڌين کي ٿورائيءَ ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي،
- اسان جا قيمتي ۽ املهه وڏا شهر اسان کان ذري گهٽ کسجي چڪا آهن،
- اسان جي سرسبز ۽ آباد زمين جو اٽڪل ٽيون حصو ۽ لڳ ڀڳ سمورا پيداواري وسيلا ڌارين جي ناجائز قبضي هيٺ آهن،
- سنڌي ماڻهو پنهنجن ئي وڏن شهرن ۾ ڪُسجي رهيا آهن ۽ ننڍن شهرن ۾ به سنڌن مال ۽ جان محفوظ ناهي،
- سنڌي ٻوليءَ کي ذري گهٽ ڏيهه نيڪالي ملي چڪي آهي، وڏن شهرن ۾ سنڌي ٻولي پڙهائڻ بند ڪئي وئي آهي ۽ ننڍن شهرن ۾ بند ڪرڻ جون تياريون ٿي چڪيون آهن ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ڪنهن به ٻوليءَ کي جيڪي حق ملڻ گهرجن، اهي سنڌي ٻوليءَ کي ملڻ بدران ڌاري ٻوليءَ کي ڏنا ويا آهن.

سنڌيو، ياد رکو ته:

- فلسطين ۾ فلسطينين سان به ڀرپائين ايئن ئي ٿيو هو ۽ پوءِ يهودين پنهنجي گهڻائيءَ جي زور تي فلسطينين کي پنهنجي ئي تاريخي ملڪ مان تڙي ڪڍيو ۽ فلسطيني اڄ ڏينهن تائين رت روئيندا پيا رهن ۽ ٻمن ۽ گولين جي وسڪاري هيٺ پسم ٿيندا رهن ٿا.
- آمريڪا ۾ به، اتي جي اصلي رهاڪن (ريڊ انڊين) سان ايئن ئي ٿيو. ٻاهران آيل ڌارين دهشت، داداگيري، بارود ۽ ٻمن جي زور تي ريڊ انڊين کي ماري تباهه ڪري رُڃ ۾ رلائي ڇڏيو.

سنڌيو! ڪجھ سوچيو، تہ جڏھن پاٽي پڳ ڪان متي چڙهي ويو، تہ پوءِ سنڌين جو ڇا ٿيندو؟ سنڌي اقليت ۾ بدلجي ويا، تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟

اهي بهاري قاتل ۽ جلاد آهن، وحشي ۽ درندا آهن، انساني روپ ۾ خوني بلا آهن، هنن جو وجود بي حيائي، نمڪ حرامي ۽ غداريءَ جي خمير مان نهيل آهي، هنن جو پير نحوست ۽ نياڳ جي نشاني ۽ قتل عام جو پروانو آهي، هنن جو ذهن مڪر، فتني ۽ فساد جو ڪورو آهي، اهي هلاڪو، نادر شاهہ ۽ هٽلر جو ناپاڪ ۽ نجس روحاني تخم آهن، اهي سنڌ لاءِ فساد، خون، موت ۽ تباهيءَ جو پيغام آهن، اهي هڪڙي مظلوم قوم (بنگالي قوم) ڪي رت ۾ وهنجاري، هاڻي ٻي مظلوم ۽ ماريل سنڌي قوم ڪي تباھہ ڪرڻ پيا اچن، اهي پناهگير دهشتگردن جا اهي ساٿي آهن جيڪي سنڌين ڪان سنڌ کسي، پرمار ڦورو قاتلن ڪي سنڌ جو وارث ۽ آقا بنائڻ گهرن ٿا. بهارين جي اچڻ سان سنڌ سنڌين جي ڪوس گهر ۾ بدلجي ويندي، سنڌي پنهنجي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ بدلجي ويندا ۽ سنڌين جو حشر ريڊ انڊين ۽ فلسطينين ڪان بہ بدتر ٿي ويندو. چوطرف خونريزي ٿيندي ۽ هن ڌرتيءَ جو رهيو کهيو امن ۽ سڪون بہ برباد ٿي ويندو.

سنڌيو! ڇا توهان اهو سڀ ڪجھ ٿيڻ پسند ڪندَو؟

ڇا لکين سنڌين آڏو ڌرتيءَ جا قاتل سنڌ ۾ داخل ٿي ويندا؟

ڇا سنڌ ڪي بيروت ۽ سنڌين ڪي ريڊ انڊين بنجڻو پوندو؟

ڇا سنڌي ماڻهو پنهنجي مقدس ڌرتيءَ تي بهارين جي ناپاڪ ۽ قاتل وجود ڪي برداشت ڪري سگهندا؟

ڇا سنڌي ماڻهو اهو چاهيندا، تہ سندن عظيم سون-ورني ڌرتيءَ ڪي قتل گاهہ ۾ تبديل ڪيو وڃي؟

ڇا هوشو، هيمون، دودي ۽ فاضل جا وارث، لطيف، سچل ۽ ساميءَ جا پوئلڳ، قاتل بهارين ڪي سنڌ ۾ آڻڻ ۽ سنڌ ۾ بنگال وارو خوني ڊرامو ورجائڻ جي موڪل ڏيندا؟

جي نہ، تہ پوءِ:

اوهين سڀ جيڪي سنڌي آهيو،

جيڪي هاري، مزدور ۽ شاگرد آهيو،

وڪيل، ڊاڪٽر، اديب ۽ دانشور آهيو،

پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، شهري توڙي ڳوٺاڻا، ننڍا توڙي وڏا آهيو، اوهين سڀ جيڪي سجاڳ، سمجھدار ۽ قومي غيرت رکندڙ آهيو،

اچو تہ احتجاج بنجي اٿون،

اچو تہ قاتلن خلاف، درندن خلاف، وحشين ۽ ظالمن خلاف للڪار بنجي اٿون، پاڻ ۾ ٻڌي ڪريون، منظم ٿيون ۽ جدوجهد ڪريون. فتح حق جي ٿيندي، سوڀ حق پرست سنڌي عوام جي ٿيندي.

(پمفليٽ طور لکيل مواد)

## سنڌ جون گَهڻ گُهريون ڌريون
## دهشت گردن کي ڪيئن منهن ڏين؟

ڪو بہ ماڻهو دهشتگرديءَ کي پسند نہ ٿو ڪري، سواءِ انهن جي، جن جا غليظ مقصد دهشتگرديءَ کان سواءِ پورا نہ ٿيندا هجن. دهشتگردي امن امان ۽ 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' جي فضا کي ختم ڪري ڇڏي ٿي، دهشتگرد قاتل ٿو ٿئي: هٿيارن جي زور تي ماڻهن کي دٻائي، هِيسائي ۽ ڊيڄاري پنهنجي غلائيءَ هيٺ رکي ٿو: ماڻهن کي ڪهي، ماري، ڦٽي ختم ڪري يا اپاهج بڻائي ٿو، گهر گهر ۾ هيبت ويهاري ۽ ماتم وجهي ٿو، روح رڙائي، اندر ڪنبائي ۽ جهوپا جهڻ ڪري ٿو: ملڪيتون، واپار، روزگار، پورهيا سڀ بوهي ۾ وجهي ڇڏي ٿو، ماڻهن جي زندگين ۾ زهر پري، ذهنن ۾ ڪفلتون ويهاري، نفرتن جو ڪٽيو ڪائي ٿو، سماجي، سياسي، ثقافتي، تفريحي ۽ تعليمي سرگرمين کي، جن سان ذهنن ۾ روشنيون ۽ روحن ۾ توانائيون پرجن ٿيون، ختم ڪري، ڊپ ويهاري، ماڻهن جي دلين تي حڪومتون هلائڻ گهري ٿو. من من ۾ رڦٽي وجهي، متا موڳا ڪري، دلين ۾ دونهان پري، اونداهيون پکيڙي راڄ ڪري ٿو. دهشتگرد جي مڪروهہ منهن تي مرڪ تڏهن تري ٿي، جڏهن ڪنهن جو ڪوسو ڪوسو رت نيندبون ڪري وهي، جوان جسم ڦٽڪندي ڏسي، مائرن جا اوسارا ٻڌي، پيئرن جي اکين ۾ لڙڪ لڙن، ڀينرن جا سينا ڦاٽن، يائر پيلا ٿين ۽ ٻارڙا مايوس، ملول ۽ اپاٽڪا هجن. هو معصوم ٿهڪن کي گولين جي ٺڙ ٺڙ ۾ دفن ڪري، روج راڙي تي رقص ڪري ٿو. سڙندڙ گهر، ڀڙڪندڙ پنيٺ، جهپ هٽندڙ جيون ۽ ايامندڙ دونهان هن جي ڪوڙهئي روح کي راحت بخشين ٿا ۽ ڇتي ڪتي جيان بنا ڪنهن تفريق جي هر لانگهائوءَ کي ڇَڪي چس وٺي ۽ گد گد ٿئي ٿو. بارود جي بوءِ هن لاءِ واس جو هڳاءُ ٻڻجي ڪيس سرهائي ۽ شڪتي مهيا ڪري ٿي. هن جي سوپ اها آهي تہ ماڻهو سڏڪندا رهن.

سنڌ ۾ گذريل انن ورهين کان ڪلئي عام دهشتگرديءَ ۽ ڪوس جي بازار گرم آهي، انساني سرگرميون مفلوج ٿي ويون آهن، حڪومتن جو وهنوار نہ ٿو هلي، ماڻهن جا من مونجها آهن، پر دهشتگردن ڏانهن رويو اهڙو رکيو ويو آهي، ڄڻڪ اهي سڄي وطن جا 'سورهيہ سرواڻ' هجن. قاتلن تي آڱر کڻڻ بدران کين ڪيڪاري، جهولين ۾ ويهاري، ڇُورين جا لڏون ڪارائيندي، سندن الوليون ائين پيون سَنيون وجن ڄڻڪ البيلا پٽ هجن. قاتلن ۽ غندن سان 'سياسي ڪارڪنن' ۽ 'اڳواڻن' جهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو، جڏهن تہ انهن مان هر هڪ جي سر تي ڏهاڪين انساني زندگيون لوڙهي ڇڏڻ جا چٽا ثبوت آهن. اسلام آباد، لاهور، پشاور يا ڪراچيءَ کان جو گيسي شروع ٿي ٿئي، تہ لنڊن يا واشنگٽن وڃيو ساهي پٽي! دهشتگرديءَ ۽ قتلام جا دستاويز پڌرا ڪرڻ بدران پنهنجي 'شخصي معصوميت، ايمانداري، اشرافت ۽ نيڪ نيتي' جا ثبوت پيش ڪيا وڃن. قاتلن کي اگهاڙو ڪرڻ بدران کين پڙ پارائي وڏيڪ پوتر ڪيو پيو وڃي ۽ پاڪستان جون نسبتاً سڀ کان وڌيڪ سگهاريون سياسي قوتون سندن در تي سجدا پيون ڪن. نيازمندي، نوڙت، نماڻائي ۽

نيرازيءَ جو چيهه وجي اتي تو ٿئي، جو نه ڳاٽ تو ڪجي ۽ نه ئي ڳوڙها تا سڪن، ڳچيءَ ۾ ڳارو، وات ۾ پادر، اکين ۾ آلهه، پير اگهاڙا، ڏٻرو ڏيل، جهڪيل ڪنڌ، نوڙيل چيلهه، وات ۾ ڏپ، دلين ۾ ڍونڊ ۽ سڏڪن جو سَنڪو پيو پوي! دهشتگردن جي عقيدتمندن جا مهانڊا ۽ سندن مجري جا شوقين، ڪوني جا ڪوڏيا، ڪڏهن هڪڙا ته ڪڏهن ٻيا، پر ڪم اهو ئي ساڳيو!

سڀ سياڻا ماڻهو سمجهن ٿا، ته سنڌ ۾ دهشتگردي ۽ دهشتگردن کي آزاديءَ سان، جاٽي ٻجهي جيئرو رکيو پيو وڃي. ان جا ڪي نه ڪي ڪارڻ ضرور آهن، جن ۾ ڪتي نه ڪتي، ڪا ڪميٽائپ ۽ بدنيتي لڪل آهي. يا ته هن ملڪ جا سياسي اڳواڻ --- حڪومت ۾ هجن يا اقتداري مخالفت ۾ --- بدنيت آهن يا انهن جي مٿان، انهن جي پنيان --- ”صاف ڇُپتا ڀي نهين سامني آتا ڀي نهين“ --- ڪي ”ڳجهيون“ يا ”سڱهاريون“ قوتون آهن، جن جي نيت ۾ فتور ۽ من ۾ ڪوٽ آهي. دهشتگردن کي هرويرو سياسي اڳواڻ ڪري پيش ڪرڻ تي سندرو ٻڌل آهي. ڳالهين جون مُرليون وڄائي، ڏيهه واسين جو رت نذرانو ڪري، ڪين ريجهائڻو، پرچائڻو ۽ جيئارڻو آهي. هو وطن ورهائي پرڏيهي ويري قوتن جو گروهه ٻٽائڻ لاءِ تيار، ڪو به غليظ ۽ وطن دشمن مطالبو ڇڏڻ جي وائي نه وارين ۽ هِي آهن جو پادرن ۾ وڇايا پيا آهن ۽ موچڙو ڪٽي سندن دوناڙ تي نڪاءُ نه ٿا ڪرائين --- ”مامي جي مڪر ۾ به ضرور ڪا رمز رکيل آهي!“

جيڪو ٿورو به عقل رکندو هجي، آهي ڪو اهڙو جو سيني تي هٿ هٽي چوي، ته ماڻهو، عام ماڻهو --- پورهيت پنهوار، هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، ڏهاڙيءَ تي وهندڙ مزدور، دڪاندار، واپاري، گهورڙيا، جهوپڙي هوٽل وارا --- ۽ انهن سان گڏ مِل مالڪ، ڪارخانيدار، صنعتڪار، اسٽاڪ ايڪسچينجز وغيره، ٻولي کهڙي به ڳالهائيندا هجن، دهشتگردي ۽ دهشتگردن کي دل و جان سان پسند ڪن ۽ عزت ڏين ٿا؟ چا ان ماڻهوءَ جو عقل سالم چئبو، جيڪو ائين چوي، ته دهشتگردن جن گهرن تي قيامتون وهائي ڇڏيون ۽ ڪُنا اونڌا ڪرائي ڇڏيا آهن، اتان جا رهاڪو ڪين پنهنجي اکين جو نُور ۽ من جو سرور سمجهن ٿا؟ اهي ڪو جو ائين چوي، ته دهشتگرديءَ سبب رلي ويل روزگارن ۽ اجڙي ويل اجهن جا شڪار تيل ماڻهو، جن جا پيٽ وڃي پُنيءَ سان لڳا ۽ ٻڪ جو ٻڪ تيا، سي انهن قاتلن کي دل و جان سان چاهيندا هوندا؟

قتلام، دهشتگردي، هيبت، ڊپ، بيروزگاري ۽ بک بيحد بڇڙا ٿول آهن. اهي انسانيت کي پنهنجيءَ حاصلات کان هيٺ ڪيرائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا. نفرت، چڙ، بيزاري، چڙواڳي ۽ ڪمينائپ جو ٻج آهن ۽ ماڻهپي جي مٽيا ماري، انساني قدرن جا مول متايو ڇڏين ٿا. دهشتگرديءَ جو ڊينگو ڊيري ڪرڻ لاءِ ۽ اهڙيءَ طرح قتلام، ڊپ، بيروزگاري ۽ بک کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ جنگ ٻنا جيئڻ اٽڻر آهي. لازمي آهي ته ڪي جوڌا، جُنگ ۽ جوان، ڪوپا، ڪونٽر ۽ ڪلي-ڪوڏيا، جوپا ۽ جاڌا ڪُڏي ڪلي-پڙ ۾ اچن ۽ احساس ڏيارين ته ’سنڌ گدڙن ناهي ڪاڏي:‘ ماڻهپو ۽ مريادا مري نه ويا آهن: سونهن، سنگت ۽ سنگيت جو پيالو پُر آهي، سات ۽ سهڪار جو جذبو جڏو نه ٿيو آهي، ڪِيني ۽ ڪُپت ڪتي ناهي ورتو، سچ جا عاشق ۽ سِر جا سودائي اجا به آهن. اهي نه رڳو سنڌ سنواري رکندا، ان کي سرهو به ڪندا.

پاڪستان جي تخليق ۾ نفرتن بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. هاڻوڪو پيارو پاڪستان به نفرتن جو نتيجو آهي ۽ ان منجهه جت ڪٿ نفرتن جو ئي ٻج ڇٽيل آهي. نفرتن جو ڪٽيو ڪائينڊڙ حاڪمن ۽ خاص ڪري اردو اخبارن ان کي ريج ڏئي پاڻي مهيا ڪيو آهي. تاريخي بدقسمتي آهي انهن ماڻهن جي، جيڪي نفرتن جي اپت تي پليا ۽ وڌيا ويجهيا آهن. 'ڪڙي' ٻوليءَ ۾ جڏهن نفرتن جي بنياد تي هترادو نموني جڙتو لفظ ٺنبيا ويا، تڏهن 'اردو' نهي. ويجهڙ ماضيءَ تائين جيڪي به 'اڙد' نهيا ۽ نهندا رهيا آهن، انهن جو ٻڻ به ڪيني ۽ نفرتن تي ٻيهل آهي. اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن کي پارت توڙي پاڪستان ۾ جيڪي به "رهنما" مليا، تن پنهنجي ۽ سندن پالنا به نفرتن جي بنياد تي ئي پئي ڪئي آهي. هنن جي تن ۽ من ۾ نفرتن جو زهر پريل آهي ۽ سندن خمير نفرتن جي پاڻياٺ سان ڳوتل آهي. انڊيا (اپکنڊ هند سنڌ) تي انگريزن جي حاڪميت کان پوءِ مغلائي 'اڙد' جڏهن عام ماڻهن جي جهڳٽي ۾ تبديل ٿيو، تڏهن منجهائن ڪيترن ئي پرپاسي جي سپيتائن ۽ سيائن مان ماڻهپي جو جوهر جهتي ورتو، انگريزن جي غلاميءَ به منجهن ٿورو گهڻو درد پيدا ڪيو، پر سندن "رهنمائن" جي پريل نفرت انهيءَ مني انساني ميوي کي به زهريلو ڪندي رهي ۽ ڪي مڙسيءَ وارا هئا، جي من ۾ ماڻهپو بچائي سگهيا، نه ته وڏي گهڻائي انهيءَ جو ڪاچ تي وئي ۽ ٿيندي رهي ٿي.

سنڌ جي ڌرتيءَ تي ڪين جيڪا ٻاجهاري ٻولي ٻڌڻ ۾ آئي سا سندن سمجهه کان ٻاهر هئي. (ڪي ڳتوان ڪٽي جي سمجهي به سگهيا، تہ نہ ايڏا اثرائتا ٿي سگهيا ۽ نہ وري اثرائتا رهڻ ڏنا ويا، جو پريت جو پرچار ڪري سگهن.) ميٺ، محبت، سهپ، رواداري، سک ۽ سٻاجهائي سندن "اڙدڪ" سمجهہ موجب بيوقوفي، احمقپائي ۽ جهالت جا اهڃاڻ هئا، ڪين سمجهايو، پڙهايو ۽ رٽايو ويو ته سنڌي ماڻهو "ڳنوار" هئا ۽ سندن ٻولي 'ٻڪرارن جي ٽنوار' هئي. سنڌ جا "ڏراڙ" ڪين جيڪو ڪير مکڻ آڇي رهيا هئا، اهو سندن پيٽي تي ئي نه ٿي پيو. سنڌ جو فلسفو سندن سوچ کان مٿي هو. ماڻهو ڪنهن اوپري ۽ اڻ ڏٺل جي ڏک ۽ بک کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ڏکيو بکيو رکي سگهي ٿو --- اهو سياءُ سندن سمجهه ۾ اچڻ جوڳو نه هو. پيار جي لوري ڪين عقل ۾ نه ٿي آئي. محبتن جي ٻولي هنن ٻڌي ئي نه هئي. هو "اڙدڪ" هئا --- لشڪر سان واسطيدار، جن جو ڪم ٻئي جي ڪئي ڪمائي ۽ ملڪيت ڦرڻ يا برباد ڪرڻ ۽ شاهن جي مفادن جي نگهباني ڪرڻ هو. دربار ۽ ڪوني جا هيراڪ، جي حضوري ۽ شهواني ادائن جا واقفڪار، پيار جي حقيقي ادائن کان اڻ واقف هئا. هنن مکڻ ۾ مليل ماکيءَ جهڙي مرڪ ڏٺي ئي نه هئي. ڪين سنڌوءَ جي ميناج ۽ مٽيءَ جي مهڪ ۽ انهن جي خمير مان اسريل ماڻهپو، سنڌ جو سنيهو ۽ لطيف جي ٻولي پلئہ نہ ٿي پيا. سنڌ ۽ سنڌين جي محبتن کي ڦورو حاڪمن جي ملي ڀڳت سان غلام ٻڌائي، هنن سمجهيو، تہ ڪا ڪيپ ڪٽي اٿئون. هنن جي دماغن ۾ هوائون ڀرجي ويون ۽ اڪين تي لِڏ اچي وئي. هنن پاڻ کي ڪا مٿاهين مخلوق سمجهڻ شروع ڪيو: جيئن هر ڦورو پاڻ کي سمجهندو آهي ۽ وري جو ڪجهه دهشتگردن جي نڪاون ۽ داداگيريءَ کي ڏٺائون، تہ مورڳو هٿئون نڪري ويا ۽ پاڻ کي "سپر پاور" سمجهڻ لڳا.

”هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلِي سارڻ، مانجهيان اِيءَ مرڪ“ جهڙو نياپو سنڌي ماڻهن کي غلاميءَ جي ننڊ مان ڏونڌاڙي اٿارڻ لڳو. جت محبتن جو قدر ڪرڻ وارا نہ هجن، اتي ’ڪات تي‘ اسرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هو: پر سنڌي اجا ڪات نہ ٿيا آهن. هنن جڏهن ڪُرُ موڙيو، تہ ون-يونٽ جو زنجير ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو، ۽ ڀوءِ خليفي جي ڪيڏاري جو پڙاڏو جنرل ضياءُ جي آمريت دوران جڏهن نعرو ٿي گونجڻ لڳو، تہ اقتدار جي ايوانن جا ڪنگرا لرزي پيا. سنڌ ۾ دهشتگرديءَ جي خالقن ۽ پاليندڙن کي ڦِڦڙي ونڃي وئي، پُوڪرجي هوش وڃائي ويٺا ۽ تڙ تڪڙ ۾ دهشتگردن کي ايڏو ’فيڊ‘ (ڪاچ) ڏئي ويا، جو اهي کين بہ اکيون ڏيکارڻ لڳا، ۽ اڄ، ادائي ورهين جي ڪشالي (۽ ناٽ) کان پوءِ بہ سوئر جا وَڄ سلامت ۽ جهوتون جاري آهن. هن ڀيري سنڌن ڀيل جو شڪار ڪي اهي بيگناهہ فرد بہ آهن جيڪي اردو ڳالهائن ٿا ۽ بدقسمتيءَ سان سنڌن اولاد جهڙي حيثيت رکن ٿا، پر دهشتگرد جو ڪو بہ رشتو ناتو ۽ ڪو بہ اعتبار نہ هوندو آهي. نانگ ۽ رُڄ تي پَت ڪري سگهجي ٿي، دهشتگرد تي نہ!

سنڌي ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ اسان وٽ اجا اهو جذبو جيئرو آهي، جنهن کي ماڻهپو چئجي ٿو. هن ڌرتيءَ جا رهاڪو ڏاڍ، ڌهڪاءَ ۽ ڌمر، ڪوڙ، ڪپٽ ۽ ڪِيني جا فطري مخالف آهن ۽ سچ، سِڪ ۽ سونهن جا مانُ متاهون رکڻ جا جَتن جاري رکيو اچن. سچي ڌرتيءَ تي جيڪو بيگناهہ ڪُسي يا ڦٽجي ٿو، جهڙوڪر منهنجو پاءُ ڪنو يا ڦٽيو: جو بہ گهر اجڙي ٿو، ڄڻڪ منهنجو گهر اجڙيو. اسان کي دهشتگرد ۽ عام شهريءَ ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. دهشتگردن کي جيڪو بہ جوکم رسائي سگهون، سو جائز، پر عام ماڻهو، جيڪو انهن جو بيگناهہ شڪار ٿئي ٿو سو ’اسان جو ماڻهو‘ آهي. دهشگردن جي غليظ ترين مقصدن کي مات ڏيڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي، تہ ڪانئن ڊِنل ۽ سنڌن ڏاڍ جو شڪار ٿيل ماڻهن جو ڏڍ، آٿت ۽ ملم ٻڻجون ۽ کين دهشتگردن جي پنجوڙ مان نجات ڏيارڻ سان گڏ، انهن سان ساٿ ڏيڻ کان چني ڏار ڪيون ۽ جي حق، سچ، جمهوريت، انصاف ۽ انسانيت جي پاسي ڪري سگهون، تہ ائين بہ ڪيون.

اڙدڪ سياسي ”راهنمائن“ ۽ ”دانشورن“ کين نفرتن جي گس تي پئي گهليو آهي ۽ گهليندا وڃن پيا. اردو اخبارون کين انهيءَ پاسي ڌِڪي سنڌ جو قبضي خور مالڪ بڻائڻ لاءِ هرڪائيندڀون رهن ٿيون (انهن جو مقصد رڳو پيسو ڪمائڻ آهي --- نفرتن ۽ ڪوڙ سان وڏيڪ ڪمائجي ٿو). پاڻپي ۽ پيار سان گڏجي رهڻ ۽ ڏک سک ۾ ڀائيوار ٿيڻ جو کين سبق ئي نہ ٿو ڏنو وڃي. اهي اخباري بيان جن سان نفرتون وڌن، وڏن اکرن ۾ شايع ڪيا وڃن ٿا. مورڪپائي اوج تي آهي. ڪِيني جو ڪونيٺ وڃي ٿو وڏيڪ وچڙندو ۽ نفرتن جي اوڙاهہ ۾ جيئن ٿو وڏي ڪاٺ، تيئن ڦوڪن ڏيڻ وارا ساندا بہ وڌندا وڃن ٿا!

اڙدڪ سمورو عوام ڪو دهشتگردن جو پُنيرو ناهي. جن ماڻهن گذريل چونڊن ۾ دهشتگردن کي ووٽ ڪيو، اهي سڀ هرويرو ڪو سنڌن حمايتي نہ هئا (ڪيترائي ووٽ پرپٺ وڌا ويا هئا). جنرل ضياءَ جي ڏينهن ۾، جنهن پنهنجن مخصوص احباب ۽ ايجنسين وسيلي دهشتگردن کي منظم ڪيو ۽ قانون کان متاهون ٻڌايو، هڪ هٺرادو جذباتي فضا تيار ڪئي وئي، تہ جيئن دهشتگردن کي

سورهيه ثابت ڪري، سنڌن اڳواٽيءَ هيٺ هڪ اهڙو سنڌ دشمن گروهه ناهي سگهجي، جيڪو سياٽي سنڌين جي جمهوري، قومي ۽ عوامي جدوجهد جو گلو وڍي سگهي. دهشتگردن وري انهيءَ آڙ ۾ پنهنجي ڏار ملڪيت ناهي، انهيءَ جي تخت تي پاڻ کي تاج پوش سمجهڻ شروع ڪيو. جيستائين تاج جا ڏٽي ٿين، تيستائين ڪين خصوصاً ڪراچيءَ ۾ بي تاج بادشاهه ٻٽايو ويو ۽ دهشتگردن جي سرداريءَ هيٺ رياست اندر رياست قائم ڪئي وئي. بظاهر ائين نظر اچڻ لڳو ڄڻڪ سمورو اڙدڪ عوام قاتلن جي جهنڊي هيٺان گڏ ٿي ويو هجي: پر حقيقت ائين نه هئي، نه آهي.

دهشتگردن پنجابي ۽ پناڻن ۽ خاص ڪري سنڌين خلاف رت جي راند ڪيڏي، اڙدڪ عوام ۾ آزادي سان اهو احساس پيدا ڪيو، ته اهي ٻئي هر ساٿ، خصوصاً سنڌيءَ جي ساٿ ۾ غيرمحفوظ آهن ۽ سنڌن تحفظ جي اڪيلي وات اها آهي ته دهشتگردن جو ئي ساٿ ڏين ۽ انهن جي اڳواٽي قبول ڪن، خاص ڪري اڄ، جڏهن دهشتگردن جا ٻه ٽولا ٿي پيا آهن ۽ ٻئي ٽولا هڪ ٻئي جي غنڊن کي قتل ڪري رهيا آهن، تڏهن ڪيترائي بيگناهه ماڻهو به سنڌن گولين جي گهٽ جو شڪار ٿي ويا آهن. خود مقتول دهشتگردن جي ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب جي ٻين ياتين کي اهو احساس ٿيڻ لڳو آهي ته ڪنهن گهر جو ڏيئو وسائڻ ڪيڏو نه ڪنور ۽ ڪنو ڪم آهي. دهشتگردن پنهنجن غليظ مفادن جي پورٽتا لاءِ سنڌن دلين ۾ جيڪو زهر پريو هو، اڄ اهو خود ڪين ئي ڳاري رهيو آهي. ايجنسين جي پرتي ڪيل مخصوص سنڌي سياسي وڏيرن پنهنجن آقائن جي اشارن تي دهشتگرد مفادن سان هم آهنگ لباڙي بيان بازي شروع ڪري ڏني آهي جيڪا سنڌين جي وطن دوست ۽ جمهوري جدوجهد جي ڪنهن طرح به پوئواري ڪندڙ ناهي. آڙاهه ۾ ڪاٺ وجهي دهشتگردن هڪ پيڙ مچايو آهي ۽ هي ساندبا پنهنجن آقائن وٽ سرخرو ٿيڻ لاءِ ان کي ڦوڪون پيا ڏين.

وقت جي اٽتر گهرج آهي ته دهشتگردن جي اپايل نفرتن جو ٽوڙ ڪجي. دهشتگردن اڙدڪ عوام کي پاڪستان جي سيني حقيقي قومن سان ويڙهائي، نقلي قوم جي نعري وسيلي، ڪين پنهنجي جهنڊي ۽ آمريت هيٺ گڏ ڪيو آهي، ۽ اسان جو فرض ان جهنڊي کي پيچي اڙدڪ عوام کي دهشتگردن جي پاڇولي مان ڪڍي، وطن دوست ۽ عوام جي جمهوري پاسي آڻڻ آهي. سموري اڙدڪ عوام کي دڙڪا ۽ گاريون ڏيڻ سان مقصد دهشتگردن جو پورو ٿئي ٿو. گڏڙن جي اوناڙ تي ماڻهو پنهنجون ٻوليون، ثقافتون ۽ مائٽيون نه بدلائيندا آهن!

دهشتگردن جي اندر ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ ڪنبٽي ۽ سنڌن بدنيت نعرن جو وقت ڪان اڳ پڌرو ٿي پوڻ ٻڌائي ٿو، ته سنڌين جي لاڳيتي، جٽادار، عوامي، جمهوري ۽ حق پرست جدوجهد لاياٽتي ثابت ٿي رهي آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجا تاريخي شهر ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن. اها دهشتگردن جي هڪ وڏي ناڪامي آهي ۽ سنڌي ماڻهو ڏينهون ڏينهن شهرن ۾ وڌندا پيا وڃن. اها دهشتگردن جي ٻي وڏي ناڪامي آهي. آمريت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ سنڌي سڀ جا سرواڻ هئا. اها دهشتگردن جي ٽين وڏي ناڪامي آهي. سنڌي ڪارخانيدار، صنعت ۽ واپار، نوڪرين ۽ روزگار ۾ وڌن پيا. اها دهشتگردن جي چوٿين وڏي ناڪامي آهي. سنڌي تعليم، تحقيق ۽ تدوين ۾ پڙ ٿيندا پيا وڃن. اها دهشتگردن جي پنجين وڏي ناڪامي آهي.

اڄ تاريخ جي وير هڪ ڀيرو وري سنڌي ماڻهن جي تاريخي پيغام ۽ جٽادار جدوجهد کي وقت جي نقشي تي اپاري ڪٽي آئي آهي. ان کي گدڙ-اوناڙ ۽ ساندي-ڦوڪ وسيلي برباد ڪرڻ بدران اٽتر آهي، ته پاڪستان ۾ عام ڪيو وڃي ۽ خصوصي ڌيان اڙدڪ عوام تي ڏريو وڃي، جن کي دهشتگردن پنهنجيءَ بندوق جي زور تي يرغمال بڻائي ورتو آهي. هڪ سڪي جا ٻه پاسا ٿين ٿا، ضروري آهي ته اڙدڪ عوام ٻه انسانيت جي سڏ تي سڏ ورنائي پاڻ کي ڪدورتن ۽ ڪفلتن جا پهاڙ اپا ڪنڌڙ ڪيني پريل قاتلن کان ڌار ڪري.

سنڌين جو سنيهو اردو اخبارن سدائين بگاڙي پيش ڪيو آهي. ان ڪري پنهنجو پيغام اڙدڪ عوام تائين اردو اخبارن وسيلي پهچائڻ کان پرهيز ڪئي وڃي، نه ته اهي اوهان جي عوام دوستيءَ کي مڪاريءَ سان ڪيني پريو روپ ڏئي ڇڏينديون. اٽتر آهي ته پاڻ، پنهنجي سر، مڙسي ڪري پنهنجو وطن دوست، جمهوري ۽ انسان پسند پيغام بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي، سڌو سنئون اڙدڪ عوام تائين پهچايو وڃي.

سنڌ جي قومي جدوجهد جي هام هڻندڙ سياسي ڌرين مان ڪِن توٽي جو وڏيرڪي دڙڪي ۽ دهمان وسيلي اڙدڪ عوام کي 'سنڌي تي وڃڻ' جو چتاءُ ڏنو آهي (نه ته ڪين "سمنڊ ۾ غرق ڪبو" يا "پارت موڪليو ويندو" جهڙي سڪٽي ايام پئي بڌائي آهي). ڇا ڪڏهن، سنجيدگيءَ سان اڙدڪ عوام ۾ سياسي سجاڳي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي؟ ڪيترن کي پنهنجو سياسي ڪارڪن بڻايو ويو آهي؟ ڪيترن فردن تائين سندن سِڌي پهچ آهي؟ ڪهڙن ڪهڙن پاڙن ۾ انهن جلسا ڪيا آهن ۽ پنهنجو سياسي مواد ڪهڻن گهرن تائين پهچايو آهي؟ نفرت انگيز اخباري بيان پڙهي ڇا ڪو منهنجي سياسي پارٽيءَ جو حمايتي ٿي سگهندو؟ دڙڪن سان ٻه ڪو ڪارڪن نهندو آهي ڇا؟ تاريخي سچ اهو آهي ته اسان جي قومي جدوجهد جي هام هڻندڙ پارٽين جي اڪثريت جهڙوڪر ڄاڻي ٻجهي اڙدڪ عوام کي ڪاٽي، نڏٽڪو ڪري، دهشتگردن جي جهوليءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي.

پيپلز پارٽي ٻه عملاً، خاص ڪري سنڌ اندر، وڏيرڪين سازشن جي ور چڙهيل رهي آهي. ان کي پنهنجي سطحي عوام دوست ۽ درحقيقت وڏيرڪي روش سڌارڻي پوندي. نه ته سندس آئيندو اونداهو آهي. پيپلز پارٽيءَ وٽ سندس خامين باوجود سنڌي توٽي اردو ڳالهائيندڙ ڪارڪنن جو هڪ چڱو چوکو انگ موجود آهي ۽ وٽس اها صلاحيت آهي جو اڙدڪ اڪثريت وارن پاڙن ۾ جلسا جلوس توڙي ٻيون سياسي سرگرميون ڪري سگهي. پيپلز پارٽيءَ خلاف دهشتگردن هڪ خصوصي نفرت انگيز مهم هلائي رکي آهي ۽ هنن پنهنجين ويهن ئي آڱرين جو زور انهيءَ تي خرچ ڪيو آهي ته پيپلز پارٽيءَ کي سنڌين جي پارٽي ثابت ڪري اڙدڪ عوام کي ان کان ڪاٽي، پري ڪري رکن.

پيپلز پارٽي سنڌين جي سياسي پارٽي آهي يا نه، اهو هڪ ڌار موضوع آهي. في الوقت پيپلز پارٽيءَ کي گهرجي ته پنهنجن اڙدڪ ڪارڪنن وسيلي ۽ پنهنجين گهٽين، خاص ڪري سنڌي قوتن کي ڪم آڻي، اڙدڪ اڪثريت وارن پاڙن ۾ جلسا منعقد ڪري، دهشتگردن جي پيدا ڪيل پروپئگنڊا جو توڙ ڳولي، نظرياتي ۽ عملي ميدان ۾ ڪين وائڪو ڪري. ڪالهه بينظير صاحبه جڏهن

نشتر پارڪ ۾ بيهي اعلان ڪيو هو، تہ هوءَ ماءُ آهي، هوءَ ڀار ڄڻيندي آهي، هوءَ دهشتگرد ناهي، جو ماڻهن جو قتلام ڪري، تڏهن انهن لفظن وٽ پنهنجو هڪ جادو هو. اهو ۽ اهڙو سحر، اهڙي فضا پيدا ڪرڻ جي گهرج آهي!

سنڌ جي گهٽگهرين ترين جيڪڏهن دهشتگردن کي ڪاٽي، اڪيلو ڪري، اڙدڪ عوام کي ڪانئن ڪسي ورتو، تہ انهن جٽڪ سنڌ جي حقيقي مالڪي هٿ ڪئي. ان لاءِ لازم آهي تہ دهشتگردن خلاف سمورن ثبوتن ۽ دستاويزن کي پڌرو ڪيو وڃي، دهشتگردن ڏانهن اهوئي رويو رکيو وڃي، جيڪو اصولي ۽ قانوني آهي. دهشتگردن کي سياسي تعظيم ۽ تڪريم ڏيڻ بند ڪئي وڃي ۽ اڙدڪ عوام ۾ ائين سياسي نظرياتي سڌو سنئون گهاتي لاڳاپي وارو ڪم شروع ڪيو وڃي جيئن ڪا نئين سياسي پارٽي ڪندي آهي.

(هلال پاڪستان، 22-ڊسمبر 1994ع)

## سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڏانهن سنجيده رويي جي گهرج

سنڌ دشمن دهشتگرد جڏهن چون ٿا، تہ سنڌ کي ورهايو ۽ ڪين ان جي ايراضيءَ ۾ بلوچستان جي ساموندي علائقي سميت هڪ ڌار صوبو يا وطن ناهي ڏيو، تڏهن سوچڻو ئي پوي ٿو، تہ هُو اها ايڏي وڏي ڳالهہ جو ٿا چئي سگهن؟ وٽن ڪهڙي قوت آهي؟ هُو ڪهڙي ڪِلي تي کُڏن ٿا؟

وري جڏهن پاڻ کي ’سنڌ دوست‘ سڏائيندڙ ڌرين جا اڳواڻ چون ٿا، تہ سنڌ دشمن دهشتگردن جي سازش کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏبو، سنڌ کي ورهائڻ يا سنڌ جي ڪنهن بہ ٽڪري تي ڪنهن بہ بدمعاش جي راڄڌاني قائم ڪرڻ جي موڪل نہ ڏني ويندي، دهشتگردن کي فنا ڪري ڇڏبو، وغيره، تڏهن ڇا اهي ڪنهن حقيقي بنياد تي ائين چون ٿا يا هرويرو خيالي ڏُڪا ٿا هڻن؟ وٽن ڪهڙي سگهہ آهي؟

مٿي ڏنل ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي سان تضاد ۾ آهن، هڪ ٻئي جي خلاف آهن ۽ انهن جي ڪٽ تور تڏهن ڪري سگهجي ٿي، جڏهن هر هڪ پاسي کي ڌار ڌار ڏٺو وڃي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ڀيٽ ڪري ڏسجي.

دهشتگرد پاسو

ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور خاص، نواب شاهہ ۽ شهدادپور ۾ رهندڙ ”مهاجر بزرگن“ کي دعوت ڏئي ڄاڻايل شهرن جي مقرر هنڌن تي گڏ ڪيو ويو. هڪ خاص قسم جي وردي پهريل ماڻهن انهن جلسي گاهن ٻاهران بيهي پهرو پئي ڏنو. دهشتگردن جي پاڙُهُرتو سردار لنڊن ۾ ويٺي، ٽيليفون تي هڪ ئي وقت سنڌ جي ڄاڻايل شهرن ۾ خطاب ڪري رهيو هو. ”مهاجر“ بزرگن کي جيڪي ”نوجوان“ وٺي آيا هئا، انهن کي هڪ مخصوص قسم جي ڊيوٽي پوري ڪرڻي هئي. تقرير ڪندي

دهشتگردن جي سردار پنهنجي تقرير ڪي هڪ خاص ماتمي موڙ ڏئي اوچتو پڇيو: ”اب سنڌ ۾ ڪيسي هوگا گذارا؟“ موت ۾ اڳوات پڙهايل نوجوانن چيو: ”آڌا تمهارا، آڌا همارا!“ انهن ”نوجوانن“ کي اڳوات پڙهائي تيار ڪيو ويو هو، تڏهن ئي ته اهي ”مهاجر“ بزرگن کي ڳَٺ تيل جاءِ ۽ شهر ۾ وٺي آيا هئا ۽ مخصوص جملي جو مخصوص جواب ڏنائون.

پاڻ کي ”مهاجر“ سڏائيندڙ دهشتگردن جي مخصوص ٽولي پاران مختلف قسم جون سازشون ڳجهه ڳوهه ۾ اڳوات رٿجي تيار ٿينديون آهن ۽ انهن تي عمل گهربل وقت ۽ طريقي موجب ڪيو ويندو آهي.

5-ڊسمبر 1994ع تي محمد صلاح الدين (ايڊيٽر ”تڪبير“) کي آفيس مان باهر اچڻ مهل گولين جو شڪار ڪرڻ هڪ اهڙو مثال آهي، جيڪو ٻڌائي ٿو ته ڪنهن اڪيلي فرد کي گوليون هڻڻ يا ڪنهن قوم ۽ ان جي ڌرتيءَ کي بارودي باهه ۾ ساڙڻ جهڙا انفرادي توڙي اجتمائي نوعيت جا ڪم هڪ مقرر رٿابنديءَ سان عمل ۾ اچن ٿا. هڪ اهڙي سنڌ دشمن رٿابنديءَ جو ڪاتو هيٺ ڏنل خط جي متن مان ڪري سگهجي ٿو، جيڪو جون ٿا ته حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جي آفيشل ليٽر پيڊ تي ان جي هڪ اڳوٽي ڊائريڪٽر جنرل لکيو هو:

> سنڌ جي ورهاڱي بابت اوڪلي جي حيدرآباد واري دوري ۾ منهنجي ساٿس ڏاڍي سنجيده ڳالهه ٻول ٿي. اهو به ٻڌائڻ گهران ٿو ته هيستائين مون ”خدا ڪِي بستي“ نالي رهائشي ڪالونيءَ ۾ هڪ هزار بهاري خاندانن کي ”بي گهر خاندان“ ڏيکاري آباد ڪري ڇڏيو آهي.
>
> سنڌ يونيورسٽيءَ جي چوڌاري گهيرو تنگ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ”گلشن شهباز“ واري علائقي ۾ ڇهه لک مهاجرن کي آباد ڪيو وڃي. انهن مان ٻن لکن جي آباديءَ کي ”خدا ڪي بستيءَ“ ۾ وَسائڻ لاءِ بلڪل تيار آهيان ۽ باقي چار لک مهاجرن کي آباد ڪرڻ لاءِ هتان جي مقامي زميندارن کان زمينون خريد ڪري اتي رهائشي اسڪيمون شروع ڪرڻيون پونديون.
>
> انشاء الله هن سلسلي ۾، تفصيلي ڳالهه ٻول توهان سان تمام جلد ڪراچيءَ ۾ اچي روبرو ڪندس. يقين ڪريو ته ايم ڪيو ايم جي لاءِ منهنجي وس ۾ جيڪو ڪجهه هوندو، ضرور ڪندو رهندس.
>
> ايم ڪيو ايم زنده باد!
>
> اوهان سان سچو

تسنيم

1. 1967ع کان 1972ع تائين سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن پاران هلايل وطن دوست، قومي ۽ جمهوري تحريڪ جو وير ونڻ ۽ سنڌي شاگردن جي هن مرڪز کي گهيري ۾ آڻي ختم ڪرڻ لاءِ ٻن محاذن جي رٿابندي ڪئي وئي: هڪ، جيڪا مٿي ڄاڻايل خط ۾ موجود آهي، ۽ ٻي اها، جيڪا يونيورسٽيءَ ۾ نام نهاد قوم پرست اڳواڻ

شاگردن کان گندہ گردي ڪرائي، نه رڳو قومي جدوجهد مان ويساهه ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر سنڌ جي اعليٰ تعليمي مرڪز جي تعليمي معيار کي به هاڃو رَسايو ويو.

2. آمريڪي سامراج سنڌ دشمن دهشتگرد سرگرمين ۾ ٻٽ نظر اچي ٿو.

3. اجا سوڊو سنڌ جي زمين تي سمگل ٿي ايندڙ غير قانوني پرڏيهين کي نه رڳو آباد ڪيو وڃي ٿو، پر آئينده به گهٽ ۾ گهٽ ڇهه لک ماڻهن کي آباد ڪرڻ جي نيت رکن ٿا.

هڪ اردو اخبار پاران 4-ڊسمبر 1994ع تي ”امن مارچ“ ڪيو ويو، جنهن کي دهشتگرد پنهنجو من پسند روپ ڏئي گهربل رستي تي وني ويا. هن وقت امن جو ڍونگ ڪندڙ اها ئي اخبار آهي، جنهن 1972ع ۾ ٻوليءَ واري بل تي اها فضا پيدا ڪئي جنهن ۾ دهشتگرديءَ جو ٻج پيو ۽ سنڌي ماڻهن جي سنڌي هجڻ جي ڏوهه ۾ خون ڪيو ويو، سنڌالاجيءَ کي باهه ڏئي ڏيڍ هزار ناياب ڪتابن کي ساڙي ڇڏيائون ۽ مخصوص لساني ٽولي ۾ سنڌين خلاف نفرتن جي اوڙاهه کي ڀڙڪائي عرش تائين اوچو ڪيو ويو. ڪلفتن جا پالڻهار ڪيڏي نه بي حيائيءَ سان نقاب اوڍي ’محبتن جا مارچ‘ ڪن ٿا!

> ”سنڌين کي ڪراچيءَ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ پهريون ’آپريشن ڪلين اپ‘ 1948ع ۾ ڪيو ويو هو. اهو آپريشن لاڳيتو 6 مهينا هليو. ڪراچيءَ جي اصل مسلمان-سنڌي رهاڪن کي طاقت جي زور تي مجبور ڪيو ويو ته اهي لڏي وڃي اندرونِ سنڌ رهن. ڪراچيءَ جي ايڊمنسٽريٽر هاشم رضا ۽ لياقت علي خان جي سرپرستيءَ ۾ آءِ جِي پوليس سان ملي ڀڳت ڪري، ڀارت جي هزارين پناهگيرن کي ورسائڻ لاءِ مقامي باشندن خلاف انتهائي بي رحميءَ جو مظاهرو ڪيو. اي ٽي نقويءَ پناهگيرن کي ورسائڻ لاءِ ان منصوبي کي وڏيڪ جارحاڻي انداز ۾ لاڳو ڪيو. هن اهو سڀ ڪجهه ڪراچيءَ جي چيف ڪمشنر جي حيثيت ۾ ڪيو هو... لياقت علي خان کي ملڪ اندر ڪو به سياسي بنياد نه هو. هن ڪراچيءَ کي پنهنجي حلقي ۾ تبديل ڪرڻ تي گهريو، پر ان کان وڌيڪ بي رحماڻو منصوبو ڪراچيءَ کي وڌيڪ ”قومي“ رنگ ڏيڻ لاءِ ڪراچيءَ جي آباديءَ جي جوڙجڪ ۾ تبديلي آڻڻ هو.“
>
> - الطاف گوهر (”جاڳو“ 12-اپريل 1994ع)

1. 1984ع ۾ (۽ ان کان پوءِ) سنڌين کان اهو حق کسيو ويو ته اهي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ڪا شخصي ملڪيت خريد ڪري يا ناهي سگهن.

2. ڀارتي پناهگير اُردڪ ٽولي جي اڳواڻ نوابن، نوابزادن ۽ رئيسن وغيره سنڌ ۾ پهچندي ئي مختلف قسم جون سنڌ ۽ سنڌي دشمن رٿائون عمل ۾ آڻڻ شروع ڪيون.

3. سنڌ اندر اهڙيون رٿائون پاڪستان ٺهندي ئي شروع ڪيون ويون، جيڪي ڀارتي پناهگير اردڪ ٽولي جي نمائندن لاءِ سياسي ٽڪ ٽي ڪم اچن.

مٿي اسان رڳو ٽي مثال آندا آهن، ته جيئن 1948ع کان 1988ع تائين ڀارتي مغلائي لشڪر (ارد) سان واسطيدار، اردڪ ٽولي جي انهن فردن جي ذهنيت کي ظاهر ڪري سگهجي، ته ڪيئن نه اهي لاڳيتو هڪ مڪمل منصوبابنديءَ سان سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ سنڌين خلاف سازشون ڪندا ۽ عمل ۾ آڻيندا رهيا آهن.

ڇا پاڻ کي سنڌ دوست سڏائيندڙ ڪا هڪ به اهڙي سياسي ڌر آهي جيڪا 1948ع کان وٺي اڄڏي باشعور ۽ منظم رهندي آئي هجي ۽ ايتري اثرائتي هجي جو سنڌ دشمن سازشن کي منهن ڏئي مات ڪري سگهي ها (يا اڄ مات ڪري سگهي)؟

ڏکيو، لاڳيتي ۽ منظم سنڌ دشمن سازش تي عمل

1. پاڪستان ٺهندي ئي اُردڪ ماڻهن کي هڪ مخصوص سازشي رٿابنديءَ وسيلي سنڌ جي وڏن شهرن، خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ آباد ڪيو ويو. ڪروڙن جون ملڪيتون کين مفت ۾ ڏنيون ويون ۽ کين پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ مالي فائدو ڏيندڙ اسڪيمون شروع ڪيون ويون.

2. جيڪي ماڻهو جَنڊ ۽ ٽوپيون به ”ڪافرن جي ظلم باوجود“ ڀارت کان سنڌ تائين کڻي آيا، سي پنهنجون سَنَدون اُتي ”وساري“ آيا ۽ پوءِ هڪ خصوصي مهم شروع ڪئي وئي، ته ڪنهن به قسم جي سَند لاءِ به شاهد آڻيو. شاهد ڪوڙا! هڪ ٻئي لاءِ شاهديون ڏئي ملڪيتون ڦبايائون ۽ سٺيون نوڪريون ورتائون.

3. ’مرڪزي گاديءَ‘ جا نالي ۾ ڪراچيءَ کي باقي سنڌ کان الڳ ڪري اتي سنڌين جي داخلا تي بندش وڌي وئي ۽ جيڪي قديمي رهاڪو موجود هئا، تن کي تڙي ڪڍيو ويو.

4. ون يونٽ وسيلي سنڌ کي سڌو پنجاب جي ماتحتيءَ ۾ ڏنو ويو ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڌرتيءَ تي پنجابين لاءِ به اهي سهولتون پيدا ڪيون ويون جيڪي سنڌين کي ميسر نه هيون. سنڌ جهڙي تاريخي ڏيهه جو نقشو ئي گم ڪيو ويو.

5. ڀارتي پناهگير اردڪ ٽولي جي ڀارت ۾ جنم ورتل ٻوليءَ کي سڄي پاڪستان (جنهن ۾ اجوڪو بنگلاديش به شامل هو) مٿان مڙهيو ويو ۽ چڱيءَ حد تائين ترقي ڪيل ٻولين --- بنگاليءَ ۽ سنڌيءَ کي، جن ۾ سمورو سرڪاري ڪار وهنوار ٿيندو هو، ’مقامي ٻوليون‘ سڏي نيچ قرار ڏنو ويو.

6. خاص ڪري بنگالين ۽ سنڌين خلاف پروپيگنڊا مهم هلائي وئي، ته اهي اسلام ۽ پاڪستان جا دشمن هئا (جڏهن ته 1943ع ۾، سنڌ جيڪڏهن پاڪستان لاءِ قرارداد منظور نه ڪري ها، ته پاڪستان نهي نه سگهي ها)، ڀارت جا ايجنٽ ۽ جاسوس هئا، ڏڄڻا ۽ ڪمزور هئا، وغيره، وغيره.

7. قاعدي موجب سنڌ ۾ آيل هر پرڏيهي ٽوٽي پناهگير کي لازمي طرح سنڌي ٻولي سکڻي هئي، پر ڀارتي پناهگير اردڪ ٽولي جي اڳواڻن سنڌي ٻوليءَ خلاف شديد نفرت پيدا ڪري، ڪراچيءَ جي سنڌي ميڊيم اسڪولن کي بند ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ عملاً ڏوهه قرار ڏنو ويو. (سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچيءَ مان لڏائي حيدرآباد آندو ويو ۽ ڪراچي يونيورسٽي ڻاهي سنڌي ميڊيم بند ڪيو ويو.)

8. سنڌين کي دل ۾ خير: هي همراهه پنهنجيءَ ڪرت کي لڳا رهيا. هوڏانهن اردڪ لوڪن اڳوات رٿابندي ڪرڻ جاتي پئي. مهاجر-پنجابي-پختون اتحاد جوڙيو ويو، جنهن جي ٻڻ ۾ سنڌين کان نفرت لڪل هئي. سنڌي اجا سياسي طرح سجاڳ ئي نه ٿيا هئا، ون-يونٽ جي مخالفت ڪندڙ به ڪي ٿورا هئا، جو هنن سنڌين کي سيڪت ڏيڻ جو بلو ڪري ڇڏيو.

9. سنڌي ماڻهو آمريت جا دشمن ۽ جمهوريت جا سڄڻ هئا، جڏهن تہ هُو جمهوريت جا ويري ۽ آمريت جي ڇانو جا حمايتي هئا.
10. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي صوبي ۾ هڪ معمولي حد تائين جائز جڳهہ ڏيڻ جا اجا ڪوشش ئي مس ٿي، تہ نواب مظفر ۽ رئيس امروهوي "مهاجر-پنجابي-پختون اتحاد" ۽ "جنگ" اخبار وسيلي جنگ جوٽي ويهي رهيا ۽ نفرتن جي اها فضا خلقيائون جنهن ۾ سنڌين خلاف ٻهريون پيرو عملاً دهشتگردي ٿي. هنن سنڌين تي پاڪستان ۽ اسلام دشمنيءَ جا الزام آڻي، پنهنجين پاڪستان دشمن ۽ ڀارت نواز سازشن لاءِ راهہ کليل رکي.
11. بهارين کي گهرايو ويو، جيڪي هوري هوري ڪراچيءَ ۾ آباد ڪيا ويا ۽ کين روزگار مهيا ڪري ڏنو ويو.
12. ٻهرين چونڊيل (اپري سيري) جمهوري حڪومت خلاف آمريڪي ڊالرن جي زور تي وڳوڙ ڪري جنرل ضياءَ جي ڊڪٽيٽريءَ لاءِ فضا هموار ڪيائون.
13. جنرل ضياءَ ڊڪٽيٽريءَ جو "بول بالا ڪرڻ" ۽ جمهوريت جي "نانگ" کي هميشہ لاءِ "ڪچلي" ڇڏڻ جي نيت رکي، پاڪستان جي سڀ کان وڏيڪ جمهوريت پسندن يعنيٰ سنڌي ماڻهن کي دٻائڻ، هيسائڻ ۽ مارڻ شروع ڪيو. ٻئي پاسي ايجنسين جي مدد سان پاڪستان جي سڀ کان وڏيڪ آمريت دوست ٽولي يعني اردڪ ماڻهن منجهان ڏوهارين (Criminals) جي چونڊ ڪري کين دهشتگرديءَ جي سکيا وٺڻ جا موقعا ميسر ڪري ڏنا ويا. سنڌين جي جمهوري جدوجهد خلاف گوليون هلايون ويندڀون هيون ۽ دهشتگردن پاران ڪلئي عام ڪوس جي باوجود کين قانون کان مٿيرو سمجهيو ويندو هو.
14. ڀارت جي مختلف حصن مان اردڪ ماڻهن ۽ بنگالي عوام خلاف انسانيت سوز ظلم ڪندڙ بهارين جي سمگلنگ جاري ڪرائي وئي ۽ کين گهٽي ٻاڱي ڪراچيءَ م آباد ڪيو ويندو رهيو.
15. 1986ع کان وٺي سنڌين جو ڪوس ٿيندو پيو اچي ۽ انهن خلاف دهشتگردي جاري آهي.
16. ڪراچيءَ کي ويهہ لک کان وڏيڪ غيرقانوني پرڏيهين جو يتيم خانو بڻايو ويو.
17. هاڻي نيٽ سنڌي کي ورهائڻ ۽ يا سنڌ تي قبضو ڪرڻ جو مخفي رکيل منصوبو دهشتگردن جي سردار جي زباني لنڊن مان پڌرو ڪيو ويو آهي.

پاڪستان ۽ سياسي سهڪار

عملي سياست جي پليٽفارم تي سنڌين خلاف کلي عام نفرت جو اظهار مهاجر-پنجابي-پختون اتحاد وسيلي پڌرو ڪيو ويو ۽ ان ڏينهن کان اڄ تائين سندن اتحاد جو اهو مرڪزي نڪتو قائم آهي. نواب مظفر سان ڪالهہ جيڪو غلام سرور اعوان جو اتحاد هو ان مان رڳو "مهاجر" لفظ الڳ ٿيو آهي، پر دهشتگردن وري اجمل خٽڪ ۽ ولي خان کي ڳولي هٿ ڪيو آهي.

دهشتگردن خلاف جڏهن بہ ٿورڙي وٺ پڪڙ شروع ٿيندي آهي، ڀلي رسمي ئي هجي، تڏهن نہ رڳو پنجاب ۽ سرحد پر سنڌ مان بہ مختلف تنظيمون "مظلوم مهاجر" جو راڳ آلاپيندي متن ٿيندڙ "ظلم" خلاف احتجاج ڪرڻ ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳنديون آهن. نواز شريف، جنهن جي وزارت عظميٰ دوران سنڌ ۾ فوج پنهنجو آپريشن شروع ڪيو، چوڻ لڳو تہ فوج ايم ڪيو ايم تي تشدد پئي

ڪري، تنهنڪري ترت ان کي ٻئرڪن ۾ موٽايو ويو. ڪالهه جنرل اسلم بيگ پڪي قلعي آپريشن مهل فوج ٻيهاري دهشتگردن کي تحفظ ڏنو ۽ اڄ ڪلهه عام فوج خلاف ڳالهائي رهيو آهي. 1988ع تائين سنڌ مان غوث علي شاهه، پير صاحب پاڳارو، غلام مصطفيٰ جتوئي، عبدالواحد آريسر، جي.ايم سيد صاحب ايم ڪيو ايم جا ڪليل حمايتي ۽ ڳجها اتحادي رهيا آهن. جام صادق ته وڏ وزارت ئي سندن حوالي ڪري ڇڏي. سرحد مان ڪالهه ڪالهوڪي ڳالهه آهي ته ولي خان الطاف حسين سان هٿ ۾ ملائي، ايو ڪري 'پنجين قوميت' جو نعرو هنيو.

خود پسند "سياسي" اتحاد

دهشتگرد هر ڌر سان اتحاد ڪرڻ لاءِ تيار آهن، پر پنهنجن شرطن تي. اهي پنهنجن شرطن مان ڪو هڪ به ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن.

1989ع ۾ پ پ حڪومت خلاف سودي بازي ڪندي ۽ پاڻ سان ملائيندي، نواز شريف جيڪو ڪجهه انتهائي طرح ۽ ممڪن حد تائين ڪري سگهي پيو، اهو سنڌ دشمن دهشتگردن کي مهيا ڪري ڏنو، پر پاڻ ئي سندن اٽڪل ٻيجا مطالبن کان ايڏو ته بيزار ٿي پيو، جو اهو اتحاد برقرار رکي نه سگهيو ۽ سنڌ تي فوج چاڙهي موڪليائين. دهشتگردن جا مطالبا ايڏا ته وڏا هئا، جو سڀ ڪان وڏيڪ طاقتور سمجهيو ويندڙ پنجابي صنعتڪار ۽ ايجنسين جو حمايت يافته وزيراعظم به اهي پورا ڪري نه پئي سگهيو!

انهيءَ ڳالهه کي ذهن ۾ رکندي، سوچي سگهجي ٿو ته 1989ع واري نيل ۽ هٿ ٻڌل پ پ حڪومت دهشتگردن سان ناهه جي نتيجي ۾ انهن لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو هوندو! ڏهاڙي دهشتگردي، ڏهاڙي ڪوس، ڏهاڙي بدمعاشي ۽ مٿان وري اها گهر ته دهشتگردن کي ڪجهه به نه چيو وڃي: کين ڇوٽ ڇڏيو وڃي ۽ مٿن داخل ڪيس ختم ڪيا وڃن يعني کين قانون کان بالاتر قرار ڏنو وڃي، انهن ڏينهن ۾ فوج جو جنرل مرزا اسلم بيگ لاهي پاهي دهشتگردن جو محافظ ٿي بيهي رهيو ۽ پڪي قلعي آپريشن مهل گهيري ۾ آيل دهشتگردن کي ڇڏائڻ لاءِ پوليس کي دڙڪو ڏئي پڇاياڻين، ته جيڪڏهن پوليس پوئتي نه هٽي، ته فوج مٿس گوليون هلائيندي.

جنرل مرزا اسلم بيگ

جنرل ضياءَ جو جهاز ڦاٽڻ مهل اڪيلي بچي ويل هن سينئر فوجي آفيسر کي جنهن جهاز ۾ سواري ڪرڻي هئي، ان ۾ عين وقت تي سوار نه ٿيو. رٽائرمينٽ کان پوءِ اصولي به ورهيه به نه ترسيو ۽ سياست شروع ڪري ڏنائين، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي ڪلهه عام بيعزتي ڪيائين ۽ باعزت ڇٽي ويو. هاڻي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو آهي، پر حمايت، وڪالت ۽ پوئواري لاڳيتو دهشتگردن جي پيو ڪري. ڳالهائي سدائين دابي ۽ دڙڪي سان ٿو. ڳالهه ڇا آهي؟ ڏوريون ڪير ٿو لوڏي؟

جنرل ضياءالحق

جنرل ضياءَ سازش تيار ڪري رکي هئي ته 1990 ۾ سنڌ کي ورهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي، ان کي عملي ويس اوڍائڻ لاءِ هن سڄيءَ دنيا مان ۽ خاص ڪري ڀارت، بنگال، برما، سريلنڪا،

نيپال، افغانستان ۽ ايران مان ۽ دنيا ۾ جتي جتي اردڪ ماڻهو رهن ٿا، انهن کي اتان سنڌ ڏانهن اچڻ ۾ سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون. پاڪستاني قانون موجب غيرقانوني ۽ ناجائز پرڏيهي، جيڪي سنڌ ۾ رهن ٿا، تن جو انگ ٽيهن لکن تائين ٿئي ٿو.

"جنرل ضياءَ واري دَور ۾ (مارچ 1980ع ۾) ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، نواب شاهه، خيرپور ۽ سکر جي شناختي ڪارڊن جي آفيسن ۾ سنڌ ۾ ڌاڙي غيرقانوني طور ايندڙ پرڏيهين کي سڃاڻپ ڪارڊ ناهي ڏيڻ لاءِ خاص عملو مقرر ڪيو ويو هو... سرحدي رينجرس کي ان ڏس ۾ خاص هدايتون ڏنيون ويون هيون، ته اهي هندستاني سرحد ٽپي ايندڙ پرڏيهين کي روڪڻ جي ڪوشش ئي نه ڪن."

(برسات، 15-اپريل 1994ع)

مارڪ ٽلي (بي بي سي جو رپورٽر) پنهنجي ڪتاب "امرت سَر" ۾ جتي اندرا گانڌيءَ جي قتل جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي، اتي اهو به ٻڌايو اٿس ته ڪيئن بنا ڪنهن چڪاس جي، چند ڏوڪڙن جي عيوض، پاڪستاني سرحدن جا محافظ ڌاڙيءَ مختلف گُٽپ ۾، ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ آزاديءَ سان هليو وڃڻ جي موڪل ڏيو ڇڏين ٿا.

جنرل ضياءَ سنڌ جي اچي ڪاري جو مالڪ ئي دهشتگردن کي ٻٽائڻ جي سازش تي عمل پيرا هو. هن نه رڳو انهن جي تخليق ۽ پالنا ڪئي، پر ڪين تربيتون ڏياري، منظم ڪري، ڇيڪ ڇڏي، قانون کان متاهون ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾ جمهوري جدوجهد کي چيپائڻ لاءِ هر قسم جا حربا ڪم آندائين ۽ ظلم جي انتهائي حدن کي ڇهيائين. هن نه رڳو ڌاڙيلن کي وڌڻ ويجهڻ ڏنو، پر ڪلاشنڪوف ۽ هيروئن کي به عام واهپي ۾ اچڻ ڏنو. سمورا ذهني توڙي اخلاقي قدر بي معنيٰ بنائڻ ۾ هن جو ڪردار بنيادي هو، پر سنڌ مٿان سندس سڀ کان وڏيڪ ڪاپاري وار سنڌ جي وطن دوست جدوجهد کي تباهه ڪرڻ هو.

سنڌ جي وڏيرڪي قوم پرست سياست سندس ترڻ تي رکي هئي. جي ايم سيد صاحب جن کي ته شخصي طرح ايڏو متاثر ڪيائين، جو شايد هو اڪيلو قوم پرست اڳواڻ هو جيڪو وڏي واڪي ڪيس "شريف النفس" سڏيندو رهيو ۽ تيستائين ضياءُ مخالف هر تحريڪ جي مخالفت ڪيائون، جيستائين جنرل ضياءُ پاڻ "قتاڪو" نه ٿي ويو.

هن پ پ جي "قوم پرست" اڳواڻن ۾ مختلف بيماريون "پيدا ٿيڻ" ڏنيون ۽ پوءِ ڪين انهن جي علاج لاءِ پرڏيهه موڪلي ڇڏيو.

(اڳوٽي) عوامي تحريڪ جي انقلابي روح تي راتاهو ڏنو ويو. شهيد عوام محمد فاضل راهو سودي بازيءَ ۾ نه آيو ته ڪيس زهر ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ نيٺ شهيد ڪرايو ويو ۽ 'ٻئي پاسي' کي ڪروڙن جا يقيني نفعي بخش نيڪا ڏيئي حرص ۽ هوس جص ڏٻڻ ۾ غرق ڪيو ويو. سنڌ ۾ هينئن وچين طبقي جي اڪيلي عوامي، جمهوري ۽ انقلابي تنظيم جا ترا هڪ ڏکيءَ رٿابنديءَ سان "انقلابي نموني" ڪديا ويا.

پارت سان ناتا

ڪن اردو اخبارن جي ’خصوصي مهربانين‘ سان ٽوٽي جو سنڌين خلاف پارٽي ايجنٽ هجڻ ۽ پاڪستان دشمن هجڻ جا الزام مشهور ڪيا ويا، پر عملي طرح ڪير پارٽ جو ايجنٽ هو، رهندو آيو، ۽ آهي، ۽ ڪنهن بنگالين جو انسانيت سوز ڪوس ڪري کين الڳ ٿي وڃڻ تي مجبور ڪيو ۽ پاڪستان کي ٽوڙيو، ۽ ڪير آهي جيڪو اڄ به پاڪستان کي ٽوڙڻ جو عملي ارادو رکي ٿو، اها ڳالهه هاڻي لڪل نه رهي آهي. خالق ڏني هال ڪراچي ۾ ڪيل نام نهاد مهاجر رابطا ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ ۾ کلئي عام پاڪستان ۽ پاڪستاني فوج خلاف نعرا هنيا ويا ۽ سنڌ کي ٽوڙڻ جو پهريون کليل اعلان ڪيو ويو. پاڪستان ۾ ”مهاجرن“ تي ٿيندڙ ”ظلمن“ جا دستاويزي وڊيو فلم ”زي ٽي وي“ تان ڏيکاريا وڃن ٿا. بينظير صاحبه هڪ ڏاڍي عمدي ڳالهه ڪئي، ته دهشتگرد ڪشمير جي مسئلي تي کلئي عام پاڪستان جي موقف جي حمايت ڪن، پر انهن اٽلو شازيه جي نالي ۾ وڳوڙ مچائي ڏنو. ”مهاجرن“ تي ”ظلم“ خلاف ڀارت ۾ جلوس نڪرن ٿا ۽ سرڪاري تحفظ ۾ چانو هيٺ!

آمريڪا پاران پنيرائي

جمهوريت جي ويس ۾ دنيا جو سڀ کان وڏو دهشتگرد، سپر بدمعاش، آمريڪي سامراج، ابتدا کان ئي ايم ڪيو ايم جو پاليندڙ ۽ تاتيندڙ ٿي رهيو آهي. الطاف حسين کي اتان موٽڻ کان پوءِ اردو اخبارن وسيلي ”سياسي سردار“ جي حيثيت ۾ اڀاريو ويو.

رابرٽ اوڪلي (آمريڪي سفير) جا دهشتگردن سان ناتا ڪيترا گهاٽا رهندا آيا. ان جو معمولي عڪس حيدرآباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل جي خط ۾ ملي ٿو، جنهن جو مٿي حوالو ڏنو ويو آهي.

ٿي ورهيه اڳ آمريڪا ۾ پاڪستاني سفير کي آمريڪا جي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ ”ڪن“ معاملن جي وضاحت لاءِ سڏايو. هُو جڏهن اتي پهتو، ته اتان دهشتگردن جا به نمائندا نڪري آيا هئا.

آمريڪي ڪائونسل جنرل رچرڊ سي فاڪ اجوڪي پ پ حڪومت تي شروع کان زور ڏيندو آيو آهي، ته ايم ڪيو ايم سان ناهه ڪري. دهشتگردن جو سردار پ پ حڪومت سان ناهه لاءِ آمريڪي ضمانت جو شرط رکي وينو آهي.

مسز رابن رافيل جون پاڪستان ۾ سرگرميون اخبارن ۾ اينديون رهيون، جنهن ۾ هن جو سڀ کان وڌيڪ زور ايم ڪيو ايم سان ناهه تي رهيو.

آمريڪي سامراج ٽوٽي ٻين سامراجي قوتن جي ارهه زورائي رڳو ان خلاف نه هوندي آهي، جيڪو ساٿس اچائي. انهن جو بنيادي مقصد رڳو پنهنجي قورو مفادن جو تحفظ رهيو آهي. دنيا ۾ جتي به ڪا حقيقي عوامي، جمهوري ۽ انقلابي تحريڪ هلي آهي، اتي به سامراجي قوتن ان کي چيپاٽڻ پنهنجو اولين فرض پئي سمجهيو آهي. ”بدقسمتيءَ“ سان سنڌ سدائين جمهوريت پسند ۽ انسان دوست رهي آهي ۽ ان هر ڊڪٽيٽر ۽ ظلم خلاف پنهنجي وت آهر جدوجهد پئي ڪئي آهي، ۽ ٻيو ته سنڌ وٽ هڪ وسيع سامونڊي ڪنارو آهي. ٻئي پاسي هانگ ڪانگ جو ’سهڻو طوطو‘

1997ع ۾ سامراج جي هٿن مان ڇڏائجي وڃڻو آهي. ان ڪري ئي (شايد) برطانيا ۽ آمريڪا پاڪستان يعني سنڌ يعني ڪراچي ۾ اربين پائونڊن ۽ ڊالرن جي سيٽ اپ لاءِ تيار ٿي ويا آهن ۽ دهشتگردن جي ڪلهي تي بندوق رکي ۽ انهن جي هٿ ۾ بندوق ڏئي نويڪلو اڏو ناهڻ گهرن ٿا. دهشتگرد ظاهر آهي ته سامراجي چنبي کان ٻاهر نڪري نه سگهندا.

هيبت ۽ دهشت

پاڪستان جي حقيقي تاريخي قومن جي فردن ڏانهن نفرت جي باهه کي وڌائڻ لاءِ دهشتگردن انهن تي گوليون هلائي، اردڪ ماڻهن ۾ ڀَو پيدا ڪيو ته "انهن جي ويجهو رهڻ سان توهان جي زندگين کي خطرو آهي، ان ڪري رڳو اسان جو ساٿ ڏيو" ٻئي پاسي خود اردڪ عوام تي اها هيبت ويهاري وئي ته "جيڪڏهن اسان جو ساٿ نه ٿا ڏيو ته اسان جي ئي گولين جو بک بڻجي ويندَو!"

پلي پنهنجو ڪارڪن هجي، زونل انچارج هجي يا مرڪزي اڳواڻ، جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري دهشتگردي يا ان جي پوئواريءَ کان پاسي تي ٿيو يا وري متس اهو شڪ به ويو ته هو پلٽڻ يا ڇجڻ وارو آهي، ته گوليءَ جو شڪار ٿي ويندو يا سندس ڪا پيڻ يا ڪو پاءُ اغوا ڪيا ويندا... ۽ ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ خبر پوندي ته "مهاجر دشمن قوتن' اسان جي فلاڻي ڪارڪن يا ان جي پاءُ يا پيڻ کي اغوا ڪري، ايذائي بي حرمتي ڪري ماري ڇڏيو."

دڪاندار "چندو" نه ڏيندو، ته ڪو نه ڪو "نوجوان" ٻه چار پٿر هڻي هزارين رپين جو شوڪيس ڀجي ڇڏيندو- "توهان جي مرضي، اسان چندو زوريءَ نه وٺندا آهيون!" لطيف آباد ۾ ميڊيڪل اسٽور جي مالڪ راجن داس کي چيو ويو ته "35-هزار رپيا ڏي يا هڪ ڪلاشنڪوف نه ته..."

ٽارچر سيلن ۾ رڳو سنڌي، پنجابي يا پٺاڻ نه هوندا هئا، ۽ زوريءَ زنا مرڪزن ۾ ته خاص ڪري اردو ڳالهائيندڙ ڀينرون هونديون هيون!

سازشي جهيڙا ۽ ڀَوَ

شازيا کي بهانو بڻائي، هڙتال جو سڏ ڏئي، خون خرابو ۽ دهشتگردي ڪئي وئي، ته جيئن ڪشمير مسئلي تي حڪومتي ڌيان کي ٽوڙي سگهجي ۽ پارٽي مقصدن کي هٿي ڏجي.

پاڻ شڪار ڪري پنهنجا ماڻهو ماري پروپيگنڊا ڪئي وئي، ته سڀ بلوچ، پنجابي، پٺاڻ ۽ جن گنگا جمنا جو پاڻي پيتو هو- "مهاجرن پاور"، "سپر پاور!"

اهو "مهاجر پاور" هو يا نه، پر "دهشتگردن پاور" ضرور هو، جنهن جي پٺيان ايجنسين جي تربيت، هٿيارن جي ڀرمار ۽ قانوني تحفظ موجود هئا- "جنرل ضياء زنده باد!"

فلمي پروپيگنڊا

زي ٽي وي تان ڏيکاريل دستاويزي فلم، ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم جي ڪٽر حامي عورت شهناز سهگل جي نگهباني هيٺ نهي، جنهن هڪ پرائيويٽ فلم پراڊڪشن ادارو قائم ڪري ورتو آهي ۽ پي ٽي وي ڪراچي تي ڪم ڪندڙ ڪي ٽيڪنيڪل ماڻهو ان سان سهڪار ڪن ٿا. ايم ڪيو ايم لاءِ ڪم ڪندڙ هن فلم پراڊڪشن جا ڪيترائي ڪئرامين ڪراچيءَ جي هڪ اسپتال مان روڊ حادثن ۽ جهيڙن ۾ زخمي ٿيل يا دهشتگرديءَ جو ڪاچ بڻجي ويل ماڻهن جا باقائدگيءَ سان فلم پري، عالمي

سطح تي ڪم ڪندڙ انساني حقن وارين تنظيمن کي ڏيندا رهن ٿا ۽ ڪين اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن تي هن نموني ظلم جاري رکيو ويو آهي.

اخبارون

ڪراچي ڊويزن ۾ ويهه کن اخبارون مقامي سطح جون ڇپجن ٿيون (جن مان ڪي اڄڪلهه سڄي سنڌ ۾ پهچي وڃن ٿيون) جيڪي گهٽو ڪري سڀ جون سڀ سنڌي ماڻهن خلاف سدائين زهر سان ڀريل هونديون آهن. ڪراچيءَ مان جيڪي نام نهاد قومي سطح جون اخبارون نڪرن ٿيون، رڳو انهن ۾ سنڌ ۽ سنڌين خلاف جيڪو زهر ڀريل هوندو آهي سو ڪنهن به هڪ ڏينهن جي اخبار ڪٽي ڏيان سان پڙهي پڪڙي سگهجي ٿو، پر دهشتگرد اڃا به ان ڪان خوش نه هئا. ڪجهه عرصو اڳ تائين سڄي خبر پاڻ لکي ديده دليريءَ سان اخبار وارن کي حڪم ڪيو ويندو هو ته اسان جي اها خبر پهرئين صفحي جي فلاڻي هنڌ تي شايع ڪئي وڃي. هڪ ٻه ڀيرو "جنگ" ۽ "ڊان" رڳو اهڙيون خبرون ڇاپيون جيڪي هڪ معمولي حد تائين دهشتگردن جي خلاف هيون، ته ڪين ڪن مهٽ ڪرڻ لاءِ نه رڳو سڄي ڪراچي ۾ اخبارون هلڻ نه ڏنيون ويون ۽ انهن کي ساڙيو ويو، پر ايڊيٽرن ۽ نيوز ايڊيٽرن کي سڌيون ڌمڪيون ڏنيون ويون، ته سندن ڪنهن نه ڪنهن گهر ڀاتيءَ کي قتل يا اغوا به ڪيو ويندو. "پرچم" جي مئنيجر کي سندس آفيس ۾ گوليون هنيون ويون (6-ڊسمبر 1994ع)، "تڪبير" جي ايڊيٽر کي آفيس مان نڪرندي ۽ بي بي سي جي رپورٽر کي راهه ويندي سنهي ٻُهه مان ڪڍيو ويو، وغيره.

انساني حقن جي آڙ ۾

انساني حقن لاءِ جدوجهد جي آڙ ۾ انسان دوستيءَ جو نقاب پهري ويٺل ماڻهو دهشتگردن جي کلئي عام حمايت ۾ انهيءَ حد تائين وڃي ويا آهن، جو 'پنهنجي پالڻهار' آمريڪا ۾ رهي، سنڌ ۾ "مهاجرن" تي ٿيندڙ "ظلم" خلاف ٻڪ هڙتالون وينا ڪن!

وائرليس سسٽم

ڪليم خواجه، 30-ورهين جو هڪ نوجوان، پنهنجو ميڊيڪل اسٽور بند ڪري اڳتي هليو، ته هڪ پنج ماڙ تي ويٺل "آفاق" ٻئي "شاهد" کي اهڙو اطلاع ٽرانسميٽر تي پهچايو. "شاهد" وري "انجم" کي اهڙو اطلاع ڪيو، جيڪو ڪنهن بلڊنگ جي ڏاڪڻ هيٺان لڪل هو. جيئن ئي ڪليم خواجه چونڪ وٽان لڙيو، ته مٿس گولين جو وسڪارو ٿي ويو ۽ دهشتگرد ڀڄي ويا. 1988ع ۾ سنڌي وسندين تي اوچين جاين تان نه رڳو گوليون وسيون، پر ننوليون به ٿيون. پوليس اڃا 5 ميل پري هوندي هئي، ته ٽرانسميٽر تي ڪين اهڙو اطلاع پهچي ويندو هو ۽ دهشتگرد اشراف جي روپ ۾ اچي ويندا هئا.

ڏيهي جاسوس سرشتو

سوين 'زنانين' جا انٽرويو ڪرڻ ڪان پوءِ منجهانئن 200 ڪن حسين، نوجوان ۽ پڙهيل ڪڙهيل "زنانيون" چونڊيون ويون ۽ ڪانئن پڇيو ويو، ته ڇا اهي "مهاجر قوم" لاءِ پنهنجي سڀ ڪان وڏيڪ عزيز شيءِ --- مائٽي، عزت، قوت، ذاتي خواب توڙي مستقبل --- قربان ڪري سگهن ٿيون؟ جن دل

من هنيو، تن کي بظاهر اجازت ڏني وئي، باقي سيني کان "ڀيتا" وني، ڪين سنڌ جي گهربل بيوروڪريٽن، وڏيرن، اسيمبلي ميمبرن وغيره ڏانهن "ڪاز" لاءِ موڪليو ويو.

رٽايرڊ فوجي ۽ پوليس آفيسرن سان گڏ ڪيترائي "آن ڊيوٽي" مختلف قسمن جا بيوروڪريٽ سوين نمونن جون رپورٽون "مرڪز" تي باقاعدي پهچائڻ لاءِ مقرر ڪيل آهن، جيڪي مختلف ادارن ۾ فنڊن، ملازمتن، پلاٽن، ڪارخانيدارن، دڪاندارن، ملازمن، باغين ۽ ڏِنگن ماڻهن جا اطلاع پهچائيندا رهن ٿا. جيڪو ماڻهو، پوءِ ڀلي پنهنجو ڪارڪن هجي، "فسادي"، "وڳوڙي"، "باغي"، "ڏِنگو"، "ڦڏئي" بيان ٿيو، سو پنهنجي سڄي گهر سميت ڏاڍي ڀيانڪ سزا لوڙيندو.

سنڌي وڏيرن ۽ ڌاڙيلن وٽ پناهه

ڪيترائي دهشتگرد جڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري لڪڻ جي گهرج محسوس ڪن ٿا ۽ پنهنجن "مٿن مائٽن" وٽ ضرورت آهر لڪي نه ٿا سگهن، تڏهن اهي پنهنجن ڄاتل سڃاتل وڏيرن ۽ ڌاڙيلن وٽ اچي پناهه وٺن وٺندا آهن ۽ موٽ ۾ ڪين چند ٽڪا عيوضي ۾ ڏيندا آهن. وقت سر ڪانئن هٿيار ۽ منشيات خريد ڪري موٽي وڃي گهربل هنڌ تي پهچائي دولت ڪمائيندا ۽ حياتيون تباهه ڪندا آهن.

غنڊن ۽ قاتلن جو هٿياربند جٿو

سنڌ ورهائڻ جي سازش، رٿابندي ۽ ڳُهر ڪندڙ سنڌ دشمن دهشتگردن وٽ اشتهاري غنڊن، لوفرن، بدمعاشن، چورن ۽ قاتلن جو هڪ اهڙو نظم ۽ تربيت يافته جٿو موجود آهي، جنهن گذريل اٺن ورهين دوران هر قسم جو تشدد ڪري زبردست تجربو حاصل ڪري ورتو آهي. اهي جت ڪٿ ڪلئي عام پنهنجي ڪاروائي ڪن ٿا ۽ گم ٿي وڃن ٿا. انهن جو من ايترو ته وڌيل ۽ ٻُوڏ ۾ ڀريل آهي جو هزارين ماڻهن جي وچ ۾ ٻيهي، ڪليل بازار ۾ ٽرئفڪ وهندڙ روڊن تي پوليس، رينجرس ۽ فوج جي موجودگيءَ ۾ خود انهن تي گوليون وَسائي بنا ڪنهن خطري جي سلامت هليا وڃن ٿا. مٿن جيڪڏهن ڪي ڪيس داخل به ٿين ٿا، ته هي انهن مان ڪنهن نه ڪنهن نموني ڇُٽي وڃن ٿا. هن مهل تائين شايد ئي ڪنهن دهشتگرد کي دهشتگرديءَ جي الزام ۾ قانوني ۽ واجبي سزا ملي هجي. سندن من ايترو وڌيل آهي جو سندن نمائندا کلئي عام وينا چون ته اسان جي دهشتگردن کي بنا ڪنهن ڪيس جي آزاد ڇڏيو وڃي ۽ حڪومتون آهن، جو ساڻن وينيون "سياسي" ڳالهيون ڪن.

هڪ منظم تنظيم

اهي غنڊا ۽ قاتل هڪ تنظيمي ضابطي هيٺ رهن ٿا ۽ رهڻ تي مجبور آهن. ٿوري به ڀڃڪڙي ڪندا ته ٻين غنڊن ۽ قاتلن هٿان قتل ٿي ويندا يا مٿن ڪيس پئجي ويندا ۽ جيل پيڙا ٿيندا --- دهشتگرد پاڻ به پنهنجي ئي ٻين دهشتگردن جي ڊپ ۾ ورتل هئڻ جي ڪري منظم ۽ ضابطي ۾ رهي ٿو.

ڪن مخصوص مفادن هيٺ ڪي "دانشور" ۽ "صحافي" سندن ڪرتوتن کي لفاظيءَ جي پوش ۾ لڪائي ڪين هيرو ڪري پيش ڪن ٿا.

دهشتگرد مختلف قسم جي دڪاندارن، واپارين، وڪيلن، ڊاڪٽرن، صنعتڪارن، ڪامورن ۽ ٻين سرنديءَ وارن کان نه رڳو ناٽو هٿ ڪن ٿا، پر ڪانئن واسطيدار مخصوص قسم جي مدد ۽

سهڪار به ونن ٿا. واسطيدار بيورو ڪريٽ ته حڪومت کان وڏيڪ دهشتگردن جا وفادار آهن. وڪيل کين قانوني تحفظ ڏين ٿا، ڊاڪٽر علاج معالجو ڪن ٿا، صنعتڪار کين روزگار مهيا ڪن ٿا وغيره.

ڪي ٻيون ڳالهيون

1- سنڌ جي ورهاست يا سنڌ تي قبضو؟

ڪالهه هنن ڪي ڪراچيءَ تي قبضو ڪرڻو هو ۽ هنن سنڌ ورهائڻ جي ڳالهه پئي ڪئي. اڄ هو سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪن ٿا، پاڪستان کي ٽوڙڻ جا نعرا هڻن ٿا، پاڪستاني فوج تي گارين جي گجگوڙ هلي پئي.

2- ڪوڙ جو طوفان

اسلم بيگ، نوازشريف، اشتياق اظهر، ولي خان ۽ ٻيا گارين جو وسڪارو لايو بيٺا آهن، ته وارو ڪريو، ”مهاجرن تي ظلم“ بند ڪريو، ڪراچي مان فوج ڪڍو نه ته... (31 نومبر 1994ع تي اوچتو ئي فوج کي موٽايو ويو. 6-ڊسمبر 1994ع تي اشتياق اظهار چيو ته ايم ڪيو ايم ناهه لاءِ تيار آهي.) زي ٽي وي ۽ دُوردرشن انڊيا تان ”مهاجرن تي ٿيندڙ ظلمن جا دستاويز پروگرام“ پيا ڏيکاريا وڃن. بي سي سي، وائيس آف آمريڪا، آل انڊيا ريڊيو وغيره ڪنهن نه ڪنهن نموني اهڙيون خبرون هلائيندا اچن جيڪي ڇٽڪ دهشتگرد پاڻ وينا نشر ڪن.

3- ٻٽو رويو

ڪالهه سنڌين پنهنجي ڏيهي، انساني قانوني حقن جي جمهوري انداز ۾ گهر پئي ڪئي، ته اسلام دشمن، پاڪستان دشمن، انڊيا جو ايجنٽ، وغيره سڏي کين خوار ڪرڻ ۽ فوج سڏائي کين سيکت ڏيڻ جو ڳالهه ڪئي ويندي هئي. اڄ دهشتگرد کلئي عام پاڪستان کي ٽوڙڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا، فوج کي گاريون ڏين ٿا ۽ ڪٿي ته گولين جو شڪار بڻائن ٿا، ڀارت جي پاڪستان دشمن پاليسين جي سڏي حمايت ۽ پاڪستان جي ڪشمير نواز پاليسين جي سڏي مخالفت ڪن ٿا، وغيره. ان هوندي به دهشتگردن کي ’مظلوم‘ ۽ فوج کي ’ڏوهاري‘ سڏيو وڃي ٿو.

دنيا ڄاڻي ٿي ته 5- ورهيه اڳ 86 سالن جي پوڙهي جي. ايم. سيد صاحب سکر هوائي اڏي تي پاڪستاني جهنڊو ڪو نه ساڙيو هو، پر هو ان الزام ۾ اڻ-دريافتو بند آهي، ۽ دنيا ڏٺو ته دهشتگردن جناح جي مزار آڏو پاڪستاني جهنڊي کي باهه ڏني، پر مٿن ڪيس به داخل نه ٿيو.

دودو مهيري اجائي الزام ۾ جيل اندر آهي ۽ مٿس بغاوت جو ڪيس مڙهيو پيو وڃي، پر جيڪي سچ پچ بغاوت ڪيو وينا آهن، مٿن ڪورٽن پاران ڊيٿ وارنٽ نڪتل آهن، پر اهي سرڪاري پروٽوڪول سان آزاد گهمي ڦري رهيا آهن.

4- نقشا

پاڪستان ۽ سنڌ کي ورهائڻ جا ست اٺ نقشا ۽ ٽي چار دستاويزي ثبوت ته اخبارن ۾ ڇپجي چڪا آهن.

هڪ نقشي ۾ هنن بلوچستان جي اتل ۽ ٻيلا وارين ايراضين تي ﺑﻪ ميري نظر وڌي آهي. هڪ نقشي ۾ سنڌين لاءِ (يعني سنڌ صوبي لاءِ) جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ اڌ دادو ضلعو ڇڏيا آهن ۽ هڪ نقشي ۾ ﺗﻪ سنڌين لاءِ سنڌ جو هڪ انچ ﺑﻪ ڇڏيل ناهي --- سنڌ جا ٽي صوبا ”مهاجرستان“، ”ڪراچي ۽ ”اردو ديس“ قرار ڏنا ويا آهن ۽ سنڌ کي عملي طرح دهشتگردن جو الڳ ملڪ ڊيڪاريل آهي!

سنڌ دوست ۽ قوم پرست پاسو

سنڌي ماڻهن ۾ سياسي پهچ رکندڙ سڀ کان وڏي پارٽي پ پ آهي؛ اها ووٽ اڪثريت ۾ حاصل ڪري ٿي ۽ ”وفاق پرستي“ جي ڌٻڻ ۾ ايترو ﺗﻪ ڳتل آهي جو صوبن کي جيڪا نالي ماتر خود مختياري مليل آهي، اها ﺑﻪ کسڻ گهري ٿي.

> ”وفاقي حڪومت هاڻ ويز، ٽرانسپورٽ ۽ آبپاشي جي شعبن ۾ اختيارن جي مرڪزيت ختم ڪري صوبن کي ڏنل ڪنهن حد تائين خود مختياري کسي ورتي آهي.“

(جاڳو، 8-ڊسمبر 1994ع)

پ پ اسان جو هڪ الڳ موضوع آهي. دهشتگردن پاران ايڏي وڏي سنڌ دشمن مطالبي تي ان جي اعليٰ سطح پاران ٻڙڪ ﺑﻪ ﻧﻪ ٻاقي وئي آهي؛ دهشتگردن سان ڳالهيون ڪري کين سياسي حيثيت ۾ برقرار رکيو اچي ۽ اهڙيءَ طرح عالمي سطح تي سنڌين جو دهشتگردن خلاف ڪيس ڪمزور يا مورڳو بي اثر ٿيو وڃي. هن لاءِ پنهنجي ئي وطن جو هڪ صوبو سنڌ ۽ ان ۾ محفوظ عظيم ترين ووٽ بينڪ ايڏا اهم ناهن، جيترو ڪشمير. پيپلز پارٽيءَ جي بي انتها هم عهدن تي طوطي جيان اکيون ڦيرائيندڙ ماڻهو وينا آهن. ايم اين اي، ايم پي اي ۽ سندس ٻيا حضرات مهيني ماسي هڪ اڌ بيان کان اڳتي چوڻ لاءِ تيار ناهن. جيڪي ”دانشور“ دعويٰ ڪن ٿا ﺗﻪ پ پ جي اقتدار ۾ اچڻ سان ماڪيءَ جون نديون وهي هلنديون، انهن جي ڳالهه تي اعتبار اچي ها، جڏهن سنڌ مان غير قانوني ڌاريا ڪڍيا وڃن ها، سنڌ جي ڪارخانن ۽ مختلف ادارن ۾ روزگار جو پهريون حق سنڌين لاءِ مقرر هجي ها، تر ۽ ڪاچي ۾ پاڻي ذخيرو ڪندڙ ڊيم نهن ها، سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو ﻧﻪ لڳي ها، اهو سنڌ جي، حقيقي مالڪن سنڌين جي، حوالي هجي ها، وغيره. پ پ سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏ اهو ڪري سگهي ٿي، ﺗﻪ ﺑﻪ ٽي نوڪريون ڏئي سگهي، ﺑﻪ ٽي اسڪول کولي سگهي، ﺑﻪ ٽي روڊ نهرائي سگهي ۽ اهي ڪم اهڙا ناهن جن تي فخر ڪجي. اهي ڪم ﺗﻪ جنرل ايوب خان کان جنرل ضياء ۽ نواز شريف تائين، سيني پئي ڪرايا آهن ۽ جت ڪٿ هر ملڪ ۾ معمول جو ڪم آهي ۽ ڪو ﺑﻪ ڪارنامو ناهي. اڄ ﺑﻪ، جڏهن مرڪز توڙي سنڌ ۽ سرحد ۾ پ پ جي حڪومت قائم آهي، ڏهاڙي 250-400 ماڻهو ڀارت کان غير قانوني طرح ڀارت-پاڪ سرحد ٽپي سنڌ ۾ داخل ٿين ٿا. افغان پاچوڪڙ ڏهاڙي 75-150 ۽ پنجابي ڏهاڙي 150-300 تائين اچن ٿا، جڏهن ﺗﻪ ايران، ڪشمير ۽ ٻين هنڌن تان ايندڙن جو اندازو ئي ناهي. سنڌي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ڌڪاريا وڃن ٿا. سنڌ جي قسمت جو سودو جِهڙوڪر دهشتگردن جي هٿن ۾ آهي، وغيره وغيره. اهڙين حالتن ۾ ڪهڙن ڪهڙن ”ڪارنامن“ جي ڪري سنڌي ماڻهو پ پ کان اهي اميدون رکي سگهندا، ﺗﻪ اها سنڌ ۽ سنڌين جي

تاريخي، ثقافتي، تهذيبي، ذهني ۽ انساني حقن جو تحفظ ڪري سگهندي؟ پر هتي انهن جو ذڪر مقصود آهي، جيڪي پاڻ کي سنڌ جو سڄڻ ۽/يا قوم پرست سڏائين ٿا.

عوامي تحريڪ

سنڌ جي اڪيلي هينئن وچين طبقي واري انقلابي، عوامي ۽ جمهوري تحريڪ، جنهن جون پاڙون سنڌ جي حقيقي وارث عوام جي دلين ۾ کُتل هيون. هن تحريڪ وٽ نه ته پيسي جو زور هو ۽ نه ئي وري جاگيرداراڻي سرندي، پر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وسيع ۽ منظم تنظيمي ڍانچو رکندڙ هئي ۽ جڏهن به ڪنهن وطن دوست، عوام دوست، جمهوريت پسند يا انساني اِشو (issue/ مامري) تي جدوجهد جو سڏ ڏيندي هئي، تڏهن سنڌ اٿلائي رکندي هئي. ضياء شاهي ۽ ڊڪٽيٽريءَ خلاف هن تحريڪ ٻين سيني وڏين وڏين ۽ ناليچڙهيل پارٽين کان وڌيڪ جٽادار، منظم ۽ مرتب جدوجهد هلائي. ”ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ناهيو“ کان وٺي ”ڪالا باغ ڊيم منصوبو رد ڪريو“ تائين، هن تحريڪ سنڌ جي ٻين مسئلن سان گڏ ڪالا باغ ڊيم خلاف جيڪو عظيم الشان اجتماع ڪيو ۽ جلوس ڪڍيو، بيشڪ اهو سنڌ جي انقلابي جدوجهد جو بي مثال ڪارنامو آهي --- لکين سنڌين جو چوليون هڻندڙ سمنڊ، ڪراچيءَ جي مکيه رستن تي اُٿلي پيو، پر ٽي مهينا اڳ هن ئي تحريڪ حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين، ڪالا باغ ڊيم خلاف، جيڪو ”لانگ مارچ“ ڪيو ان ۾ رڳو 32 ماڻهو شامل هئا! (انهيءَ ”لانگ مارچ“ وسيلي ڄڻڪ ڪن مخصوص قوتن کي علي الاعلان ٻڌايو ويو، ته ”ڏسو، اسان ان ساڳيءَ انقلابي عوامي تحريڪ کي ناس ڪري کهڙي نه ڪريل سطح تي پهچائي ڇڏيو آهي.“)

1988ع ۽ 1989ع ۾ سنڌ اندر سنڌين خلاف دهشتگرديءَ جي اوج مهل (اڱوٺي) عوامي تحريڪ جي سربراهه رسول بخش پليجي صاحب وقت جي حڪومت کي ڌوم ڌڙاڪي سان آڇ ڪئي، ته هو 10 هزار والنٽيئر (رضاڪار) مهيا ڪرڻ لاءِ تيار آهي، جيڪي دهشتگردن جي ستياناس ڪري سگهن ٿا. (هن پنهنجي ڊام ڌوم ۽ لکين رپين جي خرچ سان پهريون ڀيرو ملهايل سالگرهه جي موقعي تي ڪجهه نياڻين کان ڪلاشنڪوف وسيلي هوائي فائرنگ ڪرائي، سلامي وٺي، اها ڏيک ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته وٽس ’زبرو لشڪر‘ تيار آهي، جنهن کي اردو اخبارن رپورٽ ڪندي ”بدمعاشي ڪري“ دهشتگردن جي فائدي ۾ ڪتب آندو.) اڄ اهي والنٽيئر وڏي ڀيڙ تي ضرور ٿيا هوندا! ڪٿي آهن؟

ڇا سنڌ دشمن دهشتگردن جي قوت انهيءَ ”انقلابي“ ڳٽپ کان وڌيڪ هوندي؟ (سنڌ جي ڪنهن ”منظم، وطن دوست، جمهوري، عوامي ۽ انقلابي“ سياسي پارٽيءَ وٽ جيڪڏهن وطن دوست رضاڪارن جو ايڏو وڏو لشڪر هجي ۽ پوءِ به سنڌي ان ڪري ڪُسي، جو سنڌي آهي، ٿُڦ هجي!

چند ڏوڪڙن خاطر عوامي تحريڪ جي انقلابي روح کي پنڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي!

سنڌي ڪامورا شاهي ۽ جاگيردار شاهي

سنڌي بيوروڪريٽ، ٿلهي ليکي، نمڪ حرام ۽ پهرين نمبر جو خود غرض ۽ بدمعاش آهي. سنڌ دشمن قوتن جو بيوروڪريٽ ڪيڏو به ڪمينو هجي، مجموعي طرح پنهنجي مخصوص لساني ٽولي جي مفادن کي اوليت ڏيندو ۽ انهن کان ٻاهر نه ويندو، پر سنڌي بيوروڪريٽ سدائين پنهنجي

قومي مفادن کان ٻاهر رهندو، اجا بہ ان کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪندو. ڦورو حاڪمن ۽ جاگيردارن جي اڃلايل ٽڪر تي پلجندڙ ڪاموراشاهي اهو مجڻ لاءِ تيار ئي ناهي، تہ سندس ڪرسي سنڌي عوام پاران هلايل قومي جدوجهد جي نتيجي ۾ ئي نهي سگهي آهي. اسان جو ڪامورو حقدار کي بہ ناحقي رلائيندو رهندو، پر جي ڪنهن پنج رپيا آڇيا يا پيالو پيش ڪيو تہ گهور پيو ويندو، سڀ قانون ۽ قاعدا قربان ڪري ڇڏيندو.

سنڌي جاگيردارشاهي عملي طرح انگريزن جي پيدا ڪيل آهي ۽ تاريخي طرح سنڌ ۽ سنڌين خلاف غدارين ۽ پرمار ڪاهيندڙن سان ڳٽ جوڙ جو عالمي رڪارڊ رکي ٿي. شل نہ ڪو راڄ ڀاڳ جو ماڻهو بہ سچا اکر ڪُڇي، سندس چڻ-ٻچو رلائي ڇڏيندي: پر موچڙي آڏو هڪدم معصوم ٻڻجي پُڇ-لوڏ شروع ڪري ڏيندي. انگريزن ئي ان کي طاقتور ٻڻايو ۽ ان انگريزن لاءِ سنڌ مسيت ڪري ڇڏي. پاڪستان نهڻ کان پوءِ سنڌ سان جيڪي ويل وهيا ۽ ڪِيس ٿيا آهن، ان ۾ پنجابي-پناهگير ڦورو طبقن سان ڀِٽ رهندي هن بہ وَسان نہ گهٽايو آهي. سنڌ جو نقشو ميساريو، سنڌي ٻوليءَ جي تيز رفتار اوسر کي روڪي ڪري نيچو نوايو. سنڌوءَ تي ڊيمن نهرائڻ ۾ ان جي رضا شامل هئي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي سر زمين کي سوڪهڙي ۾ وناٺيو ۽ سنڌوءَ جي پيٽ تي واريءَ جا طوفان اڏرڻ ڏنا. سنڌ کي گهربل حصو ۽ حق ڏيارڻ ۾ غفلت ڪئي ۽ سنڌ جا سمورا پيداواري ۽ روزگاري وسيلا ۽ مال ملڪيت ڌارين جي قبضي ۾ وڃڻ ڏني. اردڪ سياسي قوتن کي پهريائين ان ئي سنڌ ۾ مضبوط ڪيو ۽ پوءِ ان لائق ٻڻايو جو اڄوڪي دهشتگرد قوت کي سنڌ ۾ سگهارو ڪري سگهي. سنڌ سان غدارين جو هڪ وڏو رڪارڊ جاگيردارشاهيءَ جي سر تي آهي ۽ ان ڪم ۾ اها ايترو تہ مصروف رهي آهي، جو ڪيس متو ڪنهڻ جي بہ واندڪائي نہ ملندي آهي.

"سچيون"، "قوم پرست" پارٽيون

ڪيتريون "سچيون" ۽ ڪيتريون "قوم پرست" پارٽيون آهن، انهيءَ کان ڌار رهي، سندن عوامي طاقت، نظرياتي وسعت، تنظيمي پختگي ۽ ڪم جي طريقي کي جاچڻ گهرجي. انهن حوالن سان "سنڌ نيشنل فرنٽ" تمام گهٽو پوئتي نظر اچي ٿو. جنرل ضياء ۽ دهشتگردن جي ڪليل حمايت کان پوءِ هڪ موقعو اهو بہ آيو جو هڪ پيري جي ايم سيد صاحب جن چِٺو ڪري چيو تہ "ڪارڪن منهنجو چوڻ ئي ڪو نہ ٿا وٺن." هونئن بہ "جيئي سنڌ" جا لفظ پنهنجي نالي ۾ ڪم آڻيندڙ ڪيترائي ٽولا پنهنجي منهن وڏيڪ هلندا آهن ۽ سيد صاحب جو رڳو نالو ڪم آڻيندا آهن. جيڪا ليڊرشپ پنهنجن ڪارڪنن تي تنظيمي ضابطو نہ ٿي رکي سگهي، ان بابت ڪيئن اميد ڪري سگهجي ٿي، تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي بهترين مفادن ۾ ڪم ڪري ۽ خاص ڪري دهشتگرد قوت کي منهن ڏئي سگهي ٿي. "ترقي پسند پارٽيءَ" جي قيدت جو وڏيرڪو انداز، پجيرو، نيڪا، وغيره، گهڻي عرصي کان تنقيد جو شڪار رهندا آيا آهن. تيون ڏينهن پارٽي نهي آهي ۽ ڪالهہ بہ پيرا ٽُٽي چڪي آهي. سياسي عمل ۾ عام روش سياسي گهٽ ۽ داداگير وڏيڪ رهندي اچي ٿي. دودو مهيري توڙي جو هن پارٽيءَ جي اڳواڻ مان هڪ هو، پر اڄ تائين ايئن ٿو پائنجي ڄٽڪ ڪيس اڪيلو ڪري حڪومت جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. جلسن جلوسن ۾ توڙي جو هن پارٽيءَ کي هڪ حد تائين عوام پاران موٽ ملي ٿي، پر اها ايتري ناهي جو اميد ڪري سگهجي تہ دهشتگرد قوتن کي منهن ڏئي سگهندي.

ٻيا به ڪيترائي محدود حلقي وارا ننڍا ٽولا پنهنجي سياست ۾ قوم پرستيءَ جو اصطلاح ڪم آڻين ٿا، پر سنڌن اثر جي ڪٽ تور هتي ممڪن ناهي.

وطن دوستيءَ ۽ قوم پرستيءَ جي حوالي سان مٿي آندل ذڪر جو مقصد اهو قطعي ناهي، ته انهن ڌرين کو هڪ به اهڙو عمل نه ڪيو آهي جيڪو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي فائدي ۾ هجي.

سچ اهو آهي ته سنڌي عوام ۾ قومي حوالي سان جيڪا به جاڳرتا نظر اچي ٿي، ۽ وطن دوستي، جمهوريت پسندي، انسان دوستي ۽ ترقي پسنديءَ جي حوالي سان سوچي، حق جي ڳالهه ڪجي، ته پاڪستان جي باقي قومن کان وڌيڪ بهتر انداز ۾ ۽ مٿاهين سطح تي نظر اچي ٿي. ان ۾ مجموعي سطح سيني ۽ خاص ڪري جيئي سنڌ محاذ (جي ايم سيد)، پاڪستان پيپلز پارٽي (ذوالفقار علي ڀٽو) ۽ عوامي تحريڪ (1988ع تائين) جو نظرياتي، سياسي ۽ عملي ڪردار شامل آهن.

مٿي ڏنل ڳالهين تي ڇنڊ ڇاڻ بدران پنهنجي منهن پنهنجي سياسي قوت جو سنجيدگيءَ سان جائزو وني، خود تنقيد جي عمل سان پاڻ ڪي ڌوئي صاف ڪري، ڳنڀير ٿي، سنڌ جي وجود جي سالميت ۽ نجات لاءِ بهترين، علمي، عملي ۽ سياسي انداز ۾ سوچيو وڃي ۽ سنڌ دشمن قوتن جو ٽوڙ ڪرڻ لاءِ موثر حڪمت عمليون جوڙي عمل ۾ آنديون وڃن.

(هلال پاڪستان، 30- ۽ 31-ڊسمبر 1994ع)

## سنڌ دوستيءَ جي نالي ۾ ڌڙڪي واري سياست

جڏهن کان وني هڪ مخصوص دهشتگرد ٽولي جي سردار سنڌ ڪي ورهائي پنهنجي پسند جي ڪتا مقصد رڪنڊڙ ماڻهن لاءِ هڪ ڌار صوبو ناهڻ جو اعلان ڪيو آهي، تڏهن کان ڪن سنڌي جاگيردارن ڪي، جيڪي بدقسمتيءَ اسان جي سنڌ جي سياست به ڪندا آهن، سنڌي اخبارن ۾ مختلف قسمن جا وڏيراڻا بيان ڇپرائڻ جو جهڙوڪر نئون وجهه ملي ويو آهي. پانئجي ايئن ٿو ته پنهنجي روايتي جٽاڻي سوچ ۽ رويي ۾ ڪا به علمي، اصولي ۽ سياسي تبديلي آڻڻ بدران، ڪا به اڳ-ڳڻ ڪرڻ ۽ ڏڳهي نظر رکڻ بنا، لاهي پاهي لباڙي بيان بازيءَ تي زور ڏنو ويو آهي --- "دٻ درخاشَ ڊِينوءَ تي!" اهڙا اهڙا بيان نظرن آڏو اچن ٿا، جو هوند ڪو 'راڪاس برڙ باڪاس' ئي انهن ڪي عملي ويس پهرائي سگهي، ماڻهوءَ جي وس کان ته ٻاهر آهي --- 'مهاجر پاڻ ڪي سنڌي سڏائين/سمجهن، نه ته ڪين سمنڊ ۾ ٻوڙيو ويندو، ڌرتيءَ تان تڙي ڪيبو، جيئرو رهڻ نه ڏبو، ڌرتيءَ ۾ دفن ڪيو ويندو، وغيره وغيره.'

انگريز پرمار جي ڇُوسي اجلايل هڏيءَ، ٽڪر-ٻور ۽ چاپلوسيءَ تي پليل جاگيردارشاهي (جنهن ڪي سنڌيءَ جي هڪ سياسي اصطلاح ۾ "وڏيراشاهي" به سڏيو ويندو آهي) جيڪڏهن ايڏي ئي لائق فائق، اڪابر ۽ مڙس ماڻهو هجي ها، ته سنڌ هڪ خود مختيار جي حيثيت ۾ پنهنجي مڪمل آزادي ۽ اقتدار اعليٰ (sovereignty) بچائي ۽ برقرار رکي سگهي ها. سندس نالو ۽ نقشو ايئن مٽايو نه وڃي

ها، ان جي سموري پيداواري ۽ روزگاري وسيلن کي پرڏيهي پناهگيرن ۽ ڌرتيءَ ڌڪاڻن جي حوالي نہ ڪيو ويجي ها، جن اڳتي هلي انهيءَ ئي هٿ کي ڏنگڻ شروع ڪيو جنهن ڪين ڪير پياريو ۽ انهيءَ ڌرتيءَ کي وڍڻ جو ورد ڪيو جنهن ڪين پناهہ ڏني! اها جاگيردارشاهي چند ٽڪن عيوض يا عياشيءَ جي خسيس ڏني! اها جاگيردارشاهي چند ٽڪن عيوض يا عياشيءَ جي خسيس لالچ تي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ٻولي وڪڻي ڏيڻ يا ڇڏي ڏيڻ لاءِ تيار هوندي آهي!

سياست ۾ ڏڙڪو بہ ٿيندو آهي پر ايڏو سگهو ۽ هوائي بہ نہ!

ٻي ڳالهہ:

ڏڙڪو ڪنهن کي ڏيو ٿا؟

”مهاجرن“ کي!

(”مهاجرن“ کي ڇو، دهشتگردن کي ڇو نہ؟)

دهشتگرد اهو ئي تہ چاهين ٿا، هنن جو بنيادي مقصد ئي اهو آهي تہ هڪ مخصوص آباديءَ (جنهن کي اهي ”مهاجر“ سڏن ٿا ۽ ان لفظ ۾ لکين اهڙن ماڻهن کي بہ شامل ڪن ٿا، جيڪي تاريخي، تهذيبي، تمدني، ثقافتي، لساني، اخلاقي ۽ ذهني طرح سنڌي آهن جيئن ميمڻ، ڪاٺياواڙي، گجراتي، ڪڇي وغيره) سان ويڇو ۽ وير واري فضا پيدا ڪئي وڃي. اهي ان مخصوص آبادي ۾ هزارين چالبازين، بدمعاشين ۽ غنڊاگردين وسيلي ڊپ ۽ هراس ويهاري انهن کي هتان جي حقيقي ۽ تاريخي قومن سان ٽڪراءُ تڪر ۾ آڻي، انهن کان نفرت ڏياري، منجهن اجايو احساس محرومي ۽ عدم تحفظ پيدا ڪري پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۽ پنهنجي عوامي ۽ سياسي سگهہ ٻٽائڻ گهرن ٿا. هڪ ٻي بنيادي ڏڙڪو، ڇا ان آباديءَ کي اسان کان ڌڪي ڌار نہ ڪندو؟ اسان ڏانهن نفرتون نہ ويهاريندو؟ ۽ ڇا ان آباديءَ وٽ دهشتگردن جي اڳواڻي قبول ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا راهہ بچندي؟

سمورا ”مهاجر“ تہ ڇا، سمورا اردڪ ماڻهو بہ دهشتگردن جا حمايتي ۽ پوئلڳ ناهن --- اها ڳالهہ هميشہ لاءِ ياد رکڻ گهرجي!

اها اسان جي سياستدانن جي ڪوتاهہ بيني ۽ جهالت آهي، جو اهي دهشتگردن جي پسند جو لفظ ”مهاجر“ ورجائيندي رهن ٿيون ۽ گهربل معيار جو سياسي، نظرياتي، علمي ۽ اخلاقي ڪم نہ ڪري سگهڻ سبب پنهنجو سياسي اثر ۽ پرچار اردڪ آباديءَ ۾ نہ پکيڙي سگهيون آهن. ڪيترائي اردو ڳالهائيندڙ پ پ پ (پاڪستان پيپلز پارٽيءَ) ۾ شامل آهن ۽ دهشتگردن جي انتهائي ڪوشش آهي تہ پ پ کي سنڌي پارٽي سڏي/سڏائي، انهن کي پ پ کان ڇني ونجي. خود اها پ پ جي سياستڪارن جي بہ نااهلي آهي جو پنهنجو جمهوري پروگرام ۽ منشور اردڪ آباديءَ ۾ ڀرپور نموني نہ پکيڙي سگهيا آهن ۽ ان آباديءَ ۾ پنهنجي سياسي سرگرميءَ کي محدود رکي دهشتگردن جي سياسي واڌ جا دروازا کولي ڇڏيا اٿن.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ هجڻ گهرجي، تہ دهشتگردن کي سياسي حمايت رڳو اردڪ آباديءَ جي هڪ حصي، خاص ڪري ڏوهارين (Criminals) مان ملي ٿي، جڏهن تہ اردڪ آبادي پاڪستان جي ڪل

آباديءَ جو ست سيڪڙو مس آهي ۽ سنڌ جي ڪل آباديءَ جو ويهه سيڪڙو بہ ناهي. (دهشتگرد پنهنجن ڪٽن مقصدن کي پورو ڪرڻ ۽ پنهنجي آباديءَ کي وڌو انگ رڪندڙ ڏيکارڻ لاءِ ”مهاجر“ لفظ ڪم آڻي، انهيءَ ۾ ڪڇين، گجراتين، ميمڻن، ڪاٺياواڙين، عيسائين، پارسين، بوهرين وغيره سان گڏ هر ان بنگالي، برمي، بهاري وغيره فرد کي ڳڻين ٿا، جيڪو ڪهڙي بہ غير قانوني ۽ ناجائز طريقي سان سنڌ ۾ سمگل ٿي پهتو آهي.) پر پنهنجي دهشتگرد عمل جي زور تي هنن خاص ڪري اردو اخبارن (جيڪي هونئن بہ کين پنهنجي حمايت ڏينديون ۽ سنڌين خلاف نفرت پيدا ڪنديون آهن) ڏيهي توڙي پرڏيهي ڪيترن ئي قسمن جي ادارن کان بہ حمايت حاصل ڪري ورتي آهي. نتيجو اهو ٿيو آهي جو ڪوڙن انگن اکرن ۽ دستاويزن جي بنياد تي عالمي ادارن وٽ پاڻ کي مظلوم ۽ سنڌين کي ظالم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ذري گهٽ ڪامياب ٿيا آهن. انهن جي چالو پر منظم ”سياست“ سان جيڪڏهن سنڌي جاگيردارشاهيءَ جي ”سياست“ جي ڀيٽ ڪجي ٿي تہ اها ڪوهين ڏور ۽ جيتامڙي نظر اچي ٿي.

اها جاگيردار شاهي جڏهن دهشتگردن جي قوت کي پُجي نہ ٿي سگهي تہ دڙڪي داٻ کان ڪم وٺي پنهنجو طرو اوچو رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ ڪم ظرفي اها، جو دڙڪو دهشتگردن کي بہ نہ، عام اردڪ آباديءَ کي بہ نہ، انهن کي ڏين ٿا، جن کي دڙڪي ڏيڻ جي ڪري دهشتگردن جي قوت وڌي ٿي، ۽ اهو دڙڪو بہ اهڙو سڪٺو، لباڙي ۽ وات ڀيٺو، جو سندن ئي بي عقلي ۽ ڪوڪلائپ کي ظاهر ڪري ٻين کي مٿن کلڻ جو موقعو مهيا ڪري.

دڙڪو دهشتگردن کي ڇو نہ ٿو ڏنو وڃي؟

جاگيردارشاهي ٻاهران جيڏي رعبدار ڏِک ڏيندي آهي اندران اوتري ئي ڊڄڻي، ڪانئر ۽ گيدي هوندي آهي. جاگيردارشاهي پنهنجي ئي راڄ ڀاڳ ۾ ڪمزور لاءِ ڪنور، قاتل ۽ وحشي هوندي آهي ۽ ان جو جڻ ٻچو رلائي ڇڏيندي آهي، پر جنهن جي هٿ ۾ ڏنڊو هوندو ان آڏو لور لور ڪندي ۽ پڇ لوڏيندي نظر ايندي آهي. جاگيردارشاهي سمجهي ٿي تہ دهشتگردن جي هٿ ۾ پاور آهي.

دڙڪو عوام کي ڇو؟

اهو بہ جاگيردارڪي ذهنيت جو اولڙو آهي جيڪا عوام خلاف ’واڙ جي سوئر‘ برابر آهي، جاگيردارشاهي سمجهي ٿي تہ ائين ڪرڻ سبب متان عوام ۾ سندس ڪرنڊڙ ساک کي هٿي ملي پوي، نہ تہ اها هيءَ حقيقت بخوبي ڄاڻي ٿي تہ سندس دڙڪي جو اردڪ عوام ۽ دهشتگردن تي ڪو بہ اثر نہ ٿيندو (۽ شايد، اهو ڄاڻي ٿي يا نہ ٿي ڄاڻي تہ سندس ان حرڪت جي ڪري دهشتگردن کي ئي فائدو ٿيندو).

جڏهن جمهوري رويا پنهنجي حقيقي روح موجب سگهارا هوندا آهن تڏهن دڙڪو پنهنجو مفهوم وڃائي ويهندو آهي، تڏهن ڳالهيون ٿينديون آهن، پنهجي عمل وسيلي پاڻ کي بهتر ثابت ڪرڻ جون ڪوششون ڪبيون آهن، پنهنجين سوچن کي منطق، فلسفي ۽ نظريي جي آڌار تي سائنسي اصولن موجب پيش ڪيو ويندو آهي ۽ عقل ۽ علم جي برتري سوڀ ماڻيندي آهي.

(سياست ۾) دڙڪو ڪير ڏيندا آهن؟

ڊڪٽيٽر، غاصب، بدمعاش، دهشتگرد، داداگير، بليڪ ميلر، غنڊا ۽ ڌاڙيل يا وري اهي لوٽيا، جن جو گذر سفر ٻئي ڪنهن نموني نہ ٿي سگهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهي بہ ڏڙڪو ڏيندا آهن جڪي ياڙيا يا ڏٻرا هوندا آهن، پر اهي پرپٺ دڙڪو ڏيندا آهن ۽ ان کي ”ڏنوڻ“ يا ”ڀٽڪڻ“ چئبو آهي.

سياست ۾ دڙڪي مهل سڀ کان بدترين روپ غاصب ۽ آمر جو هوندو آهي. تاريخ ۾ ٻين ڏيهن کي ڇڏي سنڌ جي حوالي سان رڳو هڪ مثال مختصر احوال لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿو.

جنرل ايوب ۽ جنرل ضياءالحق پاڪستان جي 48 وَرهِيہ تاريخ جا ويهہ ورهيہ پنهنجي ڊڪٽيٽريءَ وسيلي ڪائي ويا. هڪ جي دور ۾ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ ٻئي جي دور ۾ سنڌين کي. ٻنهي جي وس ۾ جيترو بہ ۽ جهڙو بہ ظلم ڪري سگهڻ ممڪن هو سنڌ، سنڌيءَ ۽ سنڌين سان ٿيو. هزارين ماڻهن کي جسماني طرح ايذايو ۽ ماريو ويو --- لالچ تنهن کان ڌار --- توهان ڏسندا تہ رڳو جاگيردارشاهي ۽ ڪاموراشاهي ئي هئي جنهن سندن آڻ مڃي، خدمت ڪئي ۽ هڏيون چوسيون. مجموعي طرح سنڌي عوام نہ تہ سندن دڙڪي دهمان ۾ آيو ۽ نہ وري لالچ يا هٻچ ۾. اهي تہ حڪمران هئا، سندن وس ۾ پاڪستان جون سڀ کان وڏيڪ سگهاريون قوتون هيون، قانوني پڇاڻي کان آجا هئا ۽ جيڪو وڻين ٿي، سو ڪري سگهيا پئي. ڇا سنڌين پنهنجي ٻولي ڇڏي، ڌرتيءَ تان هٿ ڪنيو، سياست کي تياڳيو، ماٺ ڪري ويهي رهيا؟

سنڌين جو مثال پاڪستان جي تڪري ۾ سڀ کان وڏيڪ مظلوم ماڻهن جو مثال آهي، جيڪي هر پاسي کان قادري گهوڙن جي گهيري ۾ آيل ۽ واڳن جي ور چڙهيل آهن، جن سڃيءَ چاتل تاريخ ۾ ڏک وڏيڪ ۽ سک نہ جهڙا ڏنا آهن...

سياست ۾ دڙڪي جو نتيجو؟

نفرت، ۽ اجا وڏيڪ نفرت.

دڙڪن وسيلي ماڻهن کان پنهنجون ٻوليون، ثقافتون ۽ تهذيبون نہ ٿيون ڇڏرائي سگهجن.

دڙڪو ممڪن آهي تہ ڪجهہ عرصي لاءِ ڪجهہ ماڻهن جي ذهنن تي دٻاءُ وجهي ڪين مانو ڪري سگهي (پر انهن جي من مان بہ مير نہ ٿو ڪڍي سگهي) ۽ ان لاءِ بہ هڪ شرط آهي تہ دڙڪو ڏيندڙ سنڌي جاگيردارشاهيءَ جَهڙي پير-چاتو ڪودڙي نہ هجي.

ظلم، جبر، ڏاڍ، ڌهڪاءَ، دڙڪي ۽ داٻ وسيلي ماڻهن جي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب برابر تبديل ڪري سگهجي ٿي، پر ان لاءِ لازم آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنجن نسلن تائين اهو سلسلو برقرار رکيو وڃي. اهڙو هڪ مثال آمريڪي ڪارن (نيگروز) جو آهي جن کي لاڳيتو هڪ سَو ورهين تائين نظر ۾ رکندي هڪ ٻئي کان ڇني، مارئيندي، قتل ڪندي ۽ دٻائيندي پنهنجي ٻولي ۽ رهڻي ڪهڻي ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو.

سنڌ ۾ دهشتگردن سدائين گهربل فرد يا ڌر کي اڪيلي سر ڌمڪي ڏئي پنهنجي داٻ هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي --- اخبارن جي مالڪن کي، اخبارن ۾ لکندڙ ليکڪن کي، مخصوص نوڪرين تي ڪم ڪندڙ ڪامورن کي، دڪاندارن کي، وغيره. مثال طور هنن ڪڏهن بہ ايئن نہ چيو

تہ جيڪي واپاري ڪين ”چندو“ نہ ڏيندا، انهن کي قتل ڪيو ويندو. ان جي بدران ”چندو“ نہ ڏيندڙ اڪيلي دڪاندار کي نقصان رَسائيندا ۽ ان جي ڪري ڊجي ٻيا پاڻ ئي ”چندو“ ڏيڻ شروع ڪري ڏيندا. ”تڪبير“ جي ايڊيٽر صلاح الدين کي ڪيترائي مالي نقصان رسائڻ ۽ ذهني تڪليفون ڏيڻ کان پوءِ بہ جڏهن هن پنهنجي قلم کي دهشتگرديءَ خلاف لکڻ کان نہ جهليو، تہ نيٺ ڪيس گوليون هنيون ويون. (توڙي جو مون کي سندس سياسي نڪتي نظر سان اختلاف هو، پر هن جيڪا دهشتگردن ۽ دهشتگرديءَ خلاف علمي جنگ ڪئي، ان ڪري مون وٽ هن لاءِ ان حوالي سان عزت آهي.) دهشتگردن جو اهو عمل ٻين ڪيترن ئي ليکڪن کي سندن خلاف لکڻ کان رنڊائي رکندو. اڪيلو ڪري مارڻ ممڪن آهي، پر واسطيدار سڄي سماج کي ڌمڪي ڏيڻ بي عقليءَ جو مظهر.

دهشتگردن خلاف ڪا بہ ڌمڪي تڏهن ڪارگر ٿي سگهي ٿي، جڏهن ڪين اجتمائي طرح نہ، پر اڪيلي اڪيلي فرد تائين پهچي ڌمڪايو وڃي ۽ ڪٿي ڪٿي ڌمڪيءَ کي عملي ويس بہ پهرايو وڃي.

(هلال پاڪستان، 10-جنوري 1995ع)

## ’مهاجر‘، ’اُردڪ‘ ۽ دهشتگرد ۾ فرق ڪرڻ ڪپي!

”مهاجر“ لفظ جي هڪ اصلي معنيٰ ۽ هڪ مفهوم آهي: اهو جيڪو ڪن بہ سببن جي ڪري، پر سَتائجِي، پنهنجو اباڻو علائقو ڇڏڻ تي مجبور ٿئي ٿو ۽ ڪجهہ عرصي لاءِ ڪنهن ٻئي علائقي ۾ وڃي پناهہ وٺي ٿو، تہ جيئن حالتون سڌرندي ئي پنهنجي علائقي ڏانهن موٽي سگهي. ان کي انگريزيءَ ۾ Refugee (رفيوجي) ۽ عربيءَ ۾ ”مهاجر“ سڏجي ٿو. سنڌيءَ ۾ چئون ”پناهگير“ (جيڪو اصل فارسي لفظ آهي).

پر سنڌ ۽ پاڪستان جي سياست ۾، 1947ع کان پوءِ، ”مهاجر“ لفظ جو واهپو ڪِيني ۽ ڪدورت سان ٽمٽار هڪ ٻئي مخصوص مفهوم ۾ بہ ڪيو ويندو رهيو آهي ۽ ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان ٺهندي ئي ٿيل لڏ پلاڻ مهل اهو لفظ سنڌ جي وَسندين ۽ وسيلن تي ناجائز قبضي جي مقصد لاءِ استعمال ڪيو ويو ۽ ڪُوڙين ڪِليمن ۽ ڪُوڙين ڊگرين ۽ شاهدين وسيلي قورو حڪمران ٽولي جي چانوَ ۾ ڏاڍ هيٺ اهو مقصد پورو ڪيو ويو. متروڪ ملڪيت جي نالي ۾، ڪارن قانونن جي ٽيڪ تي هڪ خصوصي رٿابنديءَ هيٺ هڙپ ڪيو ويو ۽ ڀارت کان مختلف سببن جي ڪري لڏ پلاڻ ڪري يا ڀڄي آيل ماڻهن کي سنڌ ۾ وَسايو ويو. ون-يونٽ وسيلي انهيءَ قرلٽ ۽ قبضيگيريءَ ۾ تيز ترين واڌ آندي وئي ۽ سنڌ جون ڪيتريون ئي ٻَليون زمينون پنجابين ۽ پناڻن کي بہ ملي ويون. انهيءَ عرصي ۾ حڪمران ٽولن خود پنهنجن قانونن جي جيڪا بيحرمتي ڪئي، سا تاريخ جو هڪ عجيب رڪارڊ آهي. اڄڪلهہ انهيءَ لفظ ”مهاجر“ کي تِهائين وڌيڪ غليظ مقصدن لاءِ ڪم

آندو ويجي ٿو. ان لفظ جي آڙ ۾ هڪ جڙتو قوم جو تصور ميدان تي آڻي، نام نهاد دانشورن کان پرچار ڪرائي، هٿيارن جي زور تي دهشتگردي ڪري، اهو مقصد ماڻڻ جي ڪوشش جاري آهي.

اڄ دهشتگرد جڏهن اهو لفظ ڪم آڻين ٿا، تڏهن سندن مفهوم ڏاڍو وسيع آهي. هاڻوڪي پاڪستان جي تاريخي ۽ حقيقي قومن جي فردن کان سواءِ، هر اهو پرڏيهي، خاص ڪري جيڪو اڄوڪي ڀارت جي ايراضيءَ مان 1947ع کان پوءِ ناجائز لڏ پلاڻ ڪري سنڌ ۾ آباد ٿيو آهي، اهو ۽ ان جو 1947ع کان اڳ سنڌ ۾ رهندڙ ۽ ڪو به ناتو رکندڙ فرد، هن لفظ ۾ شامل سمجهيو وڃي ٿو. دهشتگردن جي هام موجب، اهي سڀ ان جڙتو قوم جا فرد آهن ۽ سندن سنڌ جي سرزمين تي قبضيگير سپر پاوري حق پيدا ٿي پيو آهي، جنهنڪري هڪ نئين نالي وارو ڏيهه خلقيو وڃڻو آهي، جنهن جون سرحدون اڃا طي ٿيل ناهن، پر اهي هاڻوڪي سنڌ جي اندر يا ان سان گڏ ان کان ٻاهر به ٿي سگهن ٿيون.

انهيءَ جڙتو قوم جي تصور کي مضبوط ۽ محڪم ڪرڻ لاءِ انهن دهشتگردن لفاظيءَ ۽ دهشتگرديءَ جو هڪ وسيع جار پکيڙي ڇڏيو آهي. انهيءَ جار جو هڪ اکو اهو به آهي ته سندن پسند جي آباديءَ وارا فرد هتي جي حقيقي ۽ تاريخي قومن سان ٽڪر (تضاد، ويڙهه) واري حالت ۾ رهن ۽ انهن جي وچ ۾ پاڻ کي غير محفوظ سمجهندي ساڻن سندن جيڪي به سنها ٿلها ناتا آهن، اهي ٽوڙي دهشتگردن جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيڻ کان سواءِ وٽن ٻي ڪا به راهه نه هجي، خاص ڪري ڪراچيءَ ڏانهن سندن لڏ پلاڻ تيز ٿئي ۽ اتي ڀارت توڙي بنگال کان سمگل ٿي ايندڙ اردڪ ڀارتي (اڄوڪي ڀارت ۾ مغلائي اُرد-لشڪر سان واسطو رکندڙ فردن) ۽ بهارين (خصوصاً اهي جن بنگلاديش ۾ انساني تاريخ جا بدترين ڏوهه ڪيا) جا ٽولا به آباد ٿي وڃن. اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هنن نه رڳو اردو اخبارن ۾ پالتو دانشورن وسيلي پروپيگنڊه مهم تيز ڪئي، پر سنڌين، پنجابين ۽ پناڻن تي سڌيون گوليون هلائي، انهن کي پاڻ سان ويڙهه واري حالت ۾ آڻي، ساڻن هر قسم جي ناتن ۾ شڪ ۽ وير ويهاري ڇڏيو.

دهشتگردن جو سندن غليظ مفادن کي ٽيڪ ڏيندڙ هڪ حربو اهو به آهي، ته اهي جنهن مخصوص آباديءَ کي "مهاجر" جي نالي سان متعارف ڪرائڻ گهرن ٿا، انهيءَ کي "مهاجر" جي نالي سان ئي سڏيو وڃي. هُو اهو ڪم بندوق، اخباري پرچار ۽ پنهنجن دانشورن ۽ ايجنٽن کان وٺن ٿا ۽ کي مخصوص ايجنسيون ۽ ڏيهي توڙي پرڏيهي ادارا سندن اهو ڪم ڪجهه پنهنجو اَڏو ناهڻ جي نيت رکي پورو ڪندا رهن ٿا.

اسان جا ڪجهه مت-مُوڙهل وڏيرا سياستدان جهڙوڪر خدا ڪارٽي يا شاهد پنهنجي ڊيوٽي پوري ڪندي دهشتگردن جي ان ڪُڌي مقصد کي پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ احمقپائيءَ وسيلي پورو ڪندا رهيا آهن ۽ ڪندا رهن ٿا. خاص ڪري، جڏهن کان دهشتگردن سنڌ کي ورهائي سندن نام نهاد قوم لاءِ هڪ ڌار زميني ٽڪرو قبضي ۾ آڻڻ جو اعلان ڪيو آهي، تڏهن کان اسان جي ڪن "اڪابر" سياستدانن، دهشتگردن کي نه، پر "مهاجرن" کي دڙڪا ڏيڻ شروع ڪيا آهن، ته ڪين سمنڊ ۾ ٽڙتو ڪيو ويندو، ڀارت موٽائي موڪليو ويندو، وغيره، وغيره. اهي دهشتگردن کي دڙڪو ڏيڻ

جي شايد همت ئي نہ ٿا رکن ۽ اهو بہ تاڙي نہ ٿا سگهن، تہ سندن بيانن ۾ ڪيڏي نہ مورڪپائي ۽ هلڪڙائي لڪل آهي. ڏڙڪن سان ماڻهن کان سندن ٻوليون، تهذيبون، ثقافتون ۽ سياستون ڇڏرائي سگهبيون آهن ڇا؟ جي ايئن هجي ها، تہ اڄ سنڌ ۾ سنڌي ڪٿي لڀن ها! ڇا انهن ۽ اهڙي قسم جي سڪڻن، سطحي ۽ اڻگهڙيل ڏڙڪن جو سڌو نتيجو اهو نہ ٿو نڪري، تہ توهان (جن کي ڪي دهشتگرد "مهاجر" سڏن ٿا) وڃو، وڃو ۽ وڃي دهشتگردن جي پناهہ هيٺ اچهو ڳوليو، دهشتگردن جي عوامي سگهہ ٿيو!

بيان بازي ۽ پرچار هڪ وڏو فن آهي، هنر آهي، علم آهي. هُنن (دهشتگردن) جو فن، هنر ۽ علم ڏسو، تہ ڪيئن پنهنجي مقصد جي پرچار نہ رڳو پاڻ ڪن ٿا، پر انهن کان بہ ڪرائن ٿا، جيڪي پاڻ کي سندن دشمن ظاهر ڪن ٿا ۽ هِنن (وڏيرن سياستدانن) جو فن، هنر ۽ علم ڏسو، تہ دهشتگردن جي سگهہ ۾ ڪيئن نہ عوامي عنصر وينا وڌائن ۽ پنهنجي جهالت ٿا اُجالن!

1947ع کان پوءِ پارٽ جي هاٽوڪي ايراضيءَ مان ڪيترائي ميمڻ، ڪڇي، گجراتي، ڪاٺياواڙي وغيره بہ لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ بہ سندن هڪ وڏي ڳڻپ سنڌ ۾ رهندڙ هئي. اهي سڀ نہ رڳو قديم سنڌ جو هڪ ڀڱو آهن پر سندن ٻوليون بہ سنڌي ٻوليءَ جا ئي مختلف محاورا آهن. اهي سنڌ جو تهذيبي، تمدني، ثقافتي ۽ لساني اڻٽٽ جز آهن. ساڳيءَ طرح هزارن جي ڳڻپ ۾ عيسائي، پارسي، بوهري ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي قومي ٽولا سنڌ جي آباديءَ جو حصو هئا ۽ آهن. مون پاڻ خاص ڪري انهن ٽولن جي ڪيترن ئي بزرگن کي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي، لکندي ۽ پڙهندي ڏٺو، ٻڌو آهي. لڏ پلاڻ ۾ انهن قومي ٽولن جا بہ ڪي ئي ماڻهو شامل هئا. شخصي طرح ڄاڻان ٿو تہ متي ڄاڻايل سيني ماڻهن جي آباديءَ جي وڏي اڪثريت پاڻ تي مهاجرن جو لعنتاڻو مڙهڻ پسند نہ ٿي ڪري، اهي سنڌي آهن ۽ سنڌي ٿي رهن ٿا، پر اسان پنهنجي سياسي نالائقيءَ ۽ ڪوتاهہ بينيءَ سبب جهڙوڪ سيني کي دهشتگردن جي ڪاتي ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي، ۽ دهشتگرد نہ رڳو ڪانئن معاشي پر سياسي، ثقافتي، اخلاقي ۽ لساني سگهہ بہ حاصل ڪري رهيا آهن.

اهڙو ئي هڪ ٻيو مثال انهن سنڌي ماڻهن جو آهي جن اردو ڳالهائيندڙ گهراڻن مان شاديون ڪيون آهن، اهو هڪ اهڙو ناتو آهي جيڪو سماجي تبديلي برپا ڪري سگهي ٿو پر عملي نتيجو اهو آهي تہ انهن گهرن ۾ "سنڌيپڻو" گهٽ ۽ "اردائپ" وڌيڪ ٿي پلجي.

هن وقت عملي صورت اها آهي تہ "مهاجر" لفظ لکڻ ۽ چوڻ سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح دهشتگردن جي مقصدن کي ٽيڪ ڏئي ٿو. ان ڪري اهو لفظ احتياط سان ۽ سوچي سمجهي ڪم آڻڻ گهرجي.

حقيقت اها آهي تہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڪيترائي اردو ڳالهائيندڙ ماڻهو بہ سنڌي قوم جو هڪ حصو هئا، پر لڏ پلاڻ کان پوءِ ڪراچيءَ مان سنڌي ميڊيم اسڪول ختم ڪرڻ، سنڌي ڏانهن ساڙيلو رويو رکڻ ۽ اردو کي "قومي" ۽ سرڪاري حيثيت ڏئي وسيع آباديءَ تي مڙهڻ جي ڪري

اردو ڳالهائيندڙ آبادي پنهنجون پاڙون هوا ۾ ئي ٽنگيل رکيون. انهن سنڌ کي ڄٽڪ مفتوح علائقو سمجهيو ۽ سنڌي انهن لاءِ اوپري رهجي وئي.

سنڌي ماڻهو پنهنجي تاريخي ۽ روايتي سڀاءُ جي ڪري هر ٻولي ۽ انساني اولاد ڏانهن سڀاجهو رويو ئي رکن ٿا. اردو ٻولي توڙي اردو ڳالهائيندڙن ڏانهن به سندن اهو ئي پنهنجائپ ڀريو رويو برقرار رهيو. پر پاڪستان، مذهب ۽ مهاجر جي نالي ۾ جڏهن ڪانئن ٻولي ڪسي هڪ پارٽي اردڪ ٻولي مڙهي وئي ۽ سنڌ جا پيداواري توڙي ٻيا روزگاري وسيلا ۽ مال ملڪيتون ئي نه، سنڌ کي به نقشي تان گم ڪيو ويو ۽ سنڌين ڏانهن، پاڪستان جي حقيقي خالقن ڏانهن، اهڙو رويو رکيو ويو ڄڻڪ اهي ٽئين درجي جا غلام شهري هجن تڏهن پنهنجو وقار وري هٿ ڪرڻ لاءِ ضروري هو، ته سنڌي پنهنجي ساٿيهه کي وسائڻ لاءِ ساهه سر گهورڻ جي جذبي سان جاڳي پون، تڏهن ”اردڪ“ ۽ ”اردو“ کي به سمجهڻ جي گهرج پئي.

”ارد“ ترڪ لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي ”لشڪر“. لشڪر جي حوالي سان ان جي ڏاڍي واري هنڌ (ڇانوڻيءَ) کي به ”ارد“ جي ئي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو. مغل حاڪمن جي ڦورو مفادن لاءِ مستقل ويهاريل ”ارد“ جيڪا ٻولي اختيار ڪئي، اها سڏي وئي ”اردو“ ۽ ”ارد“ سان واسطيدار فرد سڏبا ”اردڪ“. انگريزن جي غلاميءَ هيٺ اچڻ کان پوءِ به اردڪ ماڻهن جي ذهنيت ۾ ”اردائپ“ زنده رهي --- ”ارد“ سدائين پرائي مال ۽ ٻئي جي پورهئي تي پليو آهي ۽ ڦورو حاڪمن جا مفاد پورا ڪندي مظلوم ۽ بيگناهه ماڻهن کي قتل ڪندو، ماريندو ۽ ڦتيندو ۽ گهرن، وسندين ۽ آبادين کي ساڙي برباد ڪندو آهي. دنيا ۾ سمورا خاندان مختلف قسمن جي اردن (مختلف دورن ۾) برپا ڪيا. مغلائي ارد به حسب روايت مذهبي آڙ ۾ انڊيا (قديم هند سنڌ) جي ڌرتيءَ تي ڄاوا ڪيا.

پاڪستان جي نهراءَ ۾ ڪنهن قسم جي آباديءَ جي لڏ پلاڻ جو ذڪر نه ڪيو ويو هو، ڪابه لڏ پلاڻ نه ٿيڻي هئي، تنهنڪري 1947ع ۽ ان کان پوءِ واري سموري لڏ پلاڻ غير قانوني ۽ ناجائز آهي. پارٽي اردڪ ماڻهن ان ڌرتيءَ جي ٽڪري تي چا چا ڪيو هو جو ڪين اتان لڏ پلاڻ ڪرڻي پئي، ان جو ذڪر هت ڪرڻ مناسب ناهي، پر ان کي ڳڻ هيٺ آڻڻ بدران سنڌي ماڻهن پارٽي پناهگير اردڪ ماڻهن جي مجبور ۽ ماريل حالت زار کي ڏٺو ۽ پنهنجي فطري رحمدلي ۽ انسان دوستي (۽ انهن ڏينهن ۾ مذهب دوستيءَ) سبب پنهنجو ڳرهه به ڪين آڇي ڏنو. پارٽي اردڪ پناهگر جو جڏهن پيٽ ڀريو، ته سندن نواب اڳواڻ جڏهن سازشون ڪري حڪومت جا ڪي اهم عهدا والاري ورتا، ته سندن ”اردائپ“ جاڳي پئي ۽ هو عملاً مغلائي اردڪ ٿي ويهي رهيو. هن هڪ ڀيرو وري تاڙي ورتو ته مذهب ۽ مظلوميت جي آڙ ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ تي به ڏاڙا هڻي ۽ بيداد ڪري سگهجن ٿا. (سنڌ جي ڌرتي انگريز جي پالتو جاگيردارن جي نيچ ۽ جاهل ذهنيت سبب عوامي سطح تي هيٺي ۽ مفلوج ٿيايل هئي). پنجابي ڦورو حاڪم ٽولا جيڪي گڏريل هڪ صديءَ کان سنڌ جي سرزمين تي ميري نظر رکيو وينا هئا، هڪدم سندن رکوالا ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي بينا ۽ پاڻ به سنڌ کي ڪرڻ لڳا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪو سٽيو ڳرهه پنهنجي عوام کي به ڏيڻ لڳا، جنهن ڪري ان جي اکين تي انڌ اچي ويو. ”پاڪستان“ ۽ ”مهاجر“ لفظن کي نئين سر هڪ نئون وڳو پهرايو ويو جنهن تي کي اهڙا نالا ۽ نعرا به لڪيل هئا جن جو 1948ع کان اڳ مسلم ليگ جي ڪنهن به منشور ۾ ذڪر ئي ڪو نه هو.

سنڌ ۽ سنڌين خلاف غليظ ترين ۽ ڪوڙي، هٽ نوڪي پرچار جي بازار گرم ڪئي وئي. اردائپ جو خمير رکندڙ اردڪ ماڻهن جي پونير اڄ جديد هٿيار سنڀالي، دهشتگردي ڪري، مهاجر قوم ۽ سپر پاوريءَ جو جڙتو نعرو هڻي، سنڌ کي هڙپ يا ٽڪرا ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

نوابزادي لياقت علي خان نفرتن ۽ ڦرلٽ جي جنهن ڪوري کي تيار ڪيو، تيلي ڏيکاري ۽ مچايو، نواب مظفر ۽ رئيس امروهوي پڙڪائي پنيٺ ٻٽايو ۽ اجوڪن دهشتگردن منجهس بارود وجهي اجا به اوچو ڪيو. ان جي جيين نه رڳو سنڌين، پنجابين ۽ پٺاڻن کي ساڙيو پر اڄ ته انهن سنڌن ئي ساٿين ۽ اولاد کي به پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي ورتو آهي.

جيئن سمورا سنڌي ماڻهو پيپلز پارٽيءَ جا حمايتي ناهن، تيئن سمورا اردڪ ماڻهو به دهشتگردن جا پوئلڳ ناهن. دهشتگردن ۽ عام اردڪ ماڻهن جي وچ ۾ به فرق ڪرڻ گهرجي. اردڪ ماڻهو مسلم ليگ ۾ به آهي ته پيپلز پارٽيءَ ۾ به، جماعت اسلاميءَ ۾ به آهي ته جميعت علماء ۾ به، تحريڪ جعفريه ۾ به آهي ته سپاهه صحابه ۾ به، وغيره. ڪيترائي اهڙا به آهن جيڪي هر قسم جي سياست کان لا تعلقيءَ جو اعلان ڪن ٿا ۽ ڪي اهڙا به آهن جو ايم ڪيو ايم (مهاجر قومي موومينٽ) جي ٻنهي ڌرين پاران دهشتگردي، ڊپ ۽ هيبت باوجود ان جي ڪڌن ڪرتوتن خلاف لکن ۽ ڳالهائن ٿا.

ڏوهاري (Criminals) ڌرتيءَ جي هر قوم ۽ نسلي لساني يا ثقافتي ٽولي ۾ موجود آهن. اردو ڳالهائيندڙن ۾ به جيڪي خوني، ڌاڙيل، غنڊا، زاني، بدمعاش، نشئي وغيره آهن. انهن ڏوهارين جو به هڪ حصو دهشتگردي ڪري ٿو. پاڻ کي سياست جي آڙ ۾ لڪائي ٿو، ڪٽر اردپرست آهي ۽ مظلوميت جو ڍونگ رچائي، مهاجرائپ جو نعرو هڻي، سنڌ تي قبضو ڪرڻ گهري ٿو. اسان جي علمي ۽ سياسي نالائقي چئبي، جو انهيءَ ڳالهه کي سمجهي ۽ ان ۾ فرق نه ڪري سگهون.

سنڌ جي هڪ آباديءَ کي دهشتگردن ۽ سنڌ دشمنن جي چنبي ۾ وڃڻ ۽ انهن جا مقصد پورا ڪرڻ کان بچائڻ لاءِ لازمي آهي ته پاڻ ۾ سياسي سرت پيدا ڪري عمل جي ميدان ۾ اچون. ان لاءِ اسان کي جيڪي ڪم اٽتر نموني ڪرڻا آهن انهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1- سنڌ ۾ سنڌيءَ جي اٽنٽ انگن، خاص ڪري ميمڻن، کوجن، گجراتين ۽ ڪاٺياواڙين کي مهاجرائپ جي نالي ۾ نعري هيٺ دهشتگردن جو ڪاج ٿي وڃڻ کان بچايون. انهن سان پنهنجا سڌا علمي، عملي، سياسي، ثقافتي ۽ تمدني ناتا قائم ڪريون ۽ سنڌن سمورن معاشي، سياسي، اخلاقي، ذهني ۽ علمي سگهه کي سنڌ جي دائمي مفادن جي حمايت ۾ ڪتب آڻيون.

2- سمورن اردو ڳالهائيندڙ عوام سان سڌي لاڳاپي ۾ اچي، کين پنهنجي وطن دوست، جمهوري، عوامي، انقلابي ۽ انسان دوست پيغام کان واقف ڪريون، دهشتگردن جي اصلي روپ کي اگهاڙو ڪريون، جيڪي کين هڪ پيرو وري هوا ۾ ٽنگي، خوابن جي دنيا ۾ ويهاري "مهاجر" (رفيوجي، پناهگير) بڻائڻ گهرن ٿا ۽ ڪانئن چٽيءَ طرح پڇون، ته ڇا اهي ذهني طرح هڪ پيرو وري "مهاجر" ٿيڻ لاءِ تيار آهن؟

3- مهاجرائپ ۽ ان جي آڙ ۾ مظلوميت جي سموري ڍونگ کي کولي بيان ڪريون. مهاجر (رفيوجي، پناهگير) کي ڪو به حق ناهي جو پناهه ڏيندڙ ڌرتيءَ تي دائمي رهائش اختيار ڪري سگهي ۽ نه ئي وري هن کي ان ڌرتيءَ تي معاشي وسيلا خريد ڪرڻ، نوڪريون ڪرڻ، روزگار جي

وسيلن تي قبضا ڪرڻ، ان ڌرتيءَ جي اندروني معاملن سان لاڳاپيل سياست ڪرڻ، تعليمي ادارا هلائڻ، وغيره جا ئي ڪي حق حاصل آهن، اقوام متحده جي چارٽر ۾ مهاجر لاءِ جيڪي به رعايتون رکيون ويون آهن انهن پٽاندر ڪين مهاجر ڪئمپن ۾ رکرائڻ ۽ ترت ڪين پنهنجي اصلي ماڳ ڏانهن موٽي وڃڻ جو بلو ڪريون. انهيءَ مقصد لاءِ اقوام متحده ۾ درخواستون وجهون، ته سنڌ جي ڌرتيءَ تي جيڪو به پاڻ کي مهاجر سڏي ٿو، سمجهي ٿو ۽ ٿيڻ لاءِ تيار آهي، ان کي مهاجر جي حيثيت ۾ رکڻ لاءِ سنڌي ماڻهن جي اصولي تاريخي ۽ قانوني حق جي حفاظت ڪئي وڃي.

4- دهشتگردن هٿان قتل ٿيندڙ، ڦرلٽ، اغوا، زنا، ڍپ، وغيره جي شڪار ٿيل ماڻهن (کهڙي به ٻولي ڳالهائيندا هجن) بابت دستاويزي ثبوتن کي پڌرو ڪيون، دنيا جي امن پسند، انسان دوست، ماحول-سڌار وغيره ادارن وٽ پيش ڪيون ۽ دهشتگردن خلاف عمل ڪرڻ لاءِ حڪومت توڙي عالمي ادارن کي جوڳو قدم کڻڻ تي آماده ڪريون.

5- جيڪي به ادارا، سياسي پارٽيون، اخبارون وغيره دهشتگردن کي ڪنهن به ٻئي روپ ۾ پيش ڪن ٿا، انهن خلاف جدوجهد ڪريون ۽ سندن غليظ مقصدن کي کولي پڌرو ڪيون.

6- پنهنجو، پنهنجيءَ سياست جو، پنهنجي اصولي موقف جو تنقيدي جائزو وٺي ان ۾ جيڪي خاميون ڪوتون هجن، انهن کي درست ڪيون، ڪمزورين ۽ غلطين کي ختم ڪريون، پاڻ کي علمي توڙي عملي ميدان ۾ باعمل بڻايون، دهشتگردن جي حقيقي قوت جي ڪٿ ڪريون ۽ انهن جي سڀ طرفين سازشن کي سڀ طرفو ناڪام بڻايون.

7- سنڌ جي ڌرتي عملي تاريخي طرح امن ۽ انسانيت جي ڌرتي آهي، جيڪو به ان جي امن ۽ انسانيت ۾ خلل وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انهيءَ لاءِ کهڙا به حربا ڪم آڻي ٿو، ان لاءِ گهربل منهن ٽوڙ ڪاروائيءَ جي مڪمل تياري ڪري، امن ۽ انسانيت جي دشمنن کي ختم ڪري، هن ڌرتيءَ کي هڪ ڀيرو وري امن ۽ انسانيت جو مثالي ڏيهه بڻايون.

(هلال پاڪستان، 4-جنوري 1995ع)

## سنڌ جي نئين چونڊيل حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم جو ڪردار

چونڊن کان چند ڏينهن اڳ، مهاجر قومي موومينٽ جو نالو متحده قومي موومينٽ رکيو ويو. ٻنهي جو انگريزيءَ ۾ شارٽ فارم ايم ڪيو ايم ٿئي ٿو. اها ڳالهه چٽيءَ طرح ٻڌائي ٿي ته هن مخصوص ٽولي جا سردار ۽ روح روان وقت سر پنهنجو ويس، نقاب، چهرو، ٻاهر ته تبديل ڪري سگهن ٿا، پر اهي پنهنجي روح، اندر، گهرائي، جوهر ۾ بدلجن، اهو ممڪن ناهي. ڪٽرپڻي جو ڪاٺو ان مان ئي ڪري سگهجي ٿو.

ايم ڪيو ايم جا ٻه ٽولا آهن: هڪ، جنهن جي اڳواڻي الطاف حسين ڪري پيو، ۽ ٻيو اهو، جيڪو عامر خان جي وس هيٺ آهي. ٻنهي ٽولن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو هڪ ٻئي لاءِ چوڻ آهي ته اهي دهشتگرد، قاتل، ڌوهاري ۽ بليڪ ميلر آهن. جيئن ته ٻنهي پاسن ڏي نقصان ٿيو آهي، ٻنهي

وٽ هٿيار آهن، ٻنهي جا ڪارڪن اغوا ٿيا، ايذايا ۽ ماريا ويا آهن، ان ڪري هڪ ٻئي بابت ٻنهي جي راءِ درست آهي. جڏهن اهي ٻئي ٽولا گڏ هئا، تڏهن سنڌن ئي ”منحرف“ ڪارڪنن ۽ انهن جي مٽن مائٽن جي قتل ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام جو ڊپ ۾ ونجي وڃڻ جون خبرون تہ عام هيون، پر گهٽي قدر جيڪو ڪوس ٿيندو هو ان ۾ پناڻ، پنجابي ۽ وڏي پئماني تي سنڌي هوندا هئا، ۽ انهن سيني جي گڏيل راءِ هئي تہ ايم ڪيو ايم دهشتگرد، قاتل ۽ وحشي ٽولي جو نالو آهي.

چونڊن ڪان ڪي ڏينهن اڳ جڏهن ايم ڪيو ايم الطاف ٽولي چونڊن جي بائڪات جو اعلان ڪيو، تہ حڪومت جي ”اعليٰ“ ادارن ڪان ويندي ڪراچيءَ جي ”ادنيٰ“ رهاڪو تائين هر هڪ ڦڙڦوٽ ۽ ڦڦڙي ۾ پئجي ويو. قانون نافذ ڪندڙ ادارن پاران ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبارن وسيلي امن امان جي صورتحال کي ڪنهن بہ نموني بگڙڻ، بگاڙڻ جي اجازت نہ ملڻ جا اعلان ٿيڻ لڳا ۽ عوام کي پرامن رهندي چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي تلقين ڪئي ويندي رهي. چيڪ پوسٽون، رستن تي چوڪيدار ۽ گشت وڌايا ويا، پر اعليٰ کان ادنيٰ تائين هر هڪ واقف هو، تہ دهشتگردن آڏو انهن جي حيثيت ڇا آهي. عوام مونجهو، پوساتيل ۽ هيسيل رهيو.

صوبائي اسيمبليءَ لاءِ چونڊن ٿيڻ کان اڳ ئي ايم ڪيو ايم الطاف گروپ پاران بائڪاٽ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. سرڪاري ۽ غير سرڪاري طرح ٻڌايو ويو تہ مهاجر عوام ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي آهي ۽ هاڻي سنڌ ۾ امن امان جو ڪو بہ مسئلو پيدا نہ ٿيندو.

6-آڪٽوبر 1993ع تي جنرل ضياءَ پاران اپايل سياستدانن مان هڪ جي جاءِ ٻئي ونندي، مسلم ليگ نواز گروپ جي اڳواڻ اخبارن ۾ اشتهار ڏياريو، جنهن ۾ ”حق پرست“ مائرن جي پينرن کي اپيل ڪئي وئي، تہ اهي اچي ووٽ ڪن، جيئن وردي پائي متائنئ حملو ڪندڙ سنڌي ڌاڙيل چونڊن ۾ ڪٽي نہ سگهن. ڪٽر پنجابي ذهنيت، ڪٽر پناهگير ذهنيت جي جاءِ تي اچڻ جي ڪوشش ڪئي، پر حالتن ثابت ڪيو تہ ڪٽر پناهگير ذهنيت، ڪٽر پنجابي ذهنيت سان ناهہ تہ ڪري سگهي تي باقي ان جي حڪم هيٺ نہ هلندي.

8-آڪٽوبر 1993ع تي ان ڪٽر پنجابي ذهنيت، ڪٽر پناهگير ذهنيت سان اتحاد جو ڪلي عام مظاهرو ڪندي، ڪراچي جي چئني ضلعن ۽ حيدرآباد ۾ مسلم ليگ (نواز ٽولي) جي صوبائي اميدوارن کي ايم ڪيو ايم جي حق ۾ ويهي رهڻ جو حڪم جاري ڪرڻ سان گڏ اهو بہ اوڳاڇيو، تہ هن ڀيري سنڌ جو وزيراعليٰ مهاجر ۽ ايم ڪيو ايم منجهان هوندو ۽ حڪومت مسلم ليگ (نواز ٽولي) جي سهڪار سان ايم ڪيو ايم (الطاف ٽولو) ناهيندا.

انهن خوابن جي ابتڙ صوبائي اسيمبليءَ لاءِ چونڊن ۾ جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڪثريت ظاهر ٿيڻ لڳي، تڏهن ريڊيو ۽ ٽي وي تي ويهاريل تبصري نگارن، اخبارن ۾ لکندڙ تجزيي نگارن، مختلف سياسي اڳواڻن ۽ هڪ مخصوص ۽ ڪٽر ذهنيت جي دانشورن هڪ پيرو وري اهو چوڻ شروع ڪيو تہ سنڌ حڪومت جيڪڏهن ايم ڪيو ايم (الطاف ٽولي) جي سهڪار سان نہ نهي، تہ سنڌ ۾ امن امان جو مسئلو پيدا ٿيندو. هاڻي ان سان گڏ اهو بہ وڌايو ويو، تہ سنڌ ۾ شهرن جي نمائندگيءَ جو مسئلو پڻ پيدا ٿيندو ۽ ڇا سنڌ حڪومت ۾ شهري آباديءَ کي نظرانداز ڪيو ويندو؟

ڇا هتي اهو سوال ڇتو ڪري پڇڻ مناسب نہ ٿيندو، تہ سنڌ ۾ نيٺ امن امان ۽ دهشتگردي جو مسئلو ايم ڪيو ايم جي راضپي/ناراضپي سان ڇو ڳنڍيل آهي؟ ايم ڪيو ايم خوش آهي، تہ دهشتگردي نہ ٿيندي ۽ امن امان برقرار رهندو ۽ جي ايم ڪيو ايم ناراض آهي، تہ امن امان جو مسئلو پيدا ٿيندو ۽ دهشتگردي بہ ٿيندي! نيٺ ڇو؟

حقيقت اها آهي تہ پاڪستان ۾ هر سطح جو هر هڪ ماڻهو، صدر، وزيراعظم، فوجي سربراهہ، پوليس پڳدار کان ويندي عام ماڻهوءَ تائين، سڀ ڪو ڄاڻي ٿو تہ سنڌ ۾ امان امان ۽ دهشتگرديءَ جو مامرو ايم ڪيو ايم سان لاڳاپيل آهي. دهشتگردي ۽ بليڪ ميلنگ ان جي روح جي خوراڪ آهي، سندس جياپي جو ڪارڻ ۽ وجود جو شرط آهي، ۽ خود ايم ڪيو ايم جي ڪردار ۽ عمل اها ڳالهہ ايترا ڀيرا ثابت پئي ڪئي آهي، جو هاڻي ڪو بہ ماڻهو، چوي يا نہ چوي، سمجهي ضرور ٿو، تہ هڪ پاسي ايم ڪيو ايم ۽ ٻئي پاسي دهشتگردي ۽ بليڪ ميلنگ لازم ۽ ملزوم آهن.

اهي ڪهڙا سبب آهن جو سنڌي ماڻهو ايم ڪيو ايم جي روح ۽ مقصد کي ترت سڃاڻي ويا ۽ ان جي نشاندهي ڪرڻ لڳا؟

گذريل ڇائيتاليهن سالن دوران اردو ڳالهائيندڙ ٽولي پنهنجن اڳواڻن جي رهنمائيءَ هيٺ جنهن قسم جو مخصوص ڪردار ادا پئي ڪيو آهي، اهو گهڙيءَ گهڙيءَ جو گهاءُ بڻجي سنڌين جي دل ڏڪوئيندو رهيو آهي.

پاڪستان ٺهندي ئي سنڌ کان سندس گادي ڪسي سنڌين لاءِ اوپري ڪئي وڃڻ لڳي. سنڌ جي تاريخي ۽ قديمي ٻوليءَ (۽ ساڳيءَ طرح بنگالي ٻوليءَ) خلاف سازشون شروع ٿي ويون ۽ 50 لک کن ماڻهن (جيڪي هندستان کان آيل هئا) جي پارٽي ٻولي سڄي پاڪستان جي پنج ڪروڙ عوام تي مڙهي وئي. سنڌ جي وجود کي ميسارڻ ۽ بنگال جي ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ ون-يونٽ ناهيو ويو، سنڌوءَ جو پاڻي زوريءَ ڪٽڻ لاءِ مٿان ئي مٿان ڊيم ٺاهڻ جا منصوبا عمل ۾ اچي ويا. سنڌ جون زمينون، ڪارخانا، گهر، دڪان، واپار، ڏيتي ليتي، سمنڊ، روڊ رستا، مجموعي طرح سڀ ڪجهہ ڪليمن جي ور چڙهي ويا...

سنڌ ۽ بنگال خلاف شروع ڪيل ان ڦرلٽ ۾ پنجابي ۽ پناهگير ڦورو حاڪم طبقا نہ رڳو ٻٽ رهيا، پر پنهنجي ڦورو مفادن جي تحفظ لاءِ وردي پوش قوتن کي بہ ڪم آندائون، تان جو بنگلاديش ڌرتيءَ جي گولي تي اڀري آيو.

لياقت علي خان، نواب مظفر، عثمان ڪينيدي ۽ يوپالي اهي سرواڻ نالا آهن، جن جو روحاني نُور الطاف حسين ڏانهن جديد دور جي هٿيارن سان گڏ منتقل ٿيو آهي، جنهن پنهنجيءَ خصوصي ذهنيت سان ان ۾ شاندار لاڙا پيدا ڪيا.

مهاجر قومي موومينٽ جو منشور سنڌ ۽ سنڌي عوام خلاف کليل سازش ۽ داداگيريءَ جو ڇتو ثبوت آهي.

الطاف حسين جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو اهو هو تہ هن پنهنجن ڳجهن هٿن وسيلي پٺاڻ، پنجابي ۽ سنڌيءَ جو ڪوس ڪرائي، ان کي هوا ڏني ۽ اهڙيءَ طرح اردو ڳالهائيندڙ عوام جون

اهي ننڍيون ننڍيون واهون بہ بند ڪري ڇڏيون، جن وسيلي اهي سنڌي، پنجابي توڙي پٺاڻ سان ڪجھ نہ ڪجھ ڳنڍيل هئا.

انگريز پرمار جِي ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو واري پاليسيءَ کان ڪير واقف ناهي. هندوءَ کي مسلمان سان، سنيءَ کي شيعي سان، بنياد پرست (هندو توڙي مسلمان) کي سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند سان، رجعت پرست کي ترقي پسند سان ويڙهائي، پنهنجو ڪم ڪڍڻ سندس پاڻ چال هئي -- - الطاف حسين پنهنجي برتريءَ لاءِ اهو ڪم ڪجھ تخليقي نموني ڪيو ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي سيني حقيقي ۽ تاريخي قومن سان ويڙهائي، انهن جي لاءِ رڳو اها اڪيلي راهہ بچائي ڇڏي، تہ اهي سندس دهشتگرد جهندي هيٺ گڏ ٿين. ڪنهن کي بہ اڄ ڏينهن تائين اها ڳالهہ چٽيءَ طرح سمجھ ۾ نہ آئي آهي، تہ اردو ڳالهائيندڙ عوام بہ پاڻ کي ڌرتيءَ جي ٻي عوام سان ڳنڍڻ بدران سدائين انهن جو ساٿ جو پئي ڏنو آهي، جيڪي ڦورو، بدمعاش، قاتل ۽ جابر آهن ۽ حڪومت ۾ رهيا آهن؟

سنڌ ۽ بلوچستان جي قبائلي سردارن جي پڻ اها پراڻي چال رهي آهي، تہ جڏهن ڪڏهن قبيلي ۽ ذات جي بنياد تي پنهنجي پنهنجي قبيلي يا ذات جي ماڻهن کي هڪ ٻئي سان وڙهڻ تي مجبور ڪري پنهنجي قبضي هيٺ رکندا اچن. سنڌ تي قبضي لاءِ انگريزن اهو حربو بہ ڪم آندو، پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ خاص طرح ڏنو وڃي تہ سنڌي بلوچ عوام بهرحال انهيءَ جاگيرداري غليظ روش کي ٽوڙي ۽ ناڪام پئي ڪيو آهي.

اسان جي هن ننڍي ڪنڊ ۾ نسلي سياست جو ٻج مهاجر نالي سان شروع ٿيو. ميڊيا تي بالادستيءَ جي ڪري اڃي کي ڪارو ۽ ڪاري کي اڇو ڪندي مهاجريت کي تہ پاڪ پاڪين سان ڌوئي الهامي شيءِ ڪري پيش ڪيو ويو، جڏهن تہ جيڪي بہ تاريخي، اصولي ۽ حقيقي تحريڪون هيون، انهن تي نسل پرستيءَ جو ٺپو هڻي انهن قومن جي انساني حقن کي بہ پائمال ڪيو ويو --- اها ڪهڙي شرافت، انسانيت، وطن دوستي ۽ اسلاميت هئي، جو الشمس ۽ البدر ۽ وردي پوش ”محافظ“ قوتون پنهنجي ئي هم وطن ۽ مسلمان ڀائرن ۽ ڀينرن کي ڪهڻ، مارڻ، ساڙڻ سان گڏوگڏ اتي جي نياڻين سان زوريءَ زنائون ڪري رهيون هيون؟

۽ اڄ ڏينهن تائين ان تي شرم ڪرڻ ۽ پڇتائڻ بدران سندرو ٻڌي پاڻ کي حق، سچ، وطن دوستيءَ، انسانيت ۽ جمهوريت جو علمبردار سڏائي رهيون آهن. خبر ناهي ڪين ڪهڙي ۽ ڪٿان جي ستي پياري وئي آهي، جو ڪو شرم، ڪو حياءُ ڪا غيرت ۽ ڪو پڇتاءُ محسوس ڪري معافي وٺڻ ۽ ان جو ازالو ڪرڻ بدران ساڳي روش هتي بہ ورجائي وڃي ٿي.

حالت اتي وڃي بيٺي جو خود پاڻ کي جنهن نام نهاد قوم جو علمبردار سڏيو ويو، ان جي عام ماڻهن ئي نہ، پنهنجن ڪارڪن مردن توڙي عورتن ۽ انهن جي مائرن، ڀينرن ۽ ڀائرن سان بہ اها ئي دهشتگرد، قاتل، بي رحم ۽ جلاد روش برقرار رکي وئي ۽ ميڊيا ۾ پاڻ کي حق پرست ۽ جمهوريت پسند ڪليم ڪيو ويو.

زبانون، قلم ۽ ذهن ڪلاشنڪوف جي گولين ۽ دهشتگردن جي خوني اکين آڏو منديل آهن. ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ باوجود ڪجھ چوڻ جي جرئت ناهي، پر هيءُ جيڪو اندر جو قاضي آهي، جنهن کي ضمير، ووڪ يا ماڻهوئڙو سڏجي ٿو، ماٺ ويهڻ نہ ٿو ڏي، ڦتيل آهي پر ڦٿڪي ٿو، زخمي

زبان سان ڪجي نه ٿو سگهي پر اکين سان ڳالهائي ٿو، قيدي آهي پر خيال قابو نه ٿا ٿين، ڀڳل نِب سان به رندا روڙي ٿو، نه چوڻ باوجود گهڻو ڪجھ چئي ٿو وڃي. چوڻ جي جرئت گهايل اٿس، پر چوي ٿو ته هي غنڊا، قاتل، وحشي، دهشتگرد، ڦورو ۽ جلاد آهن ۽ سڌو نه ٿو چئي سگهي ته اهو پيو چوي، "سنڌ ۾ امن امان جو مسئلو آهي".

هر هڪ جا پنهنجا مفاد آهن ۽ هر هڪ پنهنجي انداز ۾ پيو ڳالهائي. 6-آڪٽوبر 1993ع جي اخباري اشتهارن ۾ حق پرست مائرن ۽ ڀينرن کي ووٽ تي آماده ڪرڻ لاءِ نواز شريف پنهنجي انداز ۾ ڳالهائيندي حقيقت ۾ ان آقاٽي اڍ کي ظاهر ڪري رهيو هو جيڪا سنڌي عوام ۽ سنڌ خلاف سندس روحاني رهبر جنرل ضياءالحق منجهس ۽ ايم ڪيو ايم ۾ ڦوڪي ڪين "سياستدان" بڻايو هو.

رستن تي نمائشي فوجي چوڪيدارين بيهاري، ڏنن وائنن دهشتگردن ۽ مجرمن کي بند ڪرڻ بدران عوام کي ايلاز ڪندي ڏوريون لوڏيندڙ حقيقي قوتون اجا به ٻي انداز ۾ ڳالهائي رهيون هيون.

ٽي وي ۽ ريڊيو تي تبصري نگار قوتون ڪجھ نه ڪجھ ڪجي سگهڻ جي قوت سارڻ باوجود ماٺ ماٺ تي پئي ويون. اهي به ڪجھ چئي رهيون هيون.

بائيڪاٽ جي خاتمي جي اعلان باوجود عوام جو هيسيل انداز ۽ ووٽرن جي ڪوٽ به پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڳالهائي رهي هئي.

بائيڪاٽ جي اعلان مهل گهرن ۾ چپ ڪري ويٺل ۽ ووٽ ڪرڻ جي همت نه سارينڌڙ زندگيون پنهنجي نموني هڪ نرالو اظهار ڪري رهيون هيون.

۽ اڄ، ڪراچيءَ جي پسگردائي ۾ نقاب پوشن جون دهستگرد ڪارروايون پڻ پنهنجي اصلوڪي زبان ڳالهائي رهيون آهن.

پاڪستان ۾ جنهن قسم جي سياسي روش جاري رکي وئي آهي، ان موجب جمهوريت ۽ جمهوري عمل ڪاٺا، مرده باد، جڏهن ته دهشت، بليڪ ميلنگ، چور اقتداي، مارشل لا زنده آباد. جيڪو ٻج پوکبو سوئي لڻبو. پاڪستان جي حقيقي حاڪمن جو جيئاپو جمهوريت ۾ ناهي، ان ڪري انهن سدائين جمهوريت کي پئي لتاڙيو آهي. هنن جو وجود انتا ڏنڊ ڦرلٽ، فريبڪاري ۽ فساد ۾ ئي پلجي جوان ٿئي ٿو، تنهنڪري اهي ان راهه کي ٻنجو ڏئي، جمهوريت کي جٽادار نه ٿا بڻائي سگهن.

سنڌ اسيمبليءَ لاءِ به سڌو جمهوري ۽ اصولي طريقو ڦٽائڻ لاءِ وٽن اڪيلو رستو دهستگردي آهي، جنهن جا اهڃاڻ هاڻي ڪان ئي پيدا ڪيا پيا وڃن.

ان ڪري ڇتو سوال هي آهي، ته ڇا ايم ڪيو ايم ۾ ذري جيتري به جمهوريت پسندي موجود آهي؟

جيڪڏهن اها جمهوريت پسند آهي، ته فضيلت سان اڪثريت جي راءِ کي ماڻُ ڏيندي، اڇو، ويهو ۽ جمهوري ڪردار ادا ڪيو.

سڀ سمجهن ٿا، ۽ چٽيءَ طرح سمجهن ٿا، ته ايم ڪيو ايم جمهوريت پسند ناهي، اها جمهوري فضا ۾ جيئري رهي نه ٿي سگهي. جمهوريت ۾ قانون جي بالادستي ٿيندي ۽ قانون هٿ

۾ ڪٺندڙن ڪي قانوني بالادستي ڪڏهن به ياناءِ نه پوندي. ان ڪري خود غرض، نيچ ۽ دهشتگردن جي ٻولڙين دانشورن مختلف قسمن جا افواهه پکيڙڻ شروع ڪيا آهن. امن امان جي مسئلي اپارڻ سان گڏ ٻيو وڏو هٿيار شهري آباديءَ جي نظراندازيءَ جو آهي --- انتهائي مظلوميت جو نقاب چاڙهي ڏاڍيءَ ميسٽپائيءَ سان ٻڌايو ٿو وڃي، ته پ پ جي حڪومت نهڻ سبب شهري آبادي نظر انداز ٿي ويندي؟

هتي اهو سوال ڪرڻ بلڪل واجب آهي، ته شهري آباديءَ مان مراد ڇا آهي؟

ڇا ڪو به ماڻهو، جنهن جو دماغ سالم هجي، ائين چوندو ته شهري آباديءَ جو مطلب اهو آهي، جنهن کي ايم ڪيو ايم مهاجر سڏي ٿي؟

شهري آبادي معنيٰ، ته هر اهو فرد جيڪو شهر ۾ رهي ٿو، اهو ان ۾ ڳٽيل هجي. سنڌ ۾ شهر رڳو ڪراچيءَ جي چئني ضلعن جا مرڪزي علائقا آهن ڇا؟ ڇا لاڙڪاڻو، سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، نواب شاهه، ٺٽو، بدين، سانگهڙ وغيره شهر ناهن؟ ڇا اتان جي رهاڪن کي شهري آبادي نه ٿو سڏي سگهجي؟ ڇا ڪراچي جي چئني ضلعن ۽ حيدرآباد ۾ هڪ به سنڌي نه ٿو رهي؟ جيڪڏهن اهي سڀ سنڌي آهن ۽ شهرن ۾ رهن ٿا ۽ شهري آبادي ناهن ته، ته پوءِ ڪيئن ٿو چئي سگهجي، ته پ پ جي حڪومت نهڻ ڪري شهرن جي نمائندگي نه ٿيندي؟

ڇا سڄيءَ سنڌ ۾ شهري رڳو اهي آهن جن کي ايم ڪيو ايم مهاجر سڏي ٿي؟ جيڪڏهن شهري جو مطلب مهاجر آهي، ته ڇو ۽ ڪيئن؟ ڇا پنجاب ۾ به اهڙو ڪو خصوصي مطلب وارو شهري آهي؟ جي نه، ته سنڌ ۾ ڇو؟ لاهور ۾ مسلم ليگ نواز ٽولي ڪٽيو آهي. پنجاب ۾ جيڪڏهن پ پ جي حڪومت نهي ٿي، ته ڇا شهري آبادي نظرانداز ٿيندي ۽ امن امان جو مسئلو پيدا ٿيندو؟

هڪ لفظ کي غلط معنيٰ ڏيڻ جي پنيان رڳو اها مخصوص ڪٽر ڊڪٽيٽر ۽ لشڪري ذهنيت آهي، جنهن هندستان ته ڇا، سڄي اپکنڊ جي هر رهاڪوءَ کي شودر ۽ غلام پئي سمجهيو.

سنڌ ۾ اهو ان لفظ جو گهٽيا ذهنيت جي مطلب ۽ مقصد وارو، غلط واهپو درست ڪرڻ گهرجي، پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت نه رڳو سنڌ جي ڳوناٽي پر شهري آباديءَ جي به نمائندگي ڪندڙ هوندي.

ايم ڪيو ايم ائين ڇو ٿي ڪري؟

هن جو بنياد نفرت ۽ دهشت تي ٻيڌل آهي ۽ نفرت ۽ دهشت کي برقرار رکڻ کان سواءِ جيئري نه ٿي رهي سگهي. مهاجر ۽ شهري آباديءَ جي نالي ۾ هن جي اها نفرت برقرار رهي ٿي. ٻئي پاسي هن جي سموري دهشتگرديءَ پنيان نه رڳو هڪ مخصوص ذهنيت هئي ۽ ضياءَ پارن آمرن جو هٿ هو، پر آءِ ايس آءِ جي بي لغام قوت به هئي، جنهن نه رڳو کين دهشتگردي ڪرڻ جي موڪل ڏئي رکي هئي، پر قانوني تحفظ به فراهم پئي ڪيو. جنرل اسلم بيگ حيدرآباد ۾ جنهن نموني دهشتگردن کي تحفظ ڏنو، اهو ته رڳو هڪ مثال آهي.

پنهنجين غيرقانوني حرڪتن کي جاري رکڻ لاءِ اقتدار ايم ڪيو ايم جي انتهائي گهرج آهي.

پاڪستان جي اها به وڏي ٽريجڊي آهي، ته هتي اقتدار ڏٺين سڀ ڪان وڌيڪ ڏوهه ڪيا آهن. آئين کي معطل ڪرڻ ”عظيم غداري“ آهي، پر اها عظيم غداري ڪندڙ جي ٻچيهي ۽ ٽوپي وڏي اعزاز سان شاهه فيصل مسجد اسلام آباد ۾ دفن ڪئي وئي. ٻي وڏي غداري ملڪ خلاف سازش آهي، پر جن ملڪ کي ٽوڙيو ۽ بنگالي عوام جو ڪوس ڪيو، انهن غدارن ۽ قاتلن کي اڄ ڏينهن تائين ڪا به سزا نه ملي آهي، متن ڪيس ئي نه هليو آهي...

ايم ڪيو ايم به اهو اقتدار گهري ٿي جنهن ۾ ان جي دهشتگردي اگهاڙي نه ٿئي ۽ دهستگرد محفوظ رهن.

سنڌ ۾ پ پ جي هڪومت کي ڪا به لهر لوڏو ناهي. هوءَ بنا ڪنهن جي سهڪار جي پنهنجي حڪومت ناهي چڪي آهي ۽ جيڪو به ڪيس بليڪ ميل ڪرڻ يا امن امان جو مسئلو پيدا ڪرڻ جي نيت رکي ٿو، ان تي قانون جو احترام ڪندي گهربل قانوني ڪاروائي ڪري سگهي ٿي. ان ڪري لازم آهي ته پ پ پنهنجو پاڻ تي ڀاڙيندي سنڌ ۾ مضبوط حڪومت جوڙي.

باقي اميدوار جمهوريت جي واڌاري لاءِ، جيڪڏهن اهي جمهورت قائم ڪرڻ ۽ وڌائڻ گهرن ٿا، بهترين مخالف ڌر جو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا، جيئن خود پ پ حڪومت جيڪڏهن ڪي غير جمهوري يا غير اصولي قدم کڻي، ته ان تي موثر چيڪ-اپ هجي. ٻي پاسي، اهي قدم جيڪي مجموعي طرح سنڌ جي مفاد ۾ هجن، انهن لاءِ گڏيل سهڪار وسيلي ڀائپي جو ماحول پيدا ڪيو وڃي.

سنڌ کي سڪائڻ لاءِ ڪالا باغ ڊيم جو نهڻ ۽ سنڌ جي سمنڊ، ڊنڊن ۽ معدني ذخيرن جي ڪمائي بنا ڪنهن رائلٽي جي سنڌ کان کسجڻ جهڙا ڪيترائي مسئلا آهن، جيڪي جيڪڏهن سڻي نموني حل ڪجن، ته سنڌ هڪ سائو ستابو ڏيهه ٿي سگهي ٿي. پ پ حڪومت ان لاءِ ڪهڙا قدم کڻي ٿي ۽ مخالف ڌر ان سان اهڙن معاملن ۾ ڪهڙو سهڪار ڪري ٿي، اهي ئي به اهي ڪسوٽيون آهن جن جي بنياد تي جمهوريت پسندي ۽ وطن دوستيءَ کي پرکي سگهبو.

اهو سوال ايجنڊا تي اوس رهڻ گهرجي، ته ڇا ايم ڪيو ايم پنهنجي روحاني فطرت جي خلاف جمهوريت پسند، وطن دوستي ۽ ماڻهپي واري سياست ڪري سگهندي؟ (۽ پوءِ، ڇا ايم ڪيو ايم، ايم ڪيو ايم رهندي؟)

ايم ڪيو ايم جيڪڏهن مجموعي طرح سنڌ جي ڀلائيءَ واري دائري ۾ رهندي پاڻ کي جمهوريت پسند ۽ وطن دوست ثابت ڪري ۽ نفرتن جا مچ مچائيندڙ دهشت گرد سياست بدران انسانيت، ماڻهپي واري سياست ڪري، ته ان ڏانهن دوستيءَ، اتحاد ۽ سهڪار جو هٿ وڌائڻ ۾ ڪو به حرج ناهي.

ٻئي پاسي اردو ڳالهائيندڙ عوام کي پڻ دهشتگرد، نسل پرست ۽ نفرتن تي پيڙهه رکندڙ بليڪ ميلر سياست جي غلاميءَ مان آجو ڪرڻ جي مهم هلائڻ گهرجي.

(جاڳو، 23-آڪٽوبر 1993ع)

## سنڌ جي سالميت ۽ ايم ڪيو ايم

گذريل ٻن اڍائي مهينن دوران سنڌ جي سياسي ماحول ۾ هڪ ڀيرو وري اهو سوال ڪَر کڻي اٿيو ۽ بحث هيٺ آيو آهي، تہ مهاجر قومي مووومينٽ (ايم ڪيو ايم) سنڌ جي سالميت جي حوالي سان ڪهڙو موقف رکي ٿي؟ ڇا اها سنڌ جي جاگرافيائي سرحدن جي بقا چاهي ٿي يا ان جي ابتڙ هڪ بَدِ نيت رکي ٿي، يعني ڇا اها سنڌ جي هاٺوڪي طبعي وجود سان مخلص، سچي، وفادار ۽ پيار ڪندڙ آهي يا ان کي ٽوڙڻ، ورهائڻ ۽ ورڇڻ گهري ٿي؟

انهيءَ عرصي دوران سنڌ جي گهٽين اخبارن ۽ ڪن رسالن ۾ سنڌ سان پيار ڪرڻ جي دعويدار سياسي ڌرين جي ڪجهہ اڳواڻن، ڪارڪنن، دانشورن پاران اهڙا بيان ۽ مضمون ڇپبا رهيا آهن، جن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي، تہ ايم ڪيو ايم سنڌ جي سالميت سان بدخواهہ ناهي، اها سنڌ جي وجود جي بقا جي حامي، اڄا بہ گهڻ گهري آهي ۽ اهي ڪي ٻيا گروهہ آهن جيڪي سنڌ جي ونڊ ورڇ واري سوچ جا حامي، پوئلڳ آهن. جڏهن تہ ڪي اڳواڻ، ڪارڪن، دانشور وري انهيءَ خيال جا آهن، تہ ٽوڙي جو ڪي ٻئي ٻيا ٽولا بہ سنڌ جي جاگرافيائي وجود خلاف بدخواهي رکن ٿا، پر ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) بہ انهي بدنيت کان ٻاهر ناهي ۽ سنڌ جي سالميت خلاف نہ رڳو هاڃيڪار سوچون رکي ٿو پر اهڙو عمل بہ ڪندو رهيو آهي.

ايم ڪيو ايم جي لفاظ ۽ تقرير باز قائد الطاف حسين پاران مختلف وقتن تي ظاهر ٿيندڙ بيانن ۾ ٽوڙي جو سنڌ ۽ پاڪستان ۽ سنڌين ۽ پاڪستان جي ٻين سيني رهاڪن بابت حُب، اڪير، محبت ۽ چاهہ جا سرچشما ڦٽندا ڏي پيا رهندا آهن، پر انهن ۾ جيڪو ڪينو، ڪدورت، نفرت، مڪاري ۽ منافقي، ڌڙڪو، دهشت، دهمان ۽ دٻاءُ، فتنو، فساد ۽ ساڙ لڪل هوندو آهي، ان جو زهر هر وقت سر اڀڙڪا ڏئي پيو ظاهر ٿيندو رهندو آهي، جنهن کي سندس سڌِي ۽ ڊڪٽيٽراڻي ڏئي پيو ظاهر ٿيندو رهندو آهي، جنهن کي سندس سڌِي ۽ ڊڪٽيٽراڻي رهنمائيءَ هيٺ هلندڙ مهاجر قومي مووومينٽ جا دانشور ۽ دهشتگرد عملي صورت ڏيندا پئي رهيا آهن.

هيٺ ڏنل مواد جو مرڪزي نڪتو سنڌ جي ورڇ وارو موضوع آهي ۽ رڳو هڪ سال (1994ع) دوران گهٽي ڀاڱي الطاف حسين جي بيانن تي ٻڌل آهي، جيڪو مختلف اخبارن ۾ مسلسل ڇپبو

رهيو ۽ خاص ڪري ”امن“، ”پبلڪ“ ۽ ”قومي اخبار“ ڪن حالتن ۾ پنهنجي پاران ڇهه، ست ۽ اٺ ڪالمي سرخيون ڏئي، انهي کي اچالينديون، اپاريندون ۽ طاقتور بڻائڻ جي ڪوشش ڪنديون رهيون آهن. وڏين سرخين کي ٿلهي ٽبڪي ( • ) ۽ ننڍين سرخين کي ليڪ (-) وسيلي ظاهر ڪيو ويو آهي.

سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ پاران سپريم ڪورٽ ۾ وڌل درخواست ۾ انهيءَ موضوع بابت ڪي ئي دستاويزي ثبوت پيش ڪيا ويا آهن، جيڪي پڻ نظر مان ڪڍڻ گهرجن. هتي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته اڳ ڇپيل مواد جو ورجاءُ نه ڪيو وڃي.

ٻه منهين

- ”سنڌ ۾ هوگا ڪيسي گذاره؟ آڌا همارا: آڌا تمهارا“- جلسي گاهه جو نعرو
- ڪراچي ۽ حيدرآباد مقبوضه علائقا ٿي چڪا آهن- الطاف حسين

ايم ڪيو ايم جي قائد الطاف حسين هڪ ڀيرو وري چٽن لفظن ۾ اعلان ڪيو آهي ته اسان سنڌ جي ورهاست نه ٿا چاهيون پر اسين ملڪ ۽ صوبي جي سلامتي ۽ ترقي گهرون ٿا. پر جيڪڏهن مهاجر عوام تي رياستي ظلم وهايا ويندا رهيا ۽ انهن کي سياسي، سماجي، معاشي، تعليمي ۽ اقتصادي لحاظ کان تباهه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ مهاجر دشمن عمل ڪيا ويندا رهيا، ته مهاجر عوام پنهنجن حقن جي حاصلات ۽ ظلمن ۽ ناانصافين جي خاتمي لاءِ ڪو ٻيو رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندا. هن چيو ته هي چنگيز خان ۽ هلاڪو خان جو نه، پر سجاڳ ماڻهن جو زمانو آهي. اسين موت قبول ڪنداسين پر غلامي ڪنهن به صورت ۾ نه، تنهنڪري مهاجر دشمن قوتون مهاجرن کي غلام رکڻ جو خناس پنهنجي دماغ مان ڪڍي ڇڏين ۽ مهاجرن تي ظلمن جو سلسلو بند ڪن. الطاف حسين ان ڳالهه جو اعلان اڄ شام عزيز آباد ۾ پنهنجي رهائشگاهه ويجهو خورشيد بيگم ميموريل ڪامپليڪس جي احاطي ۾ ايم ڪيو ايم جي همدردن، بزرگن ۽ عورتن جي هڪ وڏي ميڙ کي ٽيليفون تي لنڊن کان سڌو خطاب ڪندي ڪيو. ان ميڙ ۾ ايم ڪيو ايم جي بزرگ ڪميٽي جا ميمبر ۽ ڪراچي جي لڳ ڀڳ سيني علائقن سان واسطو رکندڙ هزارين بزرگن ۽ ايم ڪيو ايم خواتين شعبي جي ڪارڪنن سميت وڏي ڳڀ ۾ مهاجر همدرد خواتين شريڪ ٿيون. ميڙ کي ايم ڪيو ايم رابطه ڪميٽي جي ڊپٽي ڪنوينر ۽ حيدرآباد جي اڳوڻي ميئر آفتاب احمد شيخ، رابطه ڪميٽي جي ميمبر ايم اي جليل ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار به خطاب ڪيو... هن (الطاف) چيو ته اڄ ڪراچي ۽ حيدرآباد ”مقبوضه ڪراچي ۽ مقبوضه حيدرآباد“ ٿي چڪا آهن، جو ته انهن شهرن ۾ به مهاجرن تي اهي ئي ويل وهايا پيا وڃن جهڙا مقبوضه ڪشمير ۾ مظلوم ڪشميري مسلمانن تي جاري آهن. هن چيو ته هڪ پاسي ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن جون سيٽون ضلعي بنيادن تي ورهايون پيون وڃن ته ٻئي پاسي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي بلديات کي ورهائي انهن جي بين الاقوامي حيثيت ختم ڪري ۽ انهن کي يونين ڪائونسل جي سطح تائين آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ ضلعن جون نيون حدبنديون ڪري مهاجرن جي ووٽ جي طاقت ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. ان سان گڏ حق پرست قيادت جي ذهنن ۾ نهيل ميڊيڪل

۽ ڊينٽل ڪاليج کي صوبائي حڪومت جي تحويل ۾ ورتو پيو وڃي. هن چيو ته ملير ۽ لياري جون ڊولپمينٽ اٿارٽيون ناهيون پيون وڃن ۽ گهٽ آبادي رکندڙ رني ڪوٽ ضلعو به قائم ڪيو ويو آهي. هن چيو ته انهن سيني عملن جو مقصد هي آهي ته مهاجر عوام چوڌاري گهيرو سوڙهو ڪيو وڃي ۽ کين ٽئين درجي جو شهري بڻائجي ته جيئن اهي آئينده لاءِ ڳُر نه ڪڍي سگهن. هن چيو ته اسين سمورن ظلمن باوجود صبر جو مظاهرو ڪندا رهيا آهيون ۽ اڄ به ڪري رهيا آهيون، پر ان کي اسان جي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي... هن چيو ته مهاجر عوام پاڪستان جو دشمن نه هو ۽ نه آهي. اسان سنڌ جي ورهاست نه ٿا چاهيون...

(پبلڪ، 12-فيبروري 1994ع)

1. مهاجر دشمن قوتون ڪنهن کي سڏيو ويو آهي؟
2. ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ الطاف جي نظر ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد تي ڪنهن قبضو ڪيو آهي؟

ليکڪ جي نظر ۾ انهن ٻنهي سوالن جو جواب آهي ”سنڌي ماڻهو.“

ڪيڏي نه ميسٽپائيءَ سان مالڪ مان قيرائي دشمن، قبضيگير، ظالم ۽ چور سڏيو ويو آهي سنڌي ماڻهن کي، توڙي جو پهريائين وڏي وات اها دعويٰ ڪئي وئي آهي ته هي ٽولو سنڌ جي ورهاست جو حامي ناهي ۽ ان جي سلامتي ۽ ترقي چاهي ٿو.

هن وقت سنڌ ۾ سنڌ جي رهاڪن پاران ووٽن وسيلي چونڊيل جمهوري حڪومت موجود آهي، جيڪا بنا ڪنهن چالاڪيءَ، ساز باز ۽ هيرا ڦيريءَ جي چونڊيل نمائندن جي اڪثريت تي ٻڌل آهي پر ان پاران سنڌ ۾ نوان انتظامي ضلعا ناهڻ، ملير ۽ لياري ڊولپمينٽ اٿارٽيون جوڙڻ ۽ خود سنڌ حڪومت جي هڪ بلدياتي اداري پاران ناهيل ڪاليج کي صوبائي تحويل ۾ وٺڻ کي مهاجر دشمني سڏيندي ڏوهاري قرار ڏنو ويو آهي!

3. ڪنهن کي ٻڌايو ويو آهي ته (اڳ ۾) اڌ اسان جو ۽ (پوءِ) اڌ توهان جو آهي؟
4. ڪير ٿو اهو فيصلو ڪري ۽ ڪنهن بابت؟

سنڌين کي ئي ٻڌايو ويو آهي ته اڳ ۾ اڌ، سنڌ جو اڌ، اسان جو آهي ۽ سنڌ بابت اهو فيصلو اهي ٿا ڪن جيڪي پاڻ کي سنڌيءَ طور سَڏڻ متعارف ڪرائڻ به پسند نه ٿا ڪن ۽ فتويٰ وري انهن تي جاري ڪئي وئي آهي جيڪي صدين کان سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قائم دائم رکڻ جا ذميوار رهندا آيا آهن، جيڪي سنڌ جا اصولي، تاريخي ۽ حقيقي وارث ۽ مالڪ آهن.

5. ڇا سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ئي وطن ۾ رهندڙ غير سنڌين جي ڀيٽ ۾ ڪي به سماجي، معاشي، تعليمي، صحتي ۽ ٻيون سهوليتون وڌيڪ بهتر نموني مليل آهن ۽ ڇا ملڻ نه گهرجن؟
6. ڇا غير سنڌين کي سنڌ بابت ڪو به فيصلو ڪري سگهڻ جو ڪو به اصولي، اخلاقي، تاريخي ۽ ثقافتي حق مليل آهي؟

مهاجر صوبو، علائقو

- سنڌ ۾ آباد ٻن ڪروڙن کان وڌيڪ مهاجر ۽ غير سنڌي آباديءَ جي سياسي، معاشي ۽ تعليمي حقن کي نظر انداز ڪرڻ سبب منجهن احساس محرومي وڌي رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مهاجر صوبو قائم ڪرڻ جو مطالبو وڌندو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن اسٽاڪ هوم

(سئيڊن) ۾ رهندڙ مهاجرن جو هڪ وڏو ميڙ گڏ ٿيو. اهو ميڙ ڪراچيءَ جي موجوده حالتن تي غور ڪرڻ ۽ ڪو لائحہ عمل جوڙڻ لاءِ سڏيو ويو هو. شريڪ ٿيندڙن سنڌ جي شهري علائقن ۾ قتل ۽ غارت، ڦرن، رهزنيءَ جي وارداتن، اغوا، غير قانوني ۽ ناجائز گرفتارين ۽ مهاجر عوام کي ڊيڄارڻ، ڌمڪائڻ ۽ انهن کان رشوتون وٺڻ تي ڏاڍي ڏک ۽ ڪاوڙ ۽ اٽڪڻ جو اظهار ڪيو. ان قسم جون حالتون اڳوڻي مشرقي پاڪستان ۾ بہ پيدا ڪيون ويون هيون ۽ دشمن کي ڪاري وار ڪرڻ ۾ مدد ڏني وئي هئي ۽ هاڻي اهي ئي عنصر وري سرگرم ٿي ويا آهن. ملڪ جي داناءُ سياستدانن ۽ معاملا سلجهائيندڙن جيڪڏهن هوش نہ ڌاريو تہ دشمن کنهن بہ وقت اسان جي صورتحال مان فائدو وٺي ويندو. ميڙ ۾ شريڪ ٿيلن ان ڳالهہ تي بہ زور ڏنو تہ هاڻي مهل اچي پهتي آهي تہ اسين مهاجر قوم لاءِ هڪ ڌار صوبي جو مطالبو ڪريون، جيڪو ڪراچيءَ کان هڪ پاسي سکر ۽ ٻئي پاسي (لس ٻيلي تائين جي علائقي تي پکڙيل هجي. ان لاءِ مهاجرن کي ڪي بہ قربانيون ڏيڻيون پون تہ ان کان لنوائڻ نہ گهرجي. جنرل اي ڪي نيازيءَ چيو تہ سنڌ جي مسئلي جو اڪيلو حل رڳو اهو آهي تہ ان کي وڏيڪ صوبن ۾ ورهايو وڃي. هن چيو تہ مرڪزي حڪومت جڏهن بہ پيپلز پارٽيءَ جي نهي آهي، تڏهن ملڪ کي نقصان پهتو آهي. سنڌ ۾ هن وقت امن امان جي صورتحال بلڪل اهڙي ئي آهي، جهڙي اڳوڻي مشرقي پاڪستان ۾ پيدا ڪئي وئي هئي. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت پرڏيهي اشاري تي سنڌ ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪري رهي آهي جن سان سنڌ ۾ عليحدگيءَ جي تحريڪ فعال ٿي ويندي.

(قومي اخبار، 10-مئي 1994ع)

1. سنڌ ۾ غير سنڌي آباديءَ جو انگ ڪيترو ٻڌايو ويو آهي؟
2. پرڏيهہ ۾ رهندڙ غير سنڌين کي سنڌ ۾ ڪنهن جي حقن جو اونو آهي؟
3. جيڪو غير سنڌي آهي، ان جا سنڌ ۾ سياسي، معاشي، تعليمي وغيره حق وري ڪهڙي اصول هيٺ پيدا ٿي پيا آهن؟
4. غير سنڌين کي سنڌ ۾ ڇا گهرجي؟
5. ڇا ڪنهن بہ ڌاريي کي سنڌ جي سر زمين بابت، خاص ڪري ان کي ورهائڻ، ان مان نئون صوبو ڪورڻ ۽ نئين صوبي ۾ غير سنڌين جو راڄ قائم ڪري سگهڻ جو ڪو بہ اخلاقي، قانوني، تاريخي ۽ سياسي حق مليل آهي؟ سنڌ جي تقدير جو فيصلو ڪير تو ڪري؟
6. جنرل اي ڪي نيازي ڪير آهي؟

ساڳي اخبار ٻڌائي ٿي تہ جنرل اي ڪي نيازي بنگلاديش ٺهڻ مهل اڳوڻي مشرقي پاڪستان ۾ پاڪستاني فوج جي ڪمان سنڀالي رهيو هو، يعني بنگلاديش جي تاريخي وارث عوام جي قاتل جو نالو اي ڪي نيازي آهي ۽ ان وري سنڌ جي ڌارين ماڻهن کي بنگلاديش جي تاريخي عوام سان پيٽ ڏيندي، اهو تاثر ڏيڻ جي انتهائي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌ ۾ سنڌين جي نہ، پر غير سنڌين جي سياسي، معاشي، تعليمي وغيره حالت بنگالين جهڙي آهي ۽ انهن جي ان حالت جو ڪارڻ سنڌ جا حقيقي، تاريخي رهاڪو يعني سنڌي آهن. سياسي گند کي ٻيا وري ڪهڙا سگ هوندا؟

ملڪ ٽوڙڻ جي تهمت وري پ پ تي آندي وئي آهي. جڏهن ته انهن ئي قاتلن ملڪ ٽوڙي ٻه اڌ ڪري هڪ اڌ پ پ جي حوالي ڪيو هو.

ٺڪ جي ڪيڏي نه پڪائيءَ سان تاريخي حقيقت کي ميساريو، ڦيرايو ۽ ابتو ڪيو پيو وڃي! مٿان وري اهو به چيو پيو وڃي ته سنڌ جي شهرن ۾ دهشتگردي، ملڪيتن کي باهين ڏيڻ، ٽوڙ ڦوڙ ۽ ڦرلٽ ڪرڻ جي ذميوار ايم ڪيو ايم نه، سنڌي عوام آهن.

بين الاقوامي سرحدون

- مهاجر پنهنجي لاءِ جاگرافيائي حدن جو تعين ڪرڻ ٿا- الطاف حسين

- اسان جي جماعت تشدد ۽ غنده گرديءَ ڪان پاڪ سياست تي يقين رکي ٿي. ايم ڪيو ايم دهشتگرديءَ وسيلي انقلاب جي گهرجائو ناهي.

- ايم ڪيو ايم جي قائد الطاف حسين چيو آهي ته اسان جي جماعت تشدد ۽ غنده گرديءَ ڪان پاڪ سياست تي يقين رکي ٿي. هو ڪالهه رات لنڊن ۾ ڪارڪنن جي هڪ وڏي ميڙ کي خطاب ڪري رهيو هو. ملڪ هن وقت وڏي گهوٽالي ۾ ڦاٿل آهي، جنهن جو سرحدن جي صورتحال سان سڌو واسطو آهي. هر محب وطن پاڪستانيءَ جو فرض آهي، ته ان موقعي تي هُو پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري. ڪو به ملڪ ڪنهن ٻئي ملڪ کي ان وقت تائين زير نه ٿو ڪري سگهي جيستائين ان ملڪ جا رهاڪو دشمن کي اندرين معاملن جو پَرو نه ڏين. مشرقي پاڪستان سانحي (1971) جو حوالو ڏيندي هن چيو ته ان ۾ اسان جا ڪي ئي بد عنوان جنرل، بيوروڪريٽ ۽ آفيسر شامل هئا، تنهنڪري ڪنهن کي به ان واقعي جو ذميوار نه سڏيو ويو. ايم ڪيو ايم تي دهشتگرديءَ جي الزام کي رد ڪندي هن چيو ته هاڻي به ملڪ ۾ اهي ئي عنصر سرگرم ٿي چڪا آهن جن مشرقي پاڪستان جي سانحي ۾ ڪردار ادا ڪيو هو. ايم ڪيو ايم دهشتگرديءَ وسيلي ملڪ ۾ ڪو به سياسي انقلاب آڻڻ نه ٿي گهري، پر اها جمهوريت ۽ پر امن طريقي سان تبديلي آڻڻ گهري ٿي. مهاجرن لاءِ ڌار صوبو ناهڻ جي سوال جو جواب ڏيندي، هن چيو ته اهڙي ڪنهن به ڳالهه جو ثبوت موجود ناهي، ته اسان اهڙي ڪا ڳالهه ڪئي هجي، تڏهن به بين الاقوامي اصولن موجب جاگرافيائي حدن جو تعين ٿيڻ گهرجي. مجاهر جاگرافيائي حدن جو تعين ئي گهرن ٿا.

(قومي اخبار، 11-سيپٽمبر 1994ع)

1. بين الاقوامي جاگرافيائي حدن جو مطلب ڇا آهي؟ ڪنهن لاءِ ۽ ڪٿي گهرجن؟
2. ڇا انهيءَ ۾ ڪو به سچ آهي ته ايم ڪيو ايم تشدد ۽ غنده گرديءَ ڪان پاڪ سياست تي يقين رکي ٿي؟

بين الاقوامي جاگرافيائي حدن کي ليکڻ جي ڳالهه ڪندي به ڪيڏي نه چالاڪيءَ ۽ مڪاريءَ سان چيو ويو آهي، ته انهيءَ ڳالهه جو ڪو به ثبوت موجود ناهي! ڇا سنڌ سان سڄڻائپ جون دعويدار ڌريون ۽ عوام پنهنجيءَ ئي ڌرتيءَ تي ڌاڙي جي ڳالهه کي نه ٿو سمجهي؟

پاڪستان نهڻ ڪان 1985ع تائين سنڌ ڪڏهن به ايتري دهشتگردي نه ڏٺي آهي، جيتري ايم ڪيو ايم جي نهڻ (1986ع) ڪان اڄ تائين وارن ڏهن سالن ۾ ٿي آهي، ان جو ڪارڻ ڪهڙو؟

وڌندڙ مطالبو

- مهاجرن لاءِ الڳ صوبي جو مطالبو وڌندو پيو وڃي- الطاف حسين
- حڪومت عملاً سنڌ جي ورهاست ڪري ڇڏي- آفاق احمد

• ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهري علائقن تي ٻڌل نئون صوبو ناهڻ جي تحريڪ زور وٺي وئي.

- صوبي ۾ ڳوناٽن وڏيرن جي حڪومت آهي ۽ شهري علائقن جي عوام، خاص ڪري مهاجرن جو استحصال ڪيو پيو وڃي، جنهنڪري ڌار صوبي جي مطالبي جو ڪارڻ وجود وٺي رهيو آهي. قائد تحريڪ جو بيان.

- حڪومت مهاجر قوم کي قومي وهڪري کان ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. مهاجرن کان روزگار کسيو پيو وڃي جنهنڪري اهي پنهنجي بقا بابت سوچڻ تي مجبور ٿي پيا آهن. چيئرمئن ايم ڪيو ايم حقيقي.

(قومي اخبار، 22-سيپٽمبر 1994ع)

1. الڳ صوبي جي چرچ ڪنهن جي؟ چوچڙي ڪنهن ڏڪائي؟
2. ڳوناٽا وڏيرا ڇا عوام جا چونڊيل نمائندا ناهن؟
3. مهاجرن جو استحصال(!؟) ڪير پيو ڪري؟

ايم ڪيو ايم (ٻنهي ڌڙن) جي نظر ۾ سنڌي استحصالي آهن، ڳوناٽا وڏيرا آهن، شهري ناهن، تنهنڪري ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهري علائقن تي ٻڌل نئون صوبو ٺهڻ گهرجي. لفظن تي ڌيان ڏبو ته انهيءَ جملي جو عملي مطلب سنڌ جو نالو بدلائي مهاجر صوبو سڏڻ ٿيندو. شيطاني دماغ سنڌ خلاف سيني بغض سميت ظاهر آهن، سنڌ جا سڄڻ ڇا ٿا چون؟

عوام زور ڏيندا ته...

- مهاجرن جي اڪثريت وارا علائقا استحصال جو شڪار آهن. ايم ڪيو ايم سنڌ جي ورهاست نه ٿي چاهي پر عوام زور ڏيندا ته اسين ڪجهه به نه ڪري سگهنداسون. مسئلن جي ترت حل جي واٽ ڳولڻ ضروري آهي- الطاف حسين

• سنڌ ۾ ڌار انتظامي صوبي لاءِ ريفرنڊم جو اعلان

- الطاف حسين جي آئينده موقف لاءِ مهاجر دانشورن، مفڪرن، ماهرن، ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن، همدردن ۽ عوام کان راءِ گهري. روزانو سوين خط، تارون ۽ فيڪس نياپا اچن ٿا، ته ايم ڪيو ايم کي ڌار صوبي جو مطالبو ڪري ڇڏڻ گهرجي. (الطاف حسين)

- سنڌ جي هاڻوڪي ڍانچي ۾ مهاجرن جو جسماني ۽ معاشي قتلام وڌي ويو آهي، ڪراچي ۽ حيدرآباد جون بلديائون به انهن ماڻهن جي حوالي ڪيون ويون آهن جن جي شهري علائقن ۾ ڪا به نمائندگي ناهي. (الطاف حسين)

(ڊان، جنگ، دي نيوز، امن ۽ پبلڪ ايوننگ، 22-سيپٽمبر 1994ع)

1. ڇا ان ڳالهه ۾ ذرو به سچ آهي ته ايم ڪيو ايمي مهاجر سنڌ ڌرتيءَ جي حقيقي ۽ تاريخي وارث سنڌين جي پيٺ ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ تي سياسي، سماجي، تهذيبي، تعليمي، صحتي وغيره سهولتن جي حوالي سان پوئتي پيل آهن؟
2. ڇا ايم ڪيو ايم پنهنجي دهشتگرديءَ ڦرلٽ، آتش زنيءَ ۽ سنڌين، بلوچن، پنجابين ۽ پختونن جي قتلام لاءِ مهاجرن کان راءِ ورتي هئي؟
3. ڪراچي ۽ حيدرآباد جي بلديائن تي پنجن ورهن جي مڪمل قبضي دوران ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن انهن شهرن کي ڇا ڏنو؟
4. سنڌ جي ڌرتيءَ تي ميسر سهولتن ۾ اوليت ڪنهن کي ملڻ گهرجي؟

ڄاتل سڃاتل ۽ طئي ٿيل بين الاقوامي، جمهوري ۽ انساني اصول آهي ته هر ڌرتي، ٽڪري جا تاريخي رهواسي ئي اتان جا حقيقي وارث آهن، پر هي ٽولو سنڌ ڌرتيءَ جي تاريخي وارثن کي ئي پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي ڌوهاري ۽ چور، استحصالي ۽ ظالم، ڳوناٺو ۽ جٽ ٻڌايو، ارڏايون وينو ڪري، سنڌين کي بي دخل ڪري، تڙي ڪڍي، پاڻ کي اصولي وارث طور وينو پيش ڪري ۽ ظاهر آهي ته هن مظلوم جي جنگ استحصال ڪندڙ سنڌين خلاف ئي آهي.

عوام جو زور

- گهٽ ماڻهن ڌار صوبي جي حق ۾ راءِ ڏني آهي- ايم ڪيو ايم
- ڌار صوبي بابت الطاف حسين جي بيان کان پوءِ عزيز آباد ۾ ٽيليفون ڪالز جو تڙڪو.
- ڪجهه ماڻهن چيو ته ڌار صوبي جي قيام کان سواءِ مهاجر عوام کي انهن جا جائز حق نه ٿا ملي سگهن. پريس رليز

(نوائي وقت، 23- ۽ جنگ، 24-سيپٽمبر 1994ع)

- ڌار صوبو مهاجرن جي بقا جو بهترين ۽ عمل لائق فيصلو هوندو- حيدرآباد، سانگهڙ، ميرپور خاص ۽ بين زونل ايم ڪيو ايمي اڳواڻن جو رد عمل.

(امن، 23-سيپٽمبر 1994ع)

1. الطاف حسين جي بيان ڪهڙي فتني کي جنم ڏنو؟ ان کي زور ڪير پيو وٺائي؟ ۽ سنڌ دشمن ان فتني کي مُنهن ڏيڻ ۽ ڪچلڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪير ڪندو/ ڪري ٿو؟
2. ڌرتي ڌڻي ڪهڙي پاسي اڇلايا ويا آهن؟ انهن جي راءِ ڇا آهي؟ راءِ جي اهميت ڇا آهي؟

سنڌ دشمن هن بدمعاش ۽ قاتل ٽولي جي نظر ۾ سنڌ ڌرتيءَ تي خود سنڌين جي حيثيت ڇا آهي، اها هيٺ ڏنل ٽُڪري ۾ پڌري ٿي اچي ٿي.

غير علائقي جا ماڻهو

- عوام مهاجر صوبو ناهڻ کان پوءِ ئي ساهي ڪندا- مهاجر صوبه ڪميٽي جو اعلان
- سرحدون ناهيون ويون آهن، تبديليءَ جو ڪنهن کي به ڪو حق ناهي.
- مهاجر صوبه ڪميٽيءَ جو هڪ ميڙ ڪوپن هيگن (ڊنمارڪ) ۾ 31- جولاءِ 1994ع تي سڏايو ويو، جنهن ۾ انتهائي پَرانهن علائقن سئيڊن، ناروي، ڊنمارڪ، فن لئنڊ، ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي مندوبين

شرڪت ڪئي. مهاجر صوبہ ڪميٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري پروفيسر راحت عليگ پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ مهاجر آبادي واري علائقي ۾ غير علائقي جا ماڻهو مقرر ڪيا وڃن ٿا، جن ڪي مقامي آباديءَ سان ڪا بہ دلچسپي ناهي. اسان ڪي پنهنجن علائقن تي پاڻ حڪومت ڪرڻ جو حق حاصل ڪرڻ گهرجي. اسان صوبي جون سرحدون ٻڌائي ڇڏيون آهن، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي قيرقار جو حق ڪنهن کي بہ ناهي. سرحدن ۾ ڪراچي، بدين، حيدرآباد، دادو جو لڳ ڀڳ هڪ سَو ميل علائقو ۽ پسني جو علائقو شامل آهي.

(امن ۽ پرچم، 2-آگسٽ 1994ع)

1. درحقيقت غير علائقي جا سچ پچ غير علائقي ۾ رهندڙ ڏاريا ماڻهو سنڌ ڌرتيءَ جي اصلوڪن ۽ تاريخي رهواسين کي کهڙي نالي سان ياد ڪن ٿا؟
2. اڪيون پُوري، مڪمل بي حيائيءَ سان ڪوڙ نوڪڻ ڇا کي چئبو آهي؟

ڏاڍ مڙسي تہ ڏسو، سنڌين کي ڌاريو سڏيندي، مٿن بندش پئي وڌي وڃي، تہ اسان جي قبضيگير سوچ خلاف ڪنهن کي بہ ڪجھ ڪڇڻ جي موڪل ناهي!

وقت اچي ويو

- هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ سنڌ جي شهري علائقن تي پڪڙيل ڌار صوبي لاءِ گڏيل جدوجهد ڪئي وڃي- ڌار صوبو ناهڻ لاءِ مجلس مذاڪره.

- نا انصافين، زيادتين ۽ حق تلفين جي خاتمي جو منصوبو: ڌار صوبو

- ...انهن خيالن جو اظهار ڪالهہ مختلف سياسي ۽ مذهبي اڪابرين، سنڌ ۾ ڌار صوبو ناهڻ جي گهرج جي موضوع تي ٿيندڙ هڪ مذاڪري ۾ ڪيو. اهو مذاڪرو ڪلفٽن جي علائقي ۾ ٿيو ۽ مهاجر رابطا ڪائونسل جي صدر اعجاز محمود، مسلم ليگ نواز گروپ جي اڳواڻ نواب محمد يامين، جميعت علماء اسلام سميع الحق گروپ جي اڳواڻ خواجہ اشرف الاسلام، جناح مسلم ليگ جي صدر آزاد بن حيدر، جميعت علماء پاڪستان (نيازي گروپ) سنڌ جي سيڪريٽري جنرل ۽ ميمبر قومي اسيمبلي حافظ محمد تقي، ايم ڪيو ايم جي ميمبر شيخ لياقت حسين، مسلم ليگي اڳواڻ مشير احمد پيش امام، روزنامہ امن جي ايڊيٽر ۽ نامور صحافي اجمل دهلوي ۽ نامور دانشورن ۽ مفڪرن پروفيسر حسنين ڪاظمي، احمد الطاف، رشيد احمد قدوائي، ڊاڪٽر آغا ظافر ۽ عسڪري تقوي خطاب ڪيو. هڪ ٻن ڪان سواءِ باقي سڀني تقرير ڪندڙن سنڌ ۾ ڌار صوبو قائم ڪرڻ جي مطالبي جي مڪمل حمايت ڪئي (۽ ڪو بہ سوال يا اعتراض نہ اٿاريو). مذاڪري ۾ ايم ڪيو ايم رابطا ڪميٽي جي ميمبر ايم اي جليل، حق پرست ميمبر سنڌ اسيمبلي قاضي خالد ايڊووڪيٽ، جماعت اسلامي ڪراچي جي امير نعمت الله خان ايڊووڪيٽ ۽ نامور دانشورن ايس ايس جعفري، آفتاب زيدي، سيد اخلاق حسين، صفوان الله ۽ انور خان سميت پنجاهہ ڪان وڌيڪ دانشورن، رٽائرڊ اعليٰ سرڪاري ڪامورن ۽ صاحب راءِ ماڻهن شرڪت ڪئي.

(پرچم ۽ امن، 23- سيپٽمبر 1994ع)

سڄاڻي ڇڏيو تہ ڪير ڪهڙن محاذن تان ڪهڙو ڪم ڪرڻ گهري ٿو.

مڪر ۽ مڪريل

- نئين صوبي جو مطالبو ايم ڪيو ايم جي پاليسي ناهي- الطاف حسين

- ... (بِي بِي سِي رپورٽ) جڏهن جناب الطاف حسين کان پڇيو ويو ته هن سنڌ ۾ مهاجرن لاءِ ڌار صوبو ناهڻ جي رٿ سوچ ويچار لاءِ چو پيش ڪئي، ته هن جواب ڏنو ته متس گهٽن ساٿين جو ئي نه، پر عام مهاجر عوام جو ۽ عام شهرين جو به شديد دٻاءُ آهي، ته توهان جڏهن ڏسو پيا ته مهاجر عوام جا جائز مطالبا ٻڌڻ لاءِ ڪو به تيار ناهي، ته ايئن هٿ ڊگهيري ٻيڪ گهرڻ تي ڪو به خيرات نه ڏيندو، ان ڪري مهاجرن جي بقا ۽ عزت انهيءَ ۾ آهي ته مهاجر عوام پنهنجي ڌار صوبي جي تياريءَ لاءِ جدوجهد ڪن. هن چيو ته اها مهاجر صوبي ۽ شهري صوبي جي راءِ آهي. سنڌ ۾ انتظامي بهتريءَ جي لاءِ حقن جي ورهاست ۽ پائدار امن جي لاءِ به صوبا جوڙيا وڃن ۽ نئون صوبو جوڙيو وڃي ته ان صوبي ۾ ڪڏهن به ايئن نه ٿيندو ته پنجابي، بلوچ، پختون جيڪي اتي رهن ٿا، انهن کي ڪو ٻاهر ڪڍيو ويندو. انهن کي به نيڪ ساڃيءَ طرح ان صوبي ۾ عزت سان گڏ سيئي حق حاصل هوندا. الطاف حسين چيو ته نئين صوبي بابت وٽس ڪيترين ئي تجويزون آيل آهن. هن انهن تي غور ڪيو آهي ۽ ساٿين سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ طئي ڪيو ته مهاجر عوام، دانشورن، سنڌ ۾ رهندڙ پنجابين، پختونن، جيڪي به اتي رهن ٿا، انهن جي راءِ جاتي وڃي. هن يا ايم ڪيو ايم اهو مطالبو نه ڪيو آهي، نه ئي اهو ايم ڪيو ايم جي پاليسيءَ جو حصو آهي، پر اسان تي دٻاءُ آهي، ته ان جي ڪري ساٿين سان صلاح ڪري عوام کي، دانشورن کي، صحافين کي، سيني کي اها اپيل ڪئي آهي ته اهي ڪيس پنهنجي راءِ کان واقف ڪن ته سنڌ جي جيڪا هاڻوڪي جاگرافيائي صورتحال آهي، ان ۾ مسئلن جو حل آهي يا نئون صوبو ئي سنڌ ۾ پائدار امن ۽ سيني طبقن جي حقن جو بهترين ضامن ٿي سگهندو. الطاف حسين کان جڏهن پڇيو ويو ته دانشورن، مدبرن، پڙهيل لکيل ماڻهن ۽ اهي ماڻهو جن جي راءِ ۾ وزن آهي، جيڪڏهن اهو فيصلو ڏنو ته سنڌين کي ملڪ جي الڳ صوبي ۾ محدود نه ڪرڻ گهرجي (يا) انهن جيڪڏهن انڪار ۾ جواب ڏنو ته توهان جو رد عمل ڇا هوندو، تڏهن الطاف حسين ٻڌايو ته اسان جڏهن به ڪو فيصلو ڪيو آهي، عوام جي راين ۽ صلاحن کي آڏو رکي ڪيو آهي. عوام جي اڪثريت جيڪڏهن اهو چوي ٿي ته هي مناسب حل ناهي، ته پوءِ اسان انهن کي گذارش ڪنداسون ته نئون صوبو جيڪڏهن حل ناهي، ته اسان کي مهاجرن جي حقن، سنڌ جي شهري علائقن ۾ رهڻ وارن جي حقن، کي حاصل ڪرڻ جي طريقيڪار ۽ تجويزن تي ٻڌل رايا موڪلن.

(امن، 23- سيپٽمبر 1994ع)

1. بي بي سي جو نمائندو سنڌ دشمن دهشتگردن پاران نئين صوبي جي مطالبي کي سنڌين کي الڳ صوبي ۾ محدود ڪرڻ جو عمل چو ٿو سمجهي؟
2. ايم ڪيو ايمي اڳواڻ 1947ع ۽ ان کان پوءِ سنڌ ڌرتيءَ تي پناهه مليلن کي جيڪا صلاح ٿو ڏئي، ان کي سنڌ دوستي سڏبو يا سنڌ دشمني؟

3. مهاجرن جا جائز حق بين الاقوامي چارٽر موجب ڪهڙا آهن؟ (۽ سنڌ جي سڄڻن کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي تہ اهي عملي طرح ڪيئن پورا ڪري سگهن ٿا.)

بين الاقوامي عهدنامي موجب ڪنهن بہ مهاجر/پناهگير/ رفيوجي/اميگرنٽ کي ڇا پناهہ ڏيندڙ ڌرتيءَ تي ڪا بہ زمين، ڪارخانو، گهر، مجموعي طرح ڪنهن بہ قسم جي ملڪيت خريد ڪرڻ جو حق مليل آهي؟ ڌرتي ڌڻين جي مرضيءَ کان سواءِ، ڇا اهي ڪا بہ نوڪري يا ڪو بہ ٻيو روزگار ڪري سگهن ٿا؟ ڇا پناهگير ٽولي کي پنهنجن محسنن خلاف گارين، ناجائز فتوائن، الزامن، دڙڪن ۽ دهشتگرديءَ جو حق مليل آهي؟ ڪين اهو حق آهي تہ ڌرتيءَ ڌڻين خلاف سازشون، مڪاريون ۽ سوديبازيون ڪن؟ ڌرتيءَ ڌڻين کي دٻائن، هيسائن، ڦرين ۽ لٽين؟ سندن ڌرتيءَ تي قبضو بہ ڪن، تہ ڪچڻ ۽ لچڻ تي بندشون بہ مڙهين؟ دهشتگرديون ڪن، گوليون وسائن، ٻاهيون ڏين، گهرن مان لڏائن ۽ بي وطن ڪن؟ ڌرتيءَ ڌڻين کي تاريخي اوسر دوران جيڪي انڊيون منديون سهوليتون نصيب ٿيون هجن، اهي بہ کسي وٺن؟ ڪليمن ۾ هر قسم جي ملڪيت ڦٻائن؟ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان سندن ٻوليءَ کي تڙي ڪڍن ۽ ان ڌتڙيل ٻوليءَ کي پنهنجي ئي علائقي ۾ جائز مَقام ڏيڻ لاءِ ڪو بل پاس ڪيو وڃي، تہ ماڻهن، لائبريرين، ميوزمن وغيره کي ٻاهيون ڏين، مظاهرا ڪن ۽ قتلام ڪندا رهن؟ ڇا پناهگيرن کي ڪو بہ اهڙو حق مليل آهي تہ ڌرتيءَ ڌڻين جي تهذيبي تذليل ڪن، ٺٺوليون ڪن ۽ ڪين مايوسين ۽ محرومين جي سمنڊ ۾ ٻوڙي رکن؟ ڇا انهن کي پناهہ ڏيندڙ ڌرتي جي سرحدن سان ڪيشٽ ۽ هٿ چراند ۽ ان جي آئيندي بابت فيصلا ڪرڻ جو ڪو بہ حق مليل آهي؟

جن بہ لاڏائو ٽولن جنهن بہ ڌرتيءَ تي پناهہ ورتي آهي، ڇا اهي ان ڌرتيءَ تي مهاجر قومي موومينٽ، مهاجر صوبہ تحريڪ ۽ اهڙي قسم جون ڪي بہ تنظيمون ناهي سگهن ٿا؟ برطانيا، جرمني، سئيڊن، ناروي، ڊنمارڪ، ڪئناڊا، آمريڪا وغيره ڏيهن جي ڌرتيءَ تي قبضي لاءِ ڇا هي ٽولو مهاجر حق جي دعويٰ ڪري سگهي ٿو؟ ۽ جي ايئن ڪري تہ نتيجو ڇا هوندو؟

4. ايم ڪيو ايمي اڳواڻ چوي ٿو تہ مٽس ساٿين جو، مهاجر عوام جو ۽ عام شهرين جو دٻاءُ آهي. سندس ساٿين ۽ مهاجر عوام کي تہ سڃاڻون ٿا، پر ٻين عام شهرين مان سندس مطلب ڇا آهي- ڇا پنجابين، پناڻن، بلوچن ۽ سنڌين بہ کيس چيو آهي تہ سنڌ ڌرتيءَ تي قبضو ڪري هُو سندن لاءِ ڌار صوبو ناهي؟ يا اهو واتوڙي ڪوڙ ٿو ڳالهائي؟

5. جڏهن هر پنجابي ۽ پناڻ کي بہ عزت سان گڏ سمورا حق حاصل هوندا، تہ پوءِ ڌار صوبي جي مهم چو ۽ ڪنهن جي خلاف؟

6. ڇا دشمني رڳو سنڌ ۽ سنڌي قوم سان آهي؟

وري مذاڪرو

امن اخبار (24- سيپٽمبر 1994ع) سڄي پاڪستان جي مختلف ۽ ڪيترن ئي ننڍن وڏن شهرن، ڳوٺن ۽ پوڙهن، پوڙهين، نوجوان ۽ ٻارن جي حوالي سان خبر ناهي ڏني تہ:

- مهاجر صوبي جو نهڻ ضروري ٿي پيو آهي.

- ان ڪان سواءِ مهاجرن ڪي سندن غضب تيل حق نہ تا ملي سگهن. اختياري وارا خلق جي زبان ڪي خدا جو نقارو سمجهن.

- مهاجر صوبي جي حق ۾ هزارين ماڻهن جو مظاهرو، پوليس پاران لانٺي چارج

- آءِ آءِ چندريگر روڊ تي هڪ اخبار جي دفتر ۾ نئين صوبي بابت مذاڪري جي موقعي تي هزارين ماڻهو گڏ ٿي ويا. علائقي جون گهڻيون نوجوانن، بزرگن ۽ عورتن سان ڏٺجي ويون، مختلف علائقن مان ايندڙ ماڻهن مهاجر صوبي جي حق ۾ زوردار نعرا هڻي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪيو. هڪ درجن کان وڌيڪ ماڻهو گرفتار.

چنچر ڏينهن (ڪالهہ) هڪ انگريزي اخبار جي دفتر آڏو هزارين مشتعل ماڻهن مهاجرن لاءِ ڌار صوبي جي لاءِ ٿيندڙ مذاڪري جي موقعي تي ”مهاجرون ڪي دل ڪا چين: الطاف حسين، الطاف حسين“، ”هم سب ڪا ايڪ هِي نعرا، آذا تمهارا، آذا همارا“، ”هو گيا هو گيا – فيصلا هو گيا“ جهڙا نعرا هنيا...

(امن، 15- سيپٽمبر 1994ع)

- ايم ڪيو ايم ڌار صوبي لاءِ عملي جدوجهد جي شروعات ڪري – عوام جو رد عمل

- مهاجرن جا جائز جمهووري حق حاصل ڪرڻ لاءِ، ايندڙ نسلن جي روشن آئيندي لاءِ هر قسم جي جاني ۽ مالي قرباني ڏينداسون. الطاف حسين جي رهائشگاهہ تي فونن ۽ خطن وسيلي اظهار.

(امن، 27- سيپٽمبر 1994ع)

1. ”مهاجر حق“ يا قبضي گيري؟
2. وارثن جي غير موجودگيءَ ۾ ملڪيت تي مالڪيءَ جو دعويٰ ڪير ڪندو آهي؟
3. ڌار صوبي لاءِ عملي جدوجهد ڪيئن ۽ ڪنهن جي خلاف ٿيندي آهي؟
4. ”ماني آ ڍِوَ تي ۽ موچڙو آ ڪِهت“، سنڌيءَ ۾ اهو پهاڪو ڪيئن نهيو؟

نئون صوبو -- ملڪي مفاد

- نئين صوبي جو ٺهڻ ملڪ جي مفاد ۾ هوندو- الطاف حسين

- جيڪڏهن عوام جي خواهشن تي جمهوري طريقي سان سنڌ ۾ نئون صوبو ٺهي ٿو، تہ اتي رهندڙ سڀني ماڻهن کي ڪنهن بہ فرق بنا سڀني وسيلن تي ۽ انتظامي معاملن ۾ شريڪ ٿيڻ جو حق هوندو. معاشي، جسماني ۽ تعليمي قتلام سبب مهاجر اهو سوچڻ تي مجبور آهن تہ ڌار صوبي جو قيام ئي انهن جي مسئلن جو حل آهي.

- سنڌين سميت اسين ڪنهن جو بہ حق غضب ڪري پنهنجا حق نہ ٿا گهرون ۽ سڀني مظلومن کي انهن جا حق ڏيارڻ لاءِ متحده قومي موومينٽ جي پليٽ فارم تان بہ جدوجهد ڪري رهيا آهيون. اسان ڪنهن بہ قوميت جي ماڻهن جي خلاف ناهيون ۽ چاهيون ٿا تہ سڀني کي وسيلن ۽ اقتدار ۾ حصو ملي- الطاف حسين سان وائس آف آمريڪا جو انٽرويو.

(امن، 2- آڪٽوبر 1994ع)

1. جن ”سيني“ ماڻهن کي سنڌ جي وسيلن تي ۽ انتظامي معاملن ۾ شريڪ ڪرڻ جو حق ايم ڪيو ايمي اڳواڻ بخشيش پيو ڪري، انهن ”سيني“ ۾ ڪير ڪير شامل آهي؟ ۽ انهن ”سيني“ جو ”حق“ سنڌ ۾ ڪيئن پيدا ٿيو؟
2. ”سنڌين سميت اسين ڪنهن جو به حق غضب ڪري پنهنجا حق نه ٿا گهرون“ جو عملي مطلب ڇا آهي؟ ڇا سنڌ ڌرتيءَ کي ٽوڙي نئون صوبو ناهڻ سان سنڌين جا حق غضب نه ٿيندا؟ اهو ڪهڙو فلسفو؟
3. الطاف حسين کي ڇا گهرجي؟
4. ”اسين ڪنهن به قوميت جي ماڻهن جي خلاف ناهيون“، ڇا الطاف حسين جي انهيءَ قول ۾ ڪا به صداقت آهي؟
5. ايم ڪيو ايمي دهشتگردن پاران گذريل ڏهن ورهين کان جاري رکيل دهشتگرديون ڇا ڪنهن به قوميت جي خلاف ناهن؟
6. پهرين آڪٽوبر 1988ع تي ڪراچيءَ ۾ 200 سنڌي ماڻهن جي ڪوس جو رڳو هڪ واقعو ئي ذهن ۾ رکي، ڇا دهشتگردن جي سردار جي ان ڳالهه تي پت ڪري سگهجي ٿي؟

مثبت رد عمل

- ايم ڪيو ايم ۽ حڪومت جي وچ ۾ جاري ڳالهين ۾ سڌارو آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته ايم ڪيو ايم تي اڻ اعلانيل پابندي ختم ڪئي وڃي، ڇاپا ۽ گرفتاريون بند ڪيون وڃن ۽ مختلف ڪيسن (مقدمن) جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي وڃي.
- ڪراچيءَ ۾ نوان تڪ ناهيا وڃن ۽ قومي ۽ صوبائي سيٽن جي انگ ۾ واڌ ڪئي وڃي- الطاف حسين

- سياسي عمل ۾ ڪا به قوم حصو وٺي سگهي ٿي. مهاجر سنڌ جي آباديءَ جو 50 سيڪڙو آهن. شهري ۽ ڳوٺاڻن علائقن لاءِ مقرر ٿيل ڪوٽا هاڻي عمل جوڳي نه رهڻ گهرجي. عوام ۽ واپاري ايم ڪيو ايم جي مالي مدد لاءِ اڳتي اچن.
- ورهين جي محرومين ۽ نا انصافين مهاجرن ۾ متحد ٿي حقن لاءِ وڙهڻ جو شعور پيدا ڪري ڇڏيو آهي. ايم ڪيو ايم ڌار صوبي جو مطالبو نه ڪيو آهي، پر ان سلسلي ۾ شهري ۽ ڳوٺاڻي عوام جو رد عمل ڏاڍو مثبت آهي.

(پبلڪ ايوِننگ، 6- آڪٽوبر 1994ع)

1. نوان تڪ ڪراچيءَ ۾ ڇو؟ سڄيءَ سنڌ ۾ ڇو نه ناهيا وڃن؟
2. ايم ڪيو ايمي دهشتگردن پاران نام نهاد محرومين ۽ نا انصافين جو ڍنڍورو ڪهڙا غليظ مقصد لڪايو وينو آهي؟
3. اهو ڪهڙو رد عمل آهي، جيڪو ”مثبت“ سڏيو وڃي؟ ڪهڙن ”شهرين ۽ ڳوٺاڻن“ پاران اهو نام نهاد رد عمل ٿيو آهي؟

ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ جي آباديءَ ۾ ايم ڪيو ايمي مهاجرن جي ڳڻپ 50 سيڪڙو تي وئي آهي. سنڌ ۾ رهندڙ ڪجهه پنجابي اڳواڻن به دعويٰ ڪئي هئي ته پنجابين جي آبادي 40 سيڪڙو

آهي. 18 سيڪڙو پناهن جي آبادي ٻه چئي وجي ٿي. سنڌ ۾ ٿي 4 سيڪڙو انهن پرڏيهين جي آبادي چئي وڃي ٿي، جيڪي پاڪستاني قانون موجب غير قانوني پرڏيهي آهن. جيڪڏهن فرض به ڪجي ته سنڌ ۾ ڪو هڪ به سنڌي ۽ بلوچ نه ٿو رهي، ته به انهن انگن اکرن جي بنياد تي تسليم ڪرڻو پوندو ته ليکي ۾ غلطي آهي، ڪوڙ آهي، بي ايماني آهي. پانئجي ٿو ته سنڌ ۾ آباد سنڌي ۽ بلوچ ڌرتيءَ تي نه، ڪٿي فضائن ۾ آباد آهن!

سنڌ جا سڄڻ جيڪڏهن سنڌي آهن، ڇا ٻڌائي سگهندا ته اهي پاڻ ڪٿي رهندا آهن؟ ۽ جنهن عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جي دعويٰ ڪن ٿا، اهو ڪٿي وجود ٿو رکي؟

الڳ صوبو ٿي نه، ملڪ به

• مهاجرن سان لاڳيتو زيادتين جو سلسلو جاري رهيو ته الڳ صوبو ٿي نه، ملڪ به ٺهي سگهي ٿو- اجمل دهلوي

- پاڪستان جي سياسي، سماجي ۽ معاشي نظام کي سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ ظالم وڏيرن پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو آهي.

- ايم ڪيو ايم جي مذاڪراتي ڪميٽيءَ جي ميمبر ۽ روزنامه ”امن“ جي ايڊيٽر جناب اجمل دهلويءَ چيو آهي ته مهاجرن ۾ احساسِ محرومي وڌندو پيو وڃي ۽ لاڳيتين زيادتين جي ان سلسلي کي بند نه ڪيو ويو ته الڳ صوبي بدران الڳ ملڪ جي سوچ به وڌي سگهي ٿي...

(پرچم، 6- آڪٽوبر 1994ع)

1. رڳو دهليءَ جا ٽڳ ٿي خبر ناهي ته ڇو مشهور ٿيا، اتي ته اهڙا ڪي ٿي وکر موجود آهن. اجمل دهلويءَ جي سوچ ڪهڙي پهلوءَ کي واضح ڪري ٿي؟
2. دهلويءَ جي ادارت ۾ هلندڙ ”امن“ جيڪو فتنو جاڳايو آهي، انهيءَ جو اندازو هن مواد ۾ موجود ”امن“ جي خبرن مان ڪري سگهجي ٿو. دهلويءَ کي فتني جاڳائڻ سان دلچسپي ڇو؟
3. اجمل دهلويءَ ڇا ايم ڪيو ايم ۾ پلجندڙ حقيقي سوچ کي پڌرو نه ڪيو آهي؟

قانوني مجبوري

• ڌار صوبي جي گهر غير آئيني ناهي- الطاف

(ڊيلي نيوز، 2- آڪٽوبر 1994ع)

• سنڌ جي ورهاست غير آئيني ناهي- الطاف

(فرنٽيئر پوسٽ، 3- آڪٽوبر 1994ع)

• حق تلفين، زيادتين ۽ موجوده حالتن مهاجر قوم کي الڳ صوبي جي مطالبي تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي- الطاف حسين

- صوبي جو مطالبو نه ته غير آئيني آهي ۽ نه ٿي غير قانوني. ايم ڪيو ايم راءِ پڇي آهي، مطالبو نه ڪيو آهي- برطانيا يونٽ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ڳالهيون

(پرچم، 12- آڪٽوبر 1994ع)

1. ڪنهن ٿو پڙهايو/ٻڌايو وڃي ته ڌار صوبي جي گهر غير قانوني ۽ غير آئيني ناهي؟
2. نام نهاد حق تلفين ۽ زيادتين جي راڳ پنيان اصلي ڪم ڪهڙو پيو ٿئي؟

غداري

- احتجاج احتجاج ئي هوندو آهي- حقن جي گهر کي غداري سڏي نه ٿو سگهجي- الطاف حسين

- الڳ صوبي واري سوچ لاڳيتي تعصبي سلوڪ، ظلمن ۽ زيادتين جي پيداوار آهي. اهڙو مطالبو غير آئيني ۽ غير قانوني ناهي.

(پبلڪ ۽ امن، 12- آڪٽوبر 1994ع)

1. لاڳيتو تعصبي سلوڪ سنڌ ۾ ڪنهن روا رکيو آهي؟
2. ڇا افغان مهاجرن جا سنڌ ۾ ڪي به حق آهن؟
3. افغان مهاجر سنڌ ۾ جيڪڏهن پنهنجا حق ڄمائڻ/جهاڙائڻ شروع ڪن، ته انهيءَ عمل کي ڇا سڏبو؟
4. ڪنهن به مهاجر جو ڪنهن به ڌرتي/ٽڪري تي ڪو به داداگير ۽ خود ساخته حق هوندو آهي ڇا؟

هاڻي ان غداريءَ، بد معاشيءَ ۽ داداگيريءَ کي ڇا چئجي؟

سنڌ جي اڌ آبادي

- مهاجر سنڌ جي آباديءَ جو اڌ آهن پوءِ مهاجر وزير اعليٰ ڇو نه ٿو ٿي سگهي؟

- 18 مطالبا مڃو، ڌار صوبي جو مطالبو نه ڪيو ويندو- الطاف حسين

(قومي اخبار، 30- آڪٽوبر 1994ع)

1. اهي 18 مطالبا ڇٻو ته ايڏا ڳرا آهن!؟
2. 18 نُڪتا مڃائڻ لاءِ ڌار صوبي جو دڙڪو ڇو؟

سنڌ جي اڌ کان وڌيڪ آبادي

- نئون صوبو اٽڪر تي پيو آهي- الطاف حسين

- سنڌ جي آبادي ۾ مهاجر اڌ کان وڌيڪ آهن پر وزير اعليٰ ۽ گورنر سميت ڪو به ڪليدي عهدو مهاجر کي نه ٿو ملي. جيستائين با اختيار عهدا مهاجرن وٽ نه هوندا، اهي مصيبتن ۾ ڦاٿل رهندا.

(امن، 6- نومبر 1994ع)

1. ايم ڪيو ايمي مهاجر ڪهڙي شرح سان ٽا ڄمن، جو ڇهن ڏينهن ۾ اڌ کان وڌيڪ ٿي ويا؟
2. ايم ڪيو ايم کي سنڌ ۾ ڇا ٿو گهرجي؟

نانگ تي ڀروسو

- نئين صوبي ۾ سڀني جا حق محفوظ هوندا- الطاف حسين

- جيڪي ماڻهو اڄ نه ٿا سمجهن، سياڻي تاريخ انهن کي سمجهائيندي ته مان پاڪستان دشمن ناهيان.

- ايم ڪيو ايم جي قائد جناب الطاف حسين سنڌ جي شهري علائقن ۾ آباد سڀني پنجابي، پناڻ، سنڌي ۽ بلوچ ڀائرن کي يقين ڏياريو آهي ته جيڪڏهن رٿيل صوبو نهي ويو ته ان ۾ آباد سڀني قوميتن سان واسطو رکندڙ ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪيو ويندو. ملازمت، تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ سندن حق محفوظ هوندا ۽ چوند جا تڪ اهڙي طرح ناهيا ويندا جو ڪين آباديءَ جي

نسبت سان نمائندگي ملندي. هن خبردار ڪيو تہ جيڪي ماڻهو مٿس بي بنياد الزام مڙهي رهيا آهن، چڱي طرح ڄاڻي ونن تہ ايم ڪيو ايم اقتدار ۾ اچي انهن ماڻهن تي بغاوت جو ڪيس هلائيندي، چو تہ فتنو پکيڙڻ قتل کان وڌيڪ وڏو ڏوهہ آهي.

(امن، 30- آڪٽوبر 1994ع)

1. نئين صوبي ۾ مجوزه/ممڪن/امڪاني اقتدار ڪنهن جو هوندو؟
2. الطاف حسين جي نظر ۾ بي بنياد الزام ڪهڙا آهن؟
3. اڄ انهن تي بغاوت جو ڪيس ڇو نہ هلي، جن سنڌ ۾ فتنو پکيڙيو آهي؟
4. تاريخ سنڌ دشمنيءَ بابت بہ ڪو سبق ڏيندي يا نہ؟
5. ڇا سنڌين جا پنهنجي صوبي ۾ سماجي، سياسي، تاريخي، ثقافتي، لساني وغيره حق محفوظ آهن، جو اهي پروسو ڪن تہ سپاٽي ايم ڪيو ايمي الطاف حسين جهڙي فرد (جهڙن فردن) جي فرمانروائي هيٺ ئي سندن تاريخي ۽ مالڪاڻا حق محفوظ رهي سگهندا؟

ٻي ڪا راهہ ناهي

- مهاجرن کي ٻئي درجي جو شهري ڪري ڇڏيو ويو آهي، صوبي کان سواءِ ٻي ڪا راهہ ناهي

- ايم ڪيو ايم ڪنهن بہ مرحلي تي فوج سان ڪنهن بہ قسم جي ٽڪر جي حمايت نہ ڪئي آهي ۽ اڄ بہ ان پاليسيءَ تي هلي رهي آهي.

- هن (الطاف حسين) چيو تہ 1988ع ۾ ضياءُالحق جي جهاز جي حادثي کان پوءِ اسلم بيگ پاران جمهوري عمل جاري رکڻ سبب سي پي او جي سيني جماعتن اسلم بيگ جي ملازمت ۾ واڌ جي سفارش ڪئي هئي ۽ انهن سيني ميمبر جماعتن جي چوڻ سبب ئي مون بہ غلام اسحاق خان کي هن جي سفارش ڪئي!

(عوام، 2- نومبر 1994ع)

1. پَڪي قلعي حيدرآباد ۾ دهشتگردن کي پناهہ ڏيڻ وارو جمهوري عمل سنڌ جي تاريخ ڪنهن جي نالي سان محفوظ ڪندي؟
2. ڪنهن جي سفارش، ڪير، ڪنهن کي پيو ڪري؟
3. سنڌي ماڻهو پنهنجي تاريخي ڌرتيءَ تي ڪائين درجي جا شهري آهن؟

مطالبو

- موجوده سرحد برقرار رهي نہ سگهندي. هاڻي رڳو سنڌ جي ورهاست تي ڳالهہ ٿيندي- الطاف حسين

- (ذوالفقار علي) ڀُٽي سنڌ کي بہ لساني صوبن ۾ ورهايو. سنڌي قوم پرستن اسان پاران رابطن کي ڪمزوري سمجهيو. نئين صوبي ۾ سمورا فيصلا ميرٽ تي ٿيندا. ڪوٽا سسٽم نہ هلندو.

ايم ڪيو ايم جي قائد الطاف حسين ڌار صوبو جوڙڻ جي مطالبي تان هٿ ڪڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ چيو آهي تہ مون مفاهمت کان بہ انڪار نہ ڪيو آهي، پر هاڻي مفاهمت ٻن صوبن جي جوڙجڪ تي ئي ٿي سگهي ٿي. ڪراچيءَ جي هڪ روزاني اخبار جي نمائندي کي ٽيليفون تي انٽرويو ڏيندي هن زور ڏئي چيو تہ مهاجر صوبو هاڻي اٽل آهي، چو تہ اسان هر طرح انهن شريف

ماڻهن سان لاڳاپا برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي. اسان سيني سنڌي تنظيمن سان رابطو قائم ڪيو ته جيئن معاملا پُرامن نموني حل ٿي وڃن ۽ اسين سڀ گڏجي هڪ ئي صوبي ۾ رهي سگهون، پر انهن ان کي اسان جي ڪمزوري سمجهيو. معاملا هاڻي گهڻو اڳتي وڌي ويا آهن. سنڌي قوم پرستن جيڪي بيان ڏيڻ شروع ڪيا آهن، ان کان پوءِ ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي ته سنڌ صوبي جي هاڻوڪي سرحد برقرار رهي ۽ امن به قائم ٿئي...

(عوام، 19- نومبر 1994ع)

1. سنڌ جي هاڻوڪي سرحد ۾ ڪير امن قائم ٿيڻ نه ڏيندو؟
2. سنڌي قوم پرستن ڪهڙا بيان ڏنا؟
3. الطاف حسين ڪهڙي مطالبي تان هٿ کڻڻ کان انڪار ڪيو؟
4. مفاهمت ڪهڙي نُڪتي تي ئي ٿي سگهندي؟
5. ٻيو ڪو حل آهي؟

ٻيو ڪو به حل ناهي

- هاڻي (ڌار) صوبي کان سواءِ ٻيو ڪو به حل ناهي.

الطاف حسين جو طويل ترين انٽرويو (پاڪيشيا، 15- ڊسمبر 1994)

سوچڻ گهرجي ته...

- ايم ڪيو ايم خطرناڪ ۽ جديد هٿيار وڏي پئماني تي ڇو ٿي خريد ڪري، ڪنهن خلاف استعمال ڪيا اٿس ۽ ڪنهن جي خلاف ڪم آڻيندي؟
- ايم ڪيو ايم پاران هن وقت تائين ڪيل دهشتگرديءَ سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي قوم ۽ ڌرتيءَ کي نقصان ڏنو آهي ۽ امڪان ڪنهن ڪنهن کي آئيندي به هاڃو رَسائيندي رهندي؟ سندس تربيت يافته دهشتگرد پس و پيش ڪنهن جي خلاف وڙهندا؟
- ايم ڪيو ايم پاران مهاجر قوميت جو نعرو ۽ مهاجر قوم لاءِ ڌرتي هٿ ڪرڻ جي جدوجهد ڪنهن جي خلاف آهي ۽ ڪنهن جي خلاف رهندي؟
- جيڪا حڪومت اڄ ڏينهن تائين هتي جي تاريخي ۽ اصولي قومن کي قوم طور تسليم ڪرڻ جي منڪر آهي، ڇا ايم ڪيو ايم انهي حڪومت کان مهاجر قوم تسليم ڪرائڻ گهري ٿي يا انهن کان جيڪي ڌرتيءَ جي حقيقي قومن جو وجود تسليم ڪرائڻ گهرن ٿا ۽ انهن جا تاريخي، سياسي، معاشي، انساني وغيره حق حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي دعويٰ ڪن ٿا؟
- ايم ڪيو ايم پنهنجن جن جائز حقن ۽ محرومين ۽ ناانصافين ۽ جنهن استحصال جي شديد پرچار ڪندي ۽ ڍنڍورو پٽيندي رهي ٿي انهن جي پس و پيش حقيقت ڇا آهي؟
- ڇا سنڌ جا حقيقي ۽ تاريخي وارث سنڌ جي مختلف صوبن ۾ ورهاست پسند ڪندا؟
- سنڌ تي مڪمل اصولي ۽ انتظامي مالڪي ڪنهن جي هئڻ گهرجي؟

(سنڌ، حيدرآباد، 15 ۽ 16- جولاءِ 1996ع)

## ڇا ايم ڪيو ايم سنڌ دشمن ۽ دهشتگرد فطرت مَٽائي سگهندي؟

عوامي آواز جي 13- جنوري 1997ع واري اشاعت ۾ شايع ٿيل ٻه خبرون اسان جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائن ٿيون. هڪ خبر جي هيڊنگ آهي: الطاف مهاجر لفظ تان هٿ کڻي ويو، سگهارن ادارن سان سرچاڄ. ان جي سب-هيڊنگ چوي ٿي: هاڻ هُو ايم ڪيو ايم لاءِ متحده قومي موومينٽ جا لفظ استعمال ڪندو، رليف جي خاطري. عوامي آواز جي رپورٽر ٻڌايو آهي، ته ايم ڪيو ايم جو سربراهه الطاف حسين مهاجر لفظ تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي. ان سلسلي ۾ الطاف حسين پنهنجي تنظيم کي متحده قومي موومينٽ جو نالو استعمال ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. ايم ڪيو ايم ۽ نگران حڪومت سان لاڳاپيل ذريعن کان سڌ پئي آهي، ته ملڪ جي سگهارين قوتن الطاف حسين کي مشروط طور ان ڳالهه تي راضي ڪري ورتو آهي، ته هو پنهنجي تنظيم جي پرچار متحده قومي موومينٽ جي نالي سان ڪري ته... مهاجر لفظ تان هٿ کڻڻ جي صورت ۾ سندس تنظيم کي سڄي ملڪ ۾ منظم ٿيڻ لاءِ مدد ڪئي ويندي... ۽ ماضيءَ جي روش کي تبديل ڪيو وڃي ته سندس گرفتار ساٿين کي آزاد ڪرڻ لاءِ ويچاريو ويندو... الطاف حسين پڻ کين يقين ڏياريو ته هُو پنهنجي تنظيمي سرگرمين جي پرچار متحده قومي موومينٽ جي نالي سان ڪندو ۽ ڪيس پڻ "مهاجر قومي موومينٽ" جو نه، پر متحده قومي موومينٽ جو قائد چيو ويندو. ذريعن موجب الطاف حسين کين چيو ته تنظيم جي ساک لاءِ ضروري آهي، ته سندس گرفتار ساٿين کي آزاد ڪري مٿن داخل ڪيل ڪيس واپس ورتا وڃن. چوندن جي سلسلي ۾ سندس روپوش ساٿين کي منظر عام تي اچڻ ڏنو وڃي، ته هو ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي تنظيم کي نئين سر منظم ڪري وٺندو. هن سگهارين قوتن کي يقين ڏياريو، ته سندس ساٿي ٻيهر ماضيءَ کي ڪو نه ورجائيندا.

هن خبر مان ڄاڻ ملي ٿي ته:

1. ملڪ جون سگهاريون قوتون ڪجهه مشروط نموني ايم ڪيو ايم کي سڄي ملڪ ۾ منظم ڪرڻ جي سلسلي ۾ مددگار ٿيڻ چاهن ٿيون، جنهن جو هڪ ثبوت ان نموني فراهم ڪيو ويندو ته دهشتگردي، قتل، اغوا، آتشزني، غنده گردي، داداگيري ۽ ڦرلٽ وغيره ۾ گرفتار ڪيل ۽ گهربل ايم ڪيو ايمي بدمعاشن کي هڪ پاسي آزاد ڪيو وڃي ۽ ٻئي پاسي روپوش ٿيلن کي ظاهر ٿي "ڪم" ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.
2. جيئن گذريل حڪومتن کان گهر ڪندو رهيو آهي، تيئن الطاف حسين چاهي ٿو ته سگهاريون قوتون سندس انهن ساٿين کي ڇوٽ ڇڏي ڏين، جيڪي قتل، اغوا ۽ دهشتگرديءَ جهڙن ڪيسن سبب گرفتار يا روپوش آهن، ته جيئن ايم ڪيو ايم منظم ٿي سگهي ۽ ان جي "ساک" بحال ٿئي.
3. ڏوهن ۽ متاثر ٿيل ماڻهن جي حيثيت ۽ عدالتن پاران انصاف ڪرڻ ۽ انصاف پلئه وجهڻ جي حيثيت ثانوي آهي. قانون محض سودي بازيءَ لاءِ ڪم ايندڙ قوت بڻايل آهي. ذهن ۾ رکڻ گهرجي، ته مهاجر قومي موومينٽ هجي يا متحده قومي موومينٽ، تنظيمي نالي جي اختصاري صورت ۾

ايم ڪيو ايم ئي رهندي، البت مهاجر سان دائرو محدود رهندو ۽ متحده سبب وسيع ٿي ويندو. مهاجر سبب ان جو تعصبي تشخص قائم ۽ ظاهر رهندو، جڏهن ته متحده سبب ان جو غير تعصبي تشخص نهندو. ٻئي پاسي ايم ڪيو ايم حقيقي کي مهاجر جو ٺيڪيدار ۽ چيمپئن ٿيڻ جو وجهه ملندو، جيڪا اڳ ئي ڪلي عام سنڌ کي ورهائڻ ۽ ڌاڪٽو صوبو ناهڻ جي مهم هلائي رهي آهي. اهو ٻڌائڻ جي شايد ئي ضرورت محسوس ٿيندي، ته ٻئي ايم ڪيو ايمون سگهارين قوتن جي واهر سان هلي رهيون آهن ۽ سگهارين قوتن جي ناڪيلي پنجاب جي مستقل مفاد جي هٿ ۾ آهي ۽ اهو ئي پنهنجي پسند موجب ملڪ ۾ حڪومتن جي ڀڃ ڊاهه ۽ جوڙجڪ ڪري ٿو.

ٻي خبر جي هيڊنگ آهي: ايم ڪيو ايم جي واويلا اجائي آهي، سنڌن آڏو ڪا به رڪاوٽ نه وڌي آهي- ممتاز ڀٽو. ان خبر جي سب-هيڊنگ چوي ٿي: مون (ممتاز ڀُٽي) وڏ وزارت سنڀالڻ کان پوءِ ساڻن (ايم ڪيو ايم وارن سان) اڳوڻيءَ حڪومت جي زيادتين جي ازالي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. سنڌن ڪارڪن آزاد ڪيا ويا آهن. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي به سنڌن خلاف ڪاروائيءَ کان روڪيو ويو آهي. لاڙڪاڻي کان عوامي آواز جو بيورو مهدي شاهه وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته سنڌ جي نگران وڏي وزير ممتاز علي ڀُٽي ايم ڪيو ايم جي ان الزام کي بي بنياد قرار ڏنو آهي ته ايم ڪيو ايم وارن کي چونڊن کان ٻاهر رکڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته اسان ايم ڪيو ايم جا مخالف ناهيون. ان ڪري مان حڪومت ۾ اچڻ شرط هنن سان ماضيءَ ۾ ٿيل زيادتين جي ازالي جي ڪوشش ڪئي آهي. ايم ڪيو ايم خلاف ڪيترائي ڪيس واپس ورتا ويا آهن ۽ سنڌن بيشمار ڪارڪنن کي آزاد ڪيو ويو آهي ۽ کين سياست ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هُو ايم ڪيو ايم خلاف ڪاروائي نه ڪن. اسان ايم ڪيو ايم کي تحفظ فراهم ڪيو آهي. ان باوجود هنن پاران شڪايتون قابل افسوس آهن.

هن خبر مان ڄاڻ ملي ٿي ته:

1. ايم ڪيو ايم جا اهي قاتل ۽ دهشتگرد ۽ ڌاڙا، ڦرون، لٽ مار، اغوا ۽ آتشزني ڪندڙ ڪارڪن، جن تي عوام ۽ حڪومت پاران ڪيس داخل ڪيل آهن ۽ جيڪي گرفتار ڪيل آهن، انهن تان ڪيس واپس ورتا ويا آهن. اهڙا "بيشمار" ايم ڪيو ايمي ڪارڪن آزاد ٿي چڪا آهن ۽ انهن سان گڏ روپوش ڏوهارين کي به اجازت ڏني وئي آهي ته ايم ڪيو ايم جي سياسي سرگرمي آزاديءَ سان ڪري سگهن ٿا.
2. اڳوڻيءَ حڪومت اهڙن ايم ڪيو ايمي ڪارڪنن تي ڪيس داخل ڪري ۽ کين گرفتار ڪري زيادتي ڪئي هئي جنهن جو "ازالو" ان نموني ڪيو ويو آهي! اهو ڪارنامو سنڌ جي موجوده نگران وزير اعليٰ ممتاز علي ڀُٽي سرانجام ڏنو آهي، جو ته هُو ايم ڪيو ايم جو مخالف ناهي ۽ سونَ تي سهاڳي طور هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي به هدايت ڪئي آهي، ته ايم ڪيو ايم خلاف ڪاروائي نه ڪن.
3. ان هوندي به ايم ڪيو ايم جي سربراهه الطاف حسين کي شڪايت آهي ته ايم ڪيو ايم کي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ نه پيو ڏنو وڃي!

اها ڄاڻ پرائڻ کان پوءِ فطري طور ڪي سوال اُڀري اچن ٿا:

1. ڇا عوام ۽ حڪومت پاران جن قاتلن ۽ دهشتگردن ۽ لٽيرن خلاف ڪيس داخل آهن، اهي سڀ اجايا ۽ غير ضروري آهن؟ جي ها، ته پوءِ ڇو نه سڄي ملڪ جي سينٽي جيلن ۾ قيد سينٽي ڏوهارين ۽ ملزمن کي ڇڏي ڏنو وڃي ۽ ڇو نه سينٽي ملزم ڀاڄوڪڙن خلاف داخل ڪيل ڪيس واپس ورتا وڃن!؟ ايم ڪيو ايم جي پاڇي ۾ پلجندڙ قاتلن، دهشتگردن ۽ ڏوهارين خلاف اها رعايت ڇو؟ ڇا هن ملڪ ۾ ٻن قسمن جو قانون آهي؟

2. ايم ڪيو ايم ڇو هزارين قاتلن، دهشتگردن ۽ ٻين ڏوهارين کي پنهنجي پناهه ۾ پالڻ ضروري سمجهيو آهي؟ غوث علي شاهه کان ويندي ممتاز علي ڀُٽي تائين گذريل ڏهن سالن دوران سنڌ جو اهو ڪهڙو وڏو وزير آهي، جنهن کان ايم ڪيو ايم اهو مطالبو نه ڪيو هجي ته سندن ڇانوَ ۾ پلجندڙ دهشتگردن ۽ ڏوهارين کي آزاد ڪيو وڃي؟

3. پاڪستان ۾ قانون ۽ عدليه جي حيثيت ڪهڙي آهي؟ ڇا اهي رڳو حڪمرانن جي مرضيءَ تي ڪنهن به مهل بيشمار ڏوهاري ڇڏي ڏيڻ لاءِ آتا رهن ٿا؟ جن ماڻهن جي جان، مال، عزت ۽ حق کي انهن قاتلن، دهشتگردن ۽ ڏوهارين کان نقصان پهتو، ان جو انصاف ڪير پلئه وجهندو؟ ڇا ان عمل وسيلي سڄي ملڪ جي بدمعاشن کي اهو سبق نه ٿو ملي، ته اهي به ڪنهن نه ڪنهن نام نهاد سياسي ۽ در حقيقت دهشتگرد پارٽيءَ ۾ وڃي پناهه وٺن؟ ڇا دهشتگرديءَ کان متاثر ٿيل ماڻهو قانون ۽ عدالت جو در کڙڪائڻ ڇڏي ڏين؟ پوءِ اهي ڪاڏي وڃن ۽ ڇا ڪن؟

4. ڇا ايم ڪيو ايم ايڏي اشراف تنظيم آهي، جو هزارين قاتلن، دهشتگردن ۽ ڏوهارين کي پالڻ، انهن جو پرجهلو ٿيڻ ۽ پاڻ وٽ رکڻ باوجود زباني طرح جيڪڏهن اهو چوي ٿي، ته اها ماضيءَ کي نه ورجائيندي، ته مٿس اعتبار ڪجي؟ ڇا ان ڪڏهن اهو مڃيو آهي، ته اها برابر ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث رهي آهي ۽ سندس ڪارڪن ڏوهاري آهن؟

5. 1989ع واري پ پ حڪومت ۽ اجوڪي نگران وزير اعليٰ ممتاز علي ڀُٽي جي بيانن ۾ ايم ڪيو ايم جي حوالي سان ڪهڙو فرق آهي؟ ڪالهه ان دهشتگردن سان ناهه ڪيو ۽ ڪيترن ئي ڏوهارين کي ڇڏيو. اڄ هي رڳو ان کي راضي رکڻ لاءِ پيو ڏوهاري ڇڏي، پر پوءِ به ڇا ايم ڪيو ايم راضي ٿي؟ ايم ڪيوايم ته آهي ناجائز ۽ غير قانوني مطالبا ڪندڙ تنظيم. اها ته تڏهن به مطالبن جي سياست ڪندي هئي جڏهن ڄام صادق سان گڏائي سنڌ جي اڇي ڪاري جي مالڪ بڻائي وئي هئي! پوءِ اڄ ڪانئس ڪيئن ٿي اميد رکي وڃي، ته اها سنڌ جي علائقي تي قبضو ڪرڻ ۽ پاڪستان ٽوڙي مهاجرن لاءِ بين الاقوامي سرحدون مقرر ڪرڻ کان گهٽ مطالبي تي راضي ٿي ويندي!؟

سنڌ/پاڪستان سان حبداريءَ خلوص ۽ وفاداريءَ جا اهي نيڪيدار ۽ چيمپئن جيڪي ايم ڪيو ايم سان ياريءَ ۽ ڀائپيءَ جون ڳالهيون ڪندي ٿڪجن ئي ڪو نه ٿا، جيڪي دهشتگردن جي مارجڻ ۽ قيد ٿيڻ تي ايم ڪيو ايم جي تارزنن سان گڏجي ”رنج و الم“، ”غم و اندوهه“ جا ڪوڪارا ڪندي پاڻ پٽي رهيا آهن، جن جي واڇن مان گِڦ نه ٿي سُڪي، مٿو ڌوڙِ ۽ مُنهن ڇائِي ڪري ڇڏيو اٿن،

اهي جيڪا وٽين نڪ جي پَڪائي ڪندي، رڳو ڪجھ گھڙين لاءِ پنهنجن بنا بريڪ سڏڪن کي روڪي ۽ ٻه منٽ فضيلت سان انسانن جيان ڳالهائڻ جي همت ڪندي، گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته ٻڌائڻ جي تڪليف گوارا ڪن، ته ايم ڪيو ايم پنهنجي وجود جي پهرئين ڏينهن کان اج تائين اهو ڪهڙو عمل ڪيو آهي جيڪو ڪنهن به طرح سنڌ/پاڪستان سان وفاداريءَ ۽ سچٽائپ جي دائري ۾ آڻي سگھجي، جنهن کي سنڌين/پاڪستانين سان خلوص جي مثال يا شاهديءَ طور پيش ڪري سگھجي يا گھٽ ۾ گھٽ ايترو ته ٻڌايو، ته آخر اوهان کي ايم ڪيو ايم جي پيٽ ۾ پلجندڙ قاتلن، دهشتگردن ۽ ڌوهارين سان ئي همدردي ڇو آهي؟ اسان کي حيرت آهي ته فاروق دادا، ريحان ڪاڻي، ارشد ڪي ٽو ۽ جاويد ٽِيلي جهڙن بي رحم قاتلن ۽ جاتل سجاتل دهشتگردن جي موت تي ته اوهان جي اکين مان ڳوڙها وهي هلن ٿا (سُڪن ئي نه ٿا) ۽ سڏڪن ۾ پئجي ٿا وڃو، پر انهن ۽ اهڙن جي هٿان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻورين ۾ بند ڪيل، ٻغلن ۾ پيچڪش ڇپائي ساڙيل ۽ هڏين ۾ ڊرل مشينن سان سوراخ ڪري ڇچري ماريل بيگناهه ماڻهن جي موت تي هڪ لفظ نه ٿو اُڪلي! اهڙن ماڻهن کي قاتلن جو يار ۽ انسانيت جو غدار ڇو نه سڏجي؟

ايم ڪيو ايم جي حقيقت ۽ فطرت

1. 10- جُون 1978ع تي آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ جي پنيان ”گلبرگ“ ريسٽورنٽ ۾، جيڪو هاڻي ”فوڊ هِي فوڊ“ ريسٽورنٽ سڏجي ٿو، هڪ پريس ڪانفرنس وسيلي ”آل پاڪستان مهاجر اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن“ (اي پِي ايم ايس او) جي قيام جو اعلان ڪيو ويو. اي پِي ايم ايس او جي اغراض يعني منشور جو هڪ نمايان نُڪتو چوي ٿو: ”سنڌ ۾ مهاجرن کي آباديءَ جي نسبت سان اقتدار ۽ ملازمتن ۾ حصو ڏيارڻ، ٻيءَ حالت ۾- پاڪستان جي وفاق ۾ مهاجرن لاءِ هڪ الڳ پنجون صوبو وجود ۾ آڻڻ لاءِ آئيني جدوجهد ڪرڻ.“

2. 14- آگسٽ 1979ع تي قائداعظم محمد علي جناح جي مزار سامهون هڪ مظاهري ۾، جيڪو آفاق شاهد ۽ حسيب هاشميءَ پاران بهارين کي سنڌ ۾ گهرائڻ لاءِ منظم ڪيو ويو هو، الطاف حسين پهچي ويو ۽ نعرا هڻندي پاڪستان جي قومي جهنڊي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيائين. ڪجھ عرصو پوءِ آمريڪا ويو ۽ جڏهن موٽيو ته جادوئي نموني وڏو ليڊر بڻايو ويو.

3. 18-مارچ 1984ع تي مهاجر قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) جي قيام جو اعلان ڪيو ويو. اي پِي ايم ايس او جي اغراض و مقاصد جو پهريون نُڪتو هو: پاڪستان جي رهاڪن جي وچ ۾ احترام ۽ برابريءَ جي بنياد تي اتحاد ۽ يڪجهتي پيدا ڪري پاڪستان کي وڏ ۾ وڏ مستحڪم ۽ طاقتور ناهڻ، جيڪو ايم ڪيو ايم جي اغراض و مقاصد مان خارج ڪيو ويو. ايم ڪيو ايم جي هڪ باني‌ڪار ميمبر، طارق مهاجر، چواڻي: ايم ڪيو ايم پاڪستان کي ٽوڙڻ لاءِ ناهي وئي هئي. (ڏسو: تڪبير، 9- جولاءِ 1992ع)

4. 1980ع ۾ عظيم احمد طارق اي پِي ايم ايس او جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت سان تنظيم جي پروگرام ۽ مقصدن جي باري ۾ هڪ پمفليٽ لکيو هو، جنهن ۾ چيو ويو: ”مهاجرن کي سنڌن حقن جي تحفظ لاءِ انهن جي اعليٰ تهذيبي ۽ تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جي واڌاري لاءِ هڪ صوبو

فراهم ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته برصغير جي اردو ثقافت بي زمين هوندي به پنهنجي ڪردار نڀائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي، پر هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ان کي به زمين فراهم ڪري ڏني وڃي. (ڏسو: الطاف حسين ڪي عزائم اور ارادي، ص 163 ۽ 166)

5. 31- آڪٽوبر 1986ع تي حيدرآباد جي پَڪي قلعي ۾ تقرير ڪندي، الطاف حسين چيو: ”اڳ ۾ اسين آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيا هئاسون، آزادي حاصل ڪري ورتي، ته هاڻي وطن ڳولي رهيا آهيون... ضرورت پئي ته بندوق وسيلي به حق حاصل ڪرڻ کان نه لنوائينداسون. اسان جي آڏو رڳو هڪ رستو آهي ۽ اهو آهي فتح يا موت.“ (ڏسو: امن، 1- نومبر 1986ع)

6. 8- آگسٽ 1986ع تي ڪراچي جي نشتر پارڪ ۾ جلسو ڪندي، الطاف حسين چيو: اسان پنهنجي سِر سان ڪفن ٻڌي چڏيو آهي. پنهنجن مقصدن جي تڪميل لاءِ اسان کي جتان به مدد ملندي، اها وٺنداسون، پوءِ اها اوپر کان ملي يا اولهه کان، اتر کان ملي يا ڏکڻ کان. سنڌين جيڪڏهن مهاجرن جي حقن لاءِ ساٿ نه ڏنو ۽ انهن کي قوميت تسليم نه ڪيو، ته اهي به پنهنجا حق حاصل نه ڪري سگهندا... مهاجر هڪ الڳ قوميت آهن، اسان کي جيڪڏهن آئيني تحفظ نه مليو ته... پاڪستان... بچي نه سگهندو.“ (ڏسو: جسارت، 9- آگسٽ 1986ع)

7. 19- نومبر 1994ع تي روزنامه عوام خبر ڏني ته: ”موجوده سرحد برقرار نهين رهه سڪتي، اب صرف سنڌ ڪِي تقسيم پر بات هوگي- الطاف حسين“ خبر ۾ ٻڌايو ويو ته ايم ڪيو ايم جي قائد الطاف حسين مهاجر صوبو جوڙڻ جي مطالبي تان هٿ ڪڍڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن چيو آهي ته ”مون مفاهمت کان به انڪار نه ڪيو آهي، پر هاڻي مفاهمت رڳو ٻن الڳ صوبن جي جوڙجڪ تي ئي ٿي سگهي ٿي.“ سنڌ ۽ پاڪستان سان حبداريءَ جا دعويدار ايم ڪيو ايم جي سپرمين ۽ سپريم ليڊر جي انهن بيانن جي ڪهڙي وضاحت ڪندا. اهي بيان اهڙن هزارين بيانن مان ڪجهه آهن، خرارن مان رڳو هڪڙي مٺ سنڌ/پاڪستان جي حبداري جا نيڪيدار ايم ڪيو ايم جي رڳو ڪنهن هڪ اهڙي عمل جي نشاندهي ڪن، جيڪو سندن عقل موجب سنڌ/پاڪستان سان وفاداريءَ ۽ خلوص جو مظهر هجي. اسان جي دعويٰ آهي ته هر هڪ مثال جي موٽ ۾ ايم ڪيو ايم پاران هڪ سوَ کان وڌيڪ انسان دشمن، سنڌ دشمن ۽ پاڪستان دشمن مثال پيش ڪنداسون. ايم ڪيو ايم پاران دهستگردن، قاتلن ۽ بدمعاشن سان سڪ پريت جا هيٺ رڳو ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا: مهاجرن کي هٿيارن جا لائسنس جاري ڪيا وڃن. الطاف حسين (امن 13 جون 1987ع) (نوٽ: الطاف حسين پاران مهاجر لفظ جو استعمال مختلف مقصدن لاءِ مختلف مفهومن ۾ استعمال ٿيندو رهندو آهي. هتي ۽ اهڙن ٻين بيانن ۾ مهاجر جو مطلب آهي ايم ڪيو ايم جا تربيت يافته دهشتگرد. اردو ڳالهائيندڙ رڳو ايم ڪيو ايم جا حمايتي ناهن، اهي ٻين ڪيترين ئي تنظيمن ۾ پڻ آهن، جن سان ايم ڪيو ايمي دهشتگرد وڙهندا ئي رهيا آهن، تنهنڪري هٿيار ڏيڻ جو مطالبو انهن لاءِ ناهي.) 31 آڪٽوبر 1986ع تي حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ جلسو ڪرڻ لاءِ ڪراچي ۾ جيڪي ڪيمپون قائم ڪيون ويون، انهن ۾ پناڻن خلاف گاريون ڪڍيون ويون ۽ ڪائنڻ زوريءَ چندو ورتو ويو. ان تاريخ تي حيدرآباد ويندي سهراب ڳوٺ وٽ پناڻن تي فائرنگ ڪئي وئي. انهي سلسلي ۾ جڏهن الطاف حسين سميت

ڪي ئي ڀيا ٻه گرفتار ڪيا ويا، تڏهن 27- ڊسمبر 1986ع تي ايم ڪيو ايم جو هڪ اعليٰ سطحي وفد سنڌ جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل جهانداد خان ۽ وزيراعليٰ سيد غوث علي شاهه سان ملاقات ڪئي ۽ پنهنجن ٽن نڪتن وارن مطالبن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. اهي ٽي نڪتا هئا: الطاف حسين جي آزادي، (ايم ڪيو ايمي ڪارڪنن تي داخل) ڪيسن جي واپسي ۽ متاثر ٿيل ماڻهن جي مدد. (نوائي وقت، 28- ڊسمبر 1986ع). 3- ڊسمبر 1988ع تي پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جي وچ ۾ 59 نڪاتي هڪ ناهه ٿيو، جنهن کي ڪراچي-معاهدي جو نالو ڏنو ويو. "معاهدو ڇو پڳو؟" جي عنوان هيٺ اقبال يوسف لکي ٿو: مختصر جواب هي آهي ته جن قوتن ايم ڪيو ايم کي پ پ پ سان ناهه جي موڪل ڏني هئي، انهن ئي قوتن ايم ڪيو ايم کي معاهدي ڪان ڌار ٿيڻ جو حڪم ڏنو. اها ٻه تلخ حقيقت آهي، ته الطاف حسين ڪنهن ٻئي جي اشارن تي راند پيو ڪيڏي... ايم ڪيو ايم جون مجرماڻيون سرگرميون وڌنديون پئي ويون، هن جا ڪارڪن ڏوهن ۾ ملوث هئا، ان جي وزيرن جون سرڪاري گاڏيون هٿيار ڍوئڻ لاءِ استعمال پئي ٿيون. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد بلديائن جا سمورا وسيلا ايم ڪيو ايم پنهنجي سياسي ۽ غير سياسي ۽ ڏوهاري سرگرمين لاءِ ڪم آڻي رهي هئي." (ڏسو: ڪراچي پيپرز، ص 47-48). 22- سيپٽمبر 1989ع تي ڪراچيءَ جي ڊِي آءِ جِي افضل شگريءَ جي رپورٽ ۾، جيڪا 'دي مسلم' ۽ 'ڊيلي نيوز' ۾ شايع ٿي، چيو ويو ته "ايم ڪيو ايم سياسي نه، پر دهشتگرد جماعت آهي. هن تنظيم جا جيڪي مقصد ظاهري طرح بيان ڪيا پيا وڃن، اهي درحقيقت ان جا اصلي مقصد ناهن. هيءَ تنظيم اجا وڌيڪ هٿياربند ٿي، پاڪستان خلاف خطرناڪ قوت بڻجي ايرندي." 23- آڪٽوبر 1989ع تي ايم ڪيو ايم پاران معاهدو ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ اهو ٻه چيو ويو ته اسان هڪ مهينو اڳ ئي (ڳجهه ڳوهه ۾) آءِ جي آءِ سان اتحاد ڪري ڇڏيو هو. اهڙيءَ طرح ايم ڪيو ايم پنهنجي سازشي ڪارڪرديءَ تان پاڻ ئي لَٽو لاهي ڇڏيو، پر عادت موجب ناهه ٽوڙڻ جو الزام پ پ پ تي ئي آندو. 1989ع دوران دهشتگردي، قتل، اغوا وغيره جهڙن ڏوهن ۾ ملوث ۽ گرفتار ڪارڪنن کي بيگناهه قرار ڏيندي، انهن جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو. حڪومت مطالبو مڃڻ کان انڪار ڪيو ته ايم ڪيو ايم حڪومت خلاف مهم هلائيندي پنهنجن دهشتگردن کي ڇوٽ ڇڏي ڏنو ۽ 1990ع جي پهرين ڇهن مهينن ۾ 400 کان وڌيڪ ماڻهو قتل ڪرائي ڇڏيا.

جام صادق علي ۽ الطاف حسين جي اتحاد سان هاڻي سنڌ ۾ اها حڪومت نهي، جيڪا پاڪستان جي سڄي تاريخ دوران ڪيل ظلمن جي پيٽ ۾ هزارين ڀيرا وڌيڪ بدترين، وحشي، ظالم ۽ داداگير حڪومت هئي ۽ مرڪز ۾ ان جو اتحادي نواز شريف هو. اسٽيل مل جي خزاني سان لوهي در نهيا ۽ مختلف پاڙن جي اهم لنگهن تي نوس ڪنڪريٽ ۾ ڪوڙي ڪراچي جي ڪيترن ئي علائقن کي ايم ڪيو ايم جي حاڪميت هيٺ مفتوح بڻايو ويو، جتي ڪي ئي اذيت گهر قائم ٿيا ۽ ماڻهن تي بدترين تشدد ڪيو ويندو هو. ايم ڪيو ايم پنهنجن غدارن لاءِ موت جو پيغام ڏيندڙ بينر نمايان جڳهن تي هنيا ۽ گولين جو مينهن وسائڻ لاءِ ڪلاشنڪوفن جا وات کولي ڇڏيا. الطاف حسين "ڪرامتون" ڏيکاريندڙ پير صاحب بڻجي ويو، ايتريقدر جو جمال گهوٽي جي پنن تي ٻه مُچون رکندڙ الطاف حسين جون تصويرون ايري آيون! هن دور ۾ 37 ته رڳو اهي پوليس آفيسر

قتل ڪيا ويا، جن الطاف حسين جو هٿيار ٽيڻ کان انڪار ڪيو، دهشتگردن تي قانون موجب ڪيس داخل ڪيا ۽ انهن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ئي دور ۾ پريس خلاف بدترين دهشتگرديءَ جو مظاهرو ٿيو، بندوق جي زور تي اخبارون ۽ رسالا ڦريا ويا ۽ ڪيترن ئي صحافين تي حملا ٿيا. ٻئي پاسي ڄام صادق جون انتقامي ڪارروايون ۽ ارهه زورايون جاري هيون، تان جو قبر پيٽڙو ٿيو. سنڌ ۾ ڏوهه ان حد تائين وڌي ويو ۽ اهو به خود حڪومت پاران، جو ڏوهارين خلاف فوجي ڪاروائي جي گهرج اٽڪر ٻڌجي وئي. ان وقت خود ملڪ جي صدر غلام اسحاق خان کي چوڻو پيو ته، ”سنڌ آپريشن حڪومت ۾ موجود دهشتگردن جي سڃاڻپ لاءِ ڪيو پيو وڃي.“ (ڏسو: 21- جون 1992ع جون سڀ اخبارون) ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ مهذب ماڻهو مرحوم محمد خان جوڻيجي چيو، ته ايم ڪيو ايم هڪ دهشتگرد تنظيم آهي. (ڏسو: دي مسلم، 20- جون 1992ع) ۽ ان وقت ملڪ جي فعال وزيراعظم مسٽر نوازشريف کي ته ڏاڍي وڏي ڳالهه ڪرڻي پئي. هن چيو، ”پاڪستان کي بچائڻ لاءِ سنڌ ۾ آپريشن ڪيو پيو وڃي.“ (ڏسو: 22- مئي 1992ع جون سڀ اخبارون) ۽ هن اعلان ڪيو ته: اذيت گهر قائم ڪرڻ وارن کي پڇڻ نه ڏنو وڃي. (ڏسو: 27- جون 1992ع جون سڀ اخبارون) اڄ ملڪ جي صدر فاروق لغاريءَ انهن ڏينهن ۾ چيو هو: ايم ڪيو ايم جي عمران فاروق جو تعلق ڀارتي انٽيليجنس ايجنسي ”را“ ۽ ڀارتي ملٽري انٽيليجنس سان آهي. ان ڳالهه جي وزيراعظم نوازشريف کي خبر آهي، پر هُو عمران فاروق کي گرفتار ٿيڻ نه ٿو ڏئي.“ هن وڌيڪ چيو ته فوج جي ترجمان چيو آهي ته ايم ڪيو ايم جناح پور ناهڻ گهري ٿي، پر ايم ڪيو ايم کي موجوده حڪومت تحفظ ڏئي رهي آهي. ان جو سبب اهو آهي ته نوازشريف کي خوف آهي ته الطاف حسين سندس سازشن کي بي نقاب نه ڪري رکي. (ڏسو: نوائي وقت، راولپنڊي، 1- سيپٽمبر 1992ع)

ڪالهوڪو وزيراعظم نوازشريف، جنهن چيو هو ته اذيت گهر قائم ڪرڻ وارن کي پڇڻ نه ڏنو وڃي ۽ سنڌ ۾ آپريشن پاڪستان کي بچائڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي، ۽ اڄوڪو صدر فاروق لغاري، جنهن ڪالهه چيو هو ته نواز شريف حڪومت ايم ڪيو ايم ۽ ڀارتي انٽيليجنس ايجنسين جي ايجنٽن کي پناهه ۽ تحفظ پئي ڏئي. اڄ اهي ٻئي ايم ڪيو ايم جا عاشق ٿي پيا آهن. نوازشريف کي ايم ڪيو ايم خلاف پنهنجي ئي جاري ڪيل فوجي آپريشن هڪ بدمعاشي پئي نظر اچي ۽ فاروق لغاري پاڻ وينو ”ايم ڪيو ايم خلاف ظلمن“ جو گيت ڳائي ۽ پنهنجي مقرر ڪيل نگران وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽي وسيلي ”بيشمار“ دهشتگرد پيو آزاد ڪرائي. سمجهه ۾ نه ٿو اچي، ته اقتدار جي ٻڪين پاڪستاني حڪمرانن وٽ ميڻ جو نڪ آهي يا لوسڻ جو! انهي آپريشن دوران 22 کان وڌيڪ اذيت گهر ڳولي لڌا ويا، جتي سوين ماڻهن کي مختلف انسانيت سوز اذيتون ڏئي ماريو ويو هو ۽ هزارن جي ڳٽپ ۾ ڪلاشنڪوفون، رائيفلون، پستول، ريوالور ۽ ٻيا هٿيار ۽ لک کان وڌيڪ گوليون هٿ ڪيون ويون. اشفاق چيف جهڙا ڪي ئي دهشتگرد گرفتار ٿيا، جن ڀارتي تربيتي ڪئمپن ۾ سکيا وٺڻ کان سوين انسانن جي قتل تائين جو اعتراف ڪيو. جنرل آصف نواز چيو: ”ماڻهو ايم ڪيو ايم جي ظلمن ۽ قائم ڪيل گهيري کان تنگ ٿي پيا هئا.“ (ڏسو 23- جون

1992ع جون سڀ اخبارون) پر الطاف حسين جو اهو ئي رينگٽ جاري رهيو، ته ايم ڪيو ايم جي معصوم ۽ بيگناهه ڪارڪنن تي ظلم پيو ٿئي. جڏهن ته ايم ڪيو ايم جي اطلاعات سيڪريٽري امين الحق ”دهشتگرد“ جي جاءِ تي ”مهاجر“ جو لفظ ڪم آڻيندي پنهنجي مرشد جا لفظ ورجايا ته مهاجرن سان غداري ڪئي وئي آهي. (ڏسو: پاڪستان ٽائمز، 25- جون 1992ع)

6. ايم ڪيو ايم ڪي ئي ٽارچر سيل (اذيت گهر) قائم ڪري رکيا هئا، جن مان هڪ لائنز ايريا ۾ هو جنهن جو انچارج جاويد لنگڙا هو، جيڪو آپريشن هلندي پارٽ پڄي ويو، جتي سندس ياءُ بي جي پِي جو اهم اڳواڻ آهي. جاويد لنگڙا تي چاليهن کان وڌيڪ ڪيس داخل آهن. سڄي علائقي کي لوهي دروازن سان قلعي بند ڪيو ويو هو. ڊپٽي ڪمشنر جي چوڻ موجب، اسان کي لوهي دروازي کان اڳتي وڃڻ نه ڏنو ويندو هو. (نوائي وقت، 26 جولاءِ 1992ع) ۽ رينجرس جي ڪرنل صفدر جي چوڻ موجب، اسان کي ئي پيرا لائنز ايريا ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر علائقي جي عوام جي سلامتيءَ ۽ تحفظ کي خطري سبب ائين نه ڪري سگهياسون. (ڏسو: نوائي وقت، 22- جون 1992ع) اهو اذيت گهر هڪ ڪواٽر ۾ قائم هو جنهن جي چوديواري ۾ اسٽيل جون پليٽون چڙهيل دريون ٺهيل هيون، جتان فائرنگ ڪري ماڻهن کي دهشتزده ڪيو ويندو هو. سڄي ڪراچي مان گهربل گهٽڻ ايم ڪيو ايم جي ڏوهارين کي هتي آندو ويندو هو ۽ الطاف حسين جي حڪم تي گهٽ ۾ گٽ 45 ماڻهن کي قاسي ڏني وئي هئي. خالد نعيم عرف خالد ڪمشنر جي چوڻ موجب، هتي ايم ڪيو ايم (الطاف گروپ) سان اختلاف رکندڙن کي وحشتناڪ سزائون ڏنيون وينديون هيون، ڊرل مشينن، لوهه جي سيخن، زنجيرن، ڦاهي جي ڦندن ۽ بجلي جو جهٽڪو ڏيندڙ اوزارن سان اذيتون ڏنيون وينديون هيون. سهيل جاويد کي زمين هيٺ پاڻيءَ جي ٽئنڪي ۾ بوڙي ماريو ويو. لاشن کي مختلف هنڌن تي ڦٽو ڪرڻ جو ڪم آءٌ (خالد) ڪندو هئس... جاويد لنگڙو ايم ڪيو ايم پاران ڪيل دهشتگردي جي 80 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪاروائين جو مُک ڪردار هو.

7. ايم ڪيو ايم جي ”دهشت جي علامت“ سمجهيو ويندڙ دهشتگرد اشفاق چيف ٻڌايو ته 8 ماڻهن کي سليم شهزاد جي حڪم تي اغوا ڪيو، پيلي ڪوٺي (هڪ ٽارچر سيل) ۾ ڪرفيو سبب نه پهچائي سگهيم، ته انهن کي گولي هڻي ڇڏي. لاشن کي منگهو پير جي علائقي ۾ ساڙي ڇڏيو، قصبه ڪالوني ۾ سنڌين جي گهرن کي باهيون ڏنيون. بدر اقبال ۽ عامر خان کي قتل ڪرڻ جو حڪم مليو، هڪ پجيرو جيپ ۾ انهن جي موجودگيءَ جي شڪ سبب فائرنگ ڪئي، ته ان ۾ وينل پير پاڳاري جو نياڻو مارجي ويو. ڪائونسلر انور کي الطاف حسين جي باڊي گارڊ شوبي قتل ڪيو هو. شوبي عرف شعيب، الطاف حسين کي ڏاڍو ويجهو هو. هن هڪ ڏينهن مشهور ڳائڻي سان الطاف حسين کي اعتراض جوڳي حالت ۾ ڏسڻ جو ڏوهه ڪيو، تنهنڪري الطاف حسين جي هدايت تي سليم شهزاد هٿان ماريو ويو. ”تڪبير“ جي ايڊيٽر جو گهر اسامه قادري جي نگراني ۾ ساڙيو ويو هو. (ڏسو: نوائي وقت، 21- آڪٽوبر 1992ع ۽ 23- آڪٽوبر 1992ع) ڪجهه عرصو پوءِ صحافين سان ڳالهائيندي، اشفاق چيف وڌيڪ چيو ته ڪنهن کي قتل ڪرڻو آهي. اهي هدايتون صفدر باقري ۽ سليم شهزاد ڏيندا هئا. ايم ڪيو ايم پاران جيڪا ”شرفا ڪميٽي“ ناهي وئي هئي ان جا ميمبر

اهي هئا، جيڪي پاڻ ڪلي عام دهشتگردي ڪندا هئا. ڪو زمانو هو، جو مان به ايم ڪيو ايم کي مظلومن جي پارٽي سمجهندو هئس پر ڄڏهن به ڪنهن بيگناهه جي قتل جي خبر ٻڌندو هئس. ته دلي رنج ٿيندو هو.“

8. جسارت 18- آگسٽ 1994ع، خبر ڏني ته دهشتگرد اشرف لنگڙا اٽچاتل ماڻهن جي فائرنگ سبب مارجي ويو. سندس قريبي ساٿي ايم ڪيو ايم جو اڳوڻو سيڪٽر انچارج خرم زخمي حالت ۾ اسپتال مان پڪجي ويو. اشرف لنگڙو ڪجهه مهينا اڳ جيل مان آزاد ٿيو هو، سندس گهر ياتين چيو ته اشرف کي جڙتو پوليس مقابلي ۾ ماريو ويو آهي. خبر ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته ”گذريل ڪيتري ئي عرصي کان اشرف لنگڙي جون پوليس ۽ فوج تي هٿياربند ڪاهون جاري هيون ۽ پوليس هن جي علائقي ۾ داخل ٿيڻ کان ڊڄندي هئي.

9. اشفاق چيف، جاويد تيلي، فاروق دادا، فهيم ڪمانڊو، جاويد لنگڙا، نديم ڪمانڊو، ارشد کي ٿو، مجيد ڌوٻي، علي موٽا ۽ اهڙن ٻين سوين دهشتگردن جيان ايم ڪيو ايم جو هڪ دهشتگرد ريحان ڪاڻو به هو. 28- آگسٽ 1972ع تي لياقت آباد-1 ۾ پيدا ٿيندڙ ننڍڙي ڄمار واري دهشتگرد کي پڻ اشفاق چيف ۽ ڪيترن ئي ٻين جيان دهشت جي علامت طور سڃاتو ويندو هو. پوليس رڪارڊ موجب 1992ع ۾ مخالف ٽولي جي هڪ نوجوان سميع کي قتل ڪرڻ کان پوءِ ڌوهاري ٻڌجندڙ هن دهشتگرد ڪيترا قتل ڪيا ۽ نجاڻ هن ڪيترن ماڻهن کي پنهنجي حڪم تي پنهنجي ڪوبرا گروپ وسيلي قتل ڪرايو. سوين ماڻهن رڳو هن جي ڊپ کان علائقي مان لڏي ويا ۽ هزارين ماڻهو سندس علائقي ۾ ويندي ڊڄندا هئا. ٻورين ۾ بند لاش ملڻ کان پوءِ هن شخص کي ٻوري جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. پهرين آڪٽوبر 1994ع تي لياقت آباد جي خالد بن وليد مارڪيٽ ۾ ڇهن ماڻهن کي ماري ڇڏيائين. لياقت آباد جي ئي سپر مارڪيٽ ۾ ٻي منزل تي قائم سب رجسٽرار جي آفيس ۾ 10 ماڻهن کي گولين سان پروڻ ڪيائين ۽ پاڪ ڪالوني ۾ ايم ڪيو ايم حقيقي جي آفيس تي چڙهائي ڪري 12 ڪارڪنن جا هٿ پير ٻڌي گولين جو مينهن وسايائين، ڪراچي ضلعو مرڪزي (لياقت آباد) جي پنجن ٿاڻن تي 1993ع کان 1996ع تائين ريحان ڪاڻي خلاف 66 ڪيس داخل ٿيا، جن مان 26 قتل جي سلسلي ۾ هئا جن موجب هن ڪل 50 ماڻهو قتل ڪيا. 24 ورهين جو ريحان ڪاڻو ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن جي سڀ کان خطرناڪ ٽولي ”ڪوبرا گروپ“ جو سربراهه ڪيو ويو، جنهن کي فاروق دادا جي موت کان پوءِ اها ذميواري ڏني وئي. هو ڪيترن ئي ڌاڙن ۽ سرڪاري ۽ نجي ملڪيتن کي ساڙڻ جي ڏوهن ۾ پڻ ملوث هو. هن جي منطقي موت تي ڏک جا واڳون وارا ڳوڙها ڳاڙيندي، هڪ معصوم حق پرست جو بيهماڻو قتل سڏيندي هڙتال جو اعلان ڪيو (ڏسو: ڪراچي ۾ دهشتگردي کي داستان ص 224-230).

اسان هتي بلڪل ٿورا ۽ مختصر مثال ڏنا آهن، ته جيئن ايم ڪيو ايم جي فطرت جي مختلف پاسن جي جهلڪ نظر اچي سگهي. هاڻ جيڪڏهن اهو ياد رکون، ته آڪٽوبر 1993ع جي عام چونڊن ۾ الطاف گروپ پاڻ ئي قومي اسيمبليءَ جي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪندي، پر صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ حصو وٺندي سگهارين قوتن تي اهو الزام آندو ته ڪيس قومي اسيمبليءَ

جي عام چونڊن ۾ حصو ونڻ نہ ڏنو هو، تہ سولائيءَ سان ان نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو تہ ايم ڪيو ايم سدائين بليڪ ميلنگ جي سياست ڪندي رهي آهي. پنهنجي پاران ڪيل بدمعاشين جو الزام ٻئي تي آٽيندي، ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ چوندي، دهشتگردي ۽ انسانيت سوز ڏوهہ ڪندي، پنهنجي وطن جي غدار، لالچي ۽ بدمعاش تنظيم آهي جيڪا ڪنهن بہ طرح ۽ ڪيڏين بہ وڏين رعايتن تي راضي نہ ٿيڻ وارو رويو رکي ٿي. ايتريقدر جو نگران حڪمران جڏهن پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي ئي قانون جي لتاڙ ڪندي، عدالتن کان مٿان ئي مٿان ايم ڪيو ايم جا ”بيشمار“ بدمعاش ۽ دهشتگرد آزاد ڪري چڪا آهن، تڏهن بہ ايم ڪيو ايم جي رڙ مٿان رڙ پئي پوي، تہ اسان کي آزاديءَ سان چونڊن ۾ حصو ونڻ نہ ڏنو پيو وڃي. مضمون جي اڳ ۾ جاٽايل خبرن جي چوٿين ڏينهن تي اسلام آباد جي بيورو رپورٽر جي خبر ڇپي آهي تہ ”صدر لغاري پاران ايم ڪيو ايم کي رعايتون، مڪ اڱواڻ آزاد ڪرڻ جو حڪم. انهي خبر جي سب هيڊنگ چوي ٿي: ايم ڪيو ايم جي شڪايتن جو ازالو ڪري هڪ هفتي اندر ڪين رليف پئڪيج ڏنو وڃي، سنڌ حڪومت کي هدايتون جاري. ايم ڪيو ايم کي تازي رليف پئڪيج هيٺ هڪ سَو کان وڌيڪ اهم ايم ڪيو ايمي اڱواڻ ۽ ڪيترائي ڪارڪن آزاد ٿي ويندا- ذريعا (ڏسو: عوامي آواز، 17- جنوري 1997).
ايم ڪيو ايم بابت گذريل ڏهاڪو سالن جو تجربو ٻڌائي ٿو تہ ايم ڪيو ايم ان رعايت تي بہ راضي نہ ٿيندي، پر حڪمرانن جو اهو ”ايم ڪيو ايم جي شڪايتن جو ازالو“ ايم ڪيو ايم لاءِ رليف پيڪيج وارو رويو ثابت ٿو ڪري ۽ سبق ٿو ڏئي تہ:

1. پاڪستان ۾ قانون ۽ عدالتن جي حيثيت حڪمرانن جي نظر ۾ رڳو هڪ اهڙي هٿيار جهڙي آهي، جنهن کي پنهنجي مرضيءَ سان، جيئن وڻين تيئن ۽ جنهن جي خلاف يا حمايت ۾ چاهن، ان جي خلاف يا حمايت ۾ استعمال ڪري سگهن ٿا. اهڙي طرح قانون ۽ عدالت جي حيثيت ثانوي ٿي پوي ٿي ۽ ماڻهن کي گهرجي تہ انهن تي اعتماد نہ ڪن.
2. جيڪي بہ سماج دشمن ۽ عوام دشمن ڏوهاري آهن، انهن کي گهرجي تہ اهي ايم ڪيو ايم جهڙين بدمعاش ۽ دهشتگرد تنظيمن جي جهنڊي هيٺ جمع ٿين يا وري حڪمرانن جي پناهہ ۾ اچن، تہ هر قسم جي قانوني پابنديءَ کان آجا ٿي ويندا.
3. ايم ڪيو ايم جهڙيون تنظيمون وڌ ويجهڻ گهرجن، انهن جي لاءِ ئي جائز ناجائز رعايتون بہ آهن، تہ رليف بہ.
4. اقتدار جا بکيا حڪمران ۽ ايم ڪيو ايم جهڙيون دهشتگرد تنظيمون ڏوهن جي ٻنيءَ ۾ ڏوهارين جو فصل پوکي چڪيون آهن. پاڪستان ۾ آئيندي رڳو ان ئي فصل جي قدر و قيمت ۽ عزت هوندي. انهيءَ ئي عوامي آواز (17- جنوري 1997ع) ۾ خبر شايع ٿي آهي تہ سنڌ سرڪار پاران ڪراچيءَ کي فري پورٽ بڻائڻ جي منظوري. عادت موجب حڪمرانن اها ساڳي ئي لفاظي ڪم آندي آهي تہ ڪراچيءَ کي فري پورٽ بڻائڻ جي صورت ۾ روزگار جا موقعا سڀ کان وڌيڪ سنڌين کي ڏنا ويندا. حڪومتي ذرُ جي اهم اڱواڻ پنهنجو نالو ظاهر نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ٻڌايو، تہ نگران وفاقي حڪومت کان پڪيون خاطريون حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪراچيءَ کي فري پورٽ بڻائڻ

تي راضي ٿي وئي آهي. پاڪستان ۾ جڏهن ته قانون ۽ عدالتن آئين ۾ علائقائي حقن جي ڪا اهم حيثيت ئي ناهي. اتي اهي نام نهاد پڪيون خاطريون ڇا ڪري سگهنديون؟ ڇا سنڌ ۽ پاڪستان جي سڄي تاريخ ۾ ڪا هڪ به اهڙي پڪي خاطري موجود آهي، جنهن تي عمل ڪيو ويو هجي؟ 1940ع واري قرارداد ۾ پڪي خاطري ڏني وئي هئي، ته مسلمان اڪثريت وارن علائقن کي خودمختار ۽ سوورين (پنهنجو اقتدار اعليٰ رکندڙ) بڻايو ويندو، ڇا ان تي عمل ٿيو؟ خود سنڌ جي موجوده نگران وزيراعليٰ ممتاز علي ڀُٽي جي سنڌ نيشنل فرنٽ جو منشور ان حوالي سان ڇا ٿو چوي؟ ڇا سنڌ کان ڪراچي ڪسي جڏهن وفاق بڻائي وئي هئي تڏهن کي به "پڪيون خاطريون" نه ڏنيون ويون هيون؟ ون-يونٽ ناهڻ مهل "پڪين خاطرين" جو حشر ڪهڙو ٿيو؟ سنڌو تي ڊيم ناهڻ مهل ڏنل پڪيون خاطريون ڪاڏي ويون؟ سرڪار وڏي اوهان جي پڪين خاطرين بابت اسان وٽ چڱي نموني پروڙ ۽ پرک موجود آهي. اوهان جيڪي سنڌ جي ننڍڙن ڪارخانن ۾ سنڌين کي معمولي نوڪريون، ملازمتون نه ٿا ڏياري سگهو، اوهان جيڪي سنڌين کي مليل چند ملازمتن جو تحفظ نه ٿا ڪري سگهو، اهي اسان کي ڪراچي فري پورٽ بڻائڻ جي سلسلي ۾ ڪهڙيون پڪيون خاطريون ڏئي ٿا سگهو؟ اسان کي توهان جي ڏنل ڪنهن هڪ معمولي پڪي خاطري تي به ڪا پڪ ناهي، ڪراچي فري پورٽ ته تمام وڏي ڳالهه آهي. توهان به ڪوڙا آهيو، ته اوهان جون پڪيون خاطريون به ڪوڙيون آهن. اسان جيئن ڪالا باغ ڊيم وسيلي سنڌ کي سرسبز ڪرڻ جو منصوبو نه قبوليو آهي، تيئن ڪراچي فري پورٽ وسيلي سنڌين کي باروزگار بڻائڻ جي پڪي خاطري به نه قبوليندا سين. ڪراچي کي فري پورٽ بڻائڻ جي نئين سر اٿاريل ڳالهه تڏهن هڪ ڀيرو وري شدت سان اڀري آهي، جڏهن برطانيا جي وزيراعظم جان ميجر پاران ڪجهه ڏينهن اڳ پاڪستان جي سرڪاري دوري مهل رياض شاهد رپورٽ ڪندي چيو، برطانيا سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي کي فري پورٽ بڻائڻ جي تجويز ڏني آهي ۽ برطانيا جي وزيراعظم جان ميجر جو پاڪستان جو ٽن ڏينهن وارو دورو به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. (ڏسو: عوامي آواز، 14 جنوري 1997ع)

اسان سنڌين جي ذهنن ۾ اهي سڀ اوهان جون رٿيل رٿائون اڄ به تازيون آهن، جن وسيلي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ قيرقار يا سندس وجود ئي مورڳو گم ڪري ڇڏڻ جون سازشون سٽيون ويون هيون. ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جي اها سازش پاڪستان ٺهندي ئي پهرئين مهيني کان موجود آهي. اسان کي ياد آهي مولانا دين محمد وفائي جو اهو ايڊيٽوريل، جيڪو هن ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري وفاقي علائقو بڻائڻ جي موضوع تي لکيو هو، ته اڄ پناهگيرن جي گهرن ۾ گيهه جا ڏيئا پيا ٻرن ۽ سنڌين جي گهرن ۾ غم جي اوندهه ڇانيل آهي. سنڌ ان وقت به زبردست احتجاج ڪيو هو. ايتري قدر جو، سنڌ مسلم ليگ جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري آغا غلام نبي پٺاڻ جوشيلي تقرير ڪندي اهو چتاءُ ڏنو هو ته ڪراچيءَ کي جيڪڏهن سنڌ کان ڌار ڪيو ويو، ته اسين قرارداد پاڪستان ڦاڙي ڦٽي ڪنداسون. (ڏسو: الوحيد، 11- فيبروري 1947ع) ۽ الوحيد جي ايڊيٽر ايترو به لکيو، ته قائداعظم انهيءَ فيصلي تان هٽڻ وارو

ناهي، سواءِ ان جي، تہ سنڌ بلڪل عليحدگي جو اعلان ڪري، هڪ مستقل رياست جي صورت ۾ پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش ڪري. ”سنڌ ڪي نسلي مسائل“ جي ليکڪ شهزاد منظر اهو حوالو ڏيندي لکيو آهي، تہ جنهن اخبار تحريڪ پاڪستان ۾ وڏي چڙهي حصو ورتو، جنهن جي خدمتن کي پاڻ قائداعظم ساراهيو هجي، ان پاران پاڪستان ٺهڻ کان هڪ سال جي عرصي اندر ڪراچيءَ جي عليحدگيءَ خلاف ان قسم جي شديد رد عمل مان سنڌي عوام جي جذبن کي پهچندڙ صدمي جو اندازو ٿئي ٿو. (ڏسو: ص- 88) اسان کي خبر آهي تہ ون-يونٽ ٽوڙڻ مهل هڪ مهم هلائي وئي هئي، جنهن ۾ پاڙيتو ۽ نام نهاد دانشورن وسيلي اهي مفروضا پکيڙيا ويا تہ ڪراچي سنڌ کان ڌار هوندي، تہ سنڌ وڌيڪ خوشحال ٿيندي. اسان کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ ڪراچي صوبا محاذ جي الطاف احمد کان ويندي پاڪستان مهاجر رابطا ڪائونسل جي صدر نصرت مرزا تائين، نواب مظفر کان محسن ڀوپالي تائين، صوبا اردو ديس جي اڳواڻ فاروق الحسين جيلاني (جيڪو سپريم ڪورٽ ۾ ايم ڪيو ايم جي پٽيشن لاءِ وڪيل بہ هو) کان ”اب سنڌ تقسيم هونا چاهيي“ جي ليکڪ ڊاڪٽر سليم حيدر تائين، ايم ڪيو ايم حقيقي جي آفاق احمد کان ويندي ”مهاجرستان لبريشن آرگنائيزيشن“ ۽ ايم ڪيو ايم الطاف گروپ تائين، سڀ جو سڀ ساڳي جڳهہ جا ڪوئا آهن جيڪي ان جي پٽين کي ڪوڪلو ڪندي، ڪيرائڻ چاهن ٿا. اڄ انهن سڀني جي پٺيءَ ۾ ڦريل دولت ۽ تربيت يافتہ دهشتگردن جي قوت ايم ڪيو ايم الطاف گروپ وٽ وڌيڪ آهي، جنهن جي چانو ۾ پلجندڙ قاتلن، دهشتگردن ۽ ڌوهارين کي بنا قانوني چاره جوئي جي ڇوٽ ڇڏيندي، ايم ڪيو ايم کي رعايت ۽ رليف جي نالي ۾ هڪ ڀيرو وري سنڌ دشمن ڪارروائي ۽ ڪليل دهشتگردي جو موقعو ڏنو پيو وڃي.

ايم ڪيو ايم حقيقي گروپ جي جهنڊي هيٺ ڏاکڻي صوبي لاءِ سنڌ دشمن تحريڪ هلائيندڙ آفاق احمد، جيڪو ڇهہ سال اڳ تائين الطاف حسين جي ٻانهن ٻيلي هو، 1992ع ۾ ٻڌايو تہ الطاف حسين غيرملڪي آقائن کي ڪراچي ڀَتي تي ڏيڻ تو چاهي. (ڏسو: جسارت، 12- جولاءِ 1992ع). انهي کان اڳ حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل تسنيم صديقي جو ايم ڪيو ايم جي چيرمئن عظيم احمد طارق جي نالي اهو خط، جنهن ۾ هن ٻڌايو هو تہ مسٽر اوڪلي (آمريڪي سفير) جي حيدآباد واري دوري دوران سنڌ جي عليحدگي جي موضوع تي سنجيده گفتگو ٿي ۽ سنڌ يونيورسٽي جو گهيرو ڪرڻ ۽ حيدرآباد تي قبضو ڪرڻ لاءِ گلشن شهباز ۽ خدا کي بستي سان ڳنڍ ڀيون بہ رهائشي اسڪيمون شروع ڪيون ويون ۽ ڪرٽيون آهن. (ڏسو: هلال پاڪستان، 14- ڊسمبر 1989ع) کي ذهن ۾ رکندي، اي پي ايم ايس او ۽ ايم ڪيو ايم جي اغراض و مقاصد يعني منشور جي مکيہ (۽ ڄاڻايل) نُڪتن کي ذهن ۾ تازو ڪندي ايم ڪيو ايم پاران گذريل لڳ ڀڳ ڏهن ورهن جي عرصي تي پکڙيل عملي دهشتگرد ۽ سنڌ دشمن عمل کي نظر ۾ رکي اسان اڄوڪن ۽ آئينده ٿيندڙ پاڪستاني حڪمرانن، باشعور سياستدانن، وطن دوست ماڻهن ۽ سجاڳ ذهنن جي آڏو

هڪ سوال رکون ٿا، تہ نگرانن پاران رعايتن ۽ رليفن ۽ ازالن ڪان پوءِ، ڇا ايم ڪيو ايم پنهنجي سنڌ دشمن ۽ دهشتگرد فطرت مٽائي سگهندي؟

(عوامي آواز، 22 ۽ 23-جنوري 1997ع)

## دهشتگردن پاران نئين حڪومت لاءِ پهريون تحفو

رات جو ٻي وڳي 6 فيبروري 1997ع شروع ٿئي، اڃا ٻہ ڪلاڪ مس گذريا هئا. اخبارن جي آفيسن ۾ اطلاع پهتو، تہ اورنگي جي هڪ ويران علائقي ۾ اڇلايل، سوڙ جي ڇَوَ ۾ ويڙهيل ۽ گولين سان پروڻ ٿيل هڪ لاش مليو آهي. اهو ڪالهہ شام تائين جيئري طارق ارتضيٰ جو لاش هو. جيڪو سنڌ پوليس ۾ سب انسپيڪٽر (ايس آءِ) جي عهدي تي اورنگي ٽائون جي حد ۾ مکيہ طرح امن امان جي فضا قائم رکڻ ۽ نظرداري ڪرڻ جي ڊيوٽي ڏيندڙ هو. طارق ارتضيٰ اورنگي ٿاڻي جي حد ۾ اڍائي ورهين تائين پنهنجي ڊيوٽي ادا ڪرڻ ڪان پوءِ رڳو هڪ مهينو اڳ بدلي ڪري مومن آباد ٿاڻي تي رکيو ويو هو. هو اربع ڏينهن (5- فيبروري) شام جو ڇئين وڳي تائين ڊيوٽي ڏئي پنهنجي موٽر سائيڪل نمبر ڪي سي وي 1811 تي سوار ٿي، پنهنجي گهر (نارٿ ناظم آباد، بلاڪ 1، گهر 117) روانو ٿيو. گهر پهچڻ جو اطلاع نہ مليو ۽ جاچ باوجود نہ لڌو، تہ سمجهيو ويو، ممڪن آهي تہ ڪيس اغوا ڪيو ويو هجي، تان جو رات دير سان سندس لاش مليو. ڊاڪٽرن جي چوڻ موجب سندس بدن جي مختلف حصن تي سخت اذيتن جا نشان موجود هئا ۽ هن جي سِسيءَ ۾ چار گوليون لڳل هيون، جيڪي مٿس سوڙ جي ڇَوَ ۾ جيئرو بند ڪرڻ ڪان پوءِ وسايون ويون هيون. طارق ارتضيٰ اڻ پرڻيل، جوان ۽ سگهارو مرد هو. هو هڪ انتهائي ذهين ۽ دلير ۽ پنهنجيءَ حد ۾ ڌوهارين ۽ دهشتگردن خلاف انتهائي ڦڙتيءَ ۽ سرگرميءَ سان ڊيوٽي ڏيندڙ پوليس آفيسر هو. رڳو 14 ڏينهن اڳ پنهنجيءَ نگرانيءَ ۾ ڇاپو هڻائي اورنگي ٽائون، بلاڪ ڊي، جي هڪ خالي پلاٽ ۾ لڪايل هٿيارن جو ججهو ذخيرو ڪوجي ڪڍيو هئائين، جيڪو اتي دهشتگرد ڪاروائين لاءِ پُوريو ويو هو. هُو هٿياربند دهشتگردن ۽ ڌوهارين آڏو جهڪڻ يا انهن جو ڳيجهو ٿيڻ بدران انهن جي خلاف مڙسيءَ، دليريءَ ۽ ڦڙتيءَ سان ڪاروايون ڪندڙ پوليس عملدار هو، جنهنڪري دوست يار کيس طارق ڪمانڊو پڻ سڏيندا هئا.

طارق ارتضيٰ جهڙو ڦڙتيلو، دلير ۽ قانون پسند ۽ دهشتگردن ۽ ڌوهارين جو دشمن ماڻهو دهشتگرديءَ ۽ ڏوهن جي سرپرستن لاءِ اک جو ڪنڊو ۽ روح جو روڳ هو. ان قسم جي ماڻهن جو وجود دهشتگردن ۽ دهشتگرديءَ جو موت آهي. دهشتگرد ۽ ڌوهاري اهڙن ماڻهن جي وجود ڪان هِيسيل ۽ ڊنل رهن ٿا ۽ کين پنهنجن غليظ مقصدن جي تڪميل واري راهہ ۾ رنڊڪ سمجهن ٿا.

طارق ارتضيٰ انهن عزت لائق پوليس آفيسرن مان هڪ هو، جن جي بي مثال جدوجهد سبب ڪراچيءَ ۾ ڏکهن وگوڙن معيشت، سياست ۽ فضيلت تباهه ڪندڙ قتلامن، اغوائن ۽ هڙتالن ۽ ٻين دهشتگرد ڪاروائين کي ٻنجو اچي ويو ۽ نيٺ گذريل ٻن ورهين دوران هڪ حد تائين امن امان جي فضا قائم ٿي سگهي هئي.

امن دهشتگردن ۽ دهشتگرديءَ لاءِ موت ثابت ٿئي ٿو، تنهنڪري مقعو ملندي ئي دهشتگرد انهيءَ کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. گذريل ٻن سالن دوران دهشتگردن جي ڀاڃوڪڙ سردار ڀاران جيڪو پٽڙو پئي پٽيو ويو، انهيءَ جو هڪ وڏو سبب اها امن ڀري فضا هئي، جو ته ان جي ڪري ڪين پنهنجي دهشت قائم رکڻ جو موقعو نه ٿو ملي ۽ دهشت جو خاتمو عملي طرح دهشتگردن جي روحاني ۽ مادي ۽ سياسي غلاميءَ مان نجات جو ڪارڻ ٿي پوي ٿو. هشام الظفر، ايم ڪيو ايم جي هڪ دهشتگرد، 27- جون 1995ع تي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌايو هو ته:

”لندن ڪان دهشتگرديءَ جي هدايت ڪوڊز (ڳجهن اشاراتي لفظن) ۾ ڏني ويندي آهي. ڪراچيءَ ۾ جيڪڏهن امن هوندو، ته چيو ويندو آهي ته ايم ڪيو ايم ختم ٿي وئي آهي، ان ڪي جيئرو ڪيو. انهن لفظن جو مطلب آهي ته دهشتگردي ڪيو، بدامني وڌايو. بدامني وڌايو، انهيءَ لاءِ ته جيئن ايم ڪيو ايم جي زندهه هجڻ جو احساس موجود رهي، ڪنهن کي قتل ڪرڻو هجي، ته چيو ويندو: ”ان کي ڏسو.“ دهشتگردي وڌائڻ لاءِ ايئن به چيو ويندو آهي، ته ”ڪجهه ڪيو.“ ان قسم جا ڪي ئي ڪوڊ مختلف قسمن جي ڪاروائين لاءِ مخصوص آهن.

انهيءَ ڪانفرنس ڪان 2 ڏينهن اڳ، 25- جون 1995ع تي اسلام آباد ۾ ئي پريس ڪانفرنس ڪندي ايم ڪيو ايم جي هڪ ٻئي دهشتگرد محمد تقي عرف خالد تقي عرف ملڪ سڪندر عرف ”مامون“ جيڪو عبدالمجيد عرف ”چِٽُو“ جو پٽ آهي، ٻڌايو ته:

ڦهريون ڀيرو اسان (جي ٽولي) جيڪو ڪيس ڪيو، جنهن لاءِ واضح حڪم مليا هئا، اهو هِي هو ته جيڪو به سنڌي يا پي ايس ايف (پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن) جو ماڻهو نظر اچي، ان جو ڪيس ڪرڻو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته ان کي قتل ڪرڻو آهي. سهيل اڪبر اچي اسان کي چيو، ته جيڪي به سنڌي يا پي ايس ايف جا ڇوڪرا نظر اچن، انهن جو هن طرح (آڱر سان گوليون هلائڻ جو اشارو ڪندي) ڪيس ڪرڻو آهي... ٽن چئن ڏينهن ڪان پوءِ خدا داد ڪالوني ۾ جيڪا اسان جي علائقي لائنز ايريا جي ويجهو ئي اسان جي سيڪٽر ۾ آهي، اسان چار سنڌي قتل ڪيا. مون سان گڏ نعيم چَرِ، جيڪو اڄ ڪلهه سيڪٽر انچارج آهي، تسليم، مجيد ڏوٻي ۽ نويد، چار پنج ڇوڪرا (يعني دهشتگرد) گڏ هئا.

ياد رهي ته هي اهو ئي خالد آهي، جيڪو ناهيد ٻٽ جي ايم ڪيو ايمي ڊرامي ۾ خالد ٻٽ جو ڪردار ادا ڪندي، ناهيد ٻٽ جو ڀاءُ ٿيو هو، جڏهن ته حقيقي زندگيءَ ۾ هن جو ڀاءُ نه ڪجهه ٻيو رشتو رکندڙ هو.

هشام الظفر پنهنجيءَ پريس ڪانفرنس ۾ وڌيڪ ٻڌايو هو ته:

”فيبروري 1994ع ڪان ايم ڪيو ايم جڏهن احتجاج جي نالي ۾ دهشتگردي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن ڪراچيءَ جي مختلف سيڪٽر انچارجن پنهنجيءَ نظرداري هيٺ دهشتگردي ڪرڻ لاءِ ڪي

ئي گروپ ناهيا. انهن ۾ ”خالد تقي بٽ گروپ“، جنهن ۾ خالد تقي سان گڏ جاويد اڪرم، ثاقب ۽ مجيد ڌوٻي سميت 15 ڪن ڇوڪرا شامل آهن، اولڊ سٽي ايريا، لياقت آباد، لائنز ايريا، سوسائٽي، ڪلفٽن، ڊفينس ۽ پي آءِ بي ڪالوني جي علائقي ۾ پنهنجون ڪاروائيون ڪندو آهي. اهو ٽولو پوليس عملدارن جي قتل ۽ (ايم ڪيو ايم) حقيقي جي ماڻهن جي قتل ۽ انهن تي فائرنگ ۾ ملوث آهي. اهو ٽولو حقيقي جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل منصور احمد چاچا جي قتل ۾ به ملوث آهي. ان کان سواءِ ”فاروق دادا گروپ“ آهي، ان گروپ ۾ انيس ترڪ ۽ امين ستار سميت لڳ ڀڳ ڏهه ڇوڪرا شامل آهن، انهن جي ڪاروائين جو علائقو پاڪ ڪالوني، بلديه ٽائون، ناظم آباد ۽ گلبهار ايريا آهن. هي ٽولو 1994ع جي عيدالفطر مهل بلديه ۾ رينجرس جي ڪيپٽن ۽ ڇئن سپاهين سميت بلديا ٽائون جي ايس ايڇ او جي قتل ۾ ملوث آهي. (ياد رهي ته پيرپاڳاري جي نياڻي کي به انهيءَ ٽولي ئي قتل ڪيو هو)... ”فهيم ڪمانڊو گروپ“ ۾ آصف صالح ۽ محمود سميت ڇهه ست ڇوڪرا شامل آهن. اهو گروپ فيڊرل بي ايريا، نارٿ ڪراچي ۽ ناظم آباد جي علائقن ۾ سرگرم آهي ۽ نئين ڪراچي جي اڳوٽي ايس ايڇ او بهادر علي جي قتل ۾ ملوث آهي...

”مبين ٽوتنا گروپ“، ”جاويد خان گروپ“، ”جاويد مائيڪل گروپ“، ”اصغر گروپ“ ۽ ”محمد شاهه گروپ“ ۽ انهن جي ڪاروائين بابت ڄاڻ ڏيندي هشام الظفر وڌيڪ ٻڌايو ته ”خالد انجم گروپ“ جنهن ۾ احترام الحق، ڪمال انصاري تارا، آصف حسين، ظفر ظفرو سميت ڏهه ڇوڪرا شامل آهن ۽ اهو گروپ اورنگي ٽائون ۽ قصبه ڪالوني جي علائقي ۾ وارداتون ڪندو آهي. (ياد رهي ته طارق ارتضيٰ انهيءَ ئي علائقي ۾ قتل ڪيو ويو آهي)... سيني گروپن کي ڪاروائين جي هدايت سيڪٽر انچارجن ۽ مرڪز (نائن زيرو يعني الطاف حسين جي گهر) وٽان ملندي آهي. مرڪز کي دهشتگرديءَ جون سموريون هدايتون الطاف حسين جي حڪم تي، عام طرح سندس سيڪريٽري نديم نصرت پهچائيندو آهي. ايم ڪيو ايم پنهنجي هڪ هِٽ لِسٽ (Hit list) رکندي آهي. ان هٽ لسٽ ۾ گهڻي ڀاڱي پوليس عملدار، ايم ڪيو ايم جا سياسي مخالف، ايم ڪيو ايم ڇڏي ڪنهن ٻي پارٽي ۾ ويندڙ ۽ اهي ماڻهو شامل هوندا آهن، جيڪي ايم ڪيو ايم جي خلاف ڪم ڪندا آهن، ان لسٽ جي منظوري به باقاعدي لنڊن کان الطاف حسين ڏيندو آهي.

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته خالد ارتضيٰ دهشتگرديءَ جو شڪار ٿيو آهي ۽ انهيءَ ۾ به ڪو شڪ ناهي، ته نگران حڪومت نه رڳو دهشتگرديءَ، قتل ۽ اغوا جهڙن ڏوهن ۾ ملوث ڪيترن ئي دهشتگردن کي اليڪشن کان اڳ آزاد ڪيو هو، پر اهي ۽ ٻيا سوين روپوش رهندڙ دهشتگرد پڻ اليڪشن وارن ڏينهن ۾ ڪراچي جي روڊن تي ڇيڪ گهمندي ڏٺا ويا. سندن مَن وڏيل هو، ايتريقدر جو بي بي سي جي رپورٽ موجب: اليڪشن واري ڏينهن ايم ڪيو ايم جي ڏڙن حق پرست ۽ حقيقي جا دهشتگردَ پوليس، رينجرس، ۽ ملٽري جي پهري باوجود کلي عام هڪ ٻئي جي ووٽرن کي اغوا ڪندا ۽ تشدد جو نشانو بڻائيندا رهيا. نڄاڻ حڪمرانن جون اهي ڪهڙيون مصلحتون آهن، جو قانون کان متاهان ٿي ۽ قانون جي لتاڙ ڪندي، انتهائي انسان دشمن ڏوهن ۾ ملوث دهستگردن کي به ايڏو ته ڇڙواڳ ڇڏين ٿا، جو خود قانون جا محافظ عملدار به انهن جي گولين ۽ عذابن جو نشانو بڻجيو وڃن!

اهي نگران ان صدارتي حڪم جي نتيجي ۾ پاڪستان جا واڳ ڌڻي بڻيا جنهن ۾ پاڪستان جي ماڊل ڊڪٽيٽر حڪمران جنرل ضياءَ پاران پنهنجي صدارتي عهدي کي طاقت ۽ ڊيگھ ڏيڻ لاءِ اختيار ڪيل بدناموس اٺين ترميم جو سهارو ورتي، ان حڪومت کي ڊاٿو ويو، جنهن ڀيو ڪجھ بيشڪ نہ ڪيو هجي، پر دهشتگرديءَ کي ڇتي سنڌ جي رهاڪن کي نسبتاً امن ڀري فضا ناهي ڏني هئي. بينظير ڀٽو جي حڪومت کي ختم ڪرڻ مهل هڪ الزام اهو بہ آندو ويو، تہ ان جي اقتدار مهل فاروق دادا ۽ فهيم ڪمانڊو جهڙا ڪي ٿي ڄاتل سڃاتل ۽ سوين ماڻهن جا قاتل دهشتگرد ”ماورائي عدالت“ قتل ٿي ويا هئا. پنهنجي ان الزام جي پوئواري ۾ اهي ڪورٽ ۾ ڪو جوڳو ثبوت پيش نہ ڪري سگھيا، پر سندن انهيءَ الزام دهشتگردن کي اخلاقي قوت پهچائي ۽ انهن پاران اهڙي ڪُوڙي پروپيگنڊا کي سهارو مليو ويو. توڙي جو ڇيو ٿو وڃي، تہ قانون جي نظر ۾ سڀ شهر برابر آهن ۽ انهيءَ ڪري سندن ڇوڻ موجب ڪو هڪ بہ دهشتگرد انهيءَ حالت ۾ بہ مرڻ نہ گھرجي، توڙي جو اهو پوليس ٿي گوليون هلائي رهيو هجي، پر اهي بيگناھ شهر واسي جيڪي رڳو ان ڪري مارجي ويا، جو اهي دهشتگردن جا پوئلڳ نہ هئا ۽ اهي گھراڻا جيڪي دهشتگرديءَ جو شڪار ٿي تباھ ٿي ويا، انهن کي انصاف ڪير پلئہ وجهندو؟ ڇا انهن سان اها ناانصافي ناهي، جو سندن زندگيون، سهارا ۽ گھر اجاڙيندڙ دهشتگردن کي ”ماورائي عدالت“ آزاد ڪيو وڃي؟

دهشتگردن کي ڏنل ڇوٽ جو نتيجو گذريل پندرهن ڏينهن جي اخبارن ۾ آيل انهن ڏهاڪو ڪن خبرن مان ٿي وڃي ٿي، جيڪي وڌندڙ دهشتگرديءَ جي واقعن کي بيان ڪن ٿيون.

3- فيبروري 1997ع تي نيون چونڊون ٿيون ۽ چند ڏينهن ڪان پوءِ نئين حڪومت اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهندي، جنهن جو چونڊيل سربراھ نواز شريف هوندو. هن الاهي بخش سومري جي سربراهي هيٺ لياقت جتوئي، حليم احمد صديقي ۽ ميان اعجاز شفيق تي مشتمل هڪ ڪميٽي تيار ڪري ڇڏي آهي. جيڪا ايم ڪيو ايم سان سنڌ ۾ حڪومت ناهڻ لاءِ ڳالهيون ڪندي. (انهيءَ مقصد سان هڪ ڪميٽي پ پ پ پاران بہ تيار ڪئي وئي آهي.)

چونڊن ۾ ڪٽندي ئي 4- فيبروري تي بي بي سي کي انٽرويو ڏيندي، ايم ڪيو ايم الطاف حسين پاران مقرر ڪيل رابطا ڪميٽي جو اڳواڻ اجمل دهلوي چئي چڪو آهي، تہ مسلم ليگ (ن) ۽ پ پ ٻنهي سان اتحاد ۾ ”دوڪو“ ڪائي چڪا آهيون. نواز شريف اسان جي خلاف فوجي آپريشن شروع ڪيو ۽ پ پ پ اسان جي ”بيگناھ“ ڪارڪنن کي ”ماورائي عدالت“ قتل ڪرايو. هاڻي ٺڪي نوڪي اتحاد ڪنداسين. جيڪا ڌر اسان جا مطالبا مڃيندي، پنهنجن اڳوڻن ”ڏوهن جي معافي“ وٺندي ۽ آئينده ايمانداريءَ سان ”طي ڪيل فيصلن“ تي عمل ڪندي، انهيءَ سان اتحاد ڪرڻ ۽ گڏجي حڪومت ناهڻ بابت ويچاريو ويندو.

5- فيبروري تي شام جو طارق ارتضيٰ، هڪ دهشتگردي مخالف پوليس عملدار، اغوا ٿيو ۽ 6- فيبروري جو سج ايرڻ ڪان اڳ قتل ڪيو ويو. هڪ حياتي قانون جي نگهباني ڪندي دهشتگرديءَ جو ڪاج ٿي ۽ وڏيڪ هڪ گھر اجڙي ويو. سَوڙ جي ڇوَ ۾ گولين سان پروڻ ٿيل لاش نئين حڪومت لاءِ دهشتگردن پاران هڪ ”تحفو“ آهي، خبر ناهي اهڙا ڪيترا تحفا ڏنا ويندا، پر طارق ارتضيٰ جو لاش وقت جي حڪمرانن آڏو هڪ وڏو سوال بہ آهي، تہ اهي پنهنجن مخصوص

مصلحتن جو شڪار تي، پنهنجي ئي جوڙيل قانون جي لتاڙ ڪندي، اڃا ڪيترا دهشتگرد آزاد ڪندا، انهن کي ڪيترو ڇڙواڳ ڇڏيندا ۽ انهن جي سردار آڏو ڪيترو جهڪندا؟

۽ خاص ڪري سنڌ جا امن پسند ۽ قانون پسند رهواسي ۽ قانون جا بااصول محافظ ڪيستائين سندن انهن مصلحتن جي اڏي تي قانون دشمن دهشتگردن جي گولين جي ٻيٽا ٿيندا رهندا؟

(برسات، 19-فيبروري 1997ع)

# ختم شده

عباس ڪوريجو ويب

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو

www.abbaskorejo.com